
ضمير جو موت
ڪھاڻيون
مرتضيٰ ناريجو
نئون نياپو

# ضمير جو موت

(ڪھاڻيون)

مرتضيٰ ناريجو

نئون نياپو اڪيڊمي
سچل ڳوٺ، ڪراچي سنڌ

ڊجيٽل ايڊيشن:
2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

**حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ**

**ڪتاب: ضمير جو موت**

ليکڪ: مرتضيٰ ناريجو

انگ: هڪ هزار

ڇاپو پهريون: آڪٽوبر 2019

پاران: نئون نياپو اڪيڊمي،

C-4, سچل ڳوٺ گلشن اقبال ٽائون ڪراچي

Ph:021-34690389, 32711010

Cell # 0333-2311582, 03462103811

**E-mail:naonniapo@yahoo.com**

**ملهه: 200 رپيا**

**ڊجيٽل ايڊيشن**: 2020ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

books.sindhsalamat.com

هيءُ ڪتاب ڊجيٽل ايڊيشن جي صورت ۾ محمد سليمان وساڻ، سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام ڪراچيءَ پاران پڌرو ڪيو .

# ارپنا

دنيا جي انهن مظلوم انسانن جي نالي
جيڪي مذهبي دهشتگرديءَ جو شڪار ٿيا آهن
۽ انهن عورتن جي نالي
جيڪي وحشي سماج هٿان جنسي ڏاڍائي جو
شڪار ٿيون آهن.

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ضمير جو موت“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب نوجوان ڪهاڻيڪار **مرتضيٰ ناريجو** جي لکيل مختصر ڪهاڻين جو پهريون مجموعو آهي. ميان گُل محمد ڪلهوڙو لکي ٿو:

”نوجوان لکاري مرتضيٰ ناريجو سنڌي ڪهاڻيءَ جيَ لشڪر جو هڪ سجاڳ سپاهي آهي. مرتضيٰ جي ڪهاڻيءَ جي سڀ کان مُنفرد ڳالهه، لکڻ ۾ سندس بي رِيائي، يعني ”سِڌي راند سوٽي جي“ آهي. هن جيڪو ڪجهه به ڏٺو ۽ محسوس ڪيو آهي، سو جيئن جو تيئن لکيو آهي. مرتضيٰ نہ صرف تصوير جا ٻئي پاسا ڏيکاريا آهن، پر ڪهاڻيءَ جي ڪينواس تي، اسان جي منافق تَرين ۽ نفسياتي مريض سماج جا اڇا، ڪارا، ڳاڙها، نيرا، پيلا، يعني سمورا رنگَ پنهنجي پرپور جلوا افروزين سان چِٽيا آهن. سندس ڪهاڻيون فَني حوالي سان ڪٽي بينل آهن، ان جي فيصلي ۾ تہ اجا دير آهي، پر موضوع جي حوالي سان مُنفرد ۽ حالات جي تَقاضائُن سان گهڻي حد تائين هم آهنگ آهي.“

هي ڪتاب **نئون نياپو اڪيڊمي**، سچل ڳوٺ ڪراچي پاران 2019ع ۾ ڇپايو ويو. اسان ٿورائتا آهيون مرتضيٰ ناريجو جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سنڌ


- مهاڳ: اختر حفيظ ڪنير / 4
- بي ريا ليڪ: گل محمد ڪلهوڙو/7
- پنهنجي پاران: مرتضيٰ ناريجو/9

1. دوزخ جو دورو
2. پروفيشن
3. جنازو
4. شادي شده
5. ڪافر
6. برٿ ڊي
7. شاعر ۽ ڊسمبر
8. انصاف
9. ڪروڙ
10. راڌا
11. پڙوت
12. ڪردار
13. سرڪس
14. انباڪس
15. ترقي
16. لوسي ڪتو
17. مرشد پاڪ
18. گهٽا ٻار
19. پاڪائي
20. روينيو وارو صاحب

21. مهان
22. ويچارو غريب
23. بريڪ اپ
24. وڏو ماڻهو
25. خاڪ وارو مرشد
26. بي شادي
27. مڙس ۽ آلو
28. حاڪم
29. رنڊي
30. شانتي
31. پردو
32. خدا جي ڳولا
33. برقعو
34. ملان جو دين
35. شرابي ڪتو
36. پاڙيو
37. ڪافرياڻي
38. ضمير جو موت
39. خدا جو گهر
40. چئور
41. بي واهه
42. نئين زال
43. پاڙو
44. جديد محبت
45. ڪاغذي محبت
46. قربانيءَ جو گوشت
47. سماجي اڳواڻ
48. چڪلائي
49. مڙس ماڻهو

50. جنسي مريض
51. باغي ڇورو
52. عذاب
53. نگينو
54. جديد محبوبا
55. حلال روزي
56. نيڪ
57. پيڳوان جي مرضي
58. ڪمزوري
59. نسل
60. چوتيو
61. پيڙا
62. بي لڇڻائي
63. ڪدڙي جو مذهب
64. رنڊيءَ جو خدا
65. ٽريجڊي
66. ڪاري
67. رئيس پوزت خان
68. الٽي
69. فقير
70. گو ايند ٽيڪ
71. عيد مبارڪ
72. محبت جن جي من ۾
73. ننڍو صاحب
74. فرقا
75. پوتار ۽ اليڪشن
76. بجو
77. نئون يار
78. پاڪ پوتر

79. گم ٿيل وجود
80. پلاند
81. ايمان وارو
82. رمضان
83. مزدور
84. اين. جي. اوز
85. زال
86. هوليءَ جا رنگ
87. حرامخوري
88. لچڻ
89. ويلنٽائن
90. تبديلي
91. پڙهيل ٻڙهيل
92. رانگ نمبر
93. ديندار
94. حوسي اکيون
95. نوس نوس
96. فتوٰي ڦوڪٽو
97. پير
98. ووٽ
99. اڄڪلهہ جو عشق
100. سڪٽو
101. ککڙ ڪانءُ
102. تانيا
103. آچو
104. ڪوسٽر واري ڇوڪري
105. اين. جي. اوز :2
106. پوپو
107. ڪوڙو فضل

108. فيس بڪ
109. عشق تي پيو فشق
110. فلرٽ
111. انقلابي
112. صاحب
113. مرشد
114. ملڪ الموت
115. ڏاند
116. بک
117. سيل
118. خواهش
119. تعويذ
120. عشق

# مهاڳ

# ڪهاڻي قافلي جو نئون مسافر

**ڪنهن** به ماڻهو لاءِ اصل ڳالهه ڪهاڻي لکڻ نه هوندي آهي پر اصل معاملو قصي کي بيان ڪرڻ هوندو آهي ته اهو قصي کي ڪٿي ڪيئن ٿو ۽ ان جي پڄاڻي ڪيئن ٿو ڪري. دنيا ۾ هزارين ڪهاڻيڪار موجود آهن، پر دنيا فقط انهن ڪهاڻيڪارن کي پڙهي ٿي ۽ ساراهي ٿي، جيڪي پنهنجي ڪهاڻي بيان ڪرڻ ۾ مهارت رکن ٿا.

هڪ سٺي ڪهاڻيڪار ۾ ٻه ڳالهيون اهم آهن، هڪ ته ان ۾ ڪنهن به معاملي کي اظهارڻ جي جرئت هجي ۽ ٻيو قصي کي بيان ڪرڻ جو فن.

سنڌي ڪهاڻيءَ جو سفر هڪ صديءَ جو سفر ٿي چڪو آهي ۽ ان سفر دوران جيڪو ڪهاڻيڪارن جو قافلو هليو، ان ۾ڪيترائي ڪهاڻيڪار آيا ۽ هليا ويا پر پوءِ اڄ تائين به اهو سلسلو هلي رهيو آهي. جيئن ڪنهن به سماج ۾ نفسياتي رويا نسل در نسل منتقل ٿيندا رهندا آهن، اهڙي ريت ڪهاڻي به نسل در نسل منتقل ٿيندي آهي. ڪالهه سنڌي ادب ۾ جمال ابڙو، نسيم ڪرل، ماڻڪ، علي بابا، اياز قادري، نجم عباسي ۽ ٻيا ڪهاڻيون لکي رهيا هئا، پر پوءِ ان سلسلي کي شوڪت حسين شوري، رحمت الله ماجوٺي، حفيظ ڪنير، اڪبر سومري، غلام نبي سومري، امر لغاري ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪهاڻيڪارن اڳيان وڌايو. پر خوشي جي ڳالهه اها آهي ته ڪهاڻي جو سلسلو اڄ به جاري آهي ۽ نوجوان ٿهي به ڪهاڻي جهڙي اهم ترين صنف ۾ پنهنجو پورهيو ڪري رهي آهي. ظاهر آهي هي اڄوڪي دور جي ڪهاڻي آهي تنهنڪري اها ان ڪهاڻي کان ڪافي مختلف آهي، جيڪا اسان ماضي ۾ پڙهي چڪا آهيون.

ان نوجوان ٿهي ۾ مرتضيٰ ناريجو به هڪ اهڙو نالو آهي، جنهن کي ڪهاڻي لکڻ سان شايد عشق آهي. سندس ڪهاڻين جو هي پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ ڪوڙ ساريون ڪهاڻيون شامل آهن. سندس ڪهاڻين ۾ جنسي بک کان وٺي مالي توڙي اخلاقي ڪرپشن جا رويا اسان کي واضح نظر اچن ٿا. ڪنهن به سماج ۾ ڪهاڻيڪار جو ڪردار ان ڪري به اهم هوندو آهي جو هو پنهنجي زماني جو سچ ڪهاڻي وسيلي ئي بيان ڪندو آهي، ڪهاڻي ڪنهن تخليقڪار لاءِ اهڙي زره آهي، جيڪا ڪيس رياست جي حملي کان وٺي سماجي حملي کان بچائيندي آهي. ڇاڪاڻ ته ڪهاڻي جهڙي صنف ۾ ئي اسين اهو سڀڪجهه بيان ڪري سگهون ٿا، جيڪو گهڻو ڪري اسين عام طور تي بيان ڪرڻ کان گهبرائيندا آهيون. تنهنڪري مرتضيٰ به ڪهاڻيءَ جي زره جو استعمال ڪندي پنهنجو پاڻ کي زماني جي حملن کان بچائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ هو ”دوزخ جو دورو“، ”راڌا“، ”ضمير جو موت“ ”پڙوت“ ۽ ”پروفيشنل“ جهڙيون ڪهاڻيون نہ لکي سگهي ها. ڪهاڻيءَ ۾ جتي ڊائيلاگ اهم جز آهي، اتي منظرنگاري بہ بنهہ ضروري آهي. مرتضيٰ جون ڪهاڻيون پڙهي اها ڳالهہ محسوس ٿي تہ هن وٽ منظرنگاريءَ جي کوٽ آهي. پر ٻئي پاسي هن گهڻو ڪري انتهاپسندي جهڙي موضوع کي پنهنجن ڪهاڻين ۾ جاءِ ڏني آهي.

9/11 واري واقعي جا سموري دنيا جي سياست تي اثر پيا، اهڙي ريت ان جا اثر ادب تي بہ پيا آهن. پوسٽ نائن اليون ادب جي حوالي سان ڏٺو وڃي تہ مرتضيٰ جون لکيل ڪيتريون ئي ڪهاڻيون ان پيرائي ۾ اچن ٿيون. ڇاڪاڻ تہ اسان جي سماج ۾ انتهاپسندي هڪ ناسور جي صورت اختيار ڪري وئي آهي. تنهنڪري اها اسان کي تعليمي ادارن کان وٺي ڪرڪيٽ ٽيم تائين نظر اچي ٿي ۽ ان پنهنجا اثر عملي طور بہ ڇڏيا آهن. جڏهن ڪوبہ سماج انتهاپسنديءَ کي پنهنجي ايمان جو جز سمجهي هنڊائيندو آهي تہ پوءِ سماجي سطح تي جيڪا ماٺهو مار مهم شروع ٿيندي آهي يا جيڪو اسهپ وارو رويو نفسياتي طور ڪنهن بہ سماج تي حاوي ٿيڻ لڳو آهي، اهو سماج کي صديون پوئتي ڌڪي ڇڏيندو آهي.

مرتضيٰ پنهنجن ڪهاڻين وسيلي انهن روين کي نروار ڪرڻ جي پنهنجي پر هڪ ڪوشش ضرور ڪئي آهي پر جيئن تہ اهو لقاءَ ڪو معمولي ناهي تنهنڪري ان سموري سماج کي پنهنجي وڪڙ ۾ آڻي ڇڏيو آهي. پر جيڪڏهن ڪو ڪهاڻيڪار انهن روين کي پنهنجن ڪهاڻين ۾ ڪردار وسيلي بيان ڪري ٿو تہ ان جو مطلب اهو آهي تہ سماج واقعي بہ انتهاپسندي جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل آهي، ان مان ڪڍڻ جو ڪم ڪنهن ڪهاڻيڪار جو ناهي پر ان جي نشاندهي ڪرڻ ڪهاڻيڪار جي وس ۾ ضرور هوندو آهي.

مرتضيٰ جو هي ڪتاب بحيثيت ڪهاڻيڪار هن لاءِ پهرين وک آهي، ايندڙ وقت بہ ۾ هو ڪهاڻيون لکندو رهندو، ڇو تہ ڪهاڻيءَ جو سلسلو هلندو رهڻ گهرجي، جنهن وسيلي اسين سماجي نفسيات توڙي انساني روين جي پرک ڪري سگهون ٿا ۽ زماني کي اهو ٻڌائي سگهون ٿا تہ زماني جو اصل چهرو ڪهڙو آهي، پاڪ پوتر بڻيل ماڻهو اصل ۾ غلاظتن سان ڀريل وجود آهن، جيڪي پنهنجي منهن تي ٻوٿاڙا چاڙهيو پيا هلن. سو هن ڪتاب لاءِ مرتضيٰ کي مبارڪون هجن ۽ اميد آهي تہ هو ڪهاڻيءَ سان پنهنجو ناتو قائم رکندي ايندڙ وقت ۾ بہ پڙهندڙن کي پنهنجون ڪهاڻيون ضرور آڇيندو رهندو.

**اختر حفيظ**

**حيدرآباد**

22 جون 2019

# هڪ بي رِيا ليکڪ

**آئون** ذاتي طور تي اجا تائين اهو سمجهي ڪونه سگهيو آهيان، ته ”جديد ڪهاڻي“ ڇا آهي؟ يا ڪهڙي لکڻيءَ کي ”جديد ڪهاڻي“ جو درجو ڏيئي سگهجي ٿو. يعني جديد ڪهاڻيءَ جي درست وصف(ڊيفينيشن ) ڇا آهي. يا ”فليش فڪشن“ ”مائڪرو ڪهاڻي“ يا ”سئو لفظن جي ڪهاڻي“ جيِ ادب ۾ ڪهڙي حيثيت آهي ؟ پر هڪ ننڍڙي پڙهندڙ جي حيثيت ۾ ايترو اندازو ضرور اٿم، ته ڪهاڻي(لِکڻي) ۾، ڪهاڻي(قصي) جو هجڻ ضروري آهي.

منهنجو خيال آهي ته، سٺي ڪهاڻيءِ جي هڪ سڃاڻپ اها به هوندي آهي، ته ان ڪهاڻيءَ جا پيرَ، ان موضوع، ماحول ۽ سماج ۾ پُختا کُتل هجن، جنهن سماجي بِيهڪ مطابق ۽ موضوع تحت ڪهاڻي لکيل هجي. جيڪڏهن ڪهاڻيءَ جو موضوع نِج سماجي هجي ته، ڪهاڻيءَ جي سئو سيڪڙو مطابقت پنهنجي دور سان هئڻ لازمي هوندي آهي. جيئن ايندڙ وقت ۾ اهاڪهاڻي، پنهنجي ”سِرجڻَ واري دور“ کي هر حوالي سان re present ڪري سگهي. ان حوالي سان ننڍي کنڊ ۾ سعادت حسين مَنٽو، ڪرشن چندر، عِصمت چُغتائي ۽ واجده تبسم جون ڪهاڻيون لازوال آهن. سنڌي ادب جي ڪهاڻيءَ جي شينهن جي جيڪا تَربيت جمال ابڙي ڪئي هئي. يا نسيم ڪرل سنڌي ڪهاڻيءَ جي سَرڪش گهوڙي کي پنهنجي طنبيلي جو وِهٽُ ڪري پاليو هو. منهنجو شعور اڄ به ان شاهڪار ڪم تي حيران حيران آهي. جمال ابڙي صاحب جي صرف سَترنهن ڪهاڻين جي داخل ڪيل ڏُکي، ٻين جي مَٺين محبتن کي مات ڏئي ڇڏي آهي. جمال ابڙي جي سِٽ سِٽ ” ڪوزي ۾ دريا“ جي سپ کان بهترين سمجهاڻي آهي! ته ٻئي پاسي نسيم ڪرل جي ڪهاڻيءَ جي ٻولي ۽ واردات هڪ اهڙو آب حيات آهي، جنهن مان دِل ڍاپجي ئي نٿي ! انهن ڪانپوءِ به سنڌي ادب ۾ شاهڪار ڪهاڻيون لکيون ويون آهن. جن ۾ شيخ اياز، عبدالقادر جوڻيجو، امر جليل، اياز قادري، نجم عباسي، شوڪت شورو، ماڻڪ ۽ نورلهدا شاهه قابل ذڪر آهن. سڄي دنيا وانگر اسان وٽ به ڪهاڻي بنا وقفي لکجي رهي آهي، ۽ لکجندي رهندي باقي ان لکجندڙ ڪهاڻيءَ ۾ ”ڪهاڻي پڻو“ ڪيترو آهي ؟ ان جو درست فيصلو ته ايندڙ وقت جا پڙهندڙ ۽ نقاد ئي ڪندا.

ليکڪ سماج جو سڀ کان وڌيڪ حساس ماڻهو هوندو آهي، تنهنڪري مَٽس زماني جي سردين گرمين جو اثر گِهرو ٿيندو آهي. جنهن جو ردِ عمل هو پنهنجين لکڻين ۾ ظاهر ڪندو آهي. هر سچي ۽ سنجيده ليکڪ جو اهو اولين فرض هوندو آهي، ته هو پنهنجن سمورين مجبورين ۽ مصلحتن کان گهڻو مٿيرو ٿي پنهنجي پڙهندڙن کي پنهنجي دور جي حالتن جي حقيقي تصويرن جا ٻئي پاسا ڏيکاري. سو منهنجي شهر جي نوجوان لکاري

مرتضيٰ ناريجو بہ سنڌي ڪھاڻيءَ جيَ لشڪر جو ھڪ سجاڳ سپاھي آھي. مرتضيٰ جي ڪھاڻيءَ جي سڀ کان مُنفرد ڳالھہ لڪڻ ۾ سندس بي رِيائي، يعني ”سِڌي راند سونٽي جي“ آھي. ھن جيڪو ڪجھ بہ ڏٺو ۽ محسوس ڪيو آھي، سو جيئن جو تيئن لکيو آھي. مرتضيٰ نہ صرف تصوير جا ٻئي پاسا ڏيکاريا آھن، پر ڪھاڻيءَ جي ڪينواس تي، اسان جي منافق تَرين ۽ نفسياتي مريض سماج جا اڇا، ڪارا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا، يعني سمورا رنگَ پنھنجي پرپور جلوا افروزين سان چِٽيا آھن. سندس ڪھاڻيون فَني حوالي سان ڪٽي بيٺل آھن، ان جي فيصلي ۾ تہ اجا دير آھي، پر موضوع جي حوالي سان مُنفرد ۽ حالات جي تَقاضائُن سان گھڻي حد تائين ھم آھنگ آھي. لکڻين جي حوالي سان سندس ھڪ پھلو تي سوچيندي، منھنجي سوچ اڳيان ھميشہ سواليہ ۽ عجب جي نشاني اچي ويندي آھي تہ ” سيڪس انسان جو فطري حق آھي، ۽ ”بي الرضا“ سماجي پس منظر ۾ مھذب پڙي جي زُمري بہ اچي ٿو ۽ مرتضٰي وڏي بي باقي ۽ بي ڊپائي سان ان موضوع تي لکيو آھي.

مُرتضيٰ روشن ذھن، آزاد خيال نوجوان آھي، سندس ڪھاڻين جو ھيءُ پھريون مجموعو آھي، جيڪو يقينن پڙھندڙن ۾ پنھنجو جائز مقام بہ ناھيندو ۽ ايندڙ دور ۾ ھلندڙ دور جي ترجماني بہ ڪندو....

## ميان گل محمد ڪلھوڙو

# پنهنجي پاران

***آئون*** سمجهان ٿو تہ ڪهاڻي جو آستان ماڻهون جو روح آهي، ڪهاڻي جو جنم انسان جي اندر ۾ ٿئي ٿو. ڪهاڻي جا انيڪ روپ رنگ آهن، هڪ ڪهاڻي اُها آهي جيڪا پني تي لکي وئي آهي ۽ هڪڙي ڪهاڻي زباني ٻُڌائي وئي آهي.

ڪهاڻي جو تعلق نِج سماج سان آهي، انسان پنهنجي پاڻ سان لاڳاپيل هر شئي کي جڏهين رُوح جي گهرائي سان محسوس ڪري ٿو ۽ سماج جي هر چڱائي برائي جي گرد پاڻ کي بيٺل پائين ٿو ۽ جڏهن سهي معنيٰ ۾ اُها سوچ اندر ۾ پيهي وڃيس ٿي تہ اتان کان هڪ قصو يان ڪهاڻي جنم وٺي ٿي پوءِ سندس زباني سندس قلم سان ڪئي ڪهاڻيون لکجن ٿيون.

آئون پائيان ٿو تہ آئون جڏهن انين ڪلاس ۾ پڙهندو هئس تڏهن منهنجي چاچي وٽ "نئين زندگي" نالي سان مئگزين ايندا هئا ۽ آئون اهي مئگزين پڙهندو هئس، ننڍي عمر ۾ گهٽي سمجهہ نہ هئڻ باوجود مئگزين ۾ لکيل ڪهاڻيون ڏاڍي دلچسپي سان پڙهندو هئس، پوءِ جيئن وقت گُذرندو ويو تہ پيا ڪجهہ مئگزين ۽ هزار داستان ڊائجسٽ پڙهڻ شروع ڪيم، پوءِ سنڌ رنگ ڊائجسٽ ۽ ائين ڪهاڻين سان منهنجو رشتو قائم ٿيندو ويو.

مون نائين ڪلاس ۾ پڙهڻ دوران هڪ ڪهاڻي لکي هئي جيڪا پوءِ مون کان وڃائجي وئي، اها منهنجي لکيل پهرين ڪهاڻي هئي ۽ ان ڪهاڻي جي ڳولها اڄ بہ جاري آهي، هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ دوران مئگزين ڪتاب جيڪي بہ هٿ لڳندا هئا پڙهي وٺندو هئس. گهڻو پوءِ ڪجهہ عرصو ڪرنٽ افيئر تي لکيم پر شايد ڪهاڻي کان علاوه ٻي ڪنهن ڏڳ تي چڙهي نہ سگهيس ۽ ائين ڪرنٽ افيئر کان ڪنارو ڪيم. پڙهڻ جو سلسلو هلندڙ هو تہ اچانڪ بابا جو وڇوڙو منهنجي زندگي ۾ طوفان وانگر آيو ۽ ائين آئون ڇٽيل پنن وانگر وکري ويس.

ميٽرڪ ڪرڻ ڪانپوءِ ڪاليج پهچڻ منهنجي لاءِ مائونٽ ايورسٽ فتح ڪرڻ جيئان هو پر بابا ڪانپوءِ جنهن شخص زندگي ڏانهن واپسي جو ڏڳ ڏنو اهو منهنجو وڏو چاچو عبدالله ناريجو هو. سندس سخت طبيعت ڪري هميشہ ڪائنس خوف ٿيندو هو پر سندس پيار ۽ ڪيئر وسارڻ جوڳي ناهي. اگر چاچا جو ساٿ نہ هجي ها تہ شايد ڪاليج نہ پهچي سگهان ها.

ڪاليج پهچڻ ڪانپوءِ ڪهاڻي وري اندر ۾ ڪر ڪٽڻ شروع ڪيا، ڪتاب وٺڻ جي سگهہ ڪونہ هئي، پئسو پائي بلڪل ڪونہ هوندو هو پر اندر ۾ پڙهڻ جي بُک موجود هئي سو هٽي وڃي هنڌ ڪيم، ڪاليج جي لائبريري جنهن جو لائبريرين انتهائي پيارو ماڻهو هو پر سُست هئڻ ڪري اڪثر ڪاليج نہ ايندو هو سو ڪيس منٿ ميڙ ڪري ڪڏهن ڪڏهن

ڪاليج اچڻ تي آماده ڪيم، جنهن ۾ ڪجھ ٻيا بہ دوست شامل هئا، سندس پيار ۽ شفقت هميشہ ياد رهندي. پاڻ چوندو هو پُٽ ڪتاب ڪٽي ويندا ڪريو پر پڙهي واپس ڪجئو نہ تہ آئنده آئون ڪونہ ايندس!. پوءِ اسان ڪتاب ڪٽي پڙهي وري واپس ڪندا هئاسين.

ان ڪانپوءِ گلستان بلديہ ميرپورخاص ۾ نهيل پبلڪ لائبريري اسان جو ٻيو گھر هوندي هئي ڇاڪاڻ تہ صبح جو ڳوٺان 8 بجي واري بس تي شهر ڪاليج اچبو هو تہ ڪاليج مان تي وري لائبريري ۾ پنج بجي واري بس جو انتظار ڪبو هو ۽ ان سان گڏ پڙهائي ڪبي هئي.

پڙهڻ دوران ڪهاڻي ۾ جڏهن مرشد امرجليل جا ڪتاب هٿ لڳا تہ پائنيم ڪهاڻي سندس در تي بيٺل ان مهمان وانگر آهي جنهن کي هُو جڏهن چاهي در کولي اندر گهرائي سگهي پيو. امرجليل کي آئون ڪهاڻي ۾ گُرو مڃيندو آهيان، ان سان گڏ سائنڻ نورالهُديٰ شاھ ، نسيم کرل، ماڻڪ جي ڪهاڻين کي هميشہ دل ۾ سانديو رکيم پوءِ ڪافي عرصو پڙهڻ کي الوداع ڪري پيٽ گُذر خاطر جيئڻ جي جُستجو ۾ لڳي ويس، ان دوران ڪتابن سان ناتو ٽُٽي ويو هو لکڻ وسري ويس.

وري شابس هُجي هُن کي جنهن سان لئنون لڳڻ مون کي رولاڪ بڻايو ۽ سائڪولاجيڪل اپ سيٽ ڪري ڏڪاري ڇڏيو. ان ڏڪار ڪانپوءِ زندگي ۾ جيڪا واپسي هئي ان واپسي دوران ڪئي تجربا ٿيا، ڪئي مشاهدا ڪيم، ڪئي قصا اکين سان ڏٺم، ڪئي ڪهاڻين جو جنم اندر ۾ ٿيو. ائين پڙهڻ ڪانپوءِ ٻيهر لکڻ جي شروعات ٿي.

لکڻ جي شروعات ڪچين ڦڪين تحريرن سان ڪيم پوءِ ائين قصو وڌندو ويو. پاڻ سان ٿيل وارتائون پنن تي لکندو ويس، مشاهدي ۾ ڪئي ظُلم جا داستان ايندا ويا، ائين منهنجي قلم سان ڪهاڻيون لکجڻ شروع ٿيون.

آئون شروعات ۾ جڏهن فيس بُڪ تي سماجي اشوز، مذهب ۽ سيڪس تي لکڻ شروع ڪيو تہ اڪثريت پاران مون کي انتهائي گهٽو تنقيد جو نشانو بڻايو ويو. مذهبي ماڻهن ڌمڪيون ڏنيون. لکڻ تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ فتوائن جا ڍڳ ڏنا ۽ سماجي سُٽريل چولي ۾ لڪيل جانورن مون کي جنسي فرسٽريٽ ۽ چريو قرار ڏنو.

انهن حالاتن ۾ هڪ وقت اهڙو آيو جو مون سوچيو تہ هي سوسائٽي سچ برداشت نٿي ڪري سگهي ۽ لکڻ ڇڏي ڏيان پر منهنجي دوستن مون کي هميشہ حوصلو ڏنو ۽ هميشہ پرجهلا رهيا. مون دل سان سوسائٽي ۾ جيڪو ڪجھ محسوس ڪيو اهو لکيو، جيڪي مذهبي مسئلا ڏٺا انهن تي لکيو. سماج ۾ فردن جي جنسي فرسٽريشن تي لکيو، مون هر ان موضوع تي لکڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪي هن سماج جو حصو آهن، هر اها وارتا بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪا روز وهي ٿي، هر اهو درد لکڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪو محسوس ڪيو.

هي منهنجو پهريون ڪهاڻين جو ڪتاب آهي جنهن جو ٽائٽل آهي “ضمير جو موت”.
اميد ته پڙهڻ وارا هن ڪتاب کي سماجي پسمنظر ۾ ڏسندا ۽ رائي ڏيندا، آئون انتهائي گهڻو ٿورائتو آهيان اختر حفيظ ڪنڀر جو جنهن مهاڳ لکيو ۽ انتهائي گهڻو ٿورائتو آهيان امداد ڪانهيو جو جنهن کان سواءِ هي ڪتاب ڇپجڻ ممڪن نه هو، سچ ته منهنجي خواب کي سچ ڪرڻ جو سڄو ڪريڊٽ امداد ڏانهن وڃي ٿو، آئون ٿورائتو آهيان ميان گُل محمد ڪلهوڙو جو جنهن پنهنجو رايو ڏنو.........

**مرتضيٰ ناريجو**

ماڊل ٽائون ميرپورخاص

01 جولاءِ 2019

راين لاءِ: 03000350311

واٽس ايپ: 03101374625

Email: narejomurtaza99@gmail.com

# دوزخ جو دورو

**حاجي** عنايت صاحب وڏو پُهتل ماڻهو هو. پڪو مذهبي ماڻهو روزي، نماز، صوم صلوات جو اهڙو پابند جو اصل رات جو اُٿيو پيو تهجد پڙهندو ۽ بي عبادت ڪندو هو تسبيح سائين جي هٿ ۾ زيور وانگر چوويهه ڪلاڪ هوندي هئي. بس سائين جو ڪاروبار رڳو ٿورو ڏسڻ جو اهڙو هو جو سائين مجبور هارين مزدورن ۽ وڏيرن کي قرض ڏيندو هو. اِها بي ڳالهه هُئي جو قرض سال ۾ ٽيڻ تي وڏي ويندو هو پر خير ڪاروبار ۾ ماشاءَ الله سائين جو نالو هلندو هوا. سائين وياج تي پئسا ڏيڻ ۾ پوري شهر ۾ اول نمبر تي هو (سُبحان الله ڪاروبار).

هڪ رات سائين آرامي هو ته خواب ۾ ڏٺائين ته هُو دوزخ ۾ آهي ۽ اُتي دوزخ جو ٺيڪيدار سيني کي ڪن مان جهليندو باهه ۾ اُڇليندو پيو وڃي!.

حاجي صاحب کي قِصو سمجهه ۾ نه آيو ته هو دوزخ ۾ ڪيئن پُهتو!؟.

حاجي صاحب اجان سوچيو ئي پئي ته اچانڪ دوزخ واري جلاد ڪن تي زوردار چماٽ وهائيندي هڪل ڪيس: ”اڙي.. هتي کهڙو گُهمڻ آيو آهين نِيا ڳا!؟، هل باهه ۾ ۽ لت هڻي باهه جي کوهه ۾ ڪيرائي ڇڏيائينس.

هيٺ باهه ۾ ڪريو ته ڏٺائين مُحترم اِبليس عُرف شيطان اُتي اڳي ئي وڏي ٺٽ سان ويٺل هوا. حاجي صاحب تعارف ڪرايس: ”آئون حاجي الهڏنو تون ڪير!؟“.

شيطان ٺهڪ ڏيندي جواب ڏنس: ”آئون شيطان آهيان!“.

حاجي صاحب گهبرائجي ويو ۽ پُڇيائينس: ”آئون هتي ڪيئن پُهتس؟“.

شيطان چيس: ”ابا تون به هتي غلط ڪم ڪرڻ ڪري پهتو آهين!“.

حاجي چيس: ”شيطان بيشڪ آئون مڃيان ٿو مون کان ڪا ننڍي غلطي ٿي هوندي پر ان جي اهو مطلب ڪونهي جو مون کي دوزخ ملي ۽ اُهي سڀ ننڍيون غلطيون به تون مون کان ورغلائي ڪرايون هونديون!“.

شيطان وڏو ٺهڪ ڏيندي چيو: ”حاجي صاحب آئون شيطان آهيان انسان ناهيان ۽ جيڪي تون ڏنڏا ٿو ڪرين وياج وٺڻ، غريبن جا حق کائڻ، پاڙي وارن سان نا انصافي ڪرڻ، ڪوڙا ڪيس ڪري غريبن يتيمن جي ملڪيت تي قبضا ڪرڻ، ڏهه واري شئي ويهه ۾ وڪڻڻ اهي ته مون ڪڏهن سوچيا به ڪونه هئا، مون کي پاڻ کي تنهنجا لڇڻ ڏسي افسوس ٿو ٿئي ۽ آئون توکي ڏسي مُطمئن ۽ خوش آهيان ته آئون شيطان آهيان انسان ناهيان...!، حاجي صاحب خوامخواهه مون تي الزام نه هڻ

آئون ايڏو وحشي ناهيان جو پرائي مال کي ڪائي ڪپائي اوڳرايون ڏئي وري نہ ميجيان!".

شيطان جون ڳالهيون ٻُڌي حاجي صاحب جي نِرڙ تان پگهر ريلا ڪري وهڻ لڳو ۽ ڪاوڙ ۾ شيطان ڪان پري پڇڻ لاءِ جيئن ئي ڊوڙ پاتائين تہ خواب ٽُٽي پيس ۽ کٽ تان هيٺ ڦهڪو ڪري اچي ڪريو.

اُتي پنهنجي پاڻ کي جاچي ڏٺائين وري گهر کي ڏٺائين. پوءِ شيشي سامهون بيهندي پگهر اُگهي سونهاري تي هٿ ڦيرائيندي دل جاءِ ڪيائين تہ هُو "دوزخ" ۾ نہ پر گهر ۾ موجود هوا!.

صُبح سوير ئي وڏيري صاحب ڏني ڏي نياپو موڪليائين تہ ڏهہ لک قرض تي جيڪي مٺيان وياج جا ٽي لک آهن اُهي جلدي ڏياري موڪل.

وڏيري پئسہ ڏياري موڪليا. حاجي صاحب اُهي پئسہ موڪلي عمري پاڪ تي وڃڻ لاءِ گهر واري سميت ٽڪيٽ بُڪ ڪرائي ڇڏي ۽ دل ئي دل ۾ شيطان کي ٻہ چار گاريون ڏيندي چيو: "اسان نيڪوڪارن کي شيطان ڪيترو ٻُلائيندو!؟ اسان کي ڀلا "دوزخ جو ڪهڙو ڊِڄ!".

***

# پروفيشنل

***آڪاش*** چاهيو پئي تہ ڪيس اهڙي جار ۾ ڦاسائجي جو هُوءَ صرف ڦٿڪي سگهي پر پاڻ ڇڏائي نہ سگهي!.

هُونئن تہ آڪاش ان ڪم ۾ "پروفيشنل" هو پر هن دفعي "صنم" جي مئچوئرٽي سندس رستي ۾ رُڪاوٽ بڻجي پئي هُئي. هن ڪئي حيلا هلايا, ڪيس مُطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر "صنم" ڪيس صاف انڪار ڪيو تہ پنهنجو رشتو دوستي کان اڳتي نٿو وڌي سگهي!. آڪاش هارايل جُواري وانگر ٻي بازي کٽڻ جي پلاننگ ڪرڻ لڳو. صنم ڪيس چيو هو تہ آڪاش پنهنجي وچ ۾ جنسي تعلق صرف ان صورت ۾ مُمڪن آهي جو پاڻ ٻئي نڪاح ڪريون پر آڪاش جيڪو پيئونر هو سو هڪ ڳُل تي پلا ڪيئن ويهي ها!. سو هن ڪيس انڪار ڪيو هو پر هاڻ جڏهن سندس هٿ ۾ ڪجهہ نہ رهيو تہ هن صنم کي ميسيج ڪيو. "صنم آئون توسان نڪاح ڪرڻ لاءِ تيار آهيان!".

صنم نڪاح جو ٻُڌي خوش ٿي وئي ۽ حامي ڀري ڇڏيائين. آڪاش صنم کي مُطمئن ڪيو تہ في الحال پاڻ سيني کان لِڪ ۾ نڪاح ٿا ڪريون بعد ۾ جڏهن ٿُون "اُميد سان" ٿيندين تہ پوءِ سيني اڳيان اها ڳالهہ واضح ڪري ڌام ڌُوم سان شادي ڪنداسين.

صنم نڪاح جي نالي تي پنهنجي سوچ ۽ عقل کي ڳنڍ ڏئي آڪاش سان حامي ڀري ڇڏي, آڪاش تہ اڳي ئي ان ڪم ۾ "پروفيشنل" هو سو نڪاح جا سڀ ڪاغذ ٺهرائي, دوست مولوي کان نڪاح پڙهائي ڇڏيائين ۽ پوءِ مُسلسل آڪاش "صنم" جي جسم کي پٽيندو رهيو.

نيٺ اُهو ڏينهن بہ آيو جو صنم جي "ماهواري" بند ٿي تہ هُن آڪاش کي وڏي خوشيءَ سان ٻُڌايو تہ آڪاش تون پيءُ بڻجڻ وارو آهين, هاڻ پنهنجي مائٽن کي ٻُڌائي ۽ مون کي پنهنجي گهر وٺي هل.

آڪاش سندس اکين اڳيان نڪاح نامون ڦاڙيندي "پروفيشنل" ماڻهن وانگر وڏي بي رحمي سان ڪيس جواب ڏنو. "ٻُڌ صنم صاحبہ.......... آڪاش صرف استعمال ڪندو آهي مالڪي ناهي ڪندو.........."

❋❋❋

# جنازو

**هُن** جي اکين مان مُسلسل ڳوڙها وهي رهيا هُئا. هُن پنهنجي مٿي تان ٽوپي لاهي اُڇلي ڇڏي هُئي ۽ ٽُوال ۾ ڪجھ ڪتاب ٻڌي ٻاهر نڪري آيو هو.

هُو مُسلسل دانهون ڪندو پئي ويو: "اچو اچو..... منهنجي جنازي کي ڪُلهو ڏيو اچو!". ماڻهو ڪيس حيرت سان ڏسي رهيا هئا ڇو ته هُن وٽ نه ته ڪو لاش هو نه ئي هُن جي آسپاس اهڙو ڪُجھ ڏسڻ ۾ پئي آيو.

هُو مُسلسل روئندو سيني کي سڏيندو پئي ويو: "اچو اچو........ منهنجي جنازي کي ڪُلهو ڏيو اچو!"، ڪُجھ نوجوان ڪيس ڏسي وڏي آيا، پُڇا ڪيائونس: "چاچا لاش ڪٿي آهي؟، ڪنهن جي جنازي کي ڪُلهو ڏيون!؟".

وڏي آھ سان سُڏڪو ڀريندي چيائين: "هي جنازو......... منهنجي غيرت جو جنازو آهي...... اچو منهنجي "غيرت" جي جنازي کي ڪُلهو ڏيو مان "بي غيرت" ٿي پيو آهيان، مون منجهان "قومي غيرت" موڪلائي وئي آهي، مان غدار ابن غدار ٿي پيو آهيان، مان مفادن پُٺيان لُور لُور ڪرڻ وارو ڪُتو بڻجي پيو آهيان، مان دودي، هيمون، هوشوءَ، دولھ درياءَ خان، ٻاکوڙي وارن جي قربانين کي وساري ڇڏيو آهي، مان مايا جي نشي ۾ سن جي پوڙهي شِينهن جي ڏٺل خواب کي چڪناچُور ڪري ڇڏيو آهي، مان لطيف شناسي کان پري ٿي پيو آهيان، مان شاھ عنايت جي قرباني کي وساري ڇڏيو آهي، هي جنازو منهنجي غيرت جو جنازو آهي!".

نوجوان سندس ڳالهيون ٻُڌي اچرج ۾ پئجي ويا، ڪين سمجھ نه پئي ته هُوءَ ڇا چون!. هُن وري مُسلسل هوڪا ڏيڻ شروع ڪيا: "اچو اچو........ منهنجي جنازي کي ڪُلهو ڏيو...... اچو اچو منهنجي "غيرت" جي جنازي کي ڪُلهو ڏيو، مان ڌرتي ماءُ جي سورهيہ پُٽن ۽ حيدرآباد ۾ تذليل جو نشانو بڻجندڙ نياڻين جو ڏوهي آهيان گُناهگار آهيان!".

سندس هٿ ۾ ٽُوال جي ڳنڍ ۾ جي ايم سيد جو ڪتاب "رهبر" ۽ لطيف جو رسالو هئا. هُو هوڪا ڏيندو اڳتي وڌندو پئي ويو: "مان بي غيرت ٿي پيو آهيان، مان صدين کان پنهنجي غيرت مند هُجڻ واري شناخت تي پيشاب ڪري ڇڏيو آهي، اڄ نياڻين جي تذليل تي بہ منهنجي غيرت پڙڪو نٿي ڪائي، مان بي غيرت ٿي پيو آهيان...... مان بي غيرت ٿي پيو آهيان.........

"اچو اچو.......... منهنجي "غيرت" جي جنازي کي ڪُلهو ڏيو.........!!"، ماڻهون ڪيس حيرت واري نظرن سان ڏسندا رهيا، هُو اڳتي وڌندو رهيو.........

❊❊❊

# شادي شُدهه

**هُو** جهڙو ڏسڻ ۾ ڪنڌار هو تهڙا ڪم مُڙسن وارا هئس!. راڄائتو اهڙو جو اصل اوڙي پاڙي وارن جي هر ڏُکي سُکي ۾ اڳيرو هُجي، سنگت سان ياريون نِڀائڻ ته ڪو هن کان سِکي!. اصل دوستن کي ڏسي ٻهڪي پوندو هو.

ڪيس جڏهن به ڏسبو هو ته هترادو بلوچي سئنڊل، بوسڪي يا ڪاٽن جا ڪلف ٿيل ڪپڙا پاتل، ٻانهن ۾ واچ، مٿي تي قيمتي ٽوپي پاتل، وٽيل شهپرن سان شينهن وانگر گجگوڙ ڪندي ملندو هو.

سياري جي شروعات ٿي ته سندس گهر مان به دُهل جو آواز اچڻ لڳو. همراهه مليو ته ڳلن تي خوشي واري لالاڻ هئس، صفا چمڪيو پئي، وڏو ياڪر پائيندي ٻڌايائين ته: "ادا چنڊ جي چوڏهن تاريخ تي منهنجي شادي آهي، سُڀاڻ کان سڀ دوست تياري ڪريو ۽ شادي جو پروگرام سنڀالجئو".

ڪچهريون ڪندي، هُن سان گڏ سندس شادي جي شاپنگ ڪندي چنڊ جي چوڏهن تاريخ به ٿي وئي، سيني دوستن خوب ملهايس، هزارين ماڻهن جي شرڪت سان ڌام ڌوم سان سندس شادي ٿي. چنڊ چوڏهين گُذاري وري مڪمل مان اڌ ٿي ويو پر "شادي شُدهه" يار نظر نه آيو!. ويهه ڏينهن، مهينو پاڻ مسٽر انڊيا وانگر ائين گُم ٿيو جڻ ته هن ڌرتي جي گولي کي ڇڏي ٻيو مُلڪ وسايو هجي!.

علي سندس سڀ کان گهاٽو يار هو هُن ته ڪيس ان حد تائين ڳوليو جو سندس سڀ ويهڻ وارا نڪاٽا، مِٽ مائٽ سڀ پُڇاپائين پر يار هٿ ئي نه اچي!.

گهر وڃي ته چون ڪلهه کان ڪمري مان ناهي نڪتو. نيٽ علي به فيس بُڪ، واٽس ايپ تي ڪيس ميسيج ڇڏي ريپلائي جي انتظار ۾ ويهي رهيو پر صاحب سوشل دنيا کان به ائين ڪٽجي ويو جيئن "گُوگل" سان ڪو جهيڙو ٿيو هُجيس!.

ڪافي ڏينهن کان پوءِ هڪ ڏينهن علي مارڪيٽ ۾ بيٺو هو ته اچانڪ سندس يار جهڙي قد بُت واري همراهه تي نظر پيس، هي شڪيو ته اهو سندس يار ئي آهي. ٿورو ويجهو وڃي ڏٺائين ته ساڳيو همراهه ڪو ٻيو نه پر سندس يار "ڪنڌار هو. سندس ڏاڙهي وڌيل، شال ڪُلهي تي لٽڪيل، مُڇون لڙڪيل، پيرن ۾ چمپل ۽ سادا ڪپڙا پاتل هئس!.

سندس حال ڏسي علي کي ڀيريان ته ڏاڍو تعجب ٿيو پوءِ ويجهو وڃي حُجت مان به چار گاريون ڏنائينس ۽ ياڪر پائيندي پُڇيائينس: "اڙي نِياڳا ڪيڏانهن گُم ٿي وئين؟، شادي ڪئي اٿئي يا خودڪشي!؟".

هُن پنهنجي پاڻ کي ياڪر مان ڇڏائيندي ٿڌو ساهه کڻي چيو: "ادا کهڙا ٿو حال پُڇين "شادي شُدهه" جو ٿي ويو آهيان!!!".

***

# ڪافر

***اوطاق*** تي ڪچهري پئي هلي مُرشد سائين رڪئيي جي درگاهہ کي نئون نهرائڻ لاءِ چندي گڏ ڪرڻ جي علي وڏن جون خبرون چارون ويٺي ٻڌيون.

چاچي حاصل چيو: "مُرشد سائين جي درگاهہ جا اسان ابن ڏاڏن کان مُريد آهيون، اسان تي اهو فرض آهي تہ اسان سائين جي درگاهہ کي نئون نهرايون، اُن لاءِ سڀ ڪان پهرين آئون هڪ ڏيڍو ٿو ڏيان!".

چاچي حاصل جو ڏيڍي ڏيڻ جي ڳالهہ ڪئي تہ ٻيا ڳوٺ وارا پلا ڪيئن پوئتي رهن ها!. سو چاچي صدوري ويهہ هزار، سومر ٽيهہ ڪتا ڪٽڪ جا، وڏيري واحد لک رپيہ ڏيڻ جو اعلان ڪيو. ائين سڄي ڳوٺ وارن مُرشد سائين رڪئيي جي درگاهہ لاءِ چندو گڏ ڪري ورتو.

علي جيڪو ان سڄي ڪچهري کي غور سان ٻڌي رهيو هو آخر ۾ اُٿيو ۽ سڀني کي مُخاطب ٿي چيائين: "چاچا سائين اوهان سڀئي مون کان وڏا آهيو سڀني جو تجربو بہ مون کان وڌيڪ آهي، چاچا گُستاخي معاف....... اوهان درگاهہ ٺاهڻ لاءِ تہ چندو گڏ ڪري ورتو آهي پر اوهان پنهنجي ٻارن کي تعليم ڏيارڻ لاءِ ڪڏهن خرچ ڪندئو!؟، چاچي حاصل جو پٽ انٽر ڪيو ويٺو آهي، چاچو ڪيس يونيورسٽي وڃڻ جا پئسا نٿو ڏئي، چاچا صدورو پنهنجا ٻار مڊل اسڪول ڇڏڻ لاءِ تيار ناهي، وڏيري وارا ڇورا وتن ٿا گڏهيون ڊوڙائيندا...... پلا اوهان ان مُرشد سائين رڪئيي کي ڇڏي پنهنجي ٻارن جي لاءِ ڪڏهن سوچيندئو!!؟؟".

علي جو ايترو چوڻ هو ۽ چاچي حاصل ڪچهري ۾ ويٺلن جو لحاظ نہ ڪندي علي کي گار ڏيندي چيو: "اوهان ڪالهوڪا وات ڳاڙها ڇورا...........!!، اسان کي ٿا سيکاريو تہ اسان غلط پيا ڪريون!؟. اڙي توهان بہ ڪتاب پڙهي "ڪافر" ٿي پيا آهيو. تون مُرشد جي خلاف بڪواس بند ڪر نہ تہ اتي ئي پورو ڪندوسانءِ!".

علي اُداسي سان سڀني کي ڏٺو ۽ رڳو ايترو چئي سگهيو: "جاهلو...... "جاهل مُرشدن" جي چڪر ۾ پنهنجا نسل جاهل نہ ڪريو!".

پريان کان سڀني گارين جا ڏوڙيا ڪندي علي کي ڌڪ هڻڻ لاءِ چپلن ۾ هٿ وڌا تہ علي بہ پيرن تي زور رکيو ۽ سيڪنڊن ۾ اوطاق مان غائب ٿي ويو.........

***

# BIRTHDAY

**موسيٰ** خان مُڇ وٽيندي جيئن ئي فيس بُڪ کوليو تہ نوٽيفيڪيشن مليس:

Mr. Moosa Khan today is your birthday.

موسيٰ خان جا ميسيج ڏسي سڄا نٽ بولٽ ئي ڍرا ٿي ويا!. انگريزي پڙهيل ڪونہ هو سو ميسيج سمجھہ ۾ نہ آيس. ڀائٽيائين تہ سندس آڏن اُبتن ڦوٽن ڪري ڪاوڙ ۾ اچي فيس بُڪ انتظاميہ کو ڏنڊ لڳايو اٿس!. پڳهر ۾ شل ٿي ويو پڳهر نرڙ تان لهي اچي ڳلن تي پُهتس، وري هٿ سان پگهر اُگھي مُڇ کي وٽي سوچيائين: ”ڀلا ڏسان تہ سهي ڪنهن پڙهيل ڇوري کان پڙهايان نياڳن انگريزي ۾ لکيو ڇاهي!“.

تڪڙو تڪڙو هلندو ڳوٺ جي دُڪان تي پهتو. اُتي بہ ڪو پڙهيل ڇورو نہ مليس. اوطاق تي پهتو تہ اُتي بہ ڪير نہ هو نيٺ ڳولا ڪندو سهڪندو اچي شاخ تي پهتو اُتي جُمعي وارو ڇورو ڏاڙهون شاخ ۾ وهنتو پئي!.

اُن ئي کيس فيس بُڪ آءِ ڊي ناهي ڏني هُئي ۽ فيس بُڪ هلائڻ سيکاريو هئس سو ڏاڙهون کي هڪل ڪيائين: ”اڙي ڏاڙهون هيڏانهن تہ ڀڄي اچ هي ڏس فيس بُڪ وارن انگريزي ۾ نوٽيس ڏنو آهي!“.

ڏاڙهون شاخ مان نڪري اچي موبائل ورتس. ڏسي کِل ۾ ٻڏي ويو. موسيٰ ڪاوڙجندي چيس: ”اڙي ڇورا کلين ڇو ٿو؟، اهڙو ڇا لکيو اٿن؟“.

ڏاڙهون چيس: ”چاچا فيس بُڪ وارن نوٽيس موڪليو آهي تہ اڄ تنهنجي برٿ ڊي آهي!“.

موسيٰ پُڇيس: ”ڇورا اها برٿ ڊي وري ڇا آهي ڏاڙهون؟“.

”چاچا مطلب اڄ جي ڏينهن تون ڄائو هُئين!“، موسو سوچ ۾ پئجي ويو. سمجھہ نہ پيس تہ هنن نياڳن فيس بُڪ وارن کي خبر ڪيئن پئي تہ آئون اڄ ڄائو هئس!. وري ڏاڙهون سمجھايس تہ فيس بُڪ تي پاڻ جيڪا ڄمڻ جي تاريخ لکي هُئي ان تي هنن نوٽيس موڪليو آهي.

موسو پنج درجا پڙهيل هو سو سوچيائين وڃي ماستر ڏتي کان پُڇان تہ آخر اها تاريخ سچ ۾ منهنجي ڄمڻ واري آهي يا نہ!؟؟.

موسي وڃي ماستر ڏتي کي هٿ ڪيو ۽ کيس سڄي ماجرا ٻُڌائي، ماستر ڏتي چيس: ”ابا آئون جهونو ٿي ويو آهيان، مون کي هاڻ تاريخون ياد نٿيون بيهن، تون وڃي اسڪول جو رجسٽر ڪڍرائي تہ سهي تاريخ جي خبر پوئي!“.

موسي بہ اڄ پڪو پهہ ڪيو هو تہ ڄمڻ جي تاريخ جي جانچ ڪري پوءِ ماٺ ڪندو سو وڃي

اسڪول پهتو. ماسترقتوءَ ڪان وچي پُراڻو اسڪول رجسٽر ڪڍرايائين.

رجسٽر ڏسي مٿي ڪي هٿ ڏئي ويهي رهيو. ماسترقتوءَ جون بہ حيرت ۾ اکيون کُلي ويون. رجسٽر ۾ ماستر ڏتي هڪ ئي تاريخ تي ڳوٺ جي پنجويهہ ٻارن جي ڄم جي تاريخ ساڳي لکي هئي، جنهن ۾ موسيٰ خان بہ هو!!!.

***

# شاعر ۽ ڊسمبر

**جُمعون** عُرف جُمن گهايل کهاڙو شاعر هو. دنيا جي تہ ڪيس خبر نہ هئي پر ڳوٺ ۽ تر جا سڀ ٽرڙا ڇورا سندس شاعري جا عاشق هئا. اُهي پوڙها، پڪا اڌڙوٺ جيڪي هاڻ فائر ڪرڻ جي پوزيشن مان نڪرندا پئي ويا اُهي بہ جُمعي گهايل جي شاعري فيس بُڪ تي سُهڻن ڦوٽن وارين مائين کي سيٽ ڪرڻ لاءِ انباڪس ۾ ڪُتب آڻيندا هئا.

جُمعون گهايل اڄ سڏي طرح پارٽنر فلم جي سلمان خان وانگر "لو گُرو" بڻجي پيو هوا.

اڄ جُمعي ڦاٽڪ تي ويهي ايندڙ ويندڙ ٽرينن کي پئي ڏٺو ۽ ٽرين جي درين مان ٻاهر نهاريندڙ ماين کي چهري وانگر ڏسندي خيالن جي گهوڙي کي ڊوڙائي ڪي ڊسمبر جي ٿڌ ۾ محبوبا تي نئون شعر لکڻ جي ڪوشش پئي ڪيائين پر سندس ٽرڪي شاعري جو ڪيڙو دماغ مان الائي ڪيڏانهن گُم ٿي ويو هئس!.

سوچيندي سوچيندي سج لهي ويس پر نئون شعر تخليق ٿي نہ سگهيو. ڦاٽڪ تان اُٿي ڇئونڪ ڪان ٿيندو، گهٽيون لتاڙيندو رات جو اچي گهر پهتو تہ پٽس ڪچيون گاريون ڏيندي آڌر ڀاءُ ڪيس پر هي بہ هو عاشقي شاعر سو بي عزتي کي نہ ليکيندي سڌو وڃي چُلهہ جي ير ۾ پاٽ هينيان پيل ماني تي ڪاهہ ڪيائين.

ماني ڪائي پيٽ پري اچي مال جي وٿاڻ ۾ پيل کٽ تي پاڻ کي اڇلايائين ۽ سُمهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. کٽ تي ڦٿڪندي ڦٿڪندي پاسا ورائيندي فيس بُڪ تي رکيل پنهنجي سڄي ٽرڪي شاعري پڙهي ويو. رات جا چار اچي ٿيا هئا، ڊسمبر جي رات، اُتر جي هوا سان سيءُ پاسا پئي ڪڍيس، مٿان فيس بُڪ تي مائين جون تصويرون ڏسي ڏسي صفا رومانٽڪ ٿي پيو هو. اهڙي حالت ۾ تصوراتي محبوبا سان ملڻ جا پُور پچائيندي تڙپ وڏي انتها تي پهچي ويس ۽ نيٺ اُهو ٿيو جنهن جي اُميد هئي صبح جو فيس بُڪ تي جمعي گهايل جو محبوبا ۽ ڊسمبر تي نئون شعر پوسٽ ٿيل هو.......

رات تنهائي ياد تنهنجي آئي، ڦاسڻ ڦٿڪڻ پاسن سُور وڌايو
کٽ جي واڏڻ ۾ تنهنجي ياد، هاءِ ڊسمبر جيءُ جلايو

❋❋❋

# انصاف

"***وسايا***....... او وسايا...... ڪٿي آهين؟، دير ٿي ٿئي پِڙي تي ناهي هلڻو ڇا!؟"، وسائي هڪل ڪري جواب ڏنو: "آيو آيو چاچا......... ٿورو صبر!".

وسايو هڪ ننڍو ڇيلو ڏوريندو اچي ڏاتسن ۾ چڙهيو. ڏاتسن ۾ مال سان گڏ ياڳيا ۽ واپاري به سوار هئا. نورو واپاري تمام گھڻو سينيئر ۽ تجربيڪار واپاري هو وسائي سان پُراڻي عليڪ سليڪ هئس. وسايو "چاچا نورا ڏي خبر پلا پِڙي ۾ مال جا ريٽ ڪيئن پيا هلن؟".

چاچي نوري ٿڌو شوڪارو پريندي ڳالهايو: "ابا بس ڪهڙا ٿو حال پُڇين!، هڪڙو ٻهراڙي ۾ پاڻي ڪونهي ان ڪري مال جو گاهه ٿيو ڪونه، مال ڪمزور لڳو پيو آهي مٿان وري شهري ڪاسائين ۽ واپارين جا نخرا آهن، هٽي مارڪيٽ ئي ڊاؤن ڪري ڇڏي اٿن!، وري هاڻ ته نئون رينگٽ شروع ڪيو اٿن چون ٿا پِڙي شهر مان ٻاهر ڪڍي بائي پاس تي ڪبڙ پير جي درگاهه وٽ لڳائي اٿن، اج پهريون ڏينهن آهي الله خير ڪري من ڪو ٻاهر جا واپاري آيا هجن ته ڪو مال جو چڱو اگهه ملي!!".

وسايو، چاچو نورو ۽ ٻيا واپاري ڪچهريون ڪندا اچي بائي پاس واري نئين پِڙي تي پهتا، وسائي چاچي کي چيو: "چاچا منهنجو ڇيلو تڪڙو کپائي ڏجئو ننڍڙي کي چار ڏينهن کان بُخار آهي، پئسو پائي به ڪونهي سو وڃي علاج ڪرايانس".

سيني واپارين ۽ ياڳين ڏاتسن مان مال لاهي پنهنجي هٿن ۾ ڪيو اجان بيٺا مس هئا ته پنج ڇهه ڄڻا نيٽن (لڪڻ) سان ڦري آين: "ابا جلدي مال جي پرچي ڪترايو..... جلدي ڪريو". وسائي کيسي مان ٽيهه رُپيه ڪڍي کين ڏنا ته وڏين مُڇن سان ٿُلهي ٽنيري همراهه چماٽ وهائي ڪڍيس: "اڙي ٻِشني....... هي ڇا ٿو ڏين!؟، توکان ڪو اسان پِنون ٿا ڇا؟، جلدي جلدي تي سئو رپيا ڪڍ!". وسائي رڙ ڪئي: "پر سائين پرچي ته ٽيهه رپين جي هُئي نه!؟".

وري ساڳي همراهه هڪل ڪيس: "اڙي ٻِشني جلدي پئسا ڪڍ نه ته پيچائين نه ڏندا!". وسائي چاچي نوري کان ٽي سئو رپيا وٺي کين ڏئي جان آجي ڪرائي، ڪيس سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هي ڇا پيو ٿئي، سيني پاسن کان رڙيون هيون، ڪن وڏي وات دانهون پئي ڪيون: "اهو ظُلم آهي، نا انصافي آهي!"، ته ڪن خاموشي سان پئسا پئي ڏنا.

اچانڪ هڪڙي پاسي کان پِڙي جي ٺيڪي وارن ڏاڍن مُڙسن ماڻهن کي لنيون هڻڻ شروع ڪيون، جن پئسن ڏيڻ کان انڪار پئي ڪيو انهن تي سخت تشدد پئي ڪين، ڪنهن پوليس کي اطلاع ڏنو پوليس وڏي نفري سان پِڙي واري جڳهه تي اچي پهتي، ماڻهن پوليس اڳيان دانهون ڪيون: "اسان سان انصاف ٿئي سائين، اسان غريب مزدورن کان "ڀتو" ورتو پيو وڃي!".

اوچتو وڏي قد ڌگهين مُڇن سان صوبيدار سپاهين کي هڪل ڪئي: "اڙي وٺو سيني کي......

مُعتبر پئسا ڪونہ ڏيندا....... پڙي انهن جي بابي جي آهي!؟". سپاهين ماڻهن ڪي مارڻ ڪُٽڻ شروع ڪيو ماڻهو مال ڇڏي پاڻ بچائڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن ڀڳا، صوبيدار صاحب جي حُڪم تي اچانڪ پوليس فائرنگ شروع ڪري ڏني.

ڪافي دير فائرنگ هلڻ کان پوءِ صوبيدار مُڇن کي وٽيندي سپاهين کي حُڪم ڪيو: "اڄي هاڻ بس ڪيو.... ڪيس ٺهي ويو!".

۽ پوءِ پنجاهہ کان وڌيڪ واپارين، پاڳين ۽ مزدورن کي جهلي ٺاڻي تي ڪٺي آيا ۽ سندن مٿان دهشتگردي جا ڪيس داخل ڪيا ويا، جنهن ۾ الزام لڳايئن تہ ڄاڻايل جوابدارن هُل هنگامو ڪري پوليس مٿان خون ڪرڻ جي ارادي سان سڌي فائرنگ ڪري ڊيوٽي اٽڪاءُ ڪيو آهي ۽ عام ماڻهن ۾ خوف حراس پئدا ڪيو آهي ۽ پوليس وارن کي زخمي ڪيو آهي ان ڪري سڀ دهشتگرد آهن.

سڀني گرفتار جوابدارن تي پڙي جي ٺيڪيدار ڏاڏي مُڙس جي خرچ سان هٿيار لڳايا ويا، وسائي جي هٿ ۾ 9MM پسٽل ٻن مئگزينن سان ڏيکاريو ويو.

وسايو لاڪ اپ ۾ بي حال اونڌو ليٽيل هو ۽ ڏک لڳڻ سبب نڪ مان رت وهي رهيو هئس، سندس هٿ جي پيڪوڙيل مُٺ ۾ ننڍڙي پُٽ جي دوائن واري پرچي پيل هُئي، وسايو انصاف لاءِ واجهائيندو رهيو پر سندس دانهن ڪنهن نہ ٻُڌي!.

صوبيدار صاحب وسائي کي خطرناڪ دهشتگرد ظاهر ڪندي ايف آءَ آر داخل ڪري ڇڏي، وسائي کي ائين محسوس ٿيو ڄڻ انصاف "اُگهاڙو" ٿي صوبيدار اڳيان نچندو هُجي!.

***

# ڪروڙ

(منظر پهريون)

**وڏي** جامع مسجد جي خطيب صاحب خُطبي ڪان پوءِ واعظ ۾ سڀني نمازين کي حُڪم واري انداز ۾ چيو. "ماشاءَ الله توهان سڀ مُسلمان آهيو. اليڪشن اچي رهي آهي، پنهنجي تڪ مان مولانا هدايت الله صاحب اليڪشن پيو وڙهي اُن کي ووٽ ڏئي ڪترايو. اِهو اوهان تي فرض آهي ۽ اهو الله جو فرمان بہ آهي تہ مسلمانو پنهنجي مسلمان ڀائرن جي مدد ڪريو. مولانا صاحب جي مقابلي ۾ سامهون اميدوار هندو ڪافر آهي. چون ٿا تہ وڏو وياج خور آهي...... مسلمانو اهو هندو ڪافر اگر کٽي آيو تہ...... اوهان سلامت نہ رهندا........ هتي حلال بدران حرام وياج جو ڪاروبار هلندو ان ڪري ووٽ مولانا کي ڏئي جنت پڪي ڪريو!".

(منظر ٻيو)

وڏي جامع مسجد جي لائوڊ اسپيڪر مان اعلان پئي ٿيو. "اسان جي حد جو ايم پي اي تيرٿ داس صاحب وڏو نيڪ انسان آهي، هُوءَ غير مذهب مان هُجڻ جي باوجود اسان جي مسجدن ۽ مدرسن جو خيال ٿو رکي، هو انسان ذات لاءِ پنهنجي دل ۾ درد رکندڙ شخص آهي، مسلمانوان مان ڪجھ پرايو. اسان سندس وڏا شُڪر گُذار آهيون جو هُن مسجد ۽ مدرسي لاءِ اسپيشل گرانٽ منظور ڪرائي هڪ هڪ ڪروڙ رپيہ ڏنا!".

مولوي صاحب جي وات مان ڪروڙ جو اُچار نڪرندي نڪرندي اُچار سان گڏ گِگ بہ وهي نڪتي!.

***

# راڌا

هُن جي سنهڙي چيلهه تي ڊِلو ڪنيل هو هُوءَ هرڻي وانگر ڇال ڏيندي پئي وئي اچانڪ سندس نظر لياقت تي پئي ته چهري تي لالي اچي ويس ۽ جسم ۾ عجيب قسم جي ڏڪڻي محسوس ٿيس، دل تيز تيز ڌڙڪڻ لڳس ۽ هُوءَ دلي کي سنڀاليندي تڪڙا تڪڙا قدم کڻندي گهر ۾ داخل ٿي وئي.

”راڌا“ جو جنم هندو گهراڻي ۾ ٿيو هو پڻس هارپو ڪندو هئس ۽ ٻيو سڄو ويڙهو به هاري هئس. لياقت وارا پاڙي ۾ رهندا هئا. ڪافي عرصي کان راڌا ۽ لياقت هڪٻئي کي ڏسندا هئا ۽ ائين پري وارا ديدار وڌندي وڌندي چاهت ۾ تبديل ٿي ويا ۽ ڪجهه عرصي ۾ ٻنهي وچ ۾ نينهن جو ناتو ڳنڍجي ويو پر ٻنهي جي وچ ۾ ”مذهب“ ديوار بڻجي بيهي رهيو نيٺ لياقت راڌا کي مائٽن جو گهر ۽ اباڻو مذهب ڇڏڻ تي راضي ڪري ورتو.

هڪ ڪاري رات جو گُگهه اونداهي ۾ راڌا ننڊ پيل امڙ ابي کي ڇڏي لياقت سان گڏ نڪري وئي. لياقت جي سُڃاڻ وارو ڪو دوست ٻئي شهر ۾ رهندو هو جنهن راڌا کي مسلمان ڪرڻ ۽ ٻنهي جو نڪاح ڪرائڻ جو بندوبست ڪيو هو.

لياقت ۽ راڌا رات جو لياقت جي دوست وٽ رهيا ۽ صبح ٿيندي ئي لياقت جي دوست چين اوهان ٻنهي کي پير صاحب وٽ وٺي ٿو هلان جيڪو راڌا کي مسلمان ڪري نڪاح پڙهائيندو.

لياقت جو دوست راڌا ۽ لياقت کي وٺي پير صاحب جي مدرسي آيو مدرسو حويلي جي پرسان هو هي سلام ورائي اندر داخل ٿيا. لياقت جي دوست پير صاحب سان ٻنهي جو ذڪر ڪري اڳواٽ ئي ٽائم وٺي ڇڏيو هو پير صاحب هنن کي ڏسي اچي سونهاري تي هٿ ڦيريو ۽ سُبحان الله ڪندي شروعات ڪئي؛ ”لياقت پُٽ اوهان پڪا مسلمان آهيو اوهان هن هندو ڪافرياڻي کي مسلمان ڪري جنت ۾ پنهنجو گهر پڪو ڪري ڇڏيو آهي“. پير صاحب ٻنهي کي وضو ڪري اچڻ لاءِ چيو.

راڌا کي لياقت وضو ڪرايو ٻئي وري اچي پير صاحب اڳيان ويٺا، پير صاحب راڌا کي ڪلمو پڙهائڻ شروع ڪيو. راڌا هڪڙوا اڳي ئي اڻ پڙهيل هئي، رهندو عربي ٻولي ته ڪيس ڪنهن پاسي کان به سمجهه ۾ نه آئي، رڳو پير صاحب جي زور زور سان عربي لفظن جي ورجائڻ تي آوازن جا اُچار غور سان ٻُڌي ان قسم جا آواز ڪندي وئي.

نيٺ وڏي مشڪل سان ڪلمو پورو ٿيو ته پير صاحب لياقت ۽ سندس دوست کي مبارڪون ڏنيون ۽ راڌا جو نالو بدلائي سڪينه رکيو ۽ راڌا کي مبارڪون ڏنيون ۽ چيو ته اوهان هاڻ هفتو کن هتي رهي پئو ڇو ته ٻاهر راڌا جا مائٽ ڪافر راڌا خلاف واويلا ڪندا، اها بند ٿئي ته پوءِ هتان هليا وڃجئو.

لياقت پير صاحب جي چوڻ تي حامي ڀري ۽ اُتي رهڻ جو فيصلو ڪيو. لياقت کي مدرسي ۾ رهڻ جو حُڪم مليو راڌا کي حويلي ۾ موڪليو ويو.

رات ٿي تہ راڌا عرف سڪينہ کي پير صاحب جي ٻانهين تيار ڪري سينگاري ويهاريو. راڌا خوش هُئي تہ اڄ لياقت سان سندس زندگي جي نئين شروعات ٿيندي، اڄ سندس سيني سان لڳي ڪيس پاڻ ارپي ڇڏيندي، رات جا ٻارنهن ٿيا هئا انتظار جون گهڙيون ختم ٿيڻ جو نالو ئي نہ پيون وٺن. نيٺ ٻارنهن وڳا تہ ڪمري جي لائٽ اچانڪ بند ٿي وئي، راڌا جي دل هڪ دفعو وري تيز تيز ڌڙڪڻ لڳي، هڪ پاڇو هو جيڪو سندس ويجهو ٿيندو پئي ويو ۽ اچي بيڊ تي پر سان ويٺس!.

راڌا وڏي پيار سان سِڪ مان لياقت جي چهري کي ڇُهڻ لاءِ پنهنجا هٿ وڌايا تہ حيرت جي انتها نہ رهيس ۽ وڏي رڙ نڪري ويس، هٿن ۾ لياقت جو چهرو نہ پر پير صاحب جي "سُونهاري" هئس!!.

***

# پڙوت

***تاءِ*** کي سڌو ڪندي هُو سئولو ٿي ويٺو ۽ صاحب جي مُنهن ۾ ٻُڪيي ڪُتي وانگر تڪڻ لڳو.

صاحب جو ڌيان ٻين ماڻهن طرف هو هُن ڪنگهڻ جي اداڪاري ڪندي زبردستي ٻَلي مان ٻي سُرا آواز ڪڍيا پر صاحب پوءِ بہ هن جي طرف مُتوجہ نہ ٿيو!. هي آهستہ آهستہ ڪُرسيون مٽائيندو وڃي صاحب جي ويجهو واري ڪُرسي تي ويٺو.

جڏهن ڌڻائين تہ صاحب هن کي ڌنو اڻ ڌنو ڪري ڇڏيو تڏهن صاحب جو ڌيان ڇڪرائڻ لاءِ سندس تعريف ڪرڻ جي خيال سان چيائين: "سائين اوهان جو جُوتو ڏاڍو خوبصورت آهي، اهڙو جُوتو هن شهر ۾ ڪنهن وٽ ناهي!". صاحب کيس ڏسندي مُسڪرايو تہ هن وري ڳالهايو: "اوهان جي ٽاءِ امپورٽڊ ٿي لڳي شرٽ تہ لاجواب آهي!!".

صاحب مُسڪرائيندي هن جي طرف ڌنو ۽ چيس: "صبح کان منهنجي مشهوري مُهم شروع ڪر، هاڻ وڃ وڃي ڪم سان لڳ........ تنهنجي "پڙوت" جو انداز ڏسي لڳي ٿو وڏي ترقي ڪندين!".

❋❋❋

# ڪردار

**حاجي** امام بخش ڏاڙهي مُبارڪ تي هٿ ڦيريندي ڳالهه جي شروعات ڪئي: "ادا جُمن اڄڪلهه ايمان موڪلائي ويو آهي، نفسا نفسي جو دور آهي، ماڻهو پيا هڪٻئي جو ماس پٽين، نوجوانن ۾ به اڄي بُرائين جي ويا ڪاهي پئي آهي، سڄو ڏينهن وتن نشا پتا ڪندا ۽ اهو نياڳو موبائل سڄو ڏينهن اٿن هٿ ۾، پنهنجي مُنهن وتن ٽا پٽونر وانگر پُون پُون ڪندا!. "ڪردار" نالي ڪا شئي نه رهي اٿن!". جُمن هائو حاجي بلڪل سچ ٿا چئو.

حاجي صاحب وري ڳالهه شروع ڪئي: "اسان جي دور ۾ ايمان هو حياءُ هو هاڻ ته ڇورن ۾ لڇڻ ئي ڪونهي!. وڏي ننڍي جو ادب ئي نٿا ڪن". ڪٿبن تي ويٺل الُو به حاجي صاحب جي ڳالهه جي تائيد ڪندي هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو. پٽيل الهرکيي سڄي ڪچهري ٻُڌي ويٺي ۽ ڪنڌ ڌوڻي هائوڪار ويٺي ڪئي. پٽيل ڳالهائيندي چيو: حاجي صاحب اوهان جون ڳالهيون برحق سچيون آهن پر هڪ ڳالهه مون کي به ٻڌايو اسان جي ڳوٺ جي ڇورن جي بگڙجڻ جي وجهه ڪهڙي آهي؟".

حاجي صاحب مٿو ڪنهندي چُپ ٿي ويو. پٽيل وري ڳالهايو: "حاجي پنهنجي ڳوٺ ۾ ٻاويهه سالن کان اسڪول ٺهيل آهي ۽ جنهن ڏينهن اسڪول ٺهيو اوهان جي اڳيان وڏيري غلام علي کي ماستري جو آرڊر مليو". حاجي صاحب هائوڪار ڪئي، "حاجي ماشاءَ الله وڏيرو غلام علي هينئر سورهين "عمري شريف" جي سعادت لاءِ عربستان ويل آهي ۽ پنج ڪن حج ڪري ويٺو آهي پر حاجي صاحب، جُمن، الو اوهان شاهد آهيو انهن ٻاويهه سالن ۾ غلام علي ڪڏهن اسڪول ۾ ويهي ناهي پڙهايو. مطلب ته اهي ٻاويهه نسل خراب ٿيا، هاڻ جي اهڙا حال هوندا ته ڇورن ۾ لڇڻ ڪٿان ايندو؟، واقعي ميجيان ٿو ڇورا ڪردار ۾ ڀُٺتي پئجي ويا آهن پر پنهنجي مُعززين جا ڪردار به ڳٽڻ جهڙا ناهن رهيا!!.

***

# سرڪس

“**سائره** منهنجا بوسڪي وارا ڪپڙا پريس ڪري ڇڏيا هُئيي؟؟”.

“ها ڪپڙا پريس ٿيل آهن, الماري ۾ رکيل آهن”, جوڻس پُڇندي, “سوير سوير ڪيڏانهن جي تياري آهي؟”.

“وڃان ٿو ٿر شادي جي دعوت آهي!”.

“اهو ڪٿي آهي؟”.

“هتان ڪان ڪار ۾ چار ڪلاڪ جو پنڌ آهي”.

“هل........!, پلا ايترو پري دعوت تي وڃڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟”.

“ڇا ڪريون سائره ڏاڍا سُٺا دوست آهن وڃڻو پوندو!”.

“نيڪ آهي پلي وڃ”.

عابد صاحب ٿرپارڪر شادي جي دعوت ۾ وڃڻ لاءِ صبح ڪان تياري ڪري رهيو هو پر هڪ ڳالهه تي مُنجهيل هو تہ ڪيس هڪ ئي ڪاج جون چار الڳ الڳ ڪارڊن جي صورت ۾ دعوتون هيون. دعوت جو هنڌ ۽ وقت ساڳيو پر گهوٽن جا نالا مختلف هئا!.

سيني ڪارڊن ڪي اُٿلائي پُٿلائي ڏٺائين پر سندس مونجهاري جو تدارڪ ڪونہ ٿيو هي اجان بہ وڌيڪ مُنجهي پيو. ذهن ۾ عجيب ولوڙ ٿيڻ لڳس, چار مُعزز ماڻهو انهن جون دعوتون ساڳي جڳهہ, ساڳو ٽائم...... هن پريشاني ۾ دوست کي ڪال ڪئي, اُن ڳالهہ واضح ڪري ٻُڌايس, “ادا ڳالهہ اصل ۾ اها آهي تہ هتي رواج آهي تہ هڪ ئي وقت پنج پنج گهوٽن جون شاديون ساڳي جڳهہ تي گڏ ٿينديون آهن ۽ خرچ ۾ سپ پاڳي پائيوار هوندا آهن, باقي “پُوئو” الڳ الڳ وٺندا آهن!”.

هي ڳالهہ ٻُڌي مُنجهي پيو سمجهہ ۾ نہ آيس ڇو تہ اڳ ۾ ڪڏهن اهڙي قسم جي دعوت ۾ نہ ويو هو. ٻئي طرف آفيسر صاحب ڇڳي مڙس کي مخاطب ٿيندي چيو: “پائيا ڊيڪوريشن واري سان مون ڳالهائي ڇڏيو آهي پاڻ کي سُٺو سامان بلڪل رعايت سان ڏيندو, فُل سائيز جا بہ وڏا شاميانا ڏيندو, ڊاڪٽر صاحب ۽ ٻين تي پنهنجا ڪم رکي ڇڏيا آهن, هاڻ اوهان کي رڳو ٻاڪرو مال وٺڻو آهي جيڪو اوهان جي ذمي آهي!”.

ڇڳي مُڙس پهريان تہ ڪياڙيءَ کنهي پوءِ چيو: “پائيا ڳالهيون سپ سون پر اهي ڊيڪوريشن واري حصي جا پنجويهہ هزار گهڻا آهن اجان ڪجهہ رعايت ڪرائين...... ها هونئن بہ پاڻ کي ڪهڙو نالو بيهارڻو آهي؟, پت ۾ پاڻ کي رڳو ڏنل “پوئي” جا پئسا مُنافعي سوڌو وراڻا آهن!”, صاحب

ڳالهائيندي: ”پائيا چئين ته برابر سچ ٿو پر ڊيڪوريشن واري اداڻي لڪ جو بل ٿاهيو هو جيڪو رعايت ڪرائي ڪرائي لک رپئي تي راضي ڪيو آهي دعوتي به ته جام آهن نه!؟ ڊاڪٽر صاحب جا پندرنهن سئو ڪارڊ ورهايل آهن. منهنجا پنهنجا به هزار ڪارڊ ورهايل آهن. اوهان ٻنهي جا هزار هزار الڳ ڏنل آهن. مهمان به جام ايندا“.

چڱي مُڙس هائوڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ کيسي مان موبائل ڪڍي ڪنهن کي ڪال ڪئي: ”ابا اهو پنهنجي پاسي ڏُڪار ستيل ٻڪريون جيڪي بيماري ۾ مرن پيون اهي ڪهڙي حساب ٿا وڪڻو؟“.

اڳيان جواب آيو: ”ٽي هزار جو پُنو ڏيون پيا“.

چڱي مُڙس سئو ٻڪرين جو آرڊر ڏنو تياري شروع ٿي وئي. عابد صاحب پنهنجي ڪرولا گاڏي جي چار ڪلاڪ جي ڊرائيو ڪري پٽ واري هنڌ پهتو هو. ساڻس هڪ ٻيو دوست به گڏ هو. ميزبانن هنن کي سُنو آڏرياءُ ڪري اندر ويهاريو. هن چئوڌاري نظر گهمائي ته ڏٺائين شادي جو شاميانو لڪي اسٽار سرڪس جو ڏيک ڏئي رهيو هو. رش انتهائي گهڻي هئي، ٽن پاسن کان ماني جو انتظام هو. ماڻهو ماني کائي نڪتا پئي، اڪثر ڏند ڪوٽيندا پئي ويا، هي به انتظار ۾ هئا ته ماني لڳي ته به گِره هڻي ٽائم سان واپس نڪرن ڇو جو وري چار ڪلاڪ جو پنڌ ڪرڻو هُئن. نيٺ انتظار جون گهڙيون ختم ٿيون ۽ هنن کي ماني لاءِ سڏ ٿيو. ماڻهو تيزي سان ماني واري پاسي وڌندا پئي ويا.

هي به دوست سان گڏ اندر داخل ٿيو. اندر ويهڻ لاءِ ڪرسيون نه هيون. بيهي ماني کائڻ جو بندوبست هو. هي پليٽ کڻي طعام واري ٽيبل ڏي وڌيا. ڇا ڏسن ته طعام ۾ به وڏا ٿالهه رهي (شوري) جا پريا پيا هئا ۽ هڪ ڪُڪڙ جي ٻوڙ جو ٿالهه هو ۽ هڪ گجرون وڌل چانورن جو ٿالهه جيڪي اهڙا هئا جهڙو چائنيز کي مُنهن تي ٻُجو هجي!.

بحرحال ٿالهه ۾ چمچ کي ڇپوءَ وانگر هلائيندي هن کي هڪڙي ٻوٽي هٿ لڳي جيڪا ٿالهي ۾ وجهي وچي پرپرو ٿي بيٺو. به ماني جا ٽُڪر امداد ۾ مليل سُڪل ڊوڊن جيئان هٿ ۾ جهلي رهي ۾ گره گهمائي کائڻ لڳو. به ٽُڪر کائي ٻُوٽي کائڻ جي ڪوشش ڪيائين ته ٻوٽي ايتري پڪي هُئي جڻ ڪو پٿر!. ٻُوٽي مان ٻُوءَ الڳ سان محسوس ٿيس، هن کي ائين لڳو جڻ ڪنهن پوڙهي مينهن جي ٻُوٽي آهي. بحرحال هي جيڪو چار ڪلاڪ ڊرائيو ڪري چار معتبر ماڻهن جي دعوت تي پهتو هو هن کي ماني مهل ائين محسوس ٿيو ته جڻ هي سينٽرل جيل جي ڪنهن ڪولي ۾ اڌ ڪچو اڄ پڪو ڪاڏي جو پتو پيو وٺي!.

ٻاهر نڪري پوئي لکرائڻ جي ارادي سان پوئي لکڻ واري جي پُڇا ڪيائين ته ڪنهن سامهون هڪ تنبوءَ ڏي اشارو ڪيس، هي اڳتي وڌي تنبوءَ ڏي ويو. اُتي صورتحال ڏسي دنگ رهجي ويو!. اُتي دهي ٻڙي، چڻا چاٽ، برياني وڪڻڻ وارن وانگر چار اسٽال لڳل هئا. هرهڪ مٿان شادي واري ميزبان جو نالو لکيل هو.

هي اهڙو سيڪجهہ پهريون دفعو ڏسي رهيو هو بحرحال سيني سان سُٺو واسطو هجڻ ڪري هر استال تي هزار رپئي جو بِل لکرايائين ۽ بغير ڪنهن ڪان موڪلائڻ جي اڃي گاڏي ۾ ويٺو موبائل فون جي گهنٽي وڳي، ڪال اوڪي ڪري هيلو ڪيائين، ٻئي پاسي پيارو دوست موهن هو. "يار ڏي خبر اڄ ته آيل هُئين شادي تي مون ڏي نٿو اچين ڇا؟".

هن جواب ڏنو. "يار ڪجهہ ڪم آهن. تڪڙو آهيان. وري ڪڏهن ايندس!".

دوست پُڇيس. "ڏي خبر ڀلا دعوت مزو ڏنو؟. انجوائي ڪئيي!؟". هن جي زبان مان صرف ايترو نڪتو. "بس ادا ڇا جي انجوائمينٽ!؟. پئسا ڏئي بي عزتو ٿيڻو هُجي ته پوءِ ڀلي اهڙيون ياريون نڀائجن. ڪاڄ ڪونہ هو پئسہ ڪمائڻ ۽ ڏنڏي جو نئون انداز هو!".

هفتي ڪان پوءِ سندس آفيس آڏو نئين ماڊل جي هُنڊا سِوڪ ڪار اچي بيٺي، هن سمجهيو ڪو وڏو ڪلائينٽ آهي، ايتري ۾ سدائين فتل مهراڻ تي ايندڙ سندس دوست حاجي عبدالرحمان اچي لٿو. سندس اکين ۾ سواليہ نشان ڏسندي حاجي ڪجهہ پڇڻ ڪان اڳ ئي چيو. "جوئي ڪي ٿو ڇوري ري پت ري پوئي را ارڙهن لک رپيا بچي گيا. هتا هون گاڏي لي ڇوڙي".

سندس جسم مان ايندڙ پگهر جي ڏپ ڪيس شادي ۾ ڪاڌل ٻوٽي جي ڏپ جهڙي محسوس ٿي.

***

# INBOX

**ميسينجر** جي انبوڪس ۾ ميسيج ٺڪاءُ اچي ڪيس:

Hi Moomal How are you?

مومل جيڪا اُن وقت پنهنجي ٿيسز لاءِ گُوگل تان مواد ڳولي رهي هئي ان ميسينجر واري ميسيج کي اڻ ڏٺو ڪري نظر انداز ڪري ڇڏيو ٿوري دير کان پوءِ وري ٻيو ميسيج آيس:

I think you are busy!.

هي لڳاتار پنهنجي ڪم ۾ مصروف هئي، وري ميسينجر کي اگنور ڪري ڇڏيائين، ٿوري دير کان پوءِ وري ساڳي آءِ ڊي تان ميسيج آيس:

I think you are a boy..... And using this fake i.d.

هن وري بہ اگنور ڪيو. نيٺ ميسيج وڌندا ويا ايستائين جو پريشان ٿيڻ لڳي ۽ نيٺ هڪ ميسيج ريپلائي ۾ لکيائين: “ادا پليز مون کي ميسيج نہ ڪريو”.

سامهون کان ايندڙ ريپلائي پڙهي هوش اُڏي ويس: “آئون تنهنجو ادا نہ پر عاشق آهيان، مون کي پنهنجي تصوير موڪل ۽ وڊيو ڪال تي ڳالهائي” ۽ لڳاتار سامهون کان ڪالون اچڻ لڳس نيٺ مجبور ٿي هن ڪيس بلاڪ ڪري ڇڏيو.

هن جيئن فيس بُڪ آءِ ڊي ٺاهي هئي تہ اهو روز جو معمول بڻجي ويو هو. ڪئي بظاهر خوش اخلاق فيس بُڪ تي مهان نظر ايندڙ ماڻهو بہ اهڙا تہ غليظ ۽ گندي ٻولي ۾ ميسيج ڪندا هئس جو پڙهي چڪرائجي ويندي هئي ۽ روز سوچيندي هئي فيس بُڪ آءِ ڊي ئي بند ڪري ڇڏيان!.

هن کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ ڇا ڇوڪري ٿيڻ گُناهہ آهي؟. ڇا اسان جي سوسائٽي جا مرد “سُوئر” ٿي چڪا آهن؟.

هن کي انتها جي حيرت تڏهن ٿي جڏهن هڪ ڄاتل سُڃاتل نالي واري عورتن جي حقن جي علمبردار شخص انبوڪس ۾ ميسيج ڪيس: “تون ڏاڍي سُهڻي ۽ سيڪسي آهين. تون مون کي ڏاڍي وڻين ٿي اگر مون سان دوستي ڪندين تہ جيڪو گهرندين اهو ڏيندوسانءِ”.

هي ٻئي هٿ مٿي تي رکي سوچي ٿي: “ڪاش......... مرد بہ جانور مان انسان ٿي پئي!”.

***

# ترقي

"**بابا** واحد جلدي اُٿ اها نياڳ واري ننڊ ڇڏ".

"بابا خير ته آهي، اڄ آچر جو ڏينهن آهي منهنجي موڪل آهي اڄ ته سُمهڻ ڏيو!".

"واحد پُٽ اڄ اوطاق تي مرشد گيدوڙي فقير جو پروگرام رکيل آهي، تون اڃان سمهڻ جي چڪر ۾ لڳو پيو آهين".

"بابا انهن گيدوڙن ۽ ڏاڙهن کي پاڻ وچي ڏسو آئون نه هلندس!".

واحد جو پيءُ اها ڳالهه ٻُڌي تيش ۾ اچي ويو: "اڙي نياڳا پِٽجي ويندين!، مُرشد سڳورو پُهتل آهي پنهنجو..... اڙي وات ڳاڙها تون جڏهن ننڍو هئين ته تنهنجي وارن جي ڇڳ ڪٽي سائين توکي مُريد ڪيو هو".

"بابا ان وقت به منهنجي وارن جي پيينگ اوهان ڪرائي هوندي!، مون ۾ جي عقل هجي ها ته تڏهن ئي مرشد کي اک وارو پٽر هڻان ها".

بابو واحد کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو ٻاهر نڪري آيو وري ڏاڏو اندر واحد جي ڪمري ۾ داخل ٿيو: "بابا واحد پٽهين کي ڇا تي ڪاوڙايو اٿئي جو گارين جي لولي پئي تي پويس!".

"ڏاڏا الائي جي ڪهڙو گيدوڙو ٿو اچي!. بابا چئي ٿو پنهنجو مرشد آهي اڄ اوطاق تي".

ڏاڏي شفقت ۽ پيار سان واحد کي سمجهائيندي چيو: "پُٽ گيدوڙي فقير جا پاڻ ابن ڏاڏن کان مريد آهيون، اسان گيدوڙي سائين جي والد محترم مرشد داسوڙي فقير جا مريد آهيون. مرشد هميشه گهوڙي تي پٽڪو ٻڌي اچي اوطاق تي پهچندو هو ۽ ڪئي ڏينهن هتي رهيو پيو هوندو هو. پوءِ اسان پيا فيض وٺندا هئاسين ۽ ڏن گڏ ڪري ڏيندا هئاسين، ان دور ۾ اسان ڏاڍا خوشحال هئاسين. منهنجي والد تنهنجي پڙ ڏاڏي وٽ پنهنجي ذاتي جيپ هوندي هئي".

"ڏاڏا پيلا گيدوڙو فقير به گهوڙي تي چڙهي ايندو آهي!؟".

"نه پُٽ الله جي ڪرم سان مرشد گيدوڙي فقير وٽ به لينڊڪروزر گاڏيون آهن ۽ هن سال مُرشد اليڪشن ۾ پُڻ حصو پيو وٺي!".

واحد: "واهه ڏاڏا واهه..... توهان جيڪي ابن ڏاڏن کان رئيس هئا، جن وٽ ايترو سڀ ڪجهه هو انهن وٽ هينئر چڙهڻ لاءِ گڏهه به ڪونهي ۽ هي ٺڳ ۽ جعلي مرشد اوهان جي ڏن جي پئسن مان لينڊڪروزر تي چڙهيو پيا گُهمن!".

واحد جو ايترو چوڻ هو ۽ ڏاڏي لٺ ۾ هٿ وڌو ۽ گاريون ڏيندي هڪل ڪيائينس: "اڙي مُنڪر........ مُرشد پاڪ جي خلاف ٿو ڳالهائين!؟؟".

واحد چمپل هٿ ۾ ڪئي ۽ ڪمري مان ڊوڙي نڪري ويو.

***

# لوسي ڪُتو

**گلي** ۾ ويندي رول ڪُتن جون سر عام عشق بازيون ڏسي ڪِل اچي ويس. دل ئي دل ۾ سوچيائين:
“انهي ڪري ته مشهور آهي ڪُتا نُوس نُوس ڪندا آهن!”.

آفيس پهتو ته صاحب رائونڊ تي هو. هي صاحب کان اک بچائي وڃي پنهنجي ڪئبن ۾ ويٺو. ڏٺائين ته صاحب آفيس ۾ آيل نئين ڇوڪري کي پيرن کان وٺي مٿي تائين جنسي نظرن سان گهوري ڏسي رهيو هو.........

❋❋❋

# مُرشد پاڪ

رات اوطاق تان اُپ ڏاريندڙ رڙيون پئي آيون.

ڳوٺ جي چئونڪ واري دڪان تي سُس پُس پئي هلي: “ويچاري جمعي جو اڄ خير ڪونهي، ڪلهه مرشدن جي گهر وٽان مٿي اگهاڙو گذريو هو سو اڄ وڏو پير سائين اُبتي کل لاهي ڇڏيندس!”.

ٽي چار ڪلاڪ اوطاق مان مسلسل رڙين جا آواز ايندا رهيا، ڳوٺ جي ماڻهن ۾ بيچيني وڌي پئي نيٺ آواز اچڻ بند ٿي ويا. سيني ڏٺو ته اوطاق مان گڏهه گاڏي تي جمعي کي ڪنيو پئي ويا.

جمعي کي وڏي سائين چوري جي ڪوڙي ڪيس ۾ پوليس حوالي ڪري ڇڏيو. اڌ رات جو ڪمدار جمعي جي گهر جو دروازو اچي وڄايو. جمعي جي ڌيءَ ۽ گهر واري نڪري آيون جن کي ڪمدار اوطاق تي اچڻ لاءِ چيو.

جمعي جي گهر واري ۽ ڌيءَ اوطاق تي پهچي مرشد جي پيرن ۾ ڪري پيون ۽ ايلاز منٿون ڪرڻ لڳيون: “مُرشد سائين جمعون بي ڏوهي آهي، مرشد پاڪ اسان کي بخش ڪر”.

مُرشد پاڪ مُڇ وٽيندي جمعي جي زال کي چيو: “تو واري ڇوريءَ کي ڇڏي وڃ..... جُمعون ۽ ڇوريءَ ٻئي صبح جو گهر پهچي ويندا!”.

جمعي جي زال مڙس جي زندگي لاءِ ڌيءَ جي قرباني ڏئي ٽڪل قدمن سان گهر پهچي صبح ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳي.

***

# گهڻا ٻار

"فاطمہ..........

"جي سائنڻ............

"ڇوري تون وري پيٽ سان ٿي وئي آهين!؟".

"جي سائنڻ الله جا احسان آهن وري پيٽ سان آهيان سائنڻ!".

"ڇوري شرم ڪر. هي ڪائون نمبر ٻار اٿئي!؟".

"سائنڻ مالڪ ڪرم ڪيو آهي ستون نمبر آهي سائنڻ!".

"ڇوري تو وارو مُڙس ڀلا ڪهڙو ڌنڌو ٿو ڪري؟".

"سائنڻ چنگچي رڪشا ٿو هلائي!".

"ڇوري ڀلا ڏينهن ۾ گهڻا ڪمائي ٿو اچي؟".

"سائنڻ مڙئي الله جو شُڪر آهي چار پنج سئو بچائي ايندو آهي سائنڻ!".

"ان پئسن مان گهر سُنو ٿو هلي؟".

"سائنڻ بس ڇا سُنو ٿو هلي!، روز جو اٽو ڪڻڪ ڇانهہ ۽ ٻارن جي دوا پوري مس ٿي پوي مٿان وري جيڪو پنجاهہ ڪن بچي ٿو ان مان مون وارو مُڙس ٽري جي ٽيلهي وٺيو اچي بس سائنڻ ائين ئي زندگي جو گاڏو گهلجي پيو!".

سائنڻ: "ڇوري پوءِ جڏهن ايتري آمدني نہ اٿئو تہ ايترا سڄا ٻار ڇو ڄڻيا اٿئو؟".

فاطمہ ڪنن جي پاپڙين کي هٿ لائيندي نڪ تي ڪٽي هٿ رکيو: "سائنڻ توبهن توبهن ڪريو الله جو پاپ لڳندو ڀلا ٻار بہ ڪي اسان جي وس آهن ڇا!؟ الله سائين پاڻ ڏيندو آهي ان ۾ اسان ڪيئن ٿا دخل اندازي ڪري سگهون ۽ اولاد پئدا ڪرڻ تہ عورت تي فرض آهي ڪيس ان اولاد جي صدقي بي انتها ثواب ملي ٿو ۽ عورت لاءِ الله سائين پاڻ جنت ۾ جاءِ ناهي رکي ٿو!".

سائنڻ: "اٽي ڇوري مار پوئي ڪا.......!، توکي ڪنهن ٻُڌايو تہ گهڻا ٻار پئدا ڪرڻ ثواب آهي؟".

"سائنڻ هُوءَ اسان جي پاڙي وارو سائين خُدن مُلان آهي نہ ان منهنجي مُڙس کي اهو ٻُڌايو هو".

سائنن: "فاطمہ بابا دُنيا چنڊ تي وڃي پهتي آهي هاڻ تون بہ بس ڪر ٻار ڪٽي بند ڪرائي، ڪيستائين ان موالي مُڙس سان گڏجي ٻار ڄڻيندين!".

فاطمہ: "سائنڻ توبهن زاري آهي گستاخي معاف ڪج باقي اوهان پڙهيل لکيل مايون نہ ڪُفر ٿيون ڪريو. بہ ٻار ڄڻيو پوءِ وتو گُهمنديون اوهان تي عذاب نازل ٿيندو، مون کي تہ ڪڏهن ڪڏهن

شڪ ٿيندو آهي تہ اوهان جا مُڙس مرد ئي ڪونهن!“.

سائنڻ فاطمہ جي ڳالھہ ٻُڌي مُسڪرايو ۽ ڪيس چيو: ”ڇري ڇوڪري گهڻا ٻار پيدا ڪرڻ ڪا سورهيائي ناهي بلڪ اڄڪلھہ جي دور ۾ بي لڄڻائي آهي، ٻارا اوترا پيدا ڪريو جن کي اوهان سُٺو مُستقبل ڏئي سگهو سُٺو ڪارائي پارائي سگهو. فاطمہ آئون اگر ڏهہ ٻار ڄڻيان ها نہ تہ اڄ منهنجا ٻار اسڪول نہ وڃن ها نڪي آئون ڪا ائين صحتمند هُجان ها، نڪي آئون پنهنجي ٻارن کي سُٺو ڪارائي پارائي سگهان ها، فاطمہ هاڻ دنيا ترقي ڪري وئي آهي هاڻ گهڻا ٻار ڄڻڻ کي سُٺو نٿو سمجهيو وڃي، تون پنهنجو ئي مثال وٺ ڇهہ ٻار اٿئي، ستون پيٽ ۾ پيو پلئي تنهنجا گهڻا ٻار اسڪول ٿا وڃن؟“.

فاطمہ سائنڻ جون ڳالهيون ٻُڌي سوچن ۾ گُم ٿي وئي، سوچيندي سوچيندي يڪدم اُٿي بيهي رهي ۽ ڳالهائڻ لڳي: ”سائنڻ اوهان جي ڳالھہ مون کي سمجھہ ۾ اچي وئي آهي، مون تہ پنهنجي ۽ پنهنجي ٻارن جي زندگي تباھہ ڪري ڇڏي پر هاڻ ٻين مائين جي زندگي تباھہ ٿيڻ نہ ڏيندس. آئون اڄ کان ئي پنهنجي مُڙس کي چوان ٿي تہ هاڻ بس گهڻو ٿيو هاڻ ٻار نہ ڄڻيندس ۽ ڳوٺ جي ٻين مائين کي بہ اها ڳالھہ سمجهايان ٿي!“.

❊❊❊

# پاڪائي

“**بابا** سليمان ٻُنيان آفيس ۾ ٻنيءَ واري اوطاق جو خيال رکجان آئون وڃان پيو پلي پار “عمري شريف” لاءِ”.

سليمان: “جي سائين!”.

“بابا ٻيو ڪو ڪم ڪار هجي تہ چوري خُدو کي چئجان تہ پاڻهين مون کي فون تي ٻڌائيندو ۾ ها هاڻ وڃڻو اٿم ڪريم ڏني صاحب جي آفيس، صاحب پلوڙ ماڻهو آهي پر ٻُنئين هفتي ٻنيءَ جي ڪاتن تان مڙئي ڏند چڪ ڪي پئي هُئي سو بخشرايان تہ جيئن پلي پار ڪنهن جو قرض ۾ ڪا ڪاوڙ ڪروڌ نہ ڪٽي وڃان”.

سليمان جي سائين چئي خاموش ٿي ويو اج ڪيس اُميد هئي تہ صاحب پلي پار وڃڻ کان اڳ ۾ سڀ قرض چُڪتو ڪندي ڪيس بہ ياد ڪندو ۾ هارپي جي بچت جا لک رپيا ۾ ڇهہ مهينن جي رهيل پگهار ڏيندو پر صاحب کان “پلي پار” جي حُب ۾ سليمان جو قرض ائين وسري ويو جيئن واٽئي کان وياج وٺڻ جي خوشي ۾ اصل رقم وٺڻ وسري ويندي آهي.

***

# روينيو وارو صاحب

**روينيو** عملدار حاجي خان جي پُٽ جي شادي جو ڪاج هو. هڙئي ضلعي جا گڙنگ وڏيرا ۽ آفيسر پهتل هئا. دعوت انتهائي اعليٰ درجي جي هئي. ڪُڪڙ، اڇو ٻُوڙ، ڳاڙهو ٻوڙ، ٻڪر اڇو ٻوڙ، پُڳل ٻڪر، برياني چائينز مِني ۾ پنج ڇهه قسم. تِتر جو گوشت، هرڻ جو گوشت، وڏي جو گوشت، مڇيءَ ۾ فنگر فِش، جهينگا، پلو، فروٽ چاٽ جا ٻه قسم. ٻڪر جي ران جون سجيون مطلب ته ويهارو ڪان مٿي کاڌن جا قسم هئا.

تر جو ايم پي اي صاحب سندس دعوت جو مهمان خاص هو. حاجي خان جي دعوت ۾ تر جو هر خاص ماڻهو شريڪ ٿيو هو. ائين وري اوڙي پاڙي جي غريب غُربي کي ٻه نه وساريو هئائين.

ماستر "سڄڻ" کي ٻه شادي جي دعوت هئي سو پنج سئو پُوئي جا ڪيسي ۾ وجهي موبي پُٽ اصغر کي ساڻ ڪري اچي پهتو هو. اصغر جو هيڏي عاليشان دعوت ۾ ماڻهو ڏٺا ته اصل دنگ رهجي ويو ماستر کان پُڇيائين: "بابا هي "حاجي خان" ته وڏي ملڪيت ۽ پُهچ وارو ماڻهو آهي لڳي ٿو مائٽن جي وڏي جاگير اٿس!".

ماستر اصغر کي: "پُٽ ڏهه سال اڳ ۾ حاجي خان ان ايم پي اي صاحب جو مُنچي هوندو هو. جڏهن ايم پي اي صاحب جي پارٽي جي حڪومت آئي ته ان حاجي خان کي روينيو آفيسر ڀرتي ڪرائي ڇڏيو سو ان وٽ اها ملڪيت ابن ڏاڏن جي ڪونهي".

اصغر: "بابا پر حاجي خان ته وڏو نيڪ ماڻهو آهي، گهر جي مٿان ٻه تختي لڳل اٿس "هذا من فضل ربي".

ماستر مُسڪرائي اصغر جي پُٺن تي ٿڦڪي ڏيندي چيو: "پُٽ اهو فضل انهن جو مُريد اٿئي..........

❋❋❋

# مهان

**سائين** جي اوطاق تي ماڻهن جا ميڙا لڳا پيا هئا. ڪِن ماني پئي کاڌي, ڪِن شراب جا جام چپن تي چاڙهيا هئا, ڪي تہ ٽُن ٿيو نچيا پئي. سائين "دلاور خان" نشي ۾ ٽُن هڪ ڇورو ڪڇ ۾ ويهاريو ويٺو هو.

سائين جي اوطاق تي وڻ وڻ جي ڪاني ماڻهوءَ اچي گڏ ٿيا هئا, سرڪاري آفيسر, پوليس وارا, پڙهيل ڳڙهيل اديب شاعر مطلب سائين جي دعا سلام, هٿ جوڙي هر مڪتب فڪر جي ماڻهن سان هُئي.

انهن سيني ماڻهن ۾ هڪڙي ڳالهہ اهڙي هئي جيڪا هُوبهوءَ هڪ جهڙي هئي مطلب تہ سڀ جا سڀ شراب پيئندا هئا ۽ سائين کي ميزباني جو شرف بہ ان ڪري حاصل هو جو وٽس ڏن دولت جام هئي ۽ ماني ٽِڪيءَ تي خرچ ڪندو هو باقي لچڻ وارو خانو خالي هو.

سائين جن جو هن وقت شهر جي "مهان لونڊي بازن" ۾ شمار ٿيندو هو. اچانڪ محفل ۾ گوڙ شروع ٿي ويو. دلاور خان جون گاريون محفل ۾ گونجڻ لڳيون. دلاور خان "فريد خان" جي ڳچي مان جهليو گارين جي ڏُم لايو بيٺو هو. ماڻهوءَ وچ ۾ پيا ٻنهي کي پوئتي هٽاين تہ پريان کان دلاور خان هڪل ڪئي: "اڙي ڪنجر تون منهنجي "سُهڻي" ۾ هٿ ڪيئن وِڌا؟, اهو سهڻو منهنجي عزت آهي!".

عزت واري ڳالهہ تي فريد خان ٺهڪ ڏيندي گار ڏني ۽ چيو: "اڙي لونڊا تنهنجي ڪهڙي عزت!. تون اهو ساڳيو آهين نہ جنهن تي ماڻهوءَ وڙهي مرندا هئا؟. تنهنجي مٿان اڪثر جهيڙا ٿيندا هئا, تو ڪڏهن گهر جي ماني ڪونہ کاڌي, لونڊي بازن جي گاڏين ۾ هميشہ گُهمندو هُئين.... اڙي هينئر مُعتبر خان ٿو سڏائين اجان تہ سهي طرح شلوار بہ نٿو پائي سگهين!".

"فريد خان" هڪ ساهيءَ ڳالهايو پئي ۽ دلاور خان جو ڪچو چِٺو پئي پڙهي ٻُڌايئين. دلاور خان ڳالهيون ٻُڌي ڪنڌ هيٺ ڪٽي ڪيو ۽ مُڇون لڙڪي پيس.

***

# ويچارو غريب

**گھٽو** ڪري هُو ڪڏهن ڪال گرلس وٽ ويندو نہ هو پر اڄ سندس زال ڪي مائٽن ڏي وئي پندرنهن ڏينهن ٿي ويا هئا سو گهٽئي برداشت ڪيائين پر چوندا آهن نہ مرد ۽ گهوڙو جهليو نہ جهلجن. سو موبائيل مان ڪانٽيڪٽ جانچيندي هڪ پُراڻي واسطي واري "پڙوي" جو نمبر وجي هٿ لڳس.

فون ڪيائين تہ "پڙوي" وڏي سِڪ مان ڳالهائيندي چيس: "جي سائين........ حاضر سائين... اڄهو پهچو تہ صفا وي آئي پي مال ٿو ڪارايان!".

هن بہ موٽرسائيڪل اسٽارٽ ڪئي ۽ جهاز وانگر اڏائيندو وڃي اڏي تي پهتو. پڙوو اڳي ئي انتظار ۾ بيٺو هو سو هن کي ڏسي پيلا ڏند ڪڍي سندس آڏرياءُ ڪيائين ۽ وڏي قُرب سان اندر وٺي آيس. اُن وقت اُتي بہ ٽي ڇڙيون موجود هيون. هن وٽ کيسي ۾ ٽوٽل پنج سئو موجود هئا سو هڪ تي هٿ رکي سئودو طيءَ ڪري اندر وڃڻ لڳو تہ پويان ڪان پڙوو پڇندو آيو: "سائين صبر صبر...... توهان ٿورو ويهو!".

هن پريشاني ۾ جواب ڏنو: "ڇو؟ ڇا ٿيو!؟".

"سائين اها ڇوڪري فلاڻي خان سان ويندي فارغ ٿي اچي تہ پوءِ توهان وڃجئو!".

هن احتجاج ڪيو: "پر اها تہ مون بُڪ ڪئي آهي پنج سئو بہ ايڊوانس ڏنا اٿم.".

پڙوي وڏي ادب سان جواب ڏنو: "سائين فلاڻي خان ان جا ٻارنهن سئو رپيا ڏنا آهن. اوهان وٽ ٻارنهن سئو هُجن تہ اڳ ۾ وڃو.".

هي ٻارنهن سئو جي ڳالهہ ٻُڌي پِٽ کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهيو ۽ فلاڻي خان جي فارغ ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

❋❋❋

# بريڪ اپ

اڄ ٻيو ڏينهن هو هُو مُسلسل ذهني عذاب ۽ پيڙاءُ مان پئي گُذريو. هي عام طور تي شراب جو ايترو شوقين نہ هو پر ڪڏهن ڪڏهن دوستن سان پي وٺندو هو يا جڏهن حد کان وڌيڪ پريشان هوندو هو تہ شراب پي وٺندو هو.

اڄ هُن جي ذهني عذاب ۽ پيڙاءُ جو سبب هن جو پيار هو. هن زندگي ۾ صرف هڪ ئي ڇوڪري کي چاهيو هو. اُها هئي "ثانيہ!".

هُوءَ سندس من مندر جي پڄوان هئي، هُوءَ جنهن جي مُرڪ سان سندس صُبح ٿيندو هو هُوءَ جنهن جي "ٿڪن" سان رات گُذرندي هئي. هُوءَ جنهن جون فون تي نل لکين "چُميون" هن جي انگ انگ تي ڪنهن پيراگراف جيئان لکيل هيون، هُوءَ جنهن سان هي بيحد گهڻو پيار ڪندو هو. هُوءَ جنهن سان هن دور ۾ بہ ڪڏهن هن جسماني لالچ يا رشتو نہ رکيو هو.

هُوءَ بہ هن کي بيحد گهڻو چاهيندي هئي. اڄ ڪئي سالن ۾ پهريون دفعو ائين ٿيو هو جو مسلسل ٻيو ڏينهن گذريو هو هُن جي ڪال نہ آئي هئي. سندس انتظار ۾ تڙپيو پئي ۽ موبائيل اسڪرين ۾ اکيون کُپايو ويٺو هو.

رات جا ٻارنهن ٿيا هئا، هن ڪمري ۾ لڳل وال ڪلاڪ تي نظر وڌي عمومن رات جو ڏهہ وڳي تائين هُن جي ڪال اچي ويندي هئس. هي اُداس سوچن ۾ گُم سُم ويٺو هو تہ اچانڪ سندس موبائيل تي هڪ نئين نمبر تان ڪال اچڻ لڳي. هن ڪال اٽينڊ ڪري هيلو ڪيو تہ پريان کان سُڏڪن جو آواز ٻُڌڻ ۾ آيس.

سُڏڪن جي وچ مان جهيڻي آواز ۾ "ثانيہ" هيلو چيو. "علي ڪيئن آهين!؟". هن جي اکين مان لُڙڪ قطار ڪري وهي نڪتا، هي بہ سُڏڪي پيو. "ثانيہ" چيو. "علي هاڻ پاڻ نٿا ڳالهائي سگهون، منهنجي گهر وارن کي خبر پئجي وئي آهي پليز مون کي معاف ڪجان!". هُوءَ مسلسل سُڏڪي رهي هئي.

"علي" صرف ايترو چئي سگهيو. "ثانيہ...... توکي هر ڳالهہ معاف آهي آئون هميشہ توسان پيار ڪندو رهندس!". ڪال ڪٽجي وئي علي جو ذهني عذاب اڃان وڌي ويو. ٻاهر گهٽيءَ ۾ نڪري آيو شراب جي طلب ٿيڻ لڳس پر رات جا ساڍا ٻارنهن ٿيا هئا سوچيائين: "ان وقت اسٽور بہ بند هوندا.........

وري موبائيل ڪڍي غمگين سونگ ٻُڌڻ چاهيائين پر نيٽ پئڪيج نہ هئس. هڪ وڏي آهہ سان گڏ سُڏڪو ڀري رستي تي پيل پٿر کي ٺُڏو هڻندي سوچيائين: "غريبن جا عشق بہ بريڪ اپ جو شڪار ٿيو وڃن!".

***

# وڏو ماڻهو

**هي** اُن وقت جي ڳالهه آهي جڏهن تون قميص هيٺان شلوار نه پائيندو هُئين. توکي جوڳين جي ڪُتن ڊوڙايو هو ۽ اچي مُنهن ڪري پيڳو هُئين. چاچو چِيڙ اياز صاحب کي پُراڻيون يادگيريون ٻڌائي رهيو هو.

اياز صاحب مُلڪ جي وڏي هاڪ واري اداري ۾ سترهين گريڊ جو آفيسر هو. اياز صاحب: "چاچا چِيڙ توهان به نه هاڻ آئون وڏو آفيسر ٿي ويو آهيان، هاڻ به ڳاڏيون منهنجي پروٽوڪول ۾ هلنديون آهن. ماڻهوءَ مون سان ملڻ لاءِ انتظار ڪندا آهن!".

چاچو چِيڙ ڪلندي: "هههه هههه هههه.... "ايُو" ياد اٿئي پاڙي ۾ باگڙي رهندا هئا جن جي گڏهه تي تون چڙهيو هُئين!".

چاچو وري ڪلندي: "۽ گڏهه مٿان ڪري ڪيرايو هئيي جو به ڏينهن ڪٽ تي پيل هُئين".

اياز صاحب مُنهن ڦٽائيندي: "چاچا مون سان دوست گڏ آهن ڪُجهه ته خيال ڪر!".

چاچو چِيڙ سيني دوستن سان عليڪ سليڪ ڪري وري: "ايو.... سُوٽ بُوٽ پائي هاڻ ته وڏو ماڻهو ٿي ويو آهين پر هُوءَ پاڙي واري ڇوريءَ "انبڙي" توکي اڄ به ياد ڪري ٿي جنهن جي عشق ۾ تون وڃي هر سومر تي سائين "گيدوڙي فقير" جون مٿيون پريندو هُئين!".

اياز صاحب جا قصا چاچي چِيڙ واتان ٻڌي سندس سڀ دوست کلڻ لڳا ۽ اياز صاحب ڪاوڙ ۾ گهٽ وڌ ڳالهائيندو گهر ڏي نڪري ويو.

***

# خاڪ وارو مُرشد

***سائين*** جن پڙهيل ڳڙهيل پرائمري ماستر هيا. سڄي عمر اسڪول ۾ ڪتاب ڪٽي ٻارن کي تہ اکر بہ ڪونہ پڙهايئين پر سياست ۾ پڙُ هيا. اصل رئيس خميسي خان جو سڄو وزن سندن ڳُلهن تي ڪنيل هوندو هو. تہ ۾ پاڻ عقل جا اڪابر ليکبا هئا.

اڄ سندن وڏي نياڻي جي طبيعت تمام گهڻي خراب هئي، پاڻ نياڻي کي ڪٽائي پاڙي جي عطائي ڊاڪٽر ڏي ويا، جنهن بغير ليبل واري ڳاڙهي ۽ سائي شيشي مان هڪ هڪ سُئي هڻي چيو: "الله ڪندو ڇوڪري نيڪ ٿي ويندي".

گهر پهتا تہ ڇوڪري جي طبيعت اڃان بہ وڌيڪ خراب ٿي پئي، ماستر ويچاري وڏا حيلا وسيلا ڪيا، علائقي جي سيني عطائي ڊاڪٽرن کي نياڻي جي طبيعت ڏيکاري پر ڇوڪري نيڪ نہ پئي ٿئي. ڪنهن ڏس ڏنو تہ وڃي شهر جي اسپتال ۾ داخل ڪريو جنهن تي ماستر راضي ڪونہ ٿيو.

هِتان هُتان پُڇائون ڪري ڏاڍا ڦيٽا ڪرائي ڪرائي ماستر ٿڪي پيو هو هڪ ڏينهن سندس پُراڻو جگري يا الُو چور رستي ويندي ملي ويس، تنهن سان ڪچهري ڪندي سڄي حقيقت ڪيائين تہ الُو يڪدم رڙڪئي: "اڙي اها بہ ڪا ڳالهہ آهي!، مُرشد فقير "خاڪ وارو بابا" وينو آهي نہ جنهن جي تڪئي جي خاڪ جي چِپٽيءَ پاڻي ۾ وجهي پيئڻ سان سڀ مسئلا بيماريون ختم ٿي وڃن ٿيون".

ماستر الُو کي چيو: ،بس اڄوڪي رات رهي پئو صبح جو مون کي بہ گڏ وٺيو هلجان!". الُو بہ ماستر جو جگري يار هو سو رهي پيو.

صبح ٿيو الُو ماستر ۽ سندس نياڻي کي وٺي اچي مُرشد خاڪ واري بابا جي تڪئي تي پهتو. بابا صبح ساڻ ئي چِلم جي نشي ۾ ٽُن لڳو پيو هو ڏسڻ سان ائين پئي محسوس ٿيو جڻ ڪئي مهينن کان وهنتو نہ هجي، پاسي ۾ بيهڻ سان چرس جي ڌپ دماغ تي چڙهيو پئي وئي. ڇوڪري کي ڏسي مُرشد سائين جي اکين ۾ عجيب چمڪ اچي وئي.

ماستر مُرشد جي پيرن تي هٿ رکي ويهي رهيو ۽ ايلاز منٿون ڪرڻ لڳو: "سائين منهنجي نياڻي بچائي ڏيو سائين مون تي رحم ڪريو!".

سائين اکيون مٿي ڪري مٿو لوڏيو تہ مِٺيءَ جو اڌ ڪلو اچي ماستر جر مٿان ڪريو سائين چيو: "ماستر تنهنجي ڇوڪري کي جِن آهي!"، ۽ الُو کي هڪل ڪيائين: "سامهون وڃي ڌُهين مان "خاڪ" جي مُٺ ڀري اچ.".

الُو خاڪ جي مُٺ ڀري آيو. خاڪ سڄي چِلم مان سڙي نڪتل تماڪ واري هئي. مرشد گلاس پاڻي ۾ خاڪ ملائي پڙهائي ڪري ڏني ۽ چيو هاڻ ڇوڪري کي پياريو.

خاڪ پيئي في الحال تہ ڇوڪريءَ جو ساهہ ئي بند ٿي ويو ۽ وڏي مُشڪل سان سامت ۾ آئي. ماستر سائين جي پيرن تي هٿ رکي موڪلايو. خاڪ وارو سائين وري چِلم جي سُوٽ ڀري چِلم جي نشي ۾ گُم ٿي ويو.

❊❊❊

# ٻي شادي

**چاچو** مولوا ج ڪاوڙ ۾ صفا ڀِرِ لڳو پيو هو سُڪو ويچاري کي ورائي ورائي پئي گاريون ڏنائين.

سُڪو چاچي کي آخر ڪري ٻہ تہ چا ڪري!، چاچو: "اڙي نياڳئو لچڻ ڪريو لچڻ... قاسو وانگر پنهنجو مُنهن ڪارو نہ ڪجئو". سُڪو: "چاچا قاسو ويچاري پلا ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي ٻي شادي تہ ڪئي اٿئين جهاز تہ ڪونہ ڪيرايو اٿئين!. اهو تہ پاڻ وٽ رواج آهي، چاچا تنهنجون تي زالون آهن، رئيس وڏي جون چار شاديون آهن، الڻ جون ٻہ آهن، خميسي جون ٽي آهن، آچو ٻہ ڪيو وينو آهي ٽين ونواهہ ويني اٿس پاڻ تہ ايتريون شاديون ڪيون اٿئو باقي قاسو تي گار جي لرڙي پئي ٿي پوي آخر هُن ويچاري ڏوهہ ڪهڙو ڪيو آهي؟. هُو تہ وڏڙن جي رسم پيو نڀائي چو اچي هُن غريب جي پُٺيان پيا آهيو!".

چاچي ڪنگهندي ڳلو صاف ڪيو: "اڙي پِٽيا توکي ٻہ قاسوءَ جو واءُ لڳو آهي، اڙي ڇورا تون ٻہ هٿن مان وئين، مون تہ اڳ ئي قاسو واري پيءُ مرحيات خاڪو کي پيشن گوئي ڪري ٻُڌايو هو تہ تو وارو ڇورو شهر پڙهي ڳوٺ کي ٻہ خراب ڪندو ۽ اِجهو اها پيشن گوئي سچ ثابت ٿي تون ٻہ رڱجي وئين نہ قاسو جي رنگ ۾!".

پريان ڪان رئيس ٻہ ڪنگهڪارون ڪندو گاريون ڏيندو پئي آيو اچڻ شرط اچي رئيس ٻہ سڪو تي ڪڙڪيو: "اڙي سڪو تو وارو يار قاسو ڪٿي آ؟".

سڪو: "رئيس مون کي ناهي مليو".

رئيس: "توکي سڀ خبر آ تون ٻہ مليل آهين". سڪو رئيس ۽ چاچي جي اڳيان هٿ ٻڌندي: "چاچا سائين رئيس آخر قاسو اهڙو چا ڪيو آهي جو اوهان ممڻ مچائي ڇڏيو آهي؟".

رئيس: "اڙي ڇورا قاسو وڏو گند ڪيو آهي شهر مان پڙهيل مندم پرڻجي آيو آهي، هاڻ تہ تنهنجي چوٽين جيجان ٻہ چئي ٿي ٻار تو وٽ گنج آهن ٻار بند ٿي ڪرايان ۽ ڇوڪري کي ٻہ پڙهائينديس. اها مندم اسان جي ڳوٺ جي ماين کي ڪاري ڇڏيندي. قاسو پڙهيل لکيل مندم سان شادي ڪري اسان جون سُڪون ڦتائي ڇڏيو آهي. مندم چئي ٿي هاڻ ڳوٺ ۾ اسڪول ۽ اسپتال ٺهندي، ڇوڪريون پڙهنديون، ڏس ڪيترو ڪُفر پئي ڪري نياڻي ذات ٻہ ڪڏهن پڙهي!؟. اڙي تون قاسو جو دوست آهين سمجهائينس تہ ان مندم کي واپس شهر ڇڏي اچي نہ تہ اسان سڀ گڏجي ڪيس ڳوٺ نيڪالي ڏئي ڇڏينداسين".

سڪو ڪنڌ هيٺ ڪري ڪجهہ سوچڻ لڳو پوءِ رڙ ڪري چيائين: "چاچا آئون قاسم سان گڏ آهيان، اڄ اهو وچن ٿو ڪريان تہ ان مندم جو پرپور ساٿ ڏيندس ۽ آئون ٻہ پڙهيل لکيل مائي سان شادي ڪري سيني ڳوٺ جي ڇوڪرين کي پڙهائيندس!".

***

# مُڙس ۽ آلو

**مٺن** جو پيس ڪٽندي سندس اکين ۾ چمڪ اچي وئي، دوست کي چيائين: واهه يار اڄ تہ دعوت مزي واري آهي، مٺن ٽيسٽي ٿيل آهي ۽ مڇيءَ جا پڪوڙا بہ ڪلاس جا آهن، روسٽ هائي مٺي گُليدي اڄ تہ اصل ڏئو ڪري ڪائبو!”.

هي جسم ۾ سنهڙو هو پر ڪاڌي سان ائين وير وجهي ڪائيندو هو جيئن “هِٽلر” جو يهودين سان وير هو. اڪيلو مُڙس هڙئي ڪاڌن جي هڪ هڪ پليٽ ڳڙڪائي ويو! اوڳرائي ڏيندي دوست کي چيائين، “يار هاڻ بس مڙئي چڪيوسين وري ٻئي واري ڏسبو!”.

دوست مُنهن ۾ تڪڙ لڳس چيائينس، “ظالم سُڪل ساندو لڳو پيو آهين تڏهن بہ ڏهہ ماڻهن جي ماني ڪاڏي اٽئي اڃان وري ڪائيندي؟. شرم ڪر ڪاڏي پُنيان مرندين!!”.

“ههه ههه ههه........ هي بہ ڏند ڪڍي ڪلڻ لڳو.

ٻئي دعوت مان فارغ ٿي گهر پهتا. شام جو دوست ميسيج ڪيس، “ڏي خبر رات واري دعوت تي هلبو؟”.

هن چيو “ها ها يار بلڪل ضرور هلبو هاڻ تہ گهر جي ماني ئي نٿي وڻي تون تيار ٿي آئون اچان ٿو”.

زال چيس، “ننيڙي جو ڪير ختم ٿي ويو آهي وٺي اچجان!”. هن مُنهن خراب ڪندي جواب ڏنو، “روز روز ڪيئن ٿو ختم ٿئي؟”.

زال وري چيس، “رات لاءِ پاڃي بہ ڪونهي!”.

هي مُنهن ٺاهي ٻاهر نڪتو ۽ ننيڙي لاءِ ڪير ۽ زال لاءِ “آلو” وٺي آيو. زال چيس، “تون آلو ڪائين ڪونہ پوءِ ڇو وٺي آئين؟”.

هن ڏند ڪڍيندي چيس، “اهي “آلو” تنهنجي لاءِ آهن ٻيو تنهنجي لاءِ وري فائيو اسٽار هوٽل مان ڪاڏو نهرائي اچان ڇا!!؟؟”.

***

# حاڪم

**هُو** نہ تہ ڪنهن رياست جو حاڪم هو نہ وري سچ ۾ سندس ڪنهن ملڪ تي حڪومت هئي پر پوءِ بہ هُو حاڪم هو۽ رياست اندر رياست قائم ڪري ويٺل هو. سندس دهشت مشهور هئي، سندس نالو ٻڌي ڏوهاري ٿهڪ ڏئي کلندا هئا، باقي شريف ماڻهن جو پيشاب نڪري ويندو هو.

هُو بد مست هاٿي "پوليس آفيسر" هو تازو سندس بدلي سي آئي سينٽر ۾ ٿي هئي. سندس نظر ڳوٺ جي هر ان ماڻهو تي هئي جنهن وٽ بہ رپيا هئا.

هن جو طريقہ واردات اهو هو تہ پهريان پنهنجن واتنن کان جانچ ڪرائيندو هو تہ ڪنهن وٽ ڪيترو پئسو آهي، پوءِ ان ماڻهو کي بغير ڪيس جي ڪٽي داٻا ڌمڪيون ڏئي پئسا وصول ڪندو هو.

شهمير ٽريڪٽر هلائيندو هو سندس چار ٽريڪٽر هئا. پئسي ڏوڪڙ جي حساب سان تمام گهڻو سُکيو ستابو هو. هڪ رات جيئن ٻنيءَ تان واپس پئي آيو تہ سامهون کان بہ پوليس موبائلن تي سوار پوليس گهيرو ڪري روڪي ورتس.

هن رڙيون ڪيون تہ بابا آئون ٻنيءَ تان هر ڪيڙي واپس پيو اچان، آئون شريف ماڻهو آهيان پر صاحب تہ اڳي ئي پري پلاننگ سان گهيرو ڪيو هو سو ڪٽي اچي جهنگ ۾ ٿهيل اوطاق ۾ بند ڪيائينس تہ هُن اتي بہ رڙيون ڪيون، جنهن تي آفيسر سخت تشدد ڪندي چيس، "تہ تو خون ڪيو آهي!".

هي رڙيون ڪندو روئندو رهيو تہ، "سائين مون ڪڏهن مک بہ ڪونهي ماري!"، پر صاحب تشدد ڪندو رهيو جڏهن ٿڪي پيو تہ سپاهين کي چيائين، "هن جون اکيون ٻڌو".

سپاهين هن جون اکيون ٻڌيون ۽ هن کي ڪٽي اچي جهنگ ۾ بيهارين.

صاحب حُڪم ڪيو تہ، "هن کي "اِنڪائونٽر" ڪيو!".

هن رائيفل چيمبر ٿيڻ جو آواز ٻُڌو تہ ڊِڄ سبب ڪري پيو ۽ روئڻ لڳو. صاحب کي منٿ ڪندي چيائين، "سائين جيڪو ڪيپي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان منهنجي جان بخش ڪريو!".

صاحب وڏا وڏا ٿهڪ ڏئي کلڻ لڳو ۽ وڏي آواز سان هڪل ڪيائين، "اڙي ڇورا.... اکيون کوليوس ڪم ٿي ويو........

***

# رنڊي

**شلوار** پائڻ مهل هُن هڪ پل لاءِ پنهنجي گراهڪ کي ڏٺو هو باقي ان کان پهريان تہ هُوءَ اُگهاڙي تي اکيون پوري ليٽي پئي هئي ۽ گراهڪ جا مضبوط هٿ مسلسل سندس اُرهہ پٽي رهيا هئا ۽ سندس چپ چهري تي ڳِگون ڳاڙي رهيا هئس.

هُن جون ٽنگون اُٽجاڻ گراهڪ بي دردي سان کولي پنهنجي چيلهہ وٽ ٻانهن جي مدد سان سختي سان قابوءَ ڪري ورتيون هيون. هاڻ هي ڦٽڪڻ تہ ٺهيو پر چُري بہ نہ پئي سگهي.

هُو ڪيس سختي سان عذاب مسلسل ڏئي رهيو هو. هڪ پل تہ هيءَ صفا برداشت وڃائي ويٺي هئي ۽ رڙيون ڪرڻ چاهيائين پئي پر وري پوءِ پنهنجي وات ۾ "رئو" وجهي سُور اندر ۾ پي وئي هئي!.

سوچيائين. "اگر هي گراهڪ بہ ويو تہ پوءِ اڄ بہ "لنگهڻ" ڪاٽڻو پوندو!".

شلوار پائڻ مهل هُن سندس چهرو هڪ پل لاءِ ڏٺو هو اُن وقت هُو ڪيس وحشي جانور پئي لڳو. ائين پئي پائنيائين. "جڻ جسم تي ڪنهن چِتي ڪُتي چڪ پاتا هُجنس ۽ ٽنگن وچ مان الله پاران ڏنل اهو گوشت جو ٽُڪر جنهن عورت ذات کي مرد جي ملڪيت بڻائي ڇڏيو آهي اهو غائب هُجي ۽ هُو چڪ هڻي پٽي کائي ويو هُجي!".

هُن کي اڄ پنهنجي وجود کان ڪراهت محسوس پئي ٿي. پائنيائين پئي تہ پيٽ جي ٻُڪ اُجهائڻ خاطر سندس ٽنگون هميشہ لاءِ مٿي رهڻيون آهن ۽ هن کي هميشہ لاءِ ٻُڪين "ڪُتن" جو کاڄ ٿيڻو آهي!.

❊❊❊

# شانتي

**صبح** ساڍ ڇهين بڄي ٺيڪ صاحب "ڪورٽ سڳوري" لاءِ نڪتو. پلو جوتو پلي ٽاءِ ڪنڌ ۾ ٽنگيل، مُڇون تيل سان تر وٽيل علي سوچيو "صاحب جي تہ وڏي لئي آهي اصل گري گنجي تي تہ اک ئي نٿي ٻُڏيس!".

وڏي وڃي مليس هُن بہ ڏند ڪڍي ڪيڪار ڪيس، علي حال احوال ڪندي پُڇيس، "ٻيو ڀلا ڏي خبر "شانتي" آهي، سُڪون آهي!؟".

علي ڏي نهاريندي وڏي آهہ ڀريائين ۽ چيائين، "اڙي يار علي تون بہ نہ ڪهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين!. مون واري زندگي ۾ "شانتي" رڳو پهرين ڪلاس ۾ هئي جڏهن پاڙي واري "شانتي" گڏ پڙهندي هئي........... هاڻ تہ رڳو "اٽو دال، چانور، پيمپر ۽ بِل آهن!!!".

***

# پردو

”او مُئي نياڻي عاشُو مٿي تي پوتي پاءِ ڪا قميص ڏکي پائي ڪٽي پاسن مان سڄي چيلهه پئي ڏسجئي!“.

”اڙي نياڻي نياڻي ذات آهين ڪُجهه ابن ڏاڏن ۽ پِڻهين جي عزت جو خيال ڪر!“. پوڙهي صفوران عاشي کي زور سان سڏ به ڪيا پئي ته دڙڪا به ڏنا پئي.

عاشي، ”امان ڇا ٿيو آ پلا؟ ڇو ڳلو ڦاڙي رڙيون پئي ڪرين؟. ڪير ڪونه ٿو ڪائي مون کي.“.

صفوران، ”اَئي ڇوري نياڻي توکي ڪهڙي خبر تون ته اڃان معصوم آهين هتي ماڻهو جانورن مان ڪونه مُڙن تون ته سُهڻي سيبتي ڇوڪري آهين!“.

عاشي، ”پر امان ماڻهو پلا ائين ڇو ٿا ڪن؟“.

”اَئي ڇوري هُو مڙد آهن اُهي ته ائين ڪندا نه!. عورت جي مٿان فرض آهي ته هُوءَ پردو ڪري، پنهنجي پاڻ کي لڪائي هلي“.

عاشي، ”امان عورت به ته انسان آهي نه اها پردو ڪري هلي سگهي ٿي ته پوءِ ائين به ٿي سگهي ٿو ته عورت مرد کي ڏسي ان جي سونهن ۽ ڪشش کان متاثر ٿي لنئون لڳائي گُناهه جو رشتو جوڙي ڇڏي ته پوءِ!؟؟. امان مرد کي به ته عورت کان پردو ڪرڻ کپي نه؟. جيئن عورت جي دل ۾ خراب خيال پئدا نه ٿين!“.

صفوران، ”اَئي ڇوري اڃايو مٿو نه کاءُ هاڻ ائين ڪٽي سمجهه ته مرد اهو ”سان ڍڳو“ آهي جيڪو جل پيو چري ۽ عورت پيرن هيٺيان لتاڙيل گاهه مثل آهي جيڪو ”سان“ لتاڙي پيو“.

❊❊❊

# خُدا جي ڳولها

هُن جي مٿي ۾ اچا پئجي ويا هئا، گوڏن ۾ بہ سُور رهڻ لڳو هئس، سهڪي جي بيماري بہ اڳي ديرو ڄمايو هو مٿان کنگهہ الڳ سُور ڏنا هئس. هي ويچارو جيڪو ماني ڀِيي لاءِ پريشان هو سو علاج پلا ڪٿان ڪرائي ها سو سڀ واٽون جڏهن وڃائجي ويس ۽ ڪو رستو نہ پائنيائين تہ تسبيح کڻي ويجي الله الله ڪرڻ لڳو.

سوچيائين، "زندگي تہ مزدوري ڪندي سُور سهندي گُذري وئي هاڻ "خُدا" کي ڳولي لهان تہ بس لک ڪمايم!". اڄ سندس ڳولها جي شروعات هئي، پاڻ مسجد ۾ داخل ٿيو هو اندر اڳي مولوي صاحب جي مُصلي پُٺيان واري نُک تي چڙهي وينو تہ جيئن سهي طرح بيان ٻُڌي ۽ سِکي سگهي ۽ الله جي ڳولها جو ڪو رستو لهي سگهي!.

مسجد ۾ سڀ پاڙي وارا گڏ ٿيندا پئي ويا اڄ جُمعي جو ڏينهن هو ان ڪري ماڻهن جو تعداد گهڻائي ۾ هو سوچيندي، "ماڻهو بہ عجيب آهي الله کي رڳو جمعي جي ڏينهن سجدو ڪرڻ ۽ ڳولهڻ ٿا اچن". مولوي صاحب واعظ شروع ڪيو تہ امريڪا کان ٿيندو اسرائيل تي ڪاوڙ لاهيندو اچي انڊيا تي دنگ ڪيائين. هي ويچارو جيڪو الله کي سجدو ڪرڻ ۽ الله جي ڳولها ڪرڻ آيو هو ان کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ مُلان آخر الله جي ڳالهہ ڪرڻ بدران رڳو وينو ٻين ڌارين مُلڪن جي ماڻهن کي گاريون ڏئي ائين ڇو آهي!؟

ڪيس سمجهہ ۾ نہ آيو انتظار ڪيائين تہ من مولوي صاحب ڪا ڪم واري ڳالهہ ڇئي پر سندس انتظار انتظار ئي رهيو ۽ مولوي خطبو پڙهي نماز پڙهائڻ شروع ڪئي، نماز ختم ٿي تہ مولوي صاحب اعلان ڪيو "مومن مسلمانو.... توهان جي اکين اڳيان الله جو گهر زير تعمير آهي، توهان کي الله رب العزت اجر ڏيندو ۽ اوهان کي جنت ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائيندو. توهان وڌ کان وڌ مسجد شريف لاءِ چندو ڏيو".

مولوي صاحب ڳالهائيندو پئي ويو ۽ گڏ گڏ پيٽ تي بہ هٿ پئي ڦيرايائين. هن سوچيو "جڏهن آئون ننڍو هئس تڏهن کان هي مسجد زير تعمير آهي اڃان تائين اها مسجد الله جو گهر اهو مُلان مڪمل ناهي ڪري سگهيو تہ ان پُٺيان مون کي الله ڪٿان ملندو ۽ پنهنجي مُنهن ڀُڻڪندو الله الله ڪندو مسجد مان نڪري ويو.....

***

# برُقعو

“**يار** نِدا تون هيڏي خوبصورت آهين پوءِ بہ پنهنجي پاڻ کي ان ڪاري پيپسي بوتل جهڙي برُقعي ۾ بند ڪيو ويٺي آهين ڇو يار؟”.

ثمينہ “يار تون بہ نہ ڪڏهن ڪڏهن جاهلن واريون ڳالهيون ڪندي آهين, تون ڪٿي ٻُڌائي هن سماج ۾ ڇوڪري لاءِ ٻاهر اُٿڻ ويهڻ ڪيڏو ڏُکيو آهي!”.

“ثمينہ پر يار پاڻ هنن مردن جي ڪري پنهنجي پاڻ کي ڇو لڪايون؟”.

“ثمي تون بہ نہ يار حد ٿي ڪرين اسان جڏهن گهر کان نڪرون ٿيون تہ اُتي ڳليءَ ۾ ڪئي نظرون اسان جي جسم جو پوسٽ مارتم ڪرڻ لاءِ آتيون هونديون آهن وري گاڏيءَ ۾ چڙهندي ڊرائيور کان وٺي هر مرد جي نظر اسان ۾ ائين هوندي آهي جو لڳندو آهي اجهو ٿا کائين ۽ ان وقت دل چوندي آهي هلندڙ گاڏي مان ٽِپ ڏئي هن “بڪواس” ڪوڙي سوسائٽي مان جان ڇڏائجي, ان کان پوءِ اسين جڏهن اسڪول ڪاليج يا ڪم واري آفيس پهچون ٿيون تہ ڪئي “مجنون” دل ترڪيءَ تي ڪنيو بيٺا هوندا آهن ڪي تہ وري بيغيرت انتها جي ڪميٽائپ سان ساهہ ئي سُڪايو ڇڏين!”.

“يار ثمي تون ئي ٻُڌائي هيڏي وڏي “تنبوءَ” جهڙي ڪاري “برُقعي” مان ئي ماڻهو ڪائڻ واري نظرن سان ٿا ڏسن تہ اهو برقعو نہ پايون تہ ڪڏهوڪو انهن “سماجي بگهڙن” جي وحشي پٽي جو شڪار ٿي وڃي مِٽيءَ ۾ دفن ٿيون!”.

“نِدا يار ڳالهيون تہ تنهنجون بہ سهي آهن پر هن سماج جي “گندي” ذهنيت مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو پوندو يار!”.

“ثمي ڇڏ ڪٿي يار پردو تہ دين ۾ بہ آهي”.

“ندا حد آ دين ۾ عورت کي پردو ڪرڻ جو چيل آهي مرد پلي ڪانچ “گوڏن” تائين پايو وتي ان ۾ اوگهڙ ڪونهي, انهن کي برقعو ڪير پارائي هھ هھ هھ....

“يار تون بہ نہ.......

“مرد “سُڌريل جانور” آهي ڪيس سپ ڪجهہ ڪرڻ جي اجازت آهي باقي پاڻ وارو حُسن ان تنبوءَ جهڙي “برُقعي” پُٺيان هميشہ لڪيل رهندو!”.

***

# مُلان جو دين

"**اڙي** ڇورا هوشوءَ تنهنجو دماغ خراب ٿي ويو آهي ڇا؟".

"ڇو مُلان ڇا ٿيو؟".

"اڙي تون نماز نٿو پڙهڻ اچين؟".

هوشوءَ، "مُلان اهو منهنجوءِ الله جو مسئلو آهي پاڻهين ئي ايندس!".

مُلان، "اڙي بشني..... بابهين جي باشاهي آهي جو پنهنجو مسئلو اٿئي؟. اگر نماز تي نہ ايندين تہ فتويٰ ڏيندوسانءِ تہ هوشو ڪافر آهي". مُلان، "اڙي وڪي ٻڌو آهي تنهنجا پر نڪري آيا آهن؟".

وڪي، "ڇو مولوي صاحب ڇا ٿيو؟".

مُلان، "ٻڌم تہ تو وارو ابو مسجد لاءِ لک روپيا پيو ڏئي تو منع ڪئي آهي ڏيڻ کان!".

وڪي، "هائو تہ ان ۾ ڪهڙي ڳالهہ آهي حق حلال جي ڪمائي آهي ڇو ڏيون؟".

مُلان ڪاوڙ ۾، "اڙي ٻليءَ مُهاندا اگر نہ ٻئي دفعي اسان جي وچ ۾ آئين تہ پنج ڇورا گُهرائي اکيون ڪڍي ڇڏيندوسانءِ ۽ پوءِ ڪُفر جي فتويٰ ڏيندوسانءِ!". مُلان، "اڙي علي ٻڌو آهي تون غير مسلم ڪافرن جي مارجڻ خلاف احتجاج ڪرڻ ويو هُئين؟".

علي، "ها مولوي ويو هئس پر ان ۾ ڪهڙي ڳالهہ آهي هُو سڀ انسان آهن".

مولوي، "اڙي چُپ ڪر بڪواس بند ڪر. اج کان اڳتي ڏنومانءِ تہ فتويٰ لڳائي ٽنگائي ڇڏيندس، اڙي وشنو جي.........

"جي مولوي شاحب جي شائين.........

"تو ڪلهہ اوڌر تان منهنجي پُٽ ڪي ڇڙٻ ڏني هُئي ۽ ٽيو ڏينهن قرض جي پرچي ناهي گهر موڪلي هئي دماغ خراب ٿي ويو اٿئي ڇا؟".

وشنو "شائين اوهان ڏي لک رپيا اوڌر تي وئي آهي شائين غريب ماڻهو آهيان ان ڪري ڇيم".

مولوي، "اڙي ڪُتا هندو ڪافر اگر اڳتي پئسا گهرئيي نہ تہ توهين مذهب جي فتويٰ ڏئي جيئرو باهہ ۾ ساڙائي ڇڏيندوسانءِ!".

ٻَلِيءَ ۾ شور هو سڀ علي جي گهر ٻاهران گڏ ٿيل هئا، مولوي صاحب جي هٿ ۾ وڏو ڏنڊو هو ۽ ٻين ماڻهن جي هٿن ۾ بہ لٺيون ڪهاڙيون هيون، بہ ڪلاڪ پهريان مولوي صاحب، "پاڙي جي ناٿي پنگياڻي سان ڪارو مُنهن پئي ڪيو جيڪو علي ڏسي ورتو هو ان تي علي مولوي کي چيو تہ آئون اجهو ٿو ڳوٺ وارن کي ٻڌايان ۽ توکي ڳوٺ مان ڪڍرايان ٿو".

ٺيڪ پنج منٽ کان پوءِ مسجد جي لائوڊ اسپيڪر مان آواز گونجيو "جيڪو مولوي صاهب جو هو ڳوٺ وارئو غور سان منهنجي ڳالهه ٻُڌو...... پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ مُنڪر پئدا ٿيو آهي جيڪو توهين مذهب ڪري ٿو. گستاخ آهي سڄو ڏينهن موبائيل تي اسان ديني ماڻهن خلاف لکي ٿو ان جو نالو وٺندي مون کي شرم اچي ٿو مون کي انتهائي گهڻي ڪاوڙ آهي، رب العزت توفيق عطا فرمائي ته آئون ان کي پاڻ پنهنجي هٿن سان ماريان اهو منڪر "علي" آهي".

علي جي گهر جو دروازو اندر کان بند هو ڳوٺ وارا بدستور گونگا ٻوڙا ٿيو مذهب جي بچاءَ لاءِ منڪر کي مارڻ خاطر لٺيون ڪهاڙيون بندوقون کنيو مُلان جي اڳواڻي ۾ علي جي گهر ٻاهران بيٺل هئا. مُلان جي دين ۾ علي لاءِ فتويٰ اچي چُڪي هئي، علي واجب القتل هو!!.

***

# شرابي ڪُتو

**ڪچهري** هلندي رهي جام ڪُلندا رهيا. پيگ مٿان پيگ اصُل بوتلن جو اُٿ خالي ٿي ويو!. سنگت جون ڪچهريون، حُجتون، مستيون وڏنديون ويون تان جو اڇي اڌ رات ڪُٽي. ميزبان دوست سيني ڪي ماني جي لاءِ سڏيو هرڪو ٿِڙندو ڍاهڻندو ماني جي لاءِ اٿيو. سڀ اچي ماني جي چئوڌاري گڏ ٿيا.

ماني جي شروعات ٿي تہ اڪثر دوست نشي جي ان سطح تي هئا جو ڪين ڪاڏي جي ذائقي جي بہ خبر ڪونہ پئي. پريان ڪان انيل هڪل ڪئي، "ابا هي گائي ماتا جو گوشت آهي آئون ڪونہ کائيندس!"، تہ هُن پاسي ڪان علي هڪل ڪئي، "هي مٽن ٿيسٽي اٿئو اهو کائو".

هُن وشنو تہ دهي ۾ ماني پوري ويني ڪاڌي، هيڏانهن ڏُلفي پورو ٻوڙ جو ڏونگهو گوڏن تي رکيو ويٺو هو ان وچ ۾ ميزبان ٿورو هوش ۾ اچي چُڪو هو ۽ وچ ۾ رڙ ڪيائين، "اڙي نياڻڳئو هي ڳئون ماتا ۽ ٻڪري جو گوشت ڪٿان آيو هي تہ فارمي ڪُڪڙي آهي!".

سڀ نشن ۾ هوندي بہ ان ڳالهہ تي ٺهڪ ڏئي ڪليا. ماني پوري ٿي تہ ميزبان سيني کي چيو "ابا ڪير بہ وڃڻ جي ڪوشش نہ ڪري سيني جي رهڻ جو بندوبست آهي".

پر علي ۽ انيل زبردستي نڪري ويا. انيل موٽرسائيڪل هلائي پئي، ٻئي ڪچهريون ڪندا ويا پئي، موٽرسائيڪل بہ ڪڏهن روڊ جي هُن پاسي تہ ڪڏهن هِن پاسي اچانڪ خبر ئي نہ پيئن تہ موٽرسائيڪل ڪيئن سِلپ ٿي ڪري پئي ۽ ٻئي اُچلجي اچي روڊ تي ڪريا.

علي جيڪو ڀُنيان وينل هو اُن پاڻ اُٿڻ ڪانپوءِ انيل کي بہ اٿاريو ۽ اٿارڻ سان گار ڏيندي چيائينس، "اڙي انڌا سڌي روڊ تي ڪيئن اچي ڪيرايو اٿئي تہ انيل معصوميت سان جواب ڏنو آئون ڇا ڪريان "ڪُتو" اڳيان اچي ويو!".

علي، "اڙي تہ پوءِ ان ڪُتي ڪان بچائين ها نہ ڇو اچي سڏو هنئيي!".

انيل وري نشي جي خُمارن ۾ جواب ڏنو "آئون ڇا ڪريان نياڳو "ڪُتو" نشي ۾ هو سامهون اچي ويو........... علي حالت آ اڄڪلهہ تہ خبر ئي نٿي پوي ڪُتا بہ نشي ۾ ڌُت ٿيو روڊن تي پيا ڦِرن!."

***

# پاڙيو

**ههه** هه هه هه هه

هُوءَ پنهنجي مُنهن وڏا ٺهڪ ڏئي کلي رهيو هو. رستي تان ايندڙ ويندڙ ماڻهوءَ ڪيس رحم ڀريل نظرن سان ڏسي رهيا هئا ته ڪي وري حقارت واري نظر سان پر هُن تي ڪوبه اثر نه پئي پيو هو لڳاتار ٺهڪ ڏئي کلي رهيو هو.

هُن جا ٺهڪ اچانڪ لُڙڪن ۾ تبديل ٿي ويا ۽ هُو زور زور سان دانهون ڪري روئڻ لڳو. هڪ دفعو ٻيهر ماڻهن جو ڌيان هن جي طرف ويو. وري ڪي ماڻهوءَ ڪيس رحم جي نظر سان ڏسڻ لڳا ته ڪي وري حقارت سان!!.

روئندي روئندي هُو اچانڪ ماٺ ٿي ويو ۽ زور سان رڙيون ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو. "ها مان "پاڙيو" آهيان, مان پاڙيو آهيان مون منجهه همٿ ذري به ناهي جو مان پنهنجي سُڪل سِنڌو جي سينڌ سنواري سگهان ها مان پاڙيو آهيان ڇو ته مان رڳو حوال ڪندو آهيان, مان رڳو "ف ، ب" تي قواليون ڳائيندو آهيان, ها رڳو وڏا ليک لکندو آهيان, ها مان پاڙيو آهيان, مون منجهه وڙهڻ جي قُوت موجود هوندي به مان "خوف ۽ لالچ" جي گهري چادر اوڍي سُمهي پيو آهيان, ها مان پاڙيو آهيان ها مان پاڙيو آهيان.......

❊❊❊

# ڪافرياڻي

**هُن** جي هلڻ ۾ هرڻي وار چال هُئي. هُن جو جسم جوانيءَ جي مستيءَ سان ڀريل هو. هُوءَ ڳالهائيندي هئي تہ لوفر ڇورن جي وات مان ڳِگون ڳڙي پونديون هيون. هُن جا ٺهڪ ٽانڊبن جيئان گهٽن ئي جوانين کي جلائي ويندا هئا.

هُوءَ جيڪا ڪارخاني ۾ مزدوري ڪندي هئي جڏهن شام جو واپس ورندي هُئي تہ سندس اڳ تي ڪئي عاشق پنهنجي اکين جي جوت جلائي ويهندا هئا. هُن ڀُنيان عاشق لُور لُور ڪندا وتندا هئا پر هُوءَ ڪنهن کي لِفٽ نہ ڪرائيندي هئي.

اسد خان نوجواني ۾ پير رکيو هوءِ اهڙو پير رکيو هو جو پنهنجي وڏن ڪان بہ بہ قدم اڳتي نڪتو. پاڙي جي ڪا بہ پِنڻ واري، مزدور، هارياڻي نہ ڇڏي هئائين جنهن سان جِنسي بُک نہ پوري ڪيائين!. اها ہي ڳالهہ هئي تہ وڏيرڪو ہار هو اڪثر پئسا خرچ ڪندو هو پر جيڪا نہ مڃيندي هئي ان لاءِ ٻيا حيلا وسيلا ڪُتب آڻيندو هو.

هُن جو "نيلي" جي حُسن ۽ جوانيءَ جي هاڪ ٻُڌي تہ اصل ڇريو ٿي پيو ۽ سندس ڀُنيان پئجي ويو. ڀهريان پئسن وارا وٺ آزمايائين پر نيلي پاڻي پير ٻُڌڻ نہ ڏنو. پوءِ داٻا ڌمڪيون پر "نيلي" سندس هٿ نہ چڙهي. نيٺ هڪ پُراڻي "ڪاپڙ" ڪلاڙي جي مشوري سان "محبت" جو ڄار وڇايائين.

ڇوندا آهن عورت يا مرد ڪٺي ڪيڏو بہ مضبوط اعصابن جو مالڪ هُجي پر ڪيس بہ محبت جو ميم مٽايو ڇڏي.

"نيلي" جيڪا زهريلي نانگڻ هئي سا محبت جي درياءَ ۾ گهڙو ڪٺي گهڙي پئي ۽ خبر ئي نہ پيس تہ ڪڏهن "اسد خان" جي جنسي بُک جو شڪار ٿي وئي!. جڏهن هڙئي ٻيڙيون ساڙائي ويني ۽ جواني سندس حوالي ڪري ڇڏيائين تڏهن ياد پيس تہ هاڻ اسد خان سان محبت جي قصي کي اڳتي وڌائجي ۽ شادي جو خيال دل تي تري آيس. ڪيس سندس قول ۽ واعدا ياد ڏيارايائين تہ اسد هاڻ آئون صرف تنهنجي آهيان تون مون سان شادي ڪر تو واعدو ڪيو هو.

"اسد خان" مُڇ تي هٿ ڦيريندي وڏو ٺهڪ ڏنو ۽ ڪيس چيو. "تون هندو "ڪافرياڻي" آهين تو سان شادي ڪير ڪندو؟. تو سان شادي ڪري مون کي پنهنجي آخرت ناهي وڃائڻي!".

ٻُڌڻ سان سندس مٿان سڪتو طاري ٿي ويو هوش خطا ٿي ويس بس پوءِ "نيلي" هڪ سُڏڪو ڀريو ۽ صرف ايترو چئي سگهي، "جڏهن تون منهنجي ٽنگن جي وچ ۾ هوندو هُئين تڏهن بہ آئون "ڪافرياڻي" هئس تڏهن تنهنجي آخرت ڪٿي گُم هُئي!!؟؟؟".

***

# ضمير جو موت

"**صاحب** مون کي فرياد داخل ڪرائڻو آهي". ايس ايچ او صاحب، "بابا ڇا ٿيو آهي؟، ڪنهن تي فرياد داخل ڪرائڻو آهي؟".

"صاحب تون واعدو ڪر تہ منهنجو فرياد داخل ڪندين!."

ايس ايچ او، "بابا تون ٻڌائي تہ سهي ٿيو ڇا آهي؟، ڪهڙو واقعو ٿيو آهي؟، توسان آخر ڪهڙو ويل آهي؟".

"صاحب هونئن تہ اسان ماڻهو هميشہ ويل ۾ هوندا آهيون پر هيءَ جيڪا واردات ٿي آهي نہ ان ڪان پوءِ منهنجي جيئڻ جي ڪا معنيٰ نٿي رهي. ان واردات ڪان پوءِ منهنجو وجود ڌرتيءَ تي بوجهہ بڻيل آهي. ان واردات ڪان پوءِ آئون ڪچري ڪان بہ غليظ ۽ گندو ٿي پيو آهيان. صاحب ان واردات ڪان پوءِ منهنجو ڌرتيءَ تہ هُجڻ بدبُوءَ جو سبب بڻجندو پيو وڃي مون کي ڊپ آهي تہ منهنجي وجود ڪارڻ ڪٿي مُعاشري ۾ ناسُور ڦٽن جي وبا نہ ڦهلجي پئي صاحب منهنجو فرياد لِک!".

"بابا لکرائي ڇا ٿيو آهي؟".

"صاحب ڳالهہ ٿوري ڏکي آهي پر پيرائتي ڪري ٻُڌايان ٿو صاحب سڀ ڪان پهريان جڏهن مون ڏٺو تہ هڪ ماڻهو کي روڊ تي زنده جلايو پئي ويو ۽ هُن اُپ ڌاريندڙ رڙيون پئي ڪيون تہ آئون اُن وقت بينو اهو لقاءُ ڏسي رهيو هئس. مون ان سچي واقعي کي ڏٺو اڻ ڏٺو ڪري وساري ڇڏيو ايستائين جو سندس تڏي تي روئندڙ ٻارڙن جي مٽي تي شفقت جو هٿ رکڻ بہ ڪونہ ويس، ان ڪان پوءِ مون ڏٺو تہ منهنجي پاڙي مان ڪجهہ نوجوان "گُم" ٿي ويا!".

"اچانڪ گُم...... خبر ناهي ڪين ملائڪ کٽي ويا يا خبر ناهي ڪين بي دُنيا جا "ايلينس" کٽي ويا!. سندن مائرون پينرون روئنديون رهيون پر آئون سندن ڳوڙها بہ اُگهي نہ سگهيس. صاحب ان ڪان پوءِ منهنجي گهر جي پرسان هڪ معصوم ٻارڙيءَ سان زيادتي ٿي ۽ سندس گٽر مان لاش مليو پوءِ ڳليءَ جي ڪُنڊ تي گُلن جهڙي معصوم ٻار کي ڏاڍائي ڪري اچليو ويو. پوءِ پاڙي ۾ منهنجي نياڻي جي عُمر جي ڇوڪري سان ريپ ٿيو ۽ هُن رسو ڳچي ۾ ٻڌي ڦاهو کائي ڇڏيو صاحب آئون انهن ننهي جي تڏي تي بہ ڪونہ ويس نہ وري ڪڏهن اهو تائم مليو جو ڪين انصاف ڏيارڻ لاءِ وينل روڊ تي سندن مائرن، پينرن، پائرن ۽ پيئرن سان گڏ بہ منٿ کٽي ويهان ها، صاحب ان ڪان پوءِ منهنجي پاڙي ۾ هڪڙو ٻار ماني چوري ڪندي پڪڙجي پيو!".

"شايد ڪافي ڏينهن جو بُکايل هو. مون پنهنجي گهر ۾ روز بچيل بي انتها کاڌي مان ذرو کٽي سندس بُک اجهائڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪئي. صاحب ان ڪان پوءِ منهنجي ڳوٺ جي هارين جون

زمينون پاڻي ڪارڻ سُڪي ويون مٿان ڪان بااثرن سندن پيئڻ وارو پاڻي بہ بند ڪري ڇڏيو مون انهن جي ڏک ۾ پائيوار ٿيڻ جو بہ ٽائم نہ ڪڍيو نڪي انهن سان گڏجي ڪا رڙ ڪوڪ ڪئي!. صاحب ان ڪانپوءِ نياڻين ڪي رستي تي اسڪولن ڪاليجن ۾ حراسان ڪرڻ جو دور شروع ٿيو تہ بہ آئون خاموش رهيس. صاحب ٿر ۾ هزارين ٻار مري ويا، روڊن رستن تي لاشن جا ڍير لڳي ويا، ماڻهن جون آهون دانهون ٻُڌي بہ آئون اکين تي سپ ٽيڪ جي بي حيائي واري پٽي ٻڌي آرامي رهيس. صاحب مان مڊل ڪلاس جو اهو وائٽ ڪالر ماڻهو آهيان جيڪو پنهنجو پيٽ پريل ڏسي ٻين جي ڍئو تي هُجڻ جو گُمان ڪري ڇپري وانگر اکيون پوري ڇڏيندو آهي. صاحب مون اڄ تائين پنهنجي ذات ڪان ٻاهر ڪڏهن ناهي سوچيو صاحب منهنجو فرياد لڪ!".

ايس ايڇ او "اڙي آخر ان سڄي ڪهاڻي مان آئون فرياد لڪان ڪنهن تي؟؟".

"صاحب تون فرياد لِک آئون شهمير پُٽ عبدالله اعتراف ٿو ڪريان تہ آئون قاتل آهيان، مون قتل ڪيو آهي".

صاحب، "بابا ڪنهن جو قتل ڪيو اٿئي!؟".

"صاحب مون پنهنجي ضمير جو قتل ڪيو آهي، مون پنهنجي هٿن سان پنهنجي ضمير ڪي ماري ڇڏيو آهي، منهنجو ضمير مري چُڪو آهي ها صاحب منهنجو فرياد لِک آئون قاتل آهيان قاتل آهيان پنهنجي ضمير جو قاتل آهيان آئون "بي ضمير" ٿي چُڪو آهيان.......

❊❊❊

# خُدا جو گهر

***قاتل*** گودڙي ڪُلهي ۾ لڙڪائيندي هُوءَ مسلسل صدائون هڻندي پئي وئي، "آهي ڪو مومن خدا جي نالي تي ماني ڏيو ڏئي!. ٻن ڏينهن کان بُکايل آهيان".

ٻنپهرن جو ٽائم، تتل ڏينهن، بُک وگهي هاڻ هن جو آواز بہ نہ پئي نڪتو. هُوءَ مسلسل صدائون هڻندي اڳتي وڌندي پئي وئي پر هن جي صدا ڪنهن جي ڪن تي نہ پئي هئي يا شايد جنهن ٻُڌي اُن اڻ ٻُڌي ڪري ڇڏي.

هُوءَ بُک ۾ بي حال ٿيندي پئي وئي، اُڃ بہ تمام گهڻي لڳي هئس سامهون مسجد جو دروازو کُليل نظر آيس تہ آهستي آهستي هلندي اندر داخل ٿي وئي ۽ گودڙي اتي ئي ڇڏي وضو واري ٽُوٽيءَ کي مُنهن ڏئي پاڻي پيئڻ لڳي.

اڃان پاڻي جو ڍُڪ نِڙيءَ کان هيٺ ئي نہ لٿو هئس تہ اوچتو ڪنهن پُٺيان کان سنڌس وارن مان هٿ وجهي زور سان پوئتي اڇلايس تہ پاڻ ڪئي قدم ڪچي پر تي وڃي ڪري.

ڪرڻ سان سنڌس اکين اڳيان اوندهہ اچي وئي هئي. اُڃ ۽ بُک ڪارڻ ايتري طاقت نہ رهي هئس جو اٿي سگهي، پوئتي ڪرڻ ڪانپوءِ وارن مان جهلڻ واري وري هڪ چماٽ هڻين هئس تہ سڄي ڏڪي وئي هئي. سامهون هڪ شيطاني شڪل سان ديوقامت قد وارو ماڻهو بيٺل نظر آيس، جيڪو مسلسل ڪيس گهٽ وڌ ڳالهائي رهيو هو ۽ هن جي ڪنن سان لفظ ٽڪرايا، "غليظ گهٽيا گندي اسان جي مسجد ۾ ٿي اچي!"، ۽ ٻن چوڪرن جي مدد سان هن کي ڪڍي ٻاهر روڊ تي اڇليائين؟

هيٺ ڪِرڻ سان هن جي چپن مان آخري لفظ نڪتا، "پر هي تہ "خُدا" جو گهر آهي پوءِ ائين ڇو....

***

# چور

**پوڙهو** آفيسر امپورٽڊ شراب جا ٻه پئگ پي وينو هو ۽ هن جي اچڻ کان پوءِ وري ٻه پئگ پيتا هئائين!.

هُوءَ اگهاڙي جسم سان بيڊ تي ليٽيل هئي ۽ اندازو لڳائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي ته پوڙهي جي عمر ڪيتري ٿيندي؟. سوچيندي پوڙهي جي عمر اٽڪل پنجونجاهه سٺ جي لڳ ڀڳ ٿيندي!. نياڻي جو هڪ پير قبر ۾ پيو آهي پوءِ به نٿو مُڙي!.

هُوءَ اڃان سوچي رهي هئي ته پوڙهو آفيسر ڪُرسي تان اُٿيو ۽ ڪپڙا پنهنجي پاڪر ۾ پري چُمڻ شروع ڪيائين. هونئن ته سندس اهو ڌنڌو هو ۽ روز ڪنهن نه ڪنهن جي بستر تي راتيون رنگين ڪندي هئي پر اڄ الائي ڇو ڪيس ائين محسوس ٿيو ڄڻ ڪو پوڙهي جو جسم مُئل جانور ڄڻ هُجي جنهن مان انتهائي غليظ بدبوءَ ايندي آهي. ڪيس سمجهه ۾ نه پئي آيو ته ائين ڇو پوڙهي ڪيس بيڊ تي ليٽايو ۽ سندس اُرهه چُوسڻ شروع ڪيا ته سندس زبان جيڪا اُرهن جي چوٽين کي لڳي پئي اُها ڪيس جهنگراڙي ٻلي جي زبان لڳي جيڪو چوري کير پي ويندو آهي.

هُو نشن ۾ سندس پورو جسم چُمي رهيو هو هيءَ هُئي جنهن جي اندر ۾ طوفان برپا هو سندس اندر ۾ اُلٽي جهڙي طبيعت ٿي پئي، پوڙهو لڳاتار سندس جسم کي ڇُهي ۽ چُمي رهيو هو پر پوءِ به اڄ سندس جسم جي گرمي اندر کان پڙڪو ڪائي نه نڪتي هئي. بس هُوءَ زنده لاش وانگر پيل هئي.

پوڙهو جيڪو ايڪسپائر ڊيٽ ڪراس ڪري چُڪو هو سو صرف پنهنجي هٿن ۽ زبان جي چس وٺي رهيو هو باقي ڪي آثار ڪونه هئا. هن سوچيو "مار پويس نياڻي کي اندر ڪُجهه ڪونهيس پوءِ به ٻُڪيي ڪُتي وانگر چُهٽيو پيو آهي!".

پوڙهي ڪيس اڃان به ويجهو ڪندي پنهنجي پاڪر پريو ته ائين محسوس ٿيس ڄڻ ڪي هزارين "چورون" سندس جسم تي ڦرنديون هُجن ۽ چڪ هڻي سندس ماس پٽينديون هُجن!".

ڪِڳ پوڙهو آفيسر ڪيس وڏي "چور" لڳو.

***

# بيواهه

"**ائي** مُئي سڪيءَ مار پوئي ڪا ڪتي مري وئين!"، پوڙهيءَ زرينه پنهنجي نُنهن سڪينه کي سڏ پئي ڪيا ۽ سڏ ڪندي ڪندي پورو گارين جو ڪتاب پڙهي وئي هُئي ۽ بس تڏهن ڪيائين جڏهن ساهه پرجي آيس ۽ سهڪو اچي لڳس.

آهستي پُٽڪندي، "ان نياڳيءَ سڪيءَ مون کي به دم جو مريض ڪري ڇڏيو. نياڳي مُڙسهنس جو سر کنيو هاڻ اچي منهنجي پُٺيان لڳي آهي!. مُئي الائي ڪيئن اچي اسان جي گهر ۾ پئي. ڪا ماٽس کي ويا پئي ها جو بيمار ٿي مري ها جو اهڙي هچان جٽي اسان جي ڪنڌ ۾ نه هٽي ها!".

پوڙهي زرينه پنهنجي پُٽ جي موت جو ڪارڻ به سڪينه کي سمجهندي هئي ۽ بيماري جو به هونئن ته پوڙهي جي دماغ جو پارو هميشه چڙهيل رهندو هو پر اڄ ڪُجھ سوايو چڙهيل هئس ڇاڪاڻ جو ننڍي پُٽ جو جتان رشتو ڪيو هُئائين اُهي سندس گهر ڏسڻ پئي آيا. ان ڪري پوڙهي صبح کان ويچاري سڪينه جي مٿان مينهن وانگر وسي پئي.

هونئن ته گهر ۾ سڪينه سان ڪو به پيار سان ناهي ڳالهائيندو بس هڪ ڏير کان سواءِ سو به اُن ڪري جو جتان کان سندس مڱڻو ٿيو هو اُهي سڪينه جا ڇاڻ سُڃاڻ وارا هئا. سڪيءَ سڪينه ويچاري سورهن سالن جي ڄمار ۾ اڃان پير مس پاتو هو ته مائٽن سندس شادي پوڙهي زرينه جي پُٽ عبدل سان ڪرائي ڇڏي.

عبدل سندس هم عمر هو شادي کان پهرين ٻنهي هڪٻئي کي ڏٺو به ڪونه هو پر شادي ٿيڻ کان پوءِ ٻئي پاڻ ۾ خوش رهڻ لڳا هئا. عبدل کيس دل سان پيار ڪندو هو. سندس هر ننڍي ننڍي خواهش جي پورائي ڪندو هو. کيس ڪڏهن به ڪنهن شئي جي تنگي ٿيڻ نه ڏنائين، مار پوي موت کي جو اڻ مُنڌائتو اچي نڪتو.

موت هڪ اهڙي سچائي جنهن کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. عبدل ڦوهه جواني ۾ موٽرسائيڪل جي ايڪسيڊنٽ ۾ وڃي مالڪ حقيقي سان مليو. پاڻ ته هليو ويو پر پُٺيان سڪي ۽ سندس به معصوم پُٽڙا ڇڏي ويو جيڪي هاڻ سندس ڀائرن ۽ ماءُ جي رحم ڪرم تي هئا. عبدل جي موت کان پوءِ سڪينه جا مائٽ کيس وٺڻ آيا پر هن وڃڻ کان انڪار ڪيو ڇئي، "هاڻ هي ٻارڙا ئي منهنجي زندگي آهن منهنجي عبدل جي نشاني". هن ڪڏهن سوچيو به نه هو ته ڪو زندگي ائين به تبديل ٿيندي

پهريان جڏهن عبدل زندهه هو ته هن وٽ هميشه هر شئي موجود هوندي هئي. ڀلا ڪپڙا، پئسه ڏوڪڙ، ڪاڏو پيتو به ڊيو تي هوندو هئس پر عبدل جي مرڻ کان پوءِ سندس زندگي ائين بدلجي وئي جيئن ڏينهن جي روشني کان پوءِ رات جي ڪاراڻ ٿي پوندي آهي. سندس ڏيراٽيون کيس سخت نفرت

سان ڏسنديون آهن. پائڻ لاءِ پُراڻا ڪپڙا به ڪڏهن نصيب ٿيندا اٿس ته ڪڏهن ويئي چتيون هڻي ڪپڙا پائيندي آهي. سندس ننڍڙا ٻارڙا خرچيءَ لاءِ تڙپندا آهن. عيد تي به جڏهن سس چوندي آهي ته هڪ هڪ بافتي جو جوڙو ننڍڙن کي وٺي ڏيندا آهن ۽ پوءِ اهو جوڙو به ڳالهيون ٻڌائي ٻڌائي اندر مان ڪڍي ڇڏيندا آهن.

ڪيس ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي زندگي کان سخت نفرت ٿيندي آهي پر هميشه معصوم ٻارن جو سوچي چُپ ٿي ويندي آهي.

سڪينه اڄ سڄي گهر کي ڌوئي صاف ڪيو هو. اٽو ڳوهي رکي آئي هئي، ٻوڙ به چُلهه تي چڙهيل هو ڇو ته سڄي گهر جو ڪم سڪينه ئي ڪندي هئي. سڀني تيار ٿي مهمانن جو انتظار پئي ڪيو پر سڪينه ويچاري ڪم ۾ لڳي پئي هئي. ڪنهن به سڪينه ڏي ڌيان نه ڏنو هو. هُوءَ پُراڻن ڪپڙن ۾ چُلهه تي ويٺل هئي، ائين پئي لڳو ڄڻ هُوءَ هن گهر جي ڀاتي نه هُجي بس صرف نوڪرياڻي هجي. پريان کان وري سندس سس جو زوردار آواز گونجيو "او مئي سڪي ڪٿي مري وئين؟. اٿي تي چٽيءَ مهمان اچڻ وارا آهن اڃان ماني تيار ڪونهي ٿي ڇا؟. مار پوئي ڪا شل موت اچئي جو اسان جي جان ڇُٽي!".

"سڪي" پوڙهيءَ جون گاريون ٻڌي اندر کان جُهري پئي ۽ اکين جا بند ڀڃي به ڳوڙها سندس ڳلن تان ٿيندا اچي هيٺ ڪريا. سڪينه سوچڻ لڳي، "آخر "بيواهه" کي جيئڻ جو حق ڇو ڪونهي!!!".

***

# نئين زال

**قاتل** چوليءَ مان سندس جسم اڌ اگهاڙو نظر پئي آيو جهڙو چنڊ جي روشني ڪڪرن مان ليئا پائيندي آهي.

وڏيرو سائينداد عمر جي آخري حصي ۾ هجڻ باوجود بہ شوقين مڙس هو. هُوءَ "ڪبوترن" جي ٽولي سان گڏ هئي. (ڪبوتر لاڏائو قبيلو جنهن جون عورتون ڏاڍيون حسين ٿين)، وڏيري مُنشيءَ کي اک هنئي، مُنشي اڳي ئي وڏيري جي پاپن جو گواهہ ۽ مددگار هو سو سمجهي ويو وڃي پاسيرڙو ٿي رازداريءَ سان ٽولي ۾ وڏي عمر جي ڪبوتريءَ جيڪا سندن اڳواڻ پئي لڳي سان ڳالهايائين.

ڪبوتريءَ پهريان وڏيري سائينداد ڏي نهاريو پوءِ سندس گاڏيءَ ڏي نظر ڦيرائي ها ڪيائين تہ مُنشيءَ اک جي اشاري سان وڏيري کي هائوڪار جي خوشخبري ٻُڌائي.

وڏيري جو هائوڪار ٻُڌي تہ خوشي ۾ ٻهڪڻ لڳو ۽ سندس مُڇون هيليڪاپٽر جي پرن وانگر ڦڙڪڻ لڳيون، مُنشيءَ ويجهو اچي ٻُڌايس تہ ٻہ هزار ۾ سئودو طئي ٿيو آهي، شام جو ٻنيءَ واري اوطاق تي ڇوريءَ اچي ويندي.

شام جو وڏيرو اوطاق جي اڱڻ ۾ ائين ڦيرا ڏئي رهيو هو جيئن سرٽيون گوشت لاءِ لامارا ڏينديون آهن. وڏيرو سائينداد خان تر ۾ عياشيءَ لاءِ مشهور ليکيو ويندو آهي. اڳي ٽي شاديون ٿيل هئس ۽ ماڻهو ڳالهہ ڪندا آهن شهر ۾ بہ سُريتون بہ اٿس.

حڪيم هڻ ڪڻ سندس ويجهن دوستن ۾ شُمار ٿيندو آهي، جنهن ڪيس هڪ هيري جو ڪُشتو ناهي ڪارايو هئو. مُنشي واتان ٻُڌل ڳالهہ تہ وڏيرو اصل گهوڙي کان بہ گوءِ کڻي ويو وڃي!.

وڏيرو اوطاق جي اڱڻ ۾ ڦيرا ڏئي ٿڪو تہ اچي آرام ڪُرسي تي ٽيڪ لڳايائين، اوچتو سندس نظر دروازي تي پئي جتان ڪان مُنشيءَ سان گڏ اها ڏينهن واري ڪبوتريءَ آئي پئي. وڏيري جون مُڇون هڪ دفعو ٻيهر ڦڙڪڻ لڳيون.

وڏيرو ۽ ڪبوتريءَ اندر ڪمري ۾ پورجي ويا.

صبح جو سوير وڏيري مُنشيءَ کي اوطاق تي گهرايو مُنشي سهڪندو اچي پهتو. وڏيري حُڪم ڪيو "مُنشي مولوي کي گُهرائي مون کي هُن سان شادي ڪرڻي آهي ۽ اوطاق جي پاسي ۾ بہ ٻيا ڪمرا ٺهرائي جتي منهنجي نئين زال رهندي ۽ سڄي ڳوٺ ۾ مٺائي ورهائي ڇڏ".

***

# پاڙو

**نيڪ** ماڻهن واتان ٻڌو اٿم ته پاڙي وارن جا حق سڀ کان پهريان آهن پوءِ ٻيا حق لاڳو ٿيندا آهن پر هتي ته قصو ئي الڳ هو. هُوءَ ڇُڳل ڪٽ تي پاسا ورائي سُور کان تڙپي رهي هئي، ڪنهن ڪنهن ٽائم برداشت ختم ٿيڻ تي سُور جي شدت کان دانهن نڪري پئي ويس. ڪيس اچ پيٽ ۾ سخت سُور هو. شديد سُور هئڻ ڪري هلڻ ڦرڻ لائق به نه رهي هئي. جنهن گهر ۾ ڪم ڪندي هئي اتان کان به صبح کان وٺي به ٽي نياپا آيا هئس پر ڪين طبيعت خراب هُجڻ جو ٻڌايائين ته ميڊم چوائي موڪليس، "اهو تنهنجو روز روز جو ڊرامو اسان کان برداشت نٿو ٿئي اڳتي ڪم تي نه اچجان!".

جواب ٻڌي سُور وڌيڪ وڌي ويو هئس، هُوءَ ويچاري ته ٻين پاڙي وارن جي سيٺ جي گهرن جو به ننڍو وڏو ڪم ڪندي هئي. صبح کان وٺي اُتان کان به ڪئي نياپا آيا هئا، سيٺ کي طبيعت خراب هجڻ جو ٻڌايائين.

ڪُجهه مايون ته گهر سڏڻ به آيس پر ڪنهن به اهو ڪونه پُڇيس ته تون ڪيئن آهين؟. تو کي دوا دارون جي ضرورت آهي!. ڪُجهه کاڌو اٿئي؟. ڊاڪٽر کي ڏيکاريو آهي وغيره.

هر ڪو بس پنهنجي ڪم جي لالچ سان ٻڌل هو. هُوءَ ڇڳل ڪٽ تي سُور ۾ لُڇي پڇري رهي هئي. سوچيائين پئي پاڙي وارن جي دين ۾ ته درس مليل آهي سڀ کان پهريان "حقوق العباد" آهن پوءِ "حقوق الله" آهن پر هتي ته هي پاڻ ئي ان ڳالهه جا انڪاري آهن جو هنن جي ته پنهنجي لالچ ئي پوري نٿي ٿئي، سندن پيٽ آهن جيڪي پرجڻ جو نالو ئي نٿا وٺن. پاڙو ۽ حُقوقن کي ته هي گهر جي ڪُتي جيتري به اهميت نٿا ڏين!!!.".

✻✻✻

# جديد مُحبت

ننڍ مان اکيون مهٽيندي اُٿيو تہ ٽچ موبائيل جي اسڪرين تي نظرون ڄمائي مسيسيج پڙهڻ لڳو.

Leena, Hi, janu good morning
Fareeha, Good morning sweetheart.
Mehak, Mitha good morning
Jaldi uth tokhy ajj kam san wanjino ahy.

ميسيج پڙهي چپن تي مسڪراهٽ اچي ويس, فخر واري انداز سان پاڻ سان ڳالهائيندي, "هاءِ هي ڇوڪريون ڪيڏو خيال ٿيون رکن منهنجو..... ڪيڏو پيار اٿن مون سان........ صدقو وڃان....... ". اجان بيڊ تي ئي ويٺو هو تہ اوچتو دروازو کُليو سندس ماءُ اندر روم ۾ داخل ٿي, "پُٽ ڇا آهي صبح صبح موبائيل ۾ اک........ اُٿ جلدي تيار ٿي توکي وڃڻو آهي نہ !".

هي جي امان چئي وري ٽيڪ لڳائي ليٽي پيو مسڪرائيندي پهريان منهنجي محبوبائن کي رپلائي ڏئي وٺان,

Leena, Hi Leeno
Good morning to my cute doll.
Fareeha, Hi Fari Good morning.
Mehak, Munhnji Mithi Good morning
Rani jadhen sbh khan pehryan subhu jo thnjo msg milando ahy na ta ehen mehsoos thendo ahy jein tun unh pal mhnjy samhoon hujeen ain sajjy kamery main khushbo fehlyal hujjy

❤❤❤

ميسيجن جا رپلائي ڏئي اُٿي فريش ٿيو ناشتو ڪري ٻاهر نڪتو تہ پاڙي مان يونيورسٽي وڃڻ لاءِ ڇوڪريون ويون پئي. سندس نظر عليشا تي پئي, صبح ساڻ وائٽ ڪُرتي ۽ جينس ۾ پري پئي لڳي. هن جي دل ۾ وري نئين عشق ڪر کنيو. مُسلسل ڏهہ ڏينهن جي ڪوشش کان پوءِ نيٽ نمبر ملي ويس, ميسيج ڪيائين,

Hi,
Alesha How are you?
I am Ali.

جڏهن کان توکي ڏٺو اٿم رات جو ننڊ حرام ٿي وئي آهي, زندگي مان چين سُڪون ڇڏائجي ويو آهي, مون کي توسان "مُحبت" ٿي وئي آهي.

❋❋❋

# ڪاغذي مُحبت

**هُن** جا چپ سندس چپن کي ڇُهي رهيا هئا. هِن جي هٿن جي پڪڙ سندس چيلهه تي اڃان به مضبوط ٿيندي پئي وئي. سندس اُپريل ڇاتيون هن جي سيني سان لڳي چقمق وانگر چنبڙي پيون هيون. سندس ٽنگون هن جي ٽنگن سان وچڙيل هيون. گرم جسم ماڪيءَ ڪان مٿين چُمين جو دور هليو پئي اوچتو هُن پنهنجيون اکيون کوليون ۽ حُجت سان ڪيس چيو. "ٻُڌ "ڪِنا"...

"جي سائين ٻُڌايو".

ڪُجهه پل خاموشي وري چپ چُريا هُن ڳالهايو "تون مون کي ڪڏهن ڇڏي ته نه ويندين نه؟".

هلڪي مسڪراهٽ سان هِن چپن تي چُمي ڏيندي چيس, "سائين منهنجي زندگي ته تنهنجي نالي آهي آئون ڪڏهن به توکي نه ڇڏيندس ها باقي مِني ٻُڌ..

"جي ٻُڌايو.........

ڪلندي, "تون مون کي ڪڏهن نه ڇڏجان!".

هُن پنهنجو هٿ سندس مُنهن تي رکندي چيس, "وري ائين ڪڏهن نه چئجان منهنجو مرڻ جيئڻ توسان آهي هميشه لاءِ!".

ائين ئي نينهن جا ناتا هلندا رهيا. جوانيءَ جا جام ڇُلڪندا رهيا. ٻنهي هڪٻئي جي جسم جو طواف سُٺي نموني ڪيو هو. ٻئي جسماني لذت جو پورو چس چکي چُڪا هئا, هي ته هُن سان ايتري قدر سچو هو جو دل سان هُن سان شادي ڪرڻ لاءِ راضي هو پر هُن جي من ۾ ٻيو ڪجهه هو.

ڪُجهه عرصو هُوءَ اهو چئي رابطي ۾ نه هئي ته منهنجا پيپر پيا هلن. هي هو جو هن جو پل پل انتظار ۾ پئي گذريو. تڙپ هئي جا وڌندي پئي وئي جو هڪ ڏينهن سندس فيس بُڪ تي اسٽيٽس ڏٺائين;

Got married with my love.

سندس پيرن هيٺان زمين نڪري وئي, سڄي همٿ گڏ ڪري ڪيس ڪمينٽ ڪيائين, "توهان کي شادي مُبارڪ هُجي گهٽ ۾ گهٽ دعوت ته ڏيو ها!."

جواب آيو "توهان هيئنر ٿا مُبارڪ چئو".

هن ريپلائي ڏنو "هاڻ فيس بُڪ اسٽيٽس ڏٺو اٿم ۽ توهان دعوت به نه ڏني!".

هُن جو ريپلائي ڏسي سندس اکيون ڦاٽي ويون, لکيل هو. Its ok Ada.

***

# قرباني جو گوشت

**ڇنيون** لڳل ڪپڙا، وارن ۾ مِٽيءَ پيل، ڇڳل چمپل سان هُن جي عمر ڪا ٻارنهن سال کن مس ٽيندي. ٽيلهي هٿ ۾ اچي صدا هنيائين، “صاحب مون کي بہ گوشت ذرو ڏيو الله توهان کي خوش ڪندو”.

صاحب چيلهہ تي هٿ ڏئي ڀِهريان سندس مُنهن ۾ نهاريو پوءِ چيو، “هل هل اسان سچو گوشت ورهائي ڇڏيو آهي ٻيو ڪو در ڏس!.”. ننڍڙو معصوم ڇوڪرو روئٹهارڪي شڪل سان اڳتي وڌي ويو ڀُٽيان ڪان صاحب ڏٺو تہ سندس ڪپڙا ڦاٽل هُئا ۽ انتهائي گدلو پئي لڳو.

صاحب کي ڪراهت اچي وئي مُنهن ٺاهي، “همم ههمم الائي ڪٿان ٽا اچيو وڃن “ينگي.....!”.

ٻاهر صاحب کي ڳالهائيندي ٻُڌي اندريان ڪان سندس بيگم صاحبہ جو آواز گونجيو، “ڪير آهي؟. گوشت کڻو آيو آهي اندر وارو وڏو فرج تہ پنهنجي گوشت سان ڀريو پيو آهي هاڻ وڏيڪ گوشت جي گنجائش ڪونهي تون اهو ڪِچن ۾ رکجان تہ “بوائل” ڪريان”.

***

# سماجي اڳواڻ

**وڏي** ڪرولا گاڏي مان لهڻ کان پوءِ پاڻ سڌو اچي پريس ڪلب تي مظاهرين جي وچ ۾ بيٺو ته مائيڪ واري همراهه سندس ڪپڙا، گاڏيءَ ۽ نت نانگر ڏسي وري گذريل ڳاڙهي ڀوڙ ۽ ڪڙي پاٽي واري دعوت ياد ڪري هيئن تعارف ڪرايس، ”سائين چنيسر خان ڪنهن تعارف جو محتاج ناهي!. سائين وارن جي خاندان جو شجرو آزادي جي ويڙهه وڙهندڙ (تاريخ کان اڻ ڄاڻائي ۽ ڀوڙ جي آسري ۾) مير صادق ۽ جعفر جي خاندان سان وڃي ملي ٿو. سائين جن هتي بيواهن لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. اصل سماجي ادارو ناهي سماج لاءِ آفيسرن جي درن تي ڌُوڙيا لائي ڏنا اٿئين. بيروزگاري شهر مان پنجاهه پرسنٽ ختم ڪري ڇڏي اٿائين. اصل حڪومت جي پاليسين تي سخت موقف رکندو آهي ۽ هاڻ هاڻ تازو دبئي مان اوهان جي شهر لاءِ پروجيڪٽ وٺڻ ويو هوا“.

مائيڪ واري ايڏي تعريف ڪيس جو خوشيءَ ۾ گد گد ٿيڻ لڳو ۽ پيٽ چوليون هڻڻ لڳس. پريس ڪلب تي تعليمي بجيٽ گهٽ هئڻ ڪري حڪومت خلاف مظاهرو هو. سڀني تقريرون ڪيون، هن سماجي اڳواڻ به زورن سان تقرير ڪئي. اوچتو سندس آئي فون ليٽسٽ ماڊل تي ڪاموري صاحب جو ميسيج آيس، ”سائين اوهان وٽ ته حصو پهتو آهي نه پوءِ توهان به؟“.

رپلائي ڏنائين، ”سائين ”ڇُوتين“ جي ٽيم آهي ٻيو ڪو اچي توهان جي ڳلي ۾ فِٽ ٿيندو ان کان مون اچي اڳواٽي ڪئي آهي، سڀ پنهنجا آهيون ٻين کي ڪهڙي خبر؟“.

ٻئي پاسي کان ”ڪاموري“ وڏو ٺهڪ ڏيندي چيو، ”واهه ”سماجي اڳواڻ!“. هن جو پيٽ به لُڏڻ لڳو.

❋❋❋

# چڪلائي

***ڪيس*** سڀ چڪلائي چوندا آهن پر هُو ڪين ڪڏهن بہ ڪن ڏئي ٻڌي ئي ڪونہ!. چڪلي جي پاسي ۾ گهر هئڻ ڪري هن جو واسطو سيني چڪلي وارن سان آهي سو ان ڪري ٻاهريان ماڻهو بہ سڀ ڪيس ان نالي سان سڏيندا آهن پر هي هميشہ چوندو آهي هتي رات جو ڪڏهن اچو تہ توهان کي "مُهذب پٽو" اگهاڙو نچندي ڏيکاريان.

سندس ڳالهين تي ڪير ڌيان ناهي ڏيندو چو تہ هُو چڪلائي آهي باقي سڀ مُهذب آهن. هُو اڄ نشي ۾ ڌُت ٿڙندو ٿاٻڙندو گهر ڏانهن ويو پئي تہ ٻگليءَ ۾ ويٺل ڪُجھ وائٽ ڪالر ماڻهون جيڪي سڀ سندس سُڃاڻون هئا ڪيس سڏ ڪيو "اڙي هيڏانهن اچ". هڪ ڀُنيان هڪل ڪئي، "چڪلائي!."

هي ٿڙندو ويجهو پهتو ۽ سڄي جسم جي قوت گڏ ڪري اکين تي زور ڏنائين تہ من ڪجھ نظر اچيس ۽ سُڃاڻي سگهي تہ هتي ڪهڙا مُهذب ويٺل آهن. ٿُلهي پيٽ سان ويٺل وردي وارو، اڇن وارن سان قلم وارو، ڊگهو ڪوٽ وارو، پريل جسم روينيو آفيسر، پورو رنگ مُرشد سائين، ڊينبو ليڊر، ناسپاتي جهڙو اڪڙيل تعليمدان، وڏي شيرواني سان حڪومتي ماڻهو ۽ ڪجھ ٻيا ويٺل هئا جن ڪيس چيو "تون چڪلائي آهين ۽ هن سوسائٽي تي ڪارو داغ آهين. تون هتان لڏي وڃ نہ تہ توکي هاڻ نہ ڇڏبو".

هن ڀيريان تہ غور سان ڏٺو پوءِ ڳالهائڻ شروع ڪيو "ها آئون چڪلائي هئس، چڪلائي آهيان ۽ چڪلائي رهندس پر توهان ٻڌايو توهان ڪير آهيو؟ منهنجي پير ۾ چڪلي جون رنديون حق حلال جي روزي ڪنديون آهن، ڪڏهن بہ ڪنهن کان پنج روپيہ بہ وڌيڪ ڪونہ ورتا اٿن اڙي مُهذب پٽي تي ڪارا داغ اوهان آهيو ٻڌايو اوهان ڇا ٿا ڪريو؟ هُو وردي وارو جنهن ڪلهہ مسڪينن جا خون لوڙهيا، نياڻين جي لڄن جا سودا ڪيا، هُو قلم وارو جنهن قلم کي گُهنگهرو ٻڌي ڇڏيا آهن، هُو روينيو وارو جنهن هڙئي ڪاتا مٿائي ڇڏيا آهن، هُو ڪوٽ وارو جيڪو پئسي کان سواءِ ڳالهائيندو بہ ناهي، هي مُرشد جيڪو هر مريدياڻي جي نٿ لاهيندو آهي، هي سياسي ماڻهو جنهن ڪڏهن بہ ڪو فِري ۾ ڪم ناهي ڪيو اڙي هُو ڊاڪٽر جيڪو ڪاسائي آهي، اڙي هي ڏس تعليمدان جنهن نسل وڃايا آهن اڙي ٻُڌي نٿا مرو مون کي ٿا چئو چڪلائي.......

ها آئون سر عام مڃيان ٿو تہ آئون چڪلائي آهيان پر مون کان وڌا توهان "چڪلائي" آهيو.

***

# مُڙس ماڻھون

“**اڙي** ٻڌ تون ناشتو ٻاهر پيو ڪرين؟، خير تو واري مائي ڪيڏانهن وئي يار!”.

“اُن جي طبيعت ٺيڪ نہ هئي سو ڇيومانس تون آرام ڪر تہ آئون ٻاهران ناشتو ڪري ٿو اچان”.

“پوءِ ٻلا ڏينهن واري ماني ۽ ڪپڙا؟؟”.

“يار ماني ٻاهران وٺي وٺندس ۽ ٻاجي ٻاڻ ٺاهي وٺندس!”.

“اڇا..... ها ٻلا ٿيو ڇا اٿس!؟”.

“بس هلڪو بُخار ٿي پيو اٿس ۽ زُڪام بہ!”.

“هل ڙي......... شابس اٿئي اها بہ ڪا بيماري آ ڇا؟ جو تون مائي کي آرام وٺڻو ڪرائين، هُوءَ ڪايو پيو مست ٿيو ليٽي پئي هجي ۽ تون وٺو ڪم ڪرين!. اڙي ٻُڌي مر تون تہ صفا ٻاڙيو آهين منهنجي مائي ائين ڪري ها نہ تہ هڏ ٻنجي ڇڏيانس ها”.

“اڇا ڇو اها انسان ناهي ڇا؟”.

“اڙي ڇا جي انسان؟. شادي ماڻهون سُک لاءِ ڪندو آهي نڪي مائيءَ جي ٽپالگيري لاءِ، مون واري مائيءَ تہ سڄو گهر جو ڪم ڪار بہ ڪري، ٻارن کي تيار ڪري موڪلي، ناشتو ٺاهي صبح جو مون کي ڪپڙا استري ڪري ڏئي ۽ منهنجو جوتو بہ پالش ڪري ڏي!”.

“اڙي تون پنهنجي گهر واري کان جوتو پالش ڪرائيندو آهين؟”.

“ها تہ ٻيو باقي ڇا لاءِ ورتي اٿم!”.

“اڙي ٻُڌي مر......... تو جهڙا نہ “مُڙس ماڻهوءَ” هن قوم جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيندا. اڙي تنهنجو ايندڙ نسل بہ توکي گاريون ڏيندو. تنهنجي ٻارن تي کهڙي اثر پوندو. ڪجھ لڄڻ ڪرا”. هُو ڪيس سمجهائيندو رهيو پر “مُڙس” ماڻهوءَ “مُڇ” وٽيندي چيس، “اڙي اها اسان مڙسن جي روايت آهي تون تہ ٻاڙيو آهين”.

***

# جنسي مريض

“**يار** سميع اڄ تہ حد ٿي وئي صفا!”.

“خير آخر ڇا ٿيو!؟”.

“يار اڄ مارڪيٽ ۾ اهڙي ڇوڪري ڏٺم جو صفا دنگ هئي. ان جهڙي ڇوڪري مون ڪڏهن پنهنجي زندگي ۾ ناهي ڏٺي”.

“ڇو ڀلا اهڙو ڇا هئس؟ تو واري مائيءَ کان بہ سُٺيءَ هئي ڇا؟”.

“اُون هُون سميع تون بہ نہ......... مون واري مائيءَ ڊُونڊ لڳي پئي آ هُن جي تہ پير جهڙي بہ ڪونهي!”.

“مطلب تو واري پُنئين مهيني واري گرل فرينڊ جهڙي هوندي”.

“نہ با نہ!، اُها تہ ڪاري ڪوجهي هئي”.

“پر تون تہ تڏهن چوندو هُئين هُوءَ جنت جي حُور آ”.

“اڙي يار پر هن جهڙي ڪانہ هئي”.

“ڀلا ان کان پهرين واري جهڙي بہ نہ!؟؟. جنهن کي شادي جي آسري ڇهہ مهينا استعمال ڪيو هئيي”.

“اڙي نہ بابا ائين تہ مون شادي جا آسرا ڏئي پنجاهہ کان وڌيڪ افيئر ڪيا آهن پر هن جهڙي ڪا بہ نہ هئي انهن مان يار”.

“ٻڌ اگر ڏيڍ مهيني کان پوءِ وري تو کي ڪا ٻي ملي وڃي تہ هههههہ پوءِ وري ان جهڙي ڪا دنيا ۾ ڪونہ هوندي”.

“سميع صفا ڀُوڪ آهين ڪپڙا ۽ مائي ڪڏهن بہ گهڻو وقت ساڳي ناهي هلائبي!”.

“ٻڌ پوءِ تو واري مائيءَ ڇو رکيو وينو آهين؟”.

“اڙي اها تہ ماني پچائڻ ۽ ٻار سنڀالڻ لاءِ رکيل آهي”.

“حد آهي تون پنهنجو علاج ڪرائي، تون نارمل انسان ناهين، تون “جنسي مريض” ٿي چُڪو آهين، اها تنهنجي جنس ٻُک انسانيت لاءِ نقصانڪار آهي”.

***

# باغي ڇورو

"**اڙي** گُلو ٻڌ تہ سهي ڻورو هيڏانهن اچ".

"جي چاچا جي......!"، گُل محمد چاچي فيضوءَ جي سڏ تي جيءُ جيءُ ڪندو پڄندو پهتو. چاچو (گُل محمد کي ڳوٺ وارا پيار سان گُلو چوندا هئا). گُلو تو واري ڇوري عليڙي (علي کي چاچي ڪاوڙ ۾ عليڙو پئي چيو) جو دماغ خراب ٿي ويو آهي، ڪلهہ مولوي صاحب قاري حسين بخش اچي دانهن ڏني آهي".

گل محمد ڳالهہ ٻڌي پريشان ٿي ويو چئي، "چاچا خير ڇا ٿيو؟ ڇا جي دانهن ڏني آ مولوي صاحب؟".

"ابا گُلو قاري صاحب چئي پيو تہ اهو عليڙو مون کان دين متعلق ڇِڙ ڏيارڻ واريون ڳالهيون ٿو پُڇي".

گُل محمد، "چاچا آخر علي اهڙو ڇا پڇيو قاري صاحب کان؟".

"اڙي تو وارو ڇورو عليڙو مولوي صاحب کان پُڇي ٿو تون پيش امام آهين، تون سڄي رات ڏينهن مسجد ۾ سُتو پيو آهين، اتي تِتِ قُوس ڏئين ٿو اها جائز آهي؟. تون هتي ڇهہ ڇهہ مهينا رهين ٿو تو واري زال اڪيلي ٿي رهي اهو پلا تو واري مذهب ۾ جائز آ؟. تو هر هفتي جمعي تي رڳو آمريڪا ۽ اسرائيل کي ويٺو گاريون ڏئين پلا عوامي پلائي جون ڳالهيون ڪرڻ ڪُفر آهي ڇا؟. تون اسان کي ساڳي روزي، نماز، زڪوات جون ڳالهيون پيو ٻڌائين پيو ڪجهہ اڳتي ڪونہ ٿو ڇا؟، تنهنجا پانچا پيڌين کان بہ ايترا مٿي آهن اها اوگهڙ ڪونهي؟. تنهنجي نظر ۾ عورت جو مقام صرف ماني پچائڻ سيڪس ڪرڻ آهي ان کان وڌيڪ ڇو نٿو سوچين؟. تون لونڊي بازي جي خلاف ڇو نٿو ڳالهائين؟. تون رڳو هِندو هِندو ڪافر ڪافر پيو ڪرين انسانيت جي ڳالهہ ڇو نٿو ڪرين؟. تون وتين ٿو جهاد لاءِ اعلان ڪرائيندو ڪڏهن تون ڪنهن انسان جي مدد بہ ڪئي آهي؟. تنهنجو پيٽ ڏسي لڳي ٿو ئي ڪونہ ٿو تہ تون ڪنهن سُنت تي عمل ڪيو هوندو....... ۽ بيو بہ الئي ڇا ڇا بڪواس ڪيو اٿئين تو وارو ڇورو عليڙو مذهب کان باغي ٿي پيو اٿئي ۽ ٻڌ گُلو مولوي صاحب چئي پيو مذهب ۾ سوال پُڇڻ ڪُفر آهي ۽ تو وارو ڇورو ڪُفر پيو ڪري!".

گُل محمد چاچي جون سڄيون ڳالهيون غور سان ٻڌيون ۽ آخر ۾ نڪ تي هٿ رکندي چيو، "توبهن زاري ڇئبو تہ اهو قاري صاحب بہ اٿين ئي آهي، ان ۾ سُنت ذري ڪونهي!".

چاچو اها ڳالهہ ٻڌي باهہ ٿي پيو گاريون ڏيندي گُل محمد کي ڇپائين، "هتي تہ "دن" کي ئي رولو آ، مون سمجهيو هڪ ڇورو باغي ٿيو آ.................

***

# عذاب

“**مومل** يار ڪٿي گُم آهين؟، اڄ سڄو ڏينهن ميسيج جو رپلائي بہ نہ ڏنو اٿئي!”.

“يار طبيعت سهي ناهي”.

“ڇا ٿيو تنهنجي طبيعت کي؟، تون تہ روز بيمار لڳي پئي آهين حد آهي يار!، جڏهن پُڇان ٿو رڳو بهانا وينئي ڪرين!”.

“يار تون سمجهين ڇو نٿو!، منهنجي طبيعت خراب هئي، مان ان ڪنڊيشن ۾ نہ هئس جو رپلائي ڏئي سگهان ها”.

“ڇو اهڙو ڇا ٿي ويو هو؟”.

مومل، “يار منهنجا پيرڊس (ماهواري) شروع ٿي ويا هئا”.

“پوءِ ان ۾ ڇا آهي اهڙو؟”.

مومل، “اهڙو ڇا مطلب؟، يار تون تہ وڏو خود غرض آهين!، توکي ڪهڙي خبر تہ مون ڪهڙو عذاب سنو آهي ۽ هر مهيني عذاب سهندي آهيان، تون ڇا ڄاڻين تہ پيرڊس (ماهواري) جو هر ڏينهن ڪنهن عذاب کان گهٽ ناهي هوندو!. تون ڇا ڄاڻين تہ پيرڊس جي دوران Endomatrium Layer ٽُٽڻ قيامت جي غذاب کان گهٽ ناهي هوندو. پليز پهريان تون خود غرضي جو پردو اکين تان هٽائي منهنجو درد محسوس ڪر، آئون جيڪو “عذاب” سهان ٿي اهو محسوس ڪر پوءِ ڳالهائجان.............

❋❋❋

# نيگيٽو

“يار حد ٿو ڪرين ائين بہ ٿيندو آهي ڇا!. هُوءَ تنهنجي محبوبا آهي تون هُن جون تصويرون سيني ڪي پيو ڏيکارين!.”

عديل انگريزي ۾

You mean lover?, My foot I only want to use Her thats all.

“پر يار ڏس تہ سهي هُوءَ ڪيڏي معصوم ۽ پياري آهي، توسان پيار بہ تہ ڪيترو ڪندي آهي!”.

عديل، “يار علي ڳالھ ٻُڌ...... ايڏي جي نہ پلي هُجي ها تہ مون سان فون تي ڪونہ ڳالهائي ها الائي ڪيترن سان ڳالهائيندي هوندي، مون ڪو ٺيڪو تہ ڪونهي کنيو جو هر ڇوڪريءَ سان عشق ڪريان ۽ وري شادي ڪريان. اهڙيون ڇوڪريون بس يوز ڪرڻ لاءِ هونديون آهن تون ڇا سمجهين تو ۾ تہ لچڻ آهي ڪونہ رڳو مٺو وينو ڪائين!”.

علي، “يار پر فون تي ڳالهائڻ واري هر ڇوڪري خراب تہ ناهي هوندي نہ!. سچي محبت بہ تہ جنم وٺندي آهي نہ ۽ هُوءَ تہ توسان بيحد پيار ٿي ڪري تون الزام ڪيئن پيو هڻين هُن تي تو وٽ ڪو پروف آهي ڇا ۽ ٻُڌ فون تہ تنهنجي “پيڻ” وٽ بہ آهي پوءِ............؟؟؟”.

❊❊❊

# جديد محبوبا

**موبائيل** کي هٿن ۾ ڦيرائيندي چيائين، "سُنو ٽيو جان ڇُتي!. خرچ تڪو ڪونہ ڪندو هو رڳو مڙس کي عشق جو شوق هو. وڏا شعر پيو پڙهي ٻُڌائيندو هو. ان ڀُوڪ کي ڪير سمجهائي تہ تنهجي شاعري سان گُل احمد جي برانڊڊ لون ۾ ڪاٽن ناهي ايندي ۽ اسٽائلو جا پرس ۽ شوز ان گسيل ڦتل شعرن سان ناهن ايندا. ان ڍڳي کي تہ اها خبر بہ نہ هئي تہ باڊي اسپري جا گهٽا برينڊ آهن. هي تہ بيوٽي پارلر ڪان بہ اڻ واقف هو ان کي ڪير سمجهائي تہ نيل پالش آئون هزارن جي وٺندي آهيان. ٻُڌ هڪ دفعي چيومانس مون کي "لِلي" جو برينڊڊ بريزر ڪپي تہ ريڙهي تان رنگيلو ربڙ وارو وچي وٺي آيو. هڪ دفعا لِپ ڪِس ڪئي مانس تہ منهنجي لِپسِٽڪ چپن تي لڳي ويس جنهن کي زبان سان چٽيندي چيائين واہ جو ڪيڪ هو شٽ يار شينا صفا گڏھ هو ڪو. اڙي هڪ ٻُڪيو پيو نالو ڏکيو بہ ڪتاب لکيو ڪڇ ۾ ڪنيو وتندو هو هاهاهاها".

"نينا" شينا سان تاڙي ملائيندي ٻڌائيندي پئي وئي، "اڙي ٻُڌ هڪ دفعي چيومانس هل تہ هلون مِرچي 360 تي تہ خبر ٿئي ڇا ٿو چوي؟. مرچون تہ اسان وٽ ٻن قسمن جون ٿينديون آهن هڪ لونگي ڳاڙهيون ٻيون وري ڍڳهيون هاهاهاها........".

شينا، "ڪُجھ ڪئيي بہ يا نہ؟".

"اڙي هڪڙي دفعا ائين ئي ويجهو ڪيومانس تہ ٽنگون ڏسي وات گودو هٽي ويس چئي تنهنجي ٽنگن تي وار ناهن اهو ڪيئن ۽ ڇو؟. اڌ ڪلاڪ سوال ڪندو رهيو مون بہ پري ڪندي هيئر رموور ڪڍي ڏنومانس ۽ چيومانس هٽي ڏسجان هاهاهاها"

"يار نينا تو ويچاري جي دل توڙي ڇڏي!".

"هاهاهاها سُنو ٽيو نہ!، هاڻ هڪ پيو "ڪتاب" لکندو شاعري جو........

***

# حلال روزي

**سيٺ** تازو عمرو ڪري وريو هو. هونئن ته سيٺ اڪثر عمري تي ويندو هو ۽ جلدي اچي ويندو هو پر هن دفعي پورو مهينو رهي پوءِ آيو هو. اچڻ سان وڏي خيرات ڪيائين. تر جا سڀ سيٺ پيڍين وارا، دُڪانن وارا گهرايائين. رڳو وڏين گاڏين جون قطارون هيون.

هئي هئي سڀ نيڪو ڪار اچي گڏ ٿيا هئا. پاڻ اچي ڪچهرين ۾ کُليا، ڪنهن ٻڌايو ته مون پنج عمرا ڪيا آهن، ڪنهن چيو ته ڏهه، ڪِن ته ويهه به ڪيا هئا، سڀ صوم صلوات جا پابند نظر پئي آيا.

سيٺ الحاج محمد قاسم جنهن جي خيرات تي اچي گڏ ٿيا هئا ان سيني سان حال احوال ڪندي پُڇيو "ڏيو خبر پلا هيلوڪو ڪٽڪ ڪنهن اسٽاڪ ڪئي آهي؟". پهريان سيٺ پاڻ ئي ڳالهه چوري، "هن واري ڪٽڪ گهٽ آهي مون ته پنج هزار مڻ رکي آهي ٻه پارٽيون لڳل آهن بليڪ تي پنج سئو رپيا وڌيڪ ملن پيا".

ٻئي سيٺ چيو "مون ٻه هيل دوائون لڪائي ڇڏيون هيون، پنج سئو واري ٿيلهي اٺ هزار جي ماڻهون منٿون ڪري وٺي ويا!".

ٽئين سيٺ ٻڌايو "ته هيل کنڊ جو اسٽاڪ سڄو مون وٽ هو. مهينو ته ماڻهن کي مِٺاڻ کان محروم ڪري ڇڏيم".

چوٿين سيٺ چيو "اسان ته ڪريانه جو سامان اسٽاڪ ڪندا آهيون سو مڙئي انٽريسٽ سُٺو مليو وڃي!".

پنجين سيٺ چيو "مون کي ته ٽينشن ئي ڪونهي پنجن بئنڪن مان منافعو اچي پيو!". ائين ڪچهريءَ هلندي رهي، سڀ پنهنجي نيڪي جا قصا ٻڌائيندا رهيا، سيٺ الحاج محمد قاسم چيو "سبحان الله سڀ حرام کان پري رهجئو..... ۽ ائين خُدا جي بندن جي خدمت ڪندا رهو......

❊❊❊

# نيڪ

**استغفرالله**، نعوذاباالله، ڪافر ڪافر جون پريان ڪان دانهون ٻُڌڻ ۾ پئي آيون، علي جي ڪنن تي آواز جو پيو تہ ڀڄندو ان طرف ويو. ڇا ڏسي تہ هڪ ڳاڙهي ڏاڙهي سان مُلان ٽئنڪي جهڙو پيٽ ڪنيو پِنڻ واري باگڙياڻي کي چماٽون پيو هڻي. علي ڀڄندي وڃي باگڙياڻي کي ڇڏايو ۽ مُلان کان پُڇيو، "ظالم هن معصوم کي ڇو ٿو مارين؟".

پريان ڪان ڳاڙهي ڏاڙهي واري مُلي جي پُٺيان اڇين ڪارين ننڍين ڊُن جيتري ڏاڙهين جي فوج بيٺل هئي، اهي سڀ جا سڀ گڏ ڳالهائڻ شروع ٿي ويا، "هي باگڙياڻي ڪافر آهي، هن ڪُفر ڪيو آهي اسان هن کي نہ ڇڏينداسين".

ڳاڙهي ڏاڙهي واري جنريٽر جهڙي مُلان اڳتي وڌندي چيو "اسان "نيڪ" نمازي پرهيزگار ماڻهو آهيون، هن اسان جي ڪولر مان اسان جي گلاس سان پاڻي پيتو آهي، هي ڪافرياڻي آهي اسان ڪونہ ڇڏينداسين!".

باگڙياڻي ويچاري ڊائنوسار جهڙن مُلن اڳيان ننڍڙي سائيز جي پتڪڙي "ريوڙي" پئي لڳي. جنهن مُلان جو اهو دُڪان هو ان کي علي بہ سُڃاڻيندو هو ۽ خبر هئس تہ مُلان مسجد مان چوري واري لائٽ هلائيندو هو ۽ اتي ۾ بہ بوسو ملائيندو آهي ۽ شين جا ريٽ پنهنجي مرضي سان فڪس ڪندو هو پر هو وڏو نيڪ، سندس ايمان خطري ۾ هو ڪافرياڻي سندس دين کي للڪاريو هو.

علي کين چيو "آئون توهان کي ڪولر ۽ گلاس نئون ٿو وٺي ڏيان، هن معصوم کان غلطي ٿي وئي هن کي معاف ڪريو". مُلان نئين ڪولر گلاس جي ڳالهہ ٻُڌي ٿڌا ٿيا، دُڪان واري مُلان ڏاڙهي ۽ پيٽ تي هٿ ڦيريندي چيو "نيڪ آ".

علي باگڙياڻي کي چيو "ڀلا هاڻ اهو پُراڻو ڪولر ۽ گلاس تون کڻي وڃ". باگڙياڻي ڏند ٽيڙيندي چيو "اي صاحب هُو مُلو مئل جو ڪفن ڪونہ ڇڏيندو اهو جڳ گلاس ڪٿي ڏيندو!".

علي ڏٺو تہ مُلان واقعي بئي ڪولر کڻي اندر رکي ڇڏيا، علي روانو ٿي ويو، باگڙياڻي وري پِنڻ کي لڳي وئي، ڳاڙهي ڏاڙهي واري مُلان اڄ وري "دين" کي بچائي ورتو.

***

# پڳوان جي مرضي

**جوان** ٿيڻ جي پهرين نشاني اُرهن جي اُڀرڻ کي مڃيو ويندو آهي. اِندرا جا اُرهہ بہ گُلاب جي مُکڙي وانگر ڦاڙهاڻ سان وڌڻ شروع ٿيا هئا تہ ڳوٺ جي وات ڦاڙهن ڇورن جي اک سندس مٿان هٽندي ئي ڪونہ هئي.

اندرا جنهن اڃان پنهنجي جوانيءَ کي دل سان قبول ئي نہ ڪيو هو. هُوءَ تہ ويتي ٻارڙن سان کيڏندي هئي. امڙ پوتيءَ مٿي تي رکڻ لاءِ بار بار پئي هڪلون ڪندي هئس پر هُوءَ انهن سڀني ڳالهين کان بي نياز ٿيو پئي گُهمندي هئي.

وڏيرو اڄ گهڻن ڏينهن کان پوءِ ڳوٺ واري ٻنيءَ تي گُهمڻ لاءِ نڪتو هو. گُهمندي ڦرندي ٻصرن جي فصل ۾ اچي پهتو جيڪو وشنوءَ ڪي هاريپي ۾ ڏنل هو. وشنوءَ ويچارو زال ٻارن سان ٻصرن جي گُڏ ۾ مگن هو اوچتو جو وڏيري کي ايندي ڏٺائين تہ پڇندو وڃي ٻانهون ٻڌي اڳيان بيٺس.

گُڏ ۾ گرمي ان وقت پلا پوتيون سنڀالڻ جو ڪنهن کي هوش هوندو آهي. “اندرا” اسڪرٽ نُما ننڍي چولي ۾ هئي جنهن جيئن هٿ مٿي ڪنيو پئي تہ سندس سنهڙي چيلهہ ۽ ان جي وچ ۾ سنهڙو گول ڇُگهہ ظاهر ٿيو پئي پر هُن کي تہ اها بہ خبر نہ هئي تہ منهنجي جسم جي ان حصي تہ بہ ڪنهن جي بُري نظر پوندي!.

وڏيرو وشنوءَ سان ڳالهائي رهيو هو تہ اوچتو سندس نظر اندرا تي پئي، اتفاق سان “اندرا” اُن وقت مٿي اُٿي ٻنهي هٿن سان ڇهري تان پگهر پئي صاف ڪيو. وڏيرو تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندو واپس هليو ويو.

صبح جو سوير ڳوٺ ۾ ڇئوٻول هليو تہ وشنوءَ جي گهران ٻڪرين جي چوري ٿي وئي آهي. وشنوءَ ٻئي هٿ مٿي تي ڏئي وينل هو. “اندرا” جي ماءُ اڱڻ جي پاسي ۾ ويٺي رُني.

اندرا ڦاٽل چولي سان گهر جي اڱڻ ۾ ٽُٽل کٽ تي بي هوش پئي هئي. وشنوءَ ويچارو پڳوان جي مرضي سمجهي رت جو ڍُڪ پي ويهي رهيو.

***

# ڪمزوري

“يار شڪيل ڏي خبر يلا ٻي شادي جو ڇا ارادو آهي؟”.

“اڙي سني يار تون ٻه نه!. اسان ڪان هڪ نٿي سنڀالجي ۽ تون ٻي جي ٿو ڳالهه ڪرين!”.

“اڙي ڇو يلا؟. پاڻ واري پاڙي وارو مُلان خُدو ته ٽِين شادي ڪري آيو آهي”.

“يلا ايڏو ڪو طاقتور آهي ڇا؟”.

“اڙي هن عمر ۾ اچي ڇِتو ٿيو آهي. اجان ته ٻهرين زال جوان هئس ته ٻي شادي ڪري آيو ۽ ٻي ويچاري ته اڻاويهه سالن جي آهي، هينئر جيڪا نئين ڪري آيو آهي اُها ويهه سالن جي آهي”.

“يار هي ٻيا ڳوٺ سڄو ڏينهن حڪيم هڻ ڪڻ وٺ ويٺل هوندو آهي لڳي ٿو ڪو هيري جو ڪُشتو وٺي آيو آهي!”.

“يار بس ڳالهه نه پُڇ........ هر ويرو ڏُوڙ مُنهن ۾ پاتي اٿئين!. ٻهرين واري اڪ شيدي سان سيٽ اٿئي ٻُڌو اٿم ٻه دفعا جهلي ٻه اٿن”.

“هاهاهاها يار حالت آهي پوءِ ٻه ايڏي بي شرمي..........

ڪچهريءَ هلندي رهي مٿان ڪان سُريش ٻه اچي پهتو سلام ڪري ويهي رهيو ويهندي چيلهه تي ڪٽي هٿ رکيائين، “يار شڪيل ڏاڍو سُور آهي چيلهه ۾!”.

“ڇو يلا ڇا ٿيو؟”.

“اڙي هيترا ڏينهن ٿيا هئا مود ئي ڪونه پئي ٿيو تو واري ياپي ڏاڍي ڪاوڙيل هئي رات وياگرا ورتم سو اهو حال ٿيو آهي.......

“سني يار پاڻ واري پاڙي ۾ ٻُڌم ته فيصل ڪي ٻه زال ڇڏي وئي آهي”.

“ڇو يلا؟، ڇو خير ڇا ٿيو؟”.

“يار ويجهن ماڻهن ڪان ڳالهه ٻُڌم ته ٻهرين رات همراهه ڏاڍي ڪوشش ڪئي پر ڪُجهه ڪري ڪونه سگهيو سو صبح جو سوير مائي تپڙ ٻڌي رواني ٿي وئي”.

“ير شڪيل ٻُڌ مرد وڏو انا پرست آهي، ڏاڍ مُڙسي جو سڄو ڏينهن پٽڪو ٻڌيو وتي، ڊاڙون هڻندو ير ان ڪان ته عورت طاقتور آهي جنهن جي ڪڏهن ڪمزوري ظاهر ڪونهي ٿي.....

***

# نسل

**پير** صاحب پٽڪي کي ور ڏيندي ڳالهه شروع ڪئي، "اسان اهلبيت آهيون، اسان جو شُجرو حضُور جي خاندان سان ملي ٿو، توهان تي اهو فرض آهي تہ توهان اسان جي اطاعت ڪريو، توهان اسان اهلبيتن جي غلامي ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيا آهيو، توهان منهنجا مُريد منهنجي ڪري عذابن کان ڇُٽندئو ۽ الله رب العزت توهان کي فردوس ۾ جاءِ ڏيندو، هڪ ٻي ڳالهہ تہ توهان جا وڏڙا سڀ هِندو ڪافر هئا، توهان اسان جي ڪري دين ۾ داخل ٿيا آهيو".

سيني ويٺلن چيو "سبحان الله حق حق پير صاحب!"، آچن چيو "نُور مِني جو قسم مون اهڙو نيڪ انسان زندگي ۾ ناهي ڏٺو".

ولڻ چيو "سائين جي چهري تي نُور تہ ڏسو اصل چوڏهين جو چنڊ پيو چمڪي". ائين محفل ۾ ويٺل سڀ غريب غُرباءَ مُريد سرہاڻن ۾ پير سائين جون تعريفون ڪندا رهيا. مُحسن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي سو اُٿان کان اُٿي هليو آيو.

اچي پنهنجي پيءُ سان سڄي ڳالهہ ڪيائين تہ پير صاحب چا پئي چيو مُحسن، "بابا هي پير صاحب واقعي ايڏو نيڪ ۽ پُهتل آهي ۽ هن جو شُجرو وڃي حضُور جي خاندان سان ملي ٿو".

مُحسن جي پيءُ پهريان هيڏانهن هوڏانهن نهاريو پوءِ رازداري سان پُٽ کي ٻُڌائڻ شروع ڪيو، "پُٽ اصل ۾ هيءَ افغاني نسل جا پٺاڻ آهن، هنن جو ڏاڏو گڏهہ تي بہ رليون کٽي هتي آيو هو پوءِ هتي هنن سيد، پير، مُرشد سڏائڻ شروع ڪيو ۽ چيو تہ اسان حضُور جي آل آهيون. اسان جي ابوجهہ ماڻهن هنن کي ديوتا سمجهي پُوڄڻ شروع ڪري ڇڏيو، آهستي آهستي اسان جا غريب ماڻهو انتهائي غريب ٿي پيا ۽ هي معزز پير صاحب هزارين ايڪڙ ٻنين، مال ملڪيت جا مالڪ ٿي پيا، پُٽ هنن جو نسل ناهي هي "بي نسلا" اٿئي........

❊❊❊

# چُوتيو

**عامر** سوچيندي "آئون چوتيو آهيان"، ٻئي لمحي، "نه نه آئون چُوتيو نٿو ٿي سگهان، مون وٽ يونيورسٽي جي ڀلي ڊگري آهي، نوڪري، ڪار، پئسو گهر ٻار آئون چُوتيو ڪيئن ٿيندس!".

وري ذهن جي ديوار تي گهنٽي وڄيس ٿي، "پر آئون چُوتيو ئي آهيان اهو ان ڪري جو پڙهيل لکيل هوندي به ڪڏهن سماج ۾ تبديلي لاءِ ڪم نه ڪيو اٿم، رڳو پنهنجو پيٽ ڀرڻ ۾ پورو رهيو آهيان، انسانيت جي ته خبر به ناهي ڇا ٿيندي آهي، ڪنهن جو ڪڏهن هڏ ڏوکي به ناهيان رهيو!".

وري سوچيندي، "پر يار الله کي خوش ڪرڻ لاءِ هر سال لکين رپيا مسجدن، مدرسن ۾ جو ڏيندو آهيان، ان کان علاوه مون واري مائي ته درگاهن جون پيٽيون ڀري ڇڏيون آهن، آئون چُوتيو نٿو ٿي سگهان اهو مُمڪن ناهي!".

صوفي تي ٽيڪ لڳائيندي ذهن ۾ وري خيالن جي ولوڙ "پر چُوتيو ته آئون آهيان، مون ڪڏهن اهو ناهي سوچيو ته منهنجا ٻار هيڏن وڏن اسڪولن ۾ پڙهن ٿا پر ٻي خلق وٽ سرڪاري اسڪول به مُيسر ناهن!. مون ڪڏهن ان ڳالهه تي به ناهي سوچيو ته منهنجي آسپاس رهندڙ ماڻهو ڪيئن ٿا زندگي گُذارين. مون ته ڪڏهن پنهنجي ڊرائيور کان به ڪونهي پُڇيو ته تنهنجي زندگي ڪيئن ٿي گُذري!. انهن اٺن هزارن مان گُذارو ٿئي به ٿو يا نه؟. مون ته ڪڏهن سماج ۾ ٿيندڙ تبديلين ڏانهن به ناهي ڏنو. مون ته ڪڏهن مسجدن مدرسن ۾ ڏنل پئسي جي پُڇا به ناهي ڪئي ته اهو پئسو ڪٿي ٿو استعمال ٿئي!. ها آئون بي حس ٿي پيو آهيان، آئون هڪ اهڙو جانور ٿي پيو آهيان جنهن جو پيٽ ڀرجي ٿو ته جنسي عضوو تيار ٿئي ٿو ۽ وري جنسي عمل ڪري سمجهان ٿو ته سڀ ٺيڪ آهي".

سوچيندي، "ها پر آئون چُوتيو ڪيئن ٿيس؟. منهنجا واسطا اميرن ڪبيرن، اشرافن، آفيسرن سان منهنجو اٿڻ ويهڻ، ڪائن پيئڻ سماج جي مُعتبر ماڻهن سان آئون چُوتيو ڪيئن ٿيس؟".

دماغ ۾ وري سوچن جو زلزلو ٿو اچيس، "تون چُوتيو آهين چو ته تون سڀ ٺيڪ سمجهي سُمهي پيو آهين، پرائي ڳالهين چوڏاري واري چمڪ ڏمڪ تي هِري پيو آهين، ها هڪ ڳالهه آهي ڪجهه ڪجهه سمجهه ۾ اچي پيو آئون صاف ڪپڙن وارو مُهذب جانور ٿي پيو آهيان ۽ هيءَ جيڪا شريف زادن جي جُهنڊ آهي ان ۾ واڙو گُهمان ٿو پيو ها پر مون کي لڳي ٿو آئون چُوتيو ناهيان پر "مها چُوتيو" آهيان!".

***

# پيڙاءُ

**چاچو** سارنگ لٺ جي سهاري سان اُٿيو ۽ آهستي آهستي هلندي اچي اوطاق تي پهتو. جيئن چاچو سارنگ اوطاق تي پهتو تہ سڀ ادب ۾ اُٿي بيهي رهيا. چاچو سارنگ هڪ تہ عمر ۾ سيني کان وڏو هو ۽ ٻيو ڳوٺ جو چڱو مڙس بہ هو. چاچو ڪُرسي تي وينو تہ سيني کي ويهڻ جو اشارو ڪيائين سڀ ويهي رهيا.

ماحول ۾ سانت لڳي پئي هئي، چاچي جي اڳيان ڪنهن کي ڳالهائڻ جي همت ڪونہ پئي ٿي، چاچي سيني ڏي نهاري پاڻ ئي ڳالهائڻ شروع ڪيو "ابا ڏيو خبر خير تہ آهي نہ؟. سڀ ائين خاموش ڇو ويٺا آهيو ڪو حال احوال تہ ڏيو".

عنايت خاموشي ٽوڙيندي ڳالهايو چاچا سائين ڳالهہ اصل ۾ اها آهي تہ اليڪشن اچي وئي آهي هاڻ ووٽ ڪنهن کي ڏجي اهو مشورو وٺڻ لاءِ اچي سڀ گڏ ٿيا آهيون".

چاچي اکين تان عينڪ هيٺ سرڪائيندي پڇيو "اميدوار ڪير آهي پلا؟".

"چاچا اميدوار هڪڙو تہ پُورل شاهہ جو پُٽ آهي ٻيو وري ڪارل شاهہ جو پوٽو ۽ ڪُجهہ آزاد اميدوار بہ آهن".

چاچي مٿي نهاريندي هڪل ڪئي، "اهو پُورل شاهہ اهو ساڳو آهي نہ جنهن کي ٽي دفعا ووٽ ڏئي ڪٽرايو هئوسين؟".

"ها چاچا ساڳو.........

"اڙي منهنجا ٻچڙا......... هي سنڌ انهن "شاهن" مان ڇو اچي اڙي آهي. الله جي پاران ڪو ڪتاب نازل ٿيو آهي ڇا يا "قرآن" ۾ ڪا آيت آهي تہ هنن شاهن کي سڄي عمر ووٽ ڏيٽا آهن. ابا سڀ ڪن ڪولي ٻُڌي ڇڏيو ڪوبہ اهڙو اميدوار جيڪو هنن پُراڻن اميدوارن جي پيٽ ۾ ڏهہ پرسنٽ بہ لڇڻ وارو آهي تہ ووٽ ان کي ڏجو پر هنن چورن کي ووٽ نہ ڏجو. هنن تہ اسان جو "رت" پي ڇڏيو آهي. هنن تہ اسان جي سنڌ امڙ جو ساهہ سُڪائي ڇڏيو آهي ۽ ها سڀ وڏي عمر وارا ٻُڌي ڇڏيو اگر هڪ پوڙهو پيڙوو نڪري تہ سئو پيڙوا پئدا ڪندو آهي پر اگر هڪ پوڙهو مڙس ٿي بيهي تہ مُڙس ماڻهن جا نسل پئدا ڪري وجهي!".

چاچو سارنگ ائين چوندو لٺ جي ٽيڪ سان گهر ڏانهن روانو ٿي ويو.

***

# بي لچڻائي

**امير** گهر پهتو تہ رات جا لڳ ڀڳ ٻارنهن وڳا پئي، نشي ۾ ٽڙندو گهر ۾ داخل ٿيو هو. شهنو ويچاري جنهن ڪافي دير کان مُڙس جي اچڻ جو انتظار پئي ڪيو پجندي ماني ڪٽي آئي ۽ اچي اڳيان رکيائينس پر امير ٻانهن کان هٿ وجهندي هيٺ بيد تي ڪيرائي ڇڏيس، چيائين، "ماني آئون ڪائي آيو آهيان هاڻ بس توکي چڪڻو آهي".

شهنو زبردستي پاڻ ڇڏائيندي پري ٿي ويٺي پر امير وري ڇِڪي ويجهو ڪيس، اُن ڇِڪ ڇِڪان ۾ امير جي وات ۾ پريل گُٽڪي سفينا جي پُڙي وارو ڪِن بيڊ تي اچي ڪريو جيڪو ڏسي شهنو کي اُلٽي اچڻ لڳي. هيانءُ ڪچو ٿيڻ لڳس.

امير بدستور ضد ڪندو رهيو پر شهنو سختي سان هٿ پري ڪندي چيس، "منهنجي ويجهو نہ اچجان نہ تہ رڙيون ڪري سڄي گهر کي اٿاري ڇڏيندس".

امير، "چو؟ ڇا ٿيو اٿئي؟، تون زال آهين منهنجي ۽ اهو تنهنجو فرض آهي تہ تون منهنجي ضرورت پوري ڪرين".

شهنو ڪاوڙ ۾، "شڪل تہ ڏس بي سُري وڌيل ڏاڙهي جيڪا گهٽ ڏينهن کان ڪوڙائي ڪونہ اٿئي، پگهر جي ڌپ جهڙو ڪو ڪُتو مُئو پيو هجي، وات ۾ ڪِنو گٽر، ڳاڙها ڏند، لچڻ نالي ذرو ڪونہ ٿو لڳئي، شرم ڪونہ ٿو اچئي اجان مون کي ٿو فرض ياد ڏيارين، اڙي جي نہ منهنجي ڏاڙهي هُجي ها ۽ جسم تان وار بہ صاف ٿيل نہ هجن ها ۽ سگريٽ مُٺ تي پيئان ها ۽ گُٽڪو سفينا کاوان ها تہ تون مون سان شادي ڪرين ها؟، شرم ڪر........

امير شهنو جون ڳالهيون ٻُڌي پندپهڻ تي پيو ۽ اٿي شيشي ۾ پنهنجي پاڻ کي ڏنائين تہ سچ ۾ ڪراهت اچڻ لڳس.

❊❊❊

# ڪڌڙي جو مذهب

**چنبيلي** باٿ روم ۾ ننگو وهنتو پئي، سامهون ڪان وڏو سندس قد جيترو شيشو لڳل هُئس، پاڻ بغير ڪپڙن جي غور سان پنهنجي جسم کي ڏسي رهيو هو.

گُلابي چپ، خوبصورت چهرو، وڏيون ويڪريون اکيون، سُهڻي ڳِچي ۽ ان ڪان ٿورو هيٺ اُڀريل ڇُهنب سان ڪشش واريون ڇاتيون، سنهڙي چيلهه، ان ڪان هيٺ جڏهن ڏنائين ته اکين مان ڳوڙها وهي آيس. ٻنهي هٿن سان چهرو لڪائي باٿ روم جي ڀت کي ٽيڪ ڏئي هيٺ ويهي رهيو ۽ روئندي روئندي سُڏڪا ڀرڻ لڳو.

گهڻو روئڻ ڪان پوءِ جڏهن ڪُجهه سامت ۾ آيو ته مٿي مُنهن ڪري تصوراتي خُدا سان ڳالهائڻ شروع ڪيائين، "اي خُدا منهنجو ڪهڙو ڏوهه آهي؟، جو تو مون کي اهڙو سُهڻو جسم ڏنو پوءِ به ان اندر نر يا مادي وارا جنسي عضوا ۽ احساس نه ڏنا........ اي خُدا ڇا آئون عذاب خانن ۾ پلجڻ لاءِ پيدا ڪيو ويو آهيان!؟. اي خُدا ڇا تو وٽ منهنجي لاءِ ذرو مِٽيءَ به کُٽي وئي هئي جو تو مون کي اهي ننڍڙا عضوا به نه ڏنا............ اي خُدا جڏهن تو مون کي اڌ پورو ۽ اڌورو پيدا ڪيو آهي ته پوءِ پڪ سان مون تي دوزخ به حرام ڪيو هوندئي پر هڪ ڳالهه جيڪا تو ڪان پُڇڻي آهي اي خُدا جڏهن منهنجي اندر لذت وارا احساس ۽ عُضوا ناهن ته پوءِ تنهنجي مذهبن سان منهنجو ڇا وڃي؟. هي جيڪي روز تنهنجي عبادتن جا ڀهرا آهن انهن سان منهنجو ڇا!!!؟؟".

***

# رنديءَ جو خُدا

**هُن** پنهنجي نئين گراهڪ کان واندو ٿيندي پنهنجي پُراڻي جگري سهيلي کي ڪال ڪئي،
“هيلو مُسڪان ڪيئن آهين؟”.

جواب، “بِن مردن سان سُمهي اٿي آهيان ٻيو ڪيئن هوندس يلا!. تون ٻُڌائي؟”.

“ها آئون بہ هاڻ واندي ٿي آهيان، هڪ پوڙهو ڪِڳ الُو چمڙي جهڙي گراهڪ هو جنهن جان ئي ڪونہ پئي ڇڏي......... مُسڪان هڪ ڳالهہ پُڇان؟”.

“جي پُڇ يار........

“تنهنجي خُدا توکي بہ گراهڪ موڪليا ۽ مون واري مون ڏي هڪ پوڙهو ڪِڳ..... يلا پاڻ کي عزت واري خُدا، اميرن واري خُدا، پئسي واري خُدا، سُڪون واري خُدا، شرافت جي زندگي واري خُدا وٽ انتري ملي سگهي ٿي؟”.

“اڙي يار تون بہ ڪهڙيون ڳالهيون ٿي ڪرين..... پاڻ انهن سيني خُدائن پاران پئدا ڪيل شرافت جو چولو پهريل ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڄميا آهيون، شايد پاڻ وارو خُدا انهن سيني کان ڪمزور ۽ هيٺو آهي!”.

❋❋❋

# ٽرئجڊي

"**هيلو** يار آڪاش ڪٿي پيارا؟".
"دڪان تي وينو آهيان ٻيو پلا ڪيڏانهن ويندس!".
"هل نيڪ آهي تون اتي ئي ويهجان آئون پنج منٽن ۾ پهچان ٿو"، نيڪ آ چئي آڪاش فون بند ڪري ڇڏيو. شاهزيب جنهن پنج منٽن ۾ اچڻ جو چيو هو سو ڦتڦتي جو زُوڪاٽ ڪندو اچي چار منٽن ۾ ئي پهتو. اچڻ سان ئي تڪڙ ڪندي، "يار آڪاش هل جلدي اُٿ جلدي ڪر......
آڪاش، "اڙي ڇا ٿيو آهي اهڙو؟. يار صبر ته ڪر گراهڪ آهي وڃي ته هلون ٿا سيٽ تر تر ڪندو!". شاهزيب ڦتڦتي تي ئي وينو رهيو هيٺ لهي دڪان ۾ نه وينو. آڪاش سندس اُڻ تُڻ محسوس ڪري ورتي سو سيٽ ڪان موڪل وٺي شاهزيب ڪي حُجت ۾ به ٽي گاريون ڏيندي چيو "هاڻ هل پلا ڪهڙو ساهه پئي نڪتئي!؟".
"اڙي ير زندگي جو مسئلو آهي تو ڪي مذاق ٿي لڳي......
"هللللل هلللللل.......... هاڻ ٻڌائي ڪٿي...........
"گهٽئي ٿيو يار.......... اصل ۾ ڳالهه اها آهي ته تنهنجي ڀاڀيءَ لاءِ موبائيل فون ورتو اٿم، هينئر گهر ۾ ڪير ڪونه اٿس سو ميسيج ڪيو اٿئين ته ڏئي وڃ، هاڻ هي موبائيل فون وٺ ۽ جڏهن هُن جي بينڪ وٽ پهچون ته تون هي موبائيل بينڪ جي دروازي مان اندر اُڇلجان، هُوءَ پاڻهي ئي ڪٽي وٺندي!".
شاهزيب نوڪيا جو موبائيل آڪاش کي ڏنو. آڪاش به موبائيل وٺي پاسي واري کيسي ۾ رکي ڇڏيو.
جڏهن شاهزيب جي محبوبه جي گهر وٽ پهتا ته آڪاش هلندڙ ڦتڦتيءَ تان موبائيل بينڪ جي در مان اندر اُڇلي ڇڏيو. اُن وقت لائٽ ويل هئي اتفاق سان آڪاش جي موبائيل ۽ شاهزيب جي ورتل موبائيل جو ماڊل به ساڳيو هو ۽ رنگ به ساڳو هو سو آڪاش کي اونداهيءَ ۾ خبر ئي ڪا نه پئي، نئين موبائيل بدران پنهنجو پُراڻو موبائيل جنهن ۾ به ايڪٽِوو سِمون لڳل هيون اهو اڇلائي ڇڏيائين.
جڏهن واپس پُهتا ته آڪاش کي غلطي جو احساس ٿيو پر پاڻي مٿي ڪان چڙهي ويو هو. هوڏانهن شاهزيب جي محبوبه جيئن موبائيل کنيو ته آڪاش جي دُڪان جي گراهڪن جون ڪالون اچڻ شروع ٿي ويو.
اُها محبوبه جنهن کي ڏسڻ لاءِ شاهزيب پيو سڪندو هو رڪشو ڪرائي اچي پهتي ۽ موبائيل اڇلائي واپس ڏيندي چيائينس، "نياڳا تو کي دنيا ۾ اهو ڪال سينٽر واري جو موبائيل اچي لڌو هو ڇا جنهن تي اڌ ڪلاڪ ۾ سئو ڪالون اچي ويون آهن!".
بس پوءِ شاهزيب جون منٿون هُيون ۽ محبوبه جا گُفتا...........

***

# ڪاري

"**امان** او امان............ هُو مون کي ڪاري ڪري ماري ڇڏيندا....... مون کي بچائي انهن ظالمن کان.........". صائمہ روئندي پيرن اُگهاڙي گهر ۾ داخل ٿي هُئي. اچڻ سان ماءُ کي پاڪر پائي چنبڙي پئي، "امان هُو مون کي مارن ٿا، مون کي "ڪارو" ڪندا....... امان مون کي بچائي.....
ماءُ جنهن پنهنجي ڌيءَ کي صبح تيار ڪري، ناشتو ڪرائي اسڪول لاءِ موڪليو هو. پنهنجي ڌيءَ کي جو اهڙي حالت ۾ رڙيون ڪندي ڏٺئين تہ اندر جُهري پيس، پريشان ٿي وئي، ڌيءَ کي سيني سان لڳائي آٿت ڏيندي، "امان ڇا ٿيو؟، مون کي ٻڌائي آئون ويني آهيان نہ توکي ڪير ماريندو!؟".
"نہ امان هُو ظالم مون کي نہ ڇڏيندا، مون کي ماري ڇڏيندا، امان هُو بابا ۽ ادا بہ ظالمن سان مليل آهن، امان مون کي بچائي مان مرڻ نٿي چاهيان، امان الله ڏسي ٿو آئون ڪاري ناهيان".
ماءُ پنهنجي ڌيءَ جي اهڙي حالت ڏسي اندر ۾ ويڄي پئي، ڌيءَ کي آٿت ڏيندي پُڇا ڪيائينس، "امان ٿيو ڇا آهي؟، ڇو اچي اهي ڇِتا ٿيا آهن؟".
صائمہ ڪُجهہ سامت ۾ آئي تہ ماءُ کي پيرائتي ڳالهہ ڪري ٻڌايائين، "امان هُو رئيس جو پُٽ آهي نہ موالي گُلڻ اهو مون کي پنجن مهينن کان تنگ ڪري پيو تہ مون سان دوستي رک، امان مون عزت خاطر ڪنهن کي نہ ٻڌايو..... هُو روز منهنجو اڳ جهلي بيهندو هو مون کي تنگ ڪندو هو مون کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو هو مون اسان جي پرنسپل ميڊم کي بہ شڪايت ڪئي جنهن پوليس کي ڇيو جو ڪلهہ اسان جي اسڪول اڳيان پوليس بيٺي هئي ان تان گُلڻ ڪاوڙجي مون کي نياپو موڪليو هو تہ توکي نہ ڇڏيندس، توکي اغوا ڪري ويندس، هيئنر جڏهن مان اسڪول ويس پئي تہ گُلڻ پنهنجي ساٿين سان مون کي زوري ڪٽي اوطاق ۾ بند ڪيو ۽ مون سان ڏاڍائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، مون رڙيون ڪيون جنهن تي هُنن مون کي ڏاڍو ماريو، منهنجي رڙين تي ماڻهوءَ ٻاهر گڏ ٿيا تہ گُلڻ مون کي ٻاهر ڪڍي ماڻهن سامهون بابا ۽ ياءُ کي گُهرائي ڇيو تہ صائمہ ڪاري آهي، مون پنهنجي ڊرائيور سان جهلي آهي. ان تي سڀ منهنجا دشمن ٿي پيا آهن، بابا ۽ ادا مون کي مارڻ لاءِ پُنيان پيا اچن، امان مون کي بچائي آئون "ڪاري" ناهيان......
دروازي تي زور سان لت لڳي، دروازو آواز ڪري کُلي ويو سوڊو جنهن جي هٿ ۾ ڪُهاڙي هئي، اشرف جنهن جي هٿ ۾ دو نالي بندوق هئي اندر داخل ٿيا. سوڊو صائمہ جو پيءُ ۽ اشرف ياءُ هو. اشرف هڪل ڪئي، "ڪٿي آهي ڪاري؟. اسان توکي نہ ڇڏينداسين اُڦت ماريندا سين". صائمہ در بند

ڪري ڪمري ۾ لِڪي وئي، اڄ ڪيس موت سامهون ڪان نظر پئي آيو. هُوءَ ڏهين ڪلاس جي شاگردياڻي هئي، سندس اکين ۾ ڪئي سُندر سپنا هئا. هُوءَ جنهن هميشه ڊاڪٽر ٿيڻ جا خواب ڏٺا هئا اڄ هيسيل هرڻي وانگر جلاد ٻڌيل پنهنجن ڪان لڪي رهي هئي.

صائمه جي امڙ سوڍي جي پيرن تي پوتيءَ رکندي چيو "منهنجي ڌيءَ ڪاريءَ ناهي. هُوءَ پاڪ دامن صاف آهي، الله کي مڃيو ظُلم نه ڪريو اهو موالي گُلڻ ڪوڙ تو هڻي".

اشرف جي اکين تي ڪوڙي غيرت جي پٽي چڙهيل هئي، جنهن ماءُ جي ممتا کي ٻه نه ڄاتو امڙ جهڙي هستيءَ کي ڌِڪو ڏيندو ڪمري جي دروازي طرف وڌي ويو. امڙ سوڍي جي پيرن تي هٿ رکي روئڻ ايلاز ڪرڻ لڳي، "سوڍا هُوءَ تنهنجي ڌيءَ آهي، هُوءَ ڪاريءَ ناهي، هُن ڪو ڏوهه ناهي ڪيو هُن کي بخش ڪرا".

پر سوڍي جي اکين تي ڪوڙ جي دز چڙهيل هئي، اندران ڪان صائمه سُڏڪا ڀري روئي رهي هئي ۽ پنهنجي پاءُ پيءُ کي منٿون پئي ڪيائين. "او ادا او بابا مان ڪاريءَ ناهيان، مون تي يقين ڪريوا".

صائمه جي امڙ مسلسل روئندي رهي ۽ پنهنجي پُٽ ۽ مُڙس کي منٿون ڪندي رهي، اشرف بندوق جي ڪُنداق سان دروازو پنجي ڇڏيو ۽ وارن ڪان ڳِهلي صائمه کي ٻاهر ڪڍي اڱڻ تي ڌِڪو ڏنو اشرف بندوق سِڌي ڪري صائمه تي فائر ڪيو ته امڙ اڳيان اچي وئي ۽ بندوق مان نڪرندڙ بارود سندس جسم کي تڏو ڪري ڇڏيو. اشرف ٻيو فائر پنهنجي ڀيڻ جي مٿان ڪيو صائمه "ڪاري" ٿي وئي.

اشرف پنهنجي ڀيڻ کي ماري ڇڏيو سوڍي پنهنجي ڪاري ڌيءُ کي قتل ڪري مُڇ وٽي ڏاڍِ مُڙسي کي زنده ڪري ڇڏوا.

❊❊❊

# رئيس پُوزٽ خان

“اڙي سومر ير ڪٿي؟”.

“اڙي ڪٿي وري ڪٿي........! رئيس پُوزٽ خان جو نياپو آيو آهي سڏايو اٿئين بنگلي تي!”.

سومر، “چو خير تہ آهي؟، انهيءَ “پُوزٽڙي” کي تنهنجي ياد ڪيئن اچي وئي؟”.

“اڙي ير آچر اها اليڪشن جو اچي پئي ٻيو وري ڪهڙو ڪم هوندس”

سومر، “ٻڌ پلا تنهنجا تہ ڇوڪرا هڙئي پڙهيل آهن ۽ شهر ۾ نوڪريون ٿا ڪن پوءِ تون بنگلي تي ڪيئن؟، ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي اچي!”.

“ير آچر ڳالهہ ٻڌ.......... رئيس پُوزٽ خان جو نياپو آيو پهريان تہ ڏاڍي ڪاوڙ آئي تہ نہ وڃان پوءِ سوچيم گهر ۾ لِڪي ويهڻ ڪان پلو آهي هلي وڃي چوانس تہ پُوزٽ خان هيءَ ايڪيهين صدي آهي، ماڻهوءَ چنڊ تي گهر پيا ٺاهين هاڻ گهڻو ٿيو غريب ماڻهن کي “ڇُوتيو” ٺاهڻ بند ڪر!”.

آچر، “واهہ ير........ هل تہ آئون بہ هلان ٿو هلي ٻئي ان پُوزٽڙي جا ڏاڍا ٿا ڪيون.......

❋❋❋

# اُلٽي

“**مُئي** نياڳي شمون ڪٿي مري وئين؟. اٿو اڏ ۾ رهيو پيو آهي، مکيون لامارا پيون ڏين جلدي اچ نياڳي..........

“شمون او شمون.............

پوڙهيءَ ائين ئي ٻاڪاريندي رهي پر شمون پنهنجي وارن کي پئي تاهيو. چئي، “هُونهہ... پاڻ اٿي ۾ هٿ وجهيو پوءِ ويٺي هُل ڪري.......... شل ڏائڻ مري تہ جان ڇُٽي.......

اوچتو شمون جي دل ڪچي ٿيڻ لڳي، اُٻڙڪون اچڻ لڳس، سيني تي هٿ ڏئي اڱڻ ۾ لڳل واش بيسڻ ڏي ڀڳي، واش بيسڻ وٽ پُهتي تہ “اُلٽي” اچي ويس، پريان ڪان شمون جو مڙس بہ گهر ۾ داخل ٿيو هو شمون کي “اُلٽي” ڪندي جو ڏٺائين تہ ڊوڙندو آيو اچي شمون جي پرسان بيٺو پريان پوڙهي شمون جي سس جيڪا هيستائين شمون تي تپي ويٺي هئي سا اُٿي ۽ جُهمر هڻڻ لڳي ۽ سهرا ڳائڻ لڳي، “پُٽ پينگهن ۾، پينگها محلات ۾، لوڏڻ واريون لک........ منهنجي راڻل کي مولا ڏيندو پُٽ..........

“او هن اڱڻ تي خان لڳي وئي بهاري.........

پريان ڪان شمون هڪل ڪئي، “او مُئي پوڙهيءَ........ ڇا تي تي جُهمريون هڻين؟. ڇا تي ويو مون کي ڪو پُٽ ڪونہ پيو ڄمي، رات جيڪو آلو جو رهي وارو ٻوڙ تاهيو هُئيي نہ...... اُن اچي پيٽ ۾ ولوڙ وڌي آ........ تڏهن “اُلٽي” آئي آهي............

✲✲✲

# فقير

”الله جي نالي تي ڪا خيرات جي ذري ڏيو بابا...... الله خوش ڪندو قلندر جو فقير در تي آيو آهي...... بابا حق علي پلي ڪندو........ بابا خير ڏيو بابا.....

فقير در تي صدائن جي ڏُم لڳايو بيٺو هو قد ڪاٺ ۾ ”بگ شو“ ريسلر جهڙو پئي لڳو. وڏي ڪاري قميص، ٻنهي هٿن جي آڱرين ۾ رنگ برنگي پٿرن واريون مُنڊيون پاتل، ”او امان...... او ادي خير ڏيو بابا......

اچانڪ آهستي سان ٿورو در جو تاڪ کُليو اندريان سُهڻي سيبتي پڪي عمر جي پڙهيل لکيل عورت هٿ وڌائي فقير کي ڏهن رپين جو نوٽ ڏنو. فقير هڪل ڪئي، ”او امان اسان ڏهه رپئي وارا ناهيون........... اسان قلندر جي نگري جا علي علي ڪرڻ وارا فقير آهيون... امان ڪو سئو جو نوٽ ڏي ته ڪو توهان جي نالي سان درگاهه شريف تي خير خيرات ڪيان.“

عورت فقير جي ڳالهه ٻُڌي دروازي مان ٻاهر نڪري آئي، ”ڇو فقير تون اسان جي نالي سان خيرات ڇو ڪندين؟. اسان ڪو مري ويا آهيون ڇا؟ ۽ ها ٻُڌ تون جي ايڏو نه پُهتل هُجين ها ته ڏنڊو هٿ ۾ کڻي ڳليءَ ڳليءَ ”ڏِڪا“ کونه کائين ها ماڻ ڪري ڏهه رپيا وٺ ۽ وڃي ڪا محنت مزدوري ڪر. خوامخاهه ۾ اچي خوار ٿيو آهين ”پِن“ جي پُٺيان......

دروازو بند ٿي ويو فقير جو مُنهن تيڪ لڳل ڀڪري جهڙو ٿي پيو.

٭٭٭

# GIVE AND TAKE

**ساحل** رڙيون ڪري چوندو رهيس تہ، "اهي ماڻهوءَ نڳ آهن، تنهنجو غلط استعمال ڪندا، تون نازڪ نفيس آهين، تنهنجو ڪيريئر تباهہ ٿي ويندو پليز تون ان ضد تان لهي وڃ تہ بهتر آهي، تون اڳي ئي دوکو کائي چُڪي آهين.

هُوءَ مُسڪرائي ساحل طرف ڏسڻ لڳي ۽ چيائينس، "چريا تو کي ڪهڙي خبر هي Give and take جو دور آهي. وڏ ۾ وڏ ڇا ڪندا جيڪا شئي هُنن کي کپي اُها آئون ڏيڻ لاءِ تيار آهيان باقي اهي تو وارا کوکلا "اصول" ۽ "عشق" پاڻ وٽ سنڀالي رک. انهن جي هاڻ ويليو ناهي رهي.

ائين چئي هُوءَ ساحل کي اڪيلو ڇڏي پنهنجي منزل طرف رواني ٿي وئي.

❊❊❊

# عيد مُبارڪ

***اڳئين*** صِف ۾ ويٺل مولوي صاحب اٿيو ۽ خُطبي لاءِ ممبر تي چڙهي ويٺو "مسلمانو توهان خوشنصيب آهيو جو توهان کي الله سائين عيد جهڙي خوشي ڏني، جن به توهان مان رمضان جا ٽيهه روزا رکيا جڻ بهشت ۾ پنهنجو گهر پڪو ڪري ورتو. اي مسلمانو پاڻ ۾ تفرقو ختم ڪريو، محبت سان رهو پاڙي وارن جو خيال رکو عيد جي ڏينهن جي مُناسبت سان پاڻ مان جهيڙا جهتا ختم ڪري کير کنڊ ٿي وڃو ته الله توهان تي مهربان ٿيندو، توهان تي پاڙي وارن جا ۽ غريبن جا حق آهن انهن جا حق ادا ڪريو.

مولوي صاحب خطبو ڏيندو رهيو، سڀ چُپ چاپ وڏي غور سان ڪيس ٻُڌي رهيا هئا، خطبو پورو ٿيو عيد نماز پڙهي سڀ پاڻ ۾ ملڻ لڳا، ساجن به ڊوڙ ڪري وڃي مولوي کي ڀاڪر پائي عيد مُبارڪ چئي.

ڪيس چتيون لڳل ڪپڙا پاتل هئا، پيرن ۾ ٽُٽل چمپل پيل هئس، ان وقت مُلان رئيس سان عيد ملڻ لاءِ اٿيو هو، مُلان ساجن کي ٻانهن کان جهلي ڌڪو ڏيندي پري ڪيو ۽ اڳتي گُذري ويو اڌ ماڻهو پاڻ ۾ عيد ڪونه مليا ڇو ته آچوءِ الو پاڻ ۾ ڪونه ٺهن. شان ۽ سليمان ڪونه ٺهن، رمون ۽ خمون ڪونه ٺهن، رئيس ڪُرسي تان اُٿي ڪنهن کي هٿ ڪونه ڏنو گهمنيو جوڳي خيرات لاءِ ويٺل هو پر نبي جي دين جا محافظ ڪيس نظر انداز ڪيو اڳتي وڌندا پئي ويا.

ويرسي رائمل وارا جيڪي ويچارا صبح کان چريون ڪوتي ٻاهيون ٻاري عيد نماز پڙهڻ وارن لاءِ برياني تيار ڪري ويٺل هئا اُهي جيئن چانور ونڻ آيا ته پريان زين صاحب هڪل ڪئي، جيڪو تازو آفريڪا مان ٻارنهن مهينا چلو هٽي آيو هو "انهن کي متان چانور ڏنا اٿئو اهي پاڪ نمازين جا ثواب وارا چانور آهن، هي ته ڪافر آهن!".

نندڙا ٻار مستين ۾ پورا هئا، علي سڄو منظر ڏسو ويٺي سو پنهنجي مُنهن ۾ٽڪندي "عيد مُبارڪ" ڪنهن کي چئجي...... انهن منافقن کي چوندو نڪري آيو......

***

# محبت جن جي من ۾

“ٻڌ سائين.....

“جي سائين ٻڌايو..........

“توهان مرد وڏا موقعي پرست آهيو!”.

“اهو وري ڪيئن؟”.

“ڏس نہ آئون توسان بي حد محبت ڪندي آهيان ٻڌائي ڪندي آهيان نہ!؟؟”.

“ها سائين بلڪل ڪندي آهين”.

“پوءِ بہ جڏهن توسان ملان ٿي تون رڳو مون سان سيڪس ڪرڻ جي پُٺيان ڇو لڳي پوندو آهين؟”. “يار سيڪس فطري عمل آهي ۽ مرد اهو عمل صرف عورت سان ئي ڪري سگهي ٿو ٻيو پلا آئون ڪيڏانهن ويندس؟”. “يار اها ڳالھ ئي تہ مون کي سمجھ نٿي اچي توهان مرد پنهنجي سواد حاصل ڪرڻ لاءِ فطرت کي هٿيار ناهي بيهي رهندا آهيو ڇو پلا!؟؟”. “اڇا تون ئي ٻڌائي سيڪس کان تون انڪاري آهين؟”.

“مون ائين ڪڏهن چيو تہ ڪو انڪاري آهيان. منهنجي چوڻ جو مقصد اهو آهي تہ توهان مرد سيڪس جي پُٺيان ڪريزي ٿي پوندا آهيو ۽ ان جي بنسبت عورت کي صرف بي حد پنهنجائپ، پيار ۽ سُڪون جي ضرورت هوندي آهي. عورت چاهيندي آهي تہ هُن جو محبوب کيس بي حد پيار ڪري، بس پاڻ کان پري نہ ڪري. عورت هڪ حد تائين سيڪس جي حامي هوندي آهي پر توهان مردن وانگر چوويھ ڪلاڪ چري ناهي هوندي. خبر اٿئي عورت کي سمجهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي پر عورت سان جڏهن مرد حقيقي پيار ڪندو آهي نہ تڏهن عورت مرد کي پاڻ ارپي ڇڏيندي آهي”.

“يار تون بہ نہ الائي کهڙيون ڳالهيون کڻي ويهي رهندي آهين. ڪڏهن ڪڏهن تہ موقعو ملي ٿو ليڪچر ڇڏ ۽ ڪُجھ ڪرڻ ڏي!”.

هُوءَ کيس گُهوري ڏسي ٿي. اڄ هُو کيس روايتي مرد لڳو.

❋❋❋

# ننڍو صاحب

“**شرفو** او شرفو...... ڪٿي مري وئين!”، ننڍو صاحب وڏي آواز سان اوطاق ۾ شرفو کي سڏ ڪري رهيو هو. شرفو ويچارو بہ ڇا ڪري! پنج منٽ پهريان ئي پاڻ وسڪي وٺڻ موڪليو هئائينس. واپس آيو تہ صدوري گن مين هڪل ڪيس، “شرفو ننڍو صاحب اصل تنهنجي مٿان تپيو پيو اٿئي، رڙيون پيو ڪري.

شرفو پنهنجي مُنهن ٻُڙڪندي، “شرفو ڇا ڪري؟ وڏي رئيس ۽ ننڍي صاحب پڇائي پڇائي اصل منهنجيون کُڙيون ئي گسائي ڇڏيون آهن”. ويچارو شرفو ڊڄندو اوطاق جي ڪمري ۾ ويو. ننڍو صاحب، “اڙي شرفو ڪٿي مري وئين ڪڏهن کان پيو سڏ ڪريان ٻوڙو ٿي ويو آهين ڇا ڪُتا”.

۽ الائي کهڙيون کهڙيون گاريون ڏنائينس. شرفو ويچارو چُپ چاپ ٻُڌندو رهيو. صاحب گاريون ڏئي ڊيئو ڪيو تہ ڪجهہ ٿڌو ٿيو. شرفو کي سڏ ڪندي، “اڙي شراب تہ وٺي آئين هاڻ شباب جو بندوبست ڪير ڪندو؟”.

صاحب هزار جو نوٽ ڪيڍي ڏنس تہ شرفو پيلا ڏند ڪڍي ڪيڍيا ۽ سڀ مليل گاريون وسري ويس، “صاحب بندوبست ٿي ويندو هُوءَ رضيہ آهي نہ جنهن کان اڳيئن دفعي ڇوري ڪٺي آيا هئاسين سائين ان ڏي وڃان ٿو”.

صاحب، “نہ نہ شرفو..... اُن وٽ مال مزي جو ڪونهي، پُنئين دفعي بہ ڇوريءَ اڌ رات تہ روئڻ ۾ وڃائي ڇڏي هئي، تون هيئن ڪر “مِينا” ڏي وڃ اُتان ڇوريءَ ڪٺي اچ!”.

شرفو مِينا جو نالو ٻُڌي ٿورو گهبرائجي ويو. ننڍو صاحب ٻاهرين ملڪ مان وڏي ڊگري وٺي آيو هو. رئيس وڏي گهڻي ملڪيت ناهي هئي سو نوڪري جي تہ ضرورت هئس ڪونہ وينو عياشيون ڪندو هو. ننڍو صاحب، “شرفو ٻُڌو ڪونہ تو؟؟”.

شرفو هٻڪندي، “پر سائين..........

صاحب، “پر وري ڇا؟، تو کي چيم نہ وڃي ڇوري ڪٺي اچ مِينا کان”.

“صاحب “مِينا” رئيس وڏي جي ويهاريل آهي، رئيس کي اگر خبر پئي تہ منهنجو تہ سر ويو.........

“اڙي رئيس وڏو اسلام آباد ويل آهي، تون وڃ ۽ وڃي مِينا واري ڇوري ڪٺي اچ!”.

شرفو ويو ۽ مِينا کي ننڍي صاحب جو نياپو ڏئي سندس ننڍي ڇوري ڪٺي آيو. صاحب نشي ۾ ڌُت هجي ڪيس هڪ “شاٽ” هٽي وينو هو. هُوءَ سندس پيراندي کان وينئي ڪيس جسم تي ٿڌڙا ڪيڍي

رهي هئي ۽ ڪيس ٻئي "شاٽ" لاءِ تيار ڪري رهي هئي. نندي صاحب ڪي الئي ڇا "من" ۾ سُجهيو جو پُڇي ويٺس، "ڇوري ٻُڌ توهان سڀ ڏنڊو ڪريو؟".

"نه صاحب اسان وٽ صرف امان اهو ڪم ڪندي هئي، اسان ته رئيس وڏي جا غلام آهيون، توهان جو نياپو آيو ته منع ڪونه ڪري سگهياسين!".

"اڇا پڙهين ڇا ڪندو آهي؟".

"سائين اسان جو پيءُ ناهي!".

"ڇو؟، ڪيڏانهن مري ويو!؟".

"سائين "امان" ڪي رئيس وڏي شادي ڪرڻ ئي ڪونه ڏني".

"نندي صاحب" جو دماغ چڪرائجڻ لڳو. نشا اُڏامي ويس، ٻنهي هٿن سان مٿو جهلي ويهي رهيو "مِينا" رئيس وڏي جي ويهاريل هئي، هيءَ ڇوري رشتي ۾ سندس "ڀيڻ" پئي لڳي........

***

# فرِقا

الله اڪبر الله اڪبر اشهد ان لا اِلاهہ اشهد ان محمد رسول الله!. فجر جي آذان ٿي پئي، لائوڊ اسپيڪر جو آواز ظهير جي ڪنن سان ٽڪرايو پاڻ آذان ٿيڻ تي ڪلمو پڙهي اُٿيو جلدي جلدي ۾ وضو ڪيائين، سندس دل ڪيو پئي تہ اڄ باجماعت نماز پڙهي. سو ٻاهر نڪتو سائي پڳڙي سان مولوي صاحب ويو پئي ظهير کي ڏسي بيهي رهيو "ماشاءَ الله ظهير صاحب!، اڄ توهان فجر جي نماز تي اُٿيا آهيو الله توهان کي اجر ڏيندو جزاڪ الله اڇو اڇو سامهون ڳليءَ جي چيڙي تي پنهنجي دعوت اسلامي جي مسجد آهي گڏجي نماز ٿا پڙهون!".

ظهير، "جي مولوي صاحب حاضر ٿيان ٿو"، چئي ٿورو آهستي ٿيو تہ پريان اچي پٽڪي سان پريل جسم سُهڻي سونهاري سان مولوي صاحب سڏ ڪيس، "ظهير صاحب توهان جو بابا ڏاڍو نيڪ ماڻهو هو اسان سان گڏ ڪئي دفعا اسلام جي تبليغ لاءِ هليو هيءَ پر واري مسجد پنهنجي اٿئو اڇو گڏجي نماز ٿا پڙهون!".

ظهير، "جي مولوي صاحب حاضر اچان ٿو"، چئي ٿورو آهستي ٿيو تہ سندس پُراڻو دوست علي پئي آيو. ماشاءَ الله ڪارا ڪپڙا، پٽڪو سونهاري رکيل..... ظهير سان ڏاڍي پيار سان مليو پڇيائينس، "نماز جي تياري آهي؟".

ظهير چيو "جي جي نماز لاءِ اُٿيو آهيان!".

محمد علي چيس، "پوءِ اچو اڳئين ڳليءَ ۾ پنهنجي مسجد آهي اهل تشيع جي گڏجي نماز ٿا پڙهون!". ظهير جو دماغ چڪرائجڻ لڳو ٻاهر گهر جي دڪي تي چڙهي ويهي رهيو چوڌاري آذانن جو آواز پئي آيس، ٻئي هٿ مٿي تي ڏئي ويهي رهيو سمجهہ ڪونہ پئي آيس تہ ڪيڏانهن وڃي؟. ڇا ڪري!؟. ٽوپي لاهي کيسي ۾ وڌائين ۽ اچي گهر سُمهي پيو......

***

# پوتار ۽ اليڪشن

"**مرحوم** ڏاڍو ڀلو ماڻهو هو. اسان هميشه گڏ رهياسين. مون سان مرحوم تمام گهڻو پيار ڪندو هو!. مرحوم ڪي جيئڻ منهنجو نياپو ملندو هو اصل هڪ ساهيءَ ٻوڙندو ايندو هو........ بس بابا جيڪا رب جي رضا.......... الله اوهان ڪي صبر ڏئي ۽ مرحوم ڪي جنت الفردوس ۾ جائي ڏئي....

پوتار عذرخواهي تي آيل هو ۽ لڳاتار پنهنجي سياسي تقرير واري انداز سان ماڻهن سامهون ڳالهائي رهيو هو. ماڻهن ۾ سُس پُس پئي هلي، "پيٽسان چئي چا ٿو!. هن نياڳي ڪي ڪنهن ٻُڌايو ڪونهي ته ڪير گُذاري ويو آهي!؟".

اوچتو جُوسي جو آواز گونجيو "بس پوتار بس....... اڳتي هڪ اکر نه ڳالهائجان......... نه ته سُٺو ڪونه ٿيندئي..........

پوتار سان گڏ آيل چمچا پريشان ٿي ويا، چوڌاري چمچن جو شور ٿي ويو چا ٿيو؟ چا ٿيو؟. ڪن هڪلون ڪيون.

هڪ چمچو ته اُلر ڪري اُٿيو اُتي جُوسي خاموشي ٽوڙيندي وڏي واڪي هڪل ڪري چيو "اڙي بيغيرتو........... جنهن جي توهان عذرخواهي ڪرڻ آيا آهيو اهو توهان جو يار نه بلڪ منهنجي زال "سوني" هُئي...............!!!".

***

# بُجو

**گَليءَ** ۾ پينو ڇوڪري ڪي ڪو دُڪان وارو ويهاريو ويٺو هو. هُوءَ بہ ٿڪ ڏئي ڪلي پئي. دُڪان وارو ڪيس ويجهو ٿيندو پئي ويو. هي اُتان گُذريو پئي سو اهو منظر ڏسي دُڪان جي پاسي ڪان ٻيهي رهيو ۽ سندس گُفتگو ٻُڌڻ لڳو.

هونئن تہ ڪنهن جي ڳالهہ لِڪي ٻُڌڻ عيب آهي پر هتي ڪجهہ معامرو ئي اهڙو هو. ڇوڪري مس ارڙنهن اوڻيهہ سالن جي ٿيندي، حالانڪ ڪپڙا ميرا پاتل هئس پر ڳلن تي لالي، پريل جسم ۾ ڪشش هئس.

دُڪان وارو بدستور ڪيس ڇُهي رهيو هو هُوءَ سندس هٿ پري ڪري رهي هئي. نيٺ دڪان واري پنهنجي دل جي ڳالهہ ڪيس. هُن بہ نخري سان چيو "شام جو بس ٽرمينل جي پُٺيان اسان جي بستي ۾ اچجان!".

سودو طيءَ ٿيو هُوءَ گودڙي ڪُلهي ۾ لڙڪائي هلي وئي. هُن جي ذهن ۾ هڪ پُراڻي يادگيري تري آئي. پاڻ ڪئي سال اڳ ۾ ڪوئي تي وڃڻ ٿيو هئس، ياد آيس تہ ان وقت ڪنوارو هو شادي ٿيل نہ هئس. هڪڙي ڳاڙهي ڳتول ڇوڪري سان ائين ئي ريٽ طئي ڪري ڪمري ۾ داخل ٿيو هو.

ڪمري ۾ داخل ٿيڻ شرط ڇوڪري ڪپڙا لاهڻ شروع ڪيا تہ هن منع ڪيس. ڇوڪري حيران ٿي پئي هئي. هن چيو مون ڪي توسان ڪچهري ڪرڻي آهي. ڇوڪري تجسس سان ڪيس ڏسي ويهي رهي. هُن جي من ۾ اُٿڻ ٿُڻ هئي تہ ڪائنس پُڇي تہ هُوءَ ڪوئي تي ڇو ويٺي آهي!".

خاموشي کي ٽوڙيندي هُن نيٺ پُڇي ورتس تہ "تون هتي ڪوئي تي ڪيئن پُهتين ۽ تون هتي پنهنجي جسم جو سودو ڇو پئي ڪرين؟". ڇوڪري ٻُت ٻڻجيو ويٺي هئي. ڪو جواب نہ ڏنائين هن ساڳيو سوال وري دُهرايو.

ڇوڪري اچانڪ اُداس ٿي پئي. نيٺن مان ڳوڙها ڳڙي پيس، هن ڏي نهاريندي اداسي سان چيائين. "ڇو تہ منهنجي ماءُ" بہ ڪوئي تي ويهندي هئي ۽ آئون اُتي ڄائي هئس!. اُن ڪري آئون بہ هتي پُهتي آهيان. هن مُلڪ ۾ اهو ئي رواج آهي وزير جو پُٽ وزير ٿيندو. آفيسر جو پُٽ آفيسر، مزدور جو پُٽ مزدور ۽ رنڊي جي ڌيءَ رنڊي ٿيندي........... هن مُلڪ ۾ ائين ٿيندو آهي!".

ڪيس محسوس ٿيو ڪير سندس مُنهن تي گهروڙي "بُجو" ڏئي رهيو هو. پاڻ ڪنڌ هيٺ ڪري نڪري آيو.

***

# نئون يار

**هڪ** ڪال........ ٻي ڪال............. ٽين ڪال..........

عاطف مسلسل رِدا کي ڪالون ڪندو رهيو پر سندس نمبر ٻي ڪال تي مصروف پئي مليس. پريشاني جي حالت ۾ پِٽ کي ٽيڪ ڏئي ويهي رهيو. من ۾ هزار وِسوِسا ٿيس پئي هن وقت رات جا ٻارنهن ٿيا آهن ڪنهن سان پئي ڳالهائي!. ڪير آهي؟. شٽ ياررررر....... حد ٿي وئي آهي ڪيس ذرو به احساس ڪونهي ته آئون ويٺ پيو ڪريان..............

وري موبائيل هٿ ۾ کڻي ميسيج ٽائپ ڪري ٿو.

What happened janu me waiting........

پر ڪافي دير تائين رپلائي نٿو اچيس. سگريٽ کڻي دُکائي ڊگها ڊگها ڪش هڻڻ لڳي ٿو. وري ڪال ملائي ٿو ته ٻئي پاسي کان جواب اچي ٿو.

The number you have dialled is on other call please wait.

ائين مسلسل ڪالون ڪندو رهي ٿو رات جا ٻه ٿي ٽا وڃن پر نه ڪو رپلائي اچي ٿو نه ڪا ڪال.

صبح جو سوير ميسيج اچي ٿو سوري يار رات تو ويٺ ڪيو هوندو فرينڊ سان پئي ڳالهايم. بس وري ڪو رسپانس نه ڪو رپلائي به نه. يونيورسٽي بند هجڻ ڪري ٻن ڏينهن کان ڪيس ڏسي به نه سگهيو هو. ٻن ڏينهن جي مسلسل ڪالن ۽ انتظار کان پوءِ نيٺ يونيورسٽي کُلي ته ڊوڙندو پنهنجي ڊپارٽمينٽ پهتو پر رِدا اڃان نه آئي هئي. هن ميسيج ڪيس پر رپلائي نه مليس. اندر ڪلاس ۾ سُڪون ڪونه پئي آيس سو رِدا جو ويٽ ڪرڻ ٻاهر ئي ويهي رهيو.

ڪجھ دير کان پوءِ هڪ ڪرولا ڪار اچي ڊپارٽمينٽ اڳيان بيٺي. ڏسي دنگ رهجي ويو ڇو ته ڪار جي اڳئين سيٽ تي رِدا ويٺل هئي. ڪار مان لهڻ سان رِدا هن کي اشارو ڪيو هي هڪ ساهي ڊوڙندو ويو. رِدا تعارف ڪرايس، “هي منهنجو ڪلاس فيلو آهي عاطف ۽ عاطف هي منهنجو فرينڊ آهي جوني!”.

هو ڇوڪرو رِدا کي ڊراپ ڪري هليو ويو. عاطف مسلسل سواليه نظرن سان رِدا کي گهوري رهيو هو. نيٺ رهيو نه ٿيس ۽ پُڇي وينو “رِدا هي ڇا آهي؟ هي ڇوڪرو ڪير آهي؟ ۽ تون منهنجي ڪال ميسيج جو جواب ڇو نه پئي ڏنو؟”.

رِدا مغروري سان ڏنو اڻ ڏٺو ڪري جواب ڏنس، “منهنجو نئون دوست آهي”.

“رِدا پوءِ آئون ڇا آهيان؟. آئون تہ توسان هيترو پيار ڪريان ٿو ۽ تو بہ ڪيترا سارا واعدا ڪيا آهن مون سان گڏ جيئڻ مرڻ جا........

رِدا، “ليوِاٽ يار.......... رات گئي بات گئي....... توسان آئون هونئن بہ رليڪس نہ هئس ۽ تو وٽ آهي بہ ڇا؟. سُڄو آهين............ مون کي توسان گڏ رهي ڇا ملندو؟؟”.

عاطف جي ڪنن ۾ لفظ “سُڄو” هٿوڙي وانگر لڳڻ لڳو.

❋❋❋

# پاڪ پويتر

اُن وقت عمر ويهہ سال کن مس ٿيندس جڏهن سگورن جي گهر لائٽ ناهڻ ويو هو. ابي وڃڻ کان اڳ ۾ هدايت ڪندي چيو هئس، "پُٽ ڪنڌ هيٺ ڪري وڃجان، هيڏانهن هوڏانهن نہ ڏسجان، پنهنجو ڪم ڪري جلدي واپس نڪري اچجان، هُو "پاڪ پويتر" آهن اسان سندن مُريد آهيون ڪِنا ڪوجها................

ڪيس اهي ڳالهيون سمجهہ ۾ نہ آيون هيون تہ اسان واري مُرشد ڪي تہ بہ هٿ، پير، اکيون، ڪن، نڪ آهي تہ مون ڪي بہ ساڳا آهن پوءِ هُو پاڪ اسان ميرا ڪيئن ٿياسين!؟.

ان سوال پُڇڻ ڪري بہ دفعا ابي جي هٿان مار بہ کاڌي هئين پر سوال هو سو سندس من ۾ مانڊاڻ مچايو بيٺو هو. پاڻ ڪئي دفعا ماستر ڏني کان بہ اُها ڳالهہ پُڇي هئين پر ماستر بہ ڪو مطمعن ڪندڙ جواب نہ ڏنو هو. سواچ حويلي ۾ ويندي ٿورو خوف بہ ٿيو هئس پر وري همٿ ڪري هليو ويو هو تہ جلدي ورندس.

لائٽ جيجان جي ڪمري جي خراب هئي، هن ڪنڌ هيٺ ڪري جلدي جلدي لائٽ سيٽ ڪري ورتي هئي ۽ پوئين پير ٻاهر نڪري آيو هو. رات پنهنجي زال سان پاڪر پريندي سوچي رهيو هو تہ هُو پاڪ پويتر آهن سندن جسم تي اهڙو الائي ڇا هوندو!!.

جيجان جي ڪمري جي لائٽ وري خراب ٿي پئي هئي، نوڪرياڻي اچ وري هن کي وٺڻ آئي هئي، هن وري نظرون جُهڪائي پنهنجو ڪم پورو ڪري ورتو هو. اصل ۾ جيجان سائين جي وڏي ڀيڻ هئي جنهن جي شادي ٿيل نہ هئي ۽ ڪُنواري وينل هُئي.

لائٽ خراب ٿيندي رهي هي ويندو رهيو. ڪيس ڪڏهن بہ اهو محسوس نہ ٿيو تہ ڪيس ڪو لڪي لڪي ڇتائي ڏسي رهيو آهي!.

لائٽ وري خراب ٿي پئي هئي هي ڪنڌ هيٺ ڪري ڪم ڪري رهيو هو اوچتو ڪنهن ڪنڌ تي هٿ رکيس سڄو ڏڪي ويو. پوئتي نهاريائين تہ هڪ خوبصورت اپسرا، وڏين ويڪرين اکين، گول ڇهري سان بيٺل هئي. پاڻ سمجهي نہ سگهيو سو سواليہ نظرن سان نهارڻ لڳو. جيجان سمجهي وئي ڪيس ٻانهن کان جهليندي بيڊ تي ويهاري چيائين، "مان سائين جي ڀيڻ آهيان، هي منهنجو ڪمرو آهي!".

هي ڊِڄ ۾ ڏڪڻ لڳو جيجان ڪيس ٻانهن کان وٺي سيني سان لڳائي ورتو.

اچ تيز تيز وکون کڻندو حويلي مان نڪري آيو هو ۽ اچي گُهوري پنهنجي زال کي ڏسڻ لڳو ڇپن ۾ پُٽڪڻ لڳو "فرق ڪتي آهي "پاڪ پويتر" ۽ تو ۾............

***

# گُم ٿيل وجود

**اونداهي** ڪوٺي اک نہ ڏسي گوڏو!.

ڪُوٺي جي ڇت ايترو ويجهو جو ڪنڌ بہ مٿي نہ ڪري سگهجي، ڪوٺي جي ڊيگهہ جنهن ۾ ٽنگون سڌيون ڪرڻ جي جڳهہ نہ هُجي. هُو جسماني ڪمزور ٿي چُڪو هو پر سندس حوصلا آسمان تي چنڊ ستارن وانگر اونچا هئا.

ڪيس ڪال ڪوٺڙي مان ٻاهر ڪڍيو ويو. اکين تي اڃان بدستور پٽي ٻڌل هئس. محسوس ٿيس تہ ڪنهن وڏي حال ۾ هو پٽ تي گوڏن پر ويٺل هو..... ٻُنيان ڪان هٿ ٻڌل هئس.

اوچتو ڪنن تي لانگ بُوٽ جي ٺڪ ٺڪ جو آواز پيس پاڻ ڪمزور هُجڻ جي باوجود حوصلي سان سِڌو ٿي ويٺو. لانگ بُوٽ جو آواز اڃان ويجهو ٿي ويس. ڳرو آواز سندس ڪنن سان ٽڪرايو، "تو تم هو آزاد سنڌي...... اتني عمر هو گئي هي پهر بهي مار کهاني ڪا شوق هي تمهين؟، ڪيون رياست ڪي خلاف بات ڪرتي هو مرني ڪا شوق هي؟".

آزاد ڪنڌ مٿي ڪنيو ڪيس نظر تہ ڪجهہ نہ آيو پر محسوس ٿيس تہ ڪو ديو جهڙي قد سان آهي ڪيس اعتماد سان جواب ڏنائين، "ميني ڪوئي غلط بات نهين ڪهي. ڪيا حق مانگنا غلط هي؟. جس ڌرتي پہ مين رهتا هون وه پوري مُلڪ ڪو چلا رهي هي اور بدلي مين اسي ڪيا مل رها هي؟. دهشتگردي؟، مارا ماري؟، مذهبي فيڪٽريان؟ بهوڪ؟. ڪيا ديا هي اس مُلڪ ني همين؟".

لانگ بُوٽ، "مطلب اتنا مارني ڪي بعد بهي تمهاري اڪڙ ختم نهين هوئي؟".

آزاد، "يہ اڪڙ نهين ميرا غرور هي جو مجهي ميري ڌرتي اور ميري ڌرتي ڪي لوگون پر هي".

لانگ بُوٽ، "پر تمهاري لوگ تو تمهاري ليئي آواز بهي نهين اُٺها رهي!، چند لڙڪيان اور پاگل سي لڙڪي بيٺهي هوئي هين!".

آزاد، "مجهي ڪسي سي ڪوئي گِلا نهين، ايڪ دن آئيگا جب ميرا لهو رنگ لائيگا اور اس دن نا تو تم رهو گي نا يہ تمهاري ڪال ڪوٺڙيان رهينگي!".

لانگ بُوٽ، "مين تمهاري گهر والون سي تمهاري بات ڪرا سڪتا هون، تم انڪو بولو ڪہ چُپ ڪر ڪہ گهر بيٺهين، يہ احتجاج، دهرني اور بهوڪ هڙتال پہ نا بيٺهين، يہ راستہ چهوڙ دين ورنہ هم تمهين اور ان سب ڪو مار دينگي!".

آزاد، "مجهي ڪوئي پرواهہ نهين ڪہ تم لوگ مجهي مار دوگي اور مجهي يہ بهي پرواهہ نهين ڪہ تم سب ڪو مار دوگي، مجهي خوشي هي ڪہ تم اتني طاقتور هوني ڪہ باوجود ان نهتي بچون سي ڊر رهي هو يهي ميري جيت هي.......... يهي ميري جيت هي...........

***

# پلاند

**نُورو** کٽ تي ائين پئي ڦڪيو جھڙو ڪُڪڙ سير پوڻ کان پوءِ ڦٿڪندو آهي.

ڳوٺ جا سڀ چڱا اچي گڏ ٿيا هئا. ماسي نيامت جيڪا ڳوٺ ۾ دائپو ڪندي هئي تنهن کي ڳوٺ جا وڏا ننڍا ٻار توڙي ٻُڍيون عقل وارو سمجهندا هئا ۽ کيس ڏاڪدرياڻي چئبو هئس. ڳوٺ ۾ اڪثر سڀ جا سڀ اڻ پڙهيل هئا. چاچو آچو وڏڙو هو.

نوري جو وڏو ڀاءُ ماستر فيضو جڏهن ڳوٺ ڇڏي پر واري اسڪول پڙهڻ پئي ويو تہ فيضو جي پيءُ مرحيات سوڍي کي چيو هئين، ”تو وارو ڇورو وري کهڙا پڙهي اڪ ڪارا ڪندو جو موڪلينس ٿو پڙهڻ!. هتي ڇڏينس تہ ٻڪريون چاري ۽ هر هلائڻ سکي تہ جيئن سُياڻ ٻنيءَ ٻاري ۾ تنهنجو هٿ ونڊائي!. هاڻ هليو آهي مُڙس پڙهي ڊگريون وٺڻ..........

بحرحال چاچي آچو ماستر فيضو جي پڙهڻ تي ان وقت وڏو هُل هنگامو ڪيو هو پر سوڍي جي نهڪر اڳيان آچو جون رڙيون نہ هليون هيون ۽ ماستر فيضو نيٺ ستين فائنل جو امتحان ڏئي ڳوٺ وريو هو جو گورنمينٽ کيس سرڪاري ماستري جو آرڊر ڏئي ڳوٺ ۾ اسڪول کولي ڏنو هو.

ماسي سڪينہ کي ڪنهن ڪن ۾ ڳالهہ وڌي هئي تہ نورو ڦٿڪي پيو سو هڪ ساهيءَ پڄندي آئي هئي، مُرشد بودلي جي پيرن جي مٽيءَ ڪٽي اچي نوري جي ڇاتيءَ تي مليائين تہ نوري اجان اڳ کان وڌيڪ رڙيون ڪيون پريان ڪاڪي آميءَ هڪل ڪيس، ”اي نياڳي ڇڏ ڪٽي ان مٽيءَ کي مڙس ٿو مري!“.

سيئي وڏڙا، پوڙها، زائفائون نوري کي تڙپندو ڏسي جُهري پيون هيون، ڳوٺ جي ويجهو ميلن تائين ڪو ڊاڪٽر ڪونہ هو سو ڳوٺ وارن جي ذهن ۾ ڊاڪٽر جو خيال بہ ڪونہ هو. فيضو پر واري ڳوٺ ڏي بہ ڇوڪرا ڀڄايا تہ وڃي حڪيم صاحب وٺي اچن سي بہ اجان نہ وريا هئا.

سيني جو ساهہ مُٺ ۾ هو ڪنهن سڙٻات ڪيو ”ڪلهہ نورو ڏينهن تتيءَ جو ڪٻڙ جي وڻ هيٺيان سُتو پيو هوا“. ڪاڪي آميءَ هڪل ڪئي، ”پڪ نوري کي جِن لڳو آهي سائين مُجن فقير کي وٺي اچو“.

اجان اهي سڙٻات هليا پئي تہ حڪيم بہ اچي پهتو هو نسن کي هٿ لائي ٻانهن کي هيٺ مٿي ڪري بہ ڦڪيون ڪاغذ جي پرچي ۾ ويڙهي ڏنئيين چئي صبح شام کارايوس. حڪيم ڦڪيون ڏئي هليو ويو ائين نوري کي ڦڪيون کاراين پر ڦڪيون کو فرق نہ ڪن!.

سڄي رات نورو تڙپندو رهيو. فيضو ويچارو هٿ وارو پکو کنيو سڄي رات سندس پيرانديءَ

ويٺو رهيو پر نوري کان سُور گهٽ نہ ٿيو. صبح جو سيڻي جي صلاح تي سائين مُجن فقير کي وٽي آيا. سائين پلي گهوڙي تي بوسڪي جو وڳو پائي اچي پهتو هو. سڀ ڳوٺ وارا مُجن سائين کي واري واري سان پيرن تي هٿ رکي مليا پئي. فيضو پريان ڪُنڊ ۾ ويٺو هو. ڪيس انهن ڏاڍن ڦيٽن تي بلڪل بہ يقين ڪونہ هو. نورو بہ انهن جنن ڀوتن کي ڪونہ مڃيندو هو پر نورو تہ سور ۾ ساڙو هو فيضو بہ ڳوٺ وارن اڳيان ڪُجهہ ڪُڇي ڪونہ سگهيو.

سائين مُجن فقير ايندي ئي چيو "سڀ پري ٿيو نوري تي دم ڪريان تہ خبر پوي!". سائين نوري جي مٿان چادر وڌي اکيون بند ڪري ڪجهہ پڙهڻ لڳو. ٿوري دير ڪانپوءِ اکيون کولي وڏيون رڙيون ڪيون ۽ هوا ۾ هٿ هلائڻ لڳو. ڳوٺ وارا ويچارا سڀ ڏڄي ويا هئا. سائين مُجن ٿوري دير کان پوءِ سيڻي کي مُخاطب ٿيندي چيو "نوري کي جِنن جي سردار جِن وڏي ديو جو سايو ٿي پيو آهي، ان تي پڙهائي ڪري ڄِلو ڪنڻو پوندو!".

ڪاڪي آمي، سڪينہ آچو فيضو اهو ٻڌي سڀ پريشان ٿي ويا. مُجن فقير پُوري مينهن ڏي اشارو ڪندي چيو "اها مينهن مون کي ڏيو آئون وڃي ڄِلو ڪٽيان!".

فيضو مُرشد کي مينهن کولي ڏني. مُجن فقير پاڙهيتو ڪيو رات گذري ٻيو ڏينهن ٿيو پر نورو نيڪ نہ ٿيو.

فيضو فيصلو ڪيو تہ نوري کي شهر جي وڏي اسپتال وٺي وڃي داخل ڪرائبو سو ٻئي ڏينهن نوري کي وٺي ڪراچي جي وڏي اسپتال آيو اُتي ٽيسٽون ٿيون تہ خبر پئي ڪيس گُرڌي ۾ پٿري آهي. فيضو نوري جي آپريشن ڪرائي پٿري ڪيرائي جو نورو بلڪل صحتياب ٿي گهر آيو.

گهر پهچڻ کان پوءِ ڪيس محسوس ٿيو تہ سندس پُوري مينهن غائب آهي. نوري فيضو کان پُڇيو. فيضو سچو قصو ڪري ٻڌايس. نورو چئي آئون اها مينهن ان ڍونگي مُرشد کان واپس وٺندس.

بہ ڏينهن ڇڏي نوري بيماري جو بهانو ڪيو سو وري سائين مُجن فقير پلي گهوڙي تي اچي ڳوٺ پهتو. وري ساڳي انداز سان دم ڪري چيائين، "نوري تي اجان جِن جو اثر آهي!".

نوري بہ هڪل ڪري مُرشد ڏي لوهہ پاتي اچي ڳِچي کان وٺي زمين تي دسيائينس، چئي ڍونگي منهنجي مينهن واپس ڪر جو مرشد قسم ڏئي پنهنجي جان بچائي. نوري مرشد جو گهوڙو جهلي ٻڌي ڇڏيو چيائينس، "منهنجي مينهن ڏئي پنهنجو گهوڙو ڪاهي وڃ". ۽ مرشد مُجن فقير کي پنڌ روانو ڪيائين.

***

# ايمان وارو

“***شائين*** او شائين رب مني جي نالي ڏهہ رپيا ڏي دعا ڪندي شائين.............

“او نماجي تون ڏي.........

شنو فقيرياڻي هنن ٻنهي کي مسجد مان نڪرندي ڏسي اچي صدا هنئي هئي. عمر ۾ ٻئي اڌڙوٽ ٿي پيا هئا پر شوق چوٽيءَ جا هئن. شنو مسلسل صدا هڻندي رهي، “شاحب مديني وارو توهان کي خوش ڪندو........... شاحب صبح کان ڳُجھہ کاڌو ڪونہ اٿم....... ڏهہ رپيا ڏيو شاحب.....

زبير، “يار ڏس ڇوري کي مست لڳي پئي آهي ڇاتي ڏسينس!”.

“ها ير پر رمضان آهي روزو ٻہ! ڇا ڪجي........!!”.

“ڏسي وٺ......... روزا تہ وري پيا ايندا اِها ڇوري وري ڪونہ ايندي”. زبير ايڪسري واري نظر سان شنو جي ڇاتي ۾ نهاريو. شنو سندس نظرن کي محسوس ڪندي ٻہ اٽجاڻ ٿي پئي وري ساڳي نموني، “شاحب ڏيو نہ....... شاحب ٻُک لڳي آهي...........

زبير، “ڪافرياڻي” پلارو مهينو رمضان پيو هلي ۽ تون اسان روزائتن سامهون ماني کائڻ جي ڳالھہ ٿي ڪرين!”. زبير سندس وارن مان جهليندي ڳِهلي اوطاق ۾ وڌس.

ٻنهي ڄڻن شنو سان اچ روزو ڀِچين تي ٽوڙي وڌو هو.

***

# رمضان

**رئيس** جي اوطاق تي اڄ وڏي رش هئي، هرجي پري کان ويٺي سڄو لقاءُ ڏٺو. هرجي جي زال لالي هرجي کان پڇندي، "اڄ هي اوطاق تي ايڏي رش ڇا جي آهي ڀلا؟".

هرجي، "رمضان" آيو آهي.

"اهو رمضان وري ڪير آهي؟".

هرجي، "او ڇريءَ رمضان مهينو جنهن ۾ مُسلا روزا رکندا آهن، سڄو ڏينهن بُک تي هوندا آهن".

لالي، "ته پوءِ ايڏي رش اوطاق تي ڇو؟".

هرجي، "اڄ رئيس روزن کولڻ جي دعوت رکي آهي، سيني وڏن ماڻهن کي دعوت ڏني اٿئين، ويهه ڇيلا ڳُنا اٿس، ڪُڪڙ، پُلاءَ، زردا ۽ ٻيو به الائي ڇا ڇا ناهيو اٿن، سوير مُنڇي ٽيڪم پئي ٻُڌايو".

ايڏن طعامن جو ٻُڌي لالي جي اکين ۾ عجيب چمڪ تريءَ آئي ۽ ٻئي لمحي پنهنجي پُٽ آسو ڏي نهاريندي سندس ڇهري تان جهٽ ڏئي چمڪ غائب ٿي وئي. ياد آيس ڏينهن کان آسو ماني ڪونه کاڌي هئي پاڻ به رات ٿورو رُکو ٽُڪر کاڌو هئائين ۽ هرجي به بُکيو هو.

صبح ساڻ هرجي ويو هو رئيس وٽ اٿي لاءِ پر رئيس ڇڙٻ ڏيندي چيو هئس، "آئون ڪو توهان جو ٺيڪو کنيو آهي ڇا؟. مهيني ۾ مڻ اٽو کايو ٿا.......... وڃو مون وٽ يتيم خانو کُليل ڪونهي جو توهان کي ويٺو کارايان مهينو پورو ٿيندو ته اٽو ملندو......... ايستائين وڃي مرو مون کي شڪل نه ڏيکاريو!!".

***

# مزدور

**پُٽ**، “بابا اڄ اسان جي استاد چيو تہ توهان کي هڪ مئي تي موڪل آهي اسڪول نہ اچجئو. بابا اها موڪل ڇو آهي؟. مون کي تہ رياضي جا سوال هاڻ ئي سمجهہ ۾ پئي آيا اها موڪل نہ ٿئي ها تہ ڪُجهہ اٽپور جا حساب سکي وٺان ها”.

“پُٽ اها موڪل مزدورن جي حوالي سان ڪئي ويندي آهي. پُٽ سڄي دنيا جا جيڪي مزدور آهن انهن کي مان مرتبو ڏيڻ لاءِ انهن جو ڏينهن ملهايو ويندو آهي”.

“پر بابا هُو پنهنجا هاري تہ اڄ بہ ٻنيءَ ۾ گُڏ ڪين پيا، سامهون وارو جيڪو بنگلو ٺهي پيو اُتي بہ اڄ مزدور ڪم ڪن پيا، سوير ڳليءَ ۾ ڏٺم تہ پنڪچر وارو بہ ويٺو هو برف واري بہ گڏهہ گاڏي تي هوڪا پئي ڏنا، قُلفي وارو بہ تہ هاڻ لنگهيو آهي، سامهون گاڏين وارو مستريءَ بہ ڪم پيو ڪري، اڄ تہ مِل بہ کُليل آهي بابا پوءِ اهو ڏينهن ڪنهن جي مان ۾ پيو ملهايو وڃي؟. ادا وڏي جي بہ لک رپيا پگهار آهي اهو سُتو پيو آهي، توهان گهر آهيو منهنجي پڙهائي خراب ڪري اُستاد پڪنڪ تي نڪري ويو هوندو، جج موڪل تي، آفيسر موڪل تي.......... بابا پلا مزدورن جي موڪل ڪڏهن ٿيندي!!؟؟؟”.

***

# اين جي اوز

”ٻُڌ اها ڇوري ڪير آهي؟“.
”سر نئين آهي.........
”فريش پِيس تي لڳي!“.
”ها سر............ اڄ ان کي انٽرويو ۾ سليڪٽ ضرور ڪجئو اصل توهان جون ڏهہ آڱريون گيهہ ۾!“.

صبا يونيورسٽي مان ايم اي سوشيالوجي ۾ ڪئي آهي، ڏاڍي جذباتي آهي، مارُو ماڻهن جا ڏُک سُور ڏسي ناهي سگهندي، حد درجي جي هوشيار بہ آهي، اسٽيج تي هميشہ انگريزي ۾ ڳالهائيندي آهي.

انٽرويو جي ڪمري ۾ بگهڙ جهڙو صاحب ڪنڌ ۾ تاءُ تنگيو ويٺو آهي. پهريان ڇوراهي تي اخبارون وڪڻندو هو پوءِ ڪنهن اين جي او ۾ ملازمت ڪيائين، صاحب کي روز نيون ڇوڪريون هٿ ڪري ڏيندو هو سو ترقي ڪندي ڪندي پنهنجي اين جي او کولي ورتائين، هاڻ پَلي گاڏيءَ آفيس بہ اٿس. ڊونر کي سُٺا شراب ۽ ديسي ڇوڪريون وڏن هوٽلن ۾ موڪلي ڏيندو آهي، سياسي واسطا وڏا اٿس، رئيس ڇِيڙ خان سان تہ وڏي حُجت اٿس، سندس لاءِ هميشہ حاضر هوندو آهي.

صبا سڄي رات اسٽڊي ڪئي، ايجوڪيشن بيسڊ پراجيڪٽ ۾ تعلقي ڪو آرڊينيٽر لاءِ اپلائي ڪيو هئائين، صاحب ٽائي کي ڇِڪ ڏيندي هيٺ سرڪايو جهڙو ڏاند جي ڪنڌ مان رسو ڍرو ٿيوا. ايڪسيڊينٽ ٿيل بس جهڙي مُنهن مان پيلا ڏند ظاهر ڪري مسڪرائڻ جا امپريشن ڏيڻ شروع ڪيائين.

صبا ڏي نهاريندي چيائين، ”توهان جون ڊگريون ڏنيون اٿم ڪافي ڪامپيٽنٽ ٿا لڳو. توهان سليڪٽ آهيو وڃو!“.

صبا خوشي ۾ نہ پئي ماپي، ”سر پوءِ آئون ڪڏهن کان جوائن ڪريان؟“.
”جي توهان سُڀاڻ کان جوائن ڪريو وڌيڪ منهنجو سيڪريٽري توهان کي سمجهائيندو“.

صبا ٻاهر انتظار ۾ هئي سيڪريٽري آيو ”جي توهان جي پگهار پنجاهہ هزار آهي ۽ اڄ رات توهان کي صاحب ڊنر تي گهرايو آهي“.
”رات جو ڇو پيلا؟؟“.
”صاحب کي خوش ڪندئو تہ نوڪري جوائن ڪجئو سُڀاڻ!“.
سيڪريٽري جا جُملا صبا جي دماغ ۾ هٿوڙي وانگر لڳا، دماغ چڪرائجي ويس.

❋❋❋

# زال

"**سيما** ڪٿي مري وئين!؟، ڪيتري دير کان انتظار پيو ڪريان چانهه آهي يا پاوا آهن. ڪم نه ڪار جي.......... رڳو مائٽن هن بلا کي منهنجي مٿي ۾ هٽي ڇڏيو آهي!. سڄي خاندان ۾ اها رن اڇي بڇي هئي........... بس الله سائين مون واري ڏاڏيءَ کي دوزخ جي باهه ۾ ساڙي پاڻ ته مري وئي مون کي عذاب ۾ وجهي وئي!". ڪامي پنهنجي مُنهن پُٽڪندو رهيو ڪڏهن وري تيز آواز سان سيما کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو رهيو.

ڪامي جو هاڻ اهو روز جو معمول هو ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه تي سيما جي مٿان ڪاوڙ لاهيندو هو. ڪڏهن الزام تراشيون، ڪڏهن گهٽ وڌ ڳالهائڻ ايستائين جو هٿ به کڻندو هو. سيما ويچاري جيڪا ڪچن ۾ چانهه ناهڻ ۾ مصروف هئي اهي ڳالهيون ٻُڌندي رهي ۽ هڪ ڊگهي آهه ڀري اکين ۾ ايندڙ ڳوڙها روڪي ورتائين سوچيائين پئي، "عورت به ڪيڏي نه مظلوم آهي، سڄو ڏينهن ڪمائي، مُڙس جي سار سنڀال لهي، سندس سڙيل زهر ڀريون ڳالهيون ٻُڌي پوءِ به سُڪون نالي ڪو ذرو ناهي نصيب ۾!".

سيما گهر ۾ ٽيون نمبر هئي، پهرين نمبر تي وڏي ڀيڻ هئس جيڪا شادي شُده هئس، ٻئي نمبر تي ڀاءُ هئس جيڪو پُڻ شادي شُده آهي ۽ سرڪاري نوڪري ۾ آهي، سيما بي اي پاس پي ايس ٽي ٽيچر آهي، ڪامي سندس سئوٽ هو. مائٽن جي لاڏلي هجڻ باوجود ابي امان پاران ڪيل رشتي تي ڪُجهه نه ڪُڇي سگهي بس خاموش رهي سندن ها ۾ ها ملائي!.

ڪيس ڪامي پسند نه هو ڇو ته شروعات کان وٺي ڪامي ڪم چور ۽ نشائي رهيو هو. سندس چاچي سيما جي پيءُ کي اڇي منٿ ڪئي ته سيما جو رشتو ڪامي لاءِ ڏيو ڇوڪرو ٿورو بگڙي ويو آهي، سيما جهڙي محبت ڪرڻ واري سُلڇڻيءَ ڇوڪري سان رهندو ته ٺيڪ ٿي ويندو.

سيما جو پيءُ پنهنجي ڀاءُ کي جواب نه ڏئي سگهيو سو شادي لاءِ ها ڪري ڇڏيائين. ڪڏهن ڪڏهن سيما سوچيندي آهي ته عورت پئدا ئي ڇو ٿي؟. ڇا رُڳو قُرباني ڏيڻ لاءِ؟. ڇا رُڳو ڏُک، سُور، تڪليفون عورت جي ئي حصي ۾ اچڻيون آهن سوچيندي ڳوڙها الائي ڪٿان قطار ڪري اکين جي ڀِنبڻين مان لهي پوندا اٿس ۽ پنهنجي حال تي ماتم ڪري ويهي رهندي آهي.

ڪامي مئٽرڪ پاس هو. شادي کان اڳ ۾ پرائيويٽ نوڪري ڪندو هو. شادي کان پوءِ سيما جي پيءُ جيڪو ٽريزري ۾ آفيسر هو ڪيس ڪلرڪ جي سرڪاري نوڪري ڏياري پر ڇوندا آهن جنهن جا ڀاڳ ڦِٽن ان کي ڪير سنواري!؟.

آواره گردي، نشو ڪرڻ، رُلڻ ڪامي جا محبوب مشغلا هئا، انهئي آواره گردي ۾ نشي جي ڪيس ۾ سزا اچڻ ڪري سرڪاري نوڪري هلي ويس بس اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن سيما گهر جي وڏي ڪمائڻ واري به هئي ته نوڪرياڻي به هئي باقي زال صرف نالي ماتر رهجي وئي هئي.

دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ ڪمپرومائيز زال جي ئي حصي ۾ ايندو آهي، مرد شرابي، عياش، موالي چٽ، جاهل، بي روزگار ڪُجهه به هُجي پر سوسائٽي ۾ سندس ڪنڌ مٿي ۽ زال جو ڪنڌ هيٺ رهڻو آهي. اهي اسان جي سوسائٽي جا ٻِٽا معيار آهن. هتي هن سماج ۾ سيما جهڙيون هزارين ڇوڪريون "زال" بڻجي روز عذاب سهن ٿيون.

***

# هولي جا رنگ

“**ڪِنا**........ او ڪِنا..........

“ڇا ٿيو مِنِي!؟”.

“ڏس اهو ڇا ڪيو اٿئي!”.

“وري ڇا ڪيم؟”.

“هي جو هيڏا سارا رنگ هنيا اٿئي اهو ڇا آهي؟”.

“اڙي يار تون بہ نہ!. ڀلا هڪڙي ڳالهہ ٻڌائي توکي رنگ ناهن وڻندا ڇا؟”.

“نہ تہ!. رنگ تہ وڻندا آهن پر جيڪي تو هينئر حالت ڪئي آهي مُنهن تي، ڪپڙن تي هٽي ان تان پئي ڇوان”.

“اڙي ڇري اڄ هولي جو ڏينهن آهي، اڄ سڄو سنسار رنگ برنگي لڳو پيو آهي، ڳاڙها، ساوا، پيلا، نيرا، ڪارا، آسماني، بلو سُرمائي، اڇا ڏس نہ هر طرف رنگ ڪيڏا نہ وڻندڙ آهن!!”.

“همم.......

“سچ اڄ ماحول رنگ برنگي آهي پر تون ڪاوڙ پئي ڪرين تہ نہ!”.

ان وقت هُن مسڪرائي ياڪر ۾ پريندي رنگن جون پورو ٿالهہ سندس مٿان هاري ڇڏيس ۽ ڇپن تي مني ڏيندي چيائينس، “اڙي ڪِنا....... توکي هولي جون لک لک مُبارڪون هجن اهو تنهنجي لاءِ سرپرائيز هو...........

***

# حرامخوري

**ياڻ** تازو عُمرو ڪري آيو ماشاءَ الله ڇا تہ سُڪون مليس!. اصل روح پاڪ ٿي پيس. سندس دُڪان شهر جي وچ تي آهي، پاڻ رشوت ۽ حرامخوري کي گُناهہ سمجهندو آهي. ٻُڍاپائين پئي تہ سندس سڀ ٻار پنج وقت نماز پڙهندا آهن ۽ گهر واري تہ هر وقت تلاوت ڪندي رهندي آهي.

اڄ واپڊا واري کي پنج هزار ڏيندي چيائين، "بس يار ڪم ٿي ناهي دُڪان تي......... في الحال اهي رک ۽ بِل بہ هزار کان مٿي نہ موڪليندو ڪر!". سائين آفيس جو انچارج هو ڪيس حرامخوري کان سخت نفرت آهي. سائين عمري تي ويڃڻ ڪري چارج اسسٽنٽ کي ڏئي ويو هو.

الله جنهن کي گُهرائي، اڄ واپس آيو عمري تان تہ اصل نُور پئي تِميس نراڙ تان......... ٻئي ڏينهن آفيس ۾ گُلن جا هار، تسبيحون، ڪتل اصل عطر جي مهڪ لڳي پئي آهي.

ٽئين ڏينهن صاحب جي آفيس مان گوڙ ۽ گارين جو آواز پيو اچي، پٽيوالو سُس پُس ڪندي، "يار نورا جهيڙو وري ڇا تي هوندو........... اصل ۾ صاحب مولو کان ڪم جا سوا لک گهريا هئا، عمري تي ويو تہ پُٺيان اسسٽنٽ صاحب اهو ڪم اسي هزار ۾ ڪري ڇڏيو!".

پاڻ پرائمري اسڪول جو هيڊ ماستر آهي، الله جي فضل ڪرم سان ٽي حج ۽ ست عمرا ڪيا اٿئين، حرامخوري کان ڪيس سخت نفرت آهي، ماستري جي سروس هاڻ ٻاويهہ سال ٿي وئي اٿس، شروعات ۾ ٻني ٻاري ۾ مصروف هُجڻ ڪري هڪ ڀاڙي جو ڇوڪرو سندس جڳهہ تي اسڪول ۾ ٻارن پڙهائڻ لاءِ رکيو هئائين پوءِ سوچيائين، "هي ڳوٺ وارا ڇورا وري ڪهڙو پڙهندا.........!!". بس پوءِ اسڪول ۾ ٽي وي اي سي لڳرائي اوطاق نهرائي ڇڏيائين پوءِ ٻاويهہ سال ٿي اسڪول ۾.

***

# لچڻ

**سندس** ڏيءُ هاڻ يونيورسٽي وچڻ جهڙي ٿي وئي آهي. پاڻ هڪ اداري جو هيڊ آهي. ڪيس ننڍي عمر جون ڇوڪريون جام وڻنديون آهن. شيلا هن وٽ ڪجهه ڏينهن پهريان آئي هئي. ڳاڙهي فراڪ ۾ صفا معصوم پري پئي لڳي.

انٽرويو وقت ٻه دفعا روئي پئي هئي ويچاري ڏاڍي مجبور هئي, ڪيس نوڪري جي سخت ضرورت هئي, هن ڪيس نوڪري ڏيڻ جي پڪ ڏني ۽ شام جو اچڻ لاءِ چيو هئس.

اُها رات شيلا لاءِ ڪنهن عذاب کان گهٽ نه هئي. هُو شراب جي نشي ۾ ڪيس چُهٽيل هو ۽ مسلسل سندس اُرهه پٽيندو رهيو هُوءَ روئندي روئندي بيهوش ٿي وئي هئي.

بنگلي جي بالڪوني تي بيهي ٻاهر جو منظر پئي ڏٺئين ته اچانڪ سندس نظر رسيءَ تي سُڪڻ لاءِ وڌل ڪپڙن سان گڏ ننڍي سائيز جي بريزر تي پئي. ڏسي عجب چمڪ اکين ۾ لهي آيس. ڪيس ننڍي عمر جون ڇوڪريون ڏاڍيون وڻنديون آهن.

ڪجهه دير اتي ئي بيٺو رهيو. خيالن ئي خيالن ۾ ان بريزر جي اندر پُوريل ڇاتين کي هٿ لائڻ جو سوچيائين پئي ته سندس ڏيءُ اوچتو مٿي چڙهي آئي ڪپڙن مان اهو بريزر لاهي هلي وئي.

❊❊❊

# ويلنٽائن

**شاني** نوجواني عشق ڪرڻ لاءِ بي چين يونيورسٽي جو ماحول اصل هر ڇوڪري ۾ ڪيس سُهڻي، هير، سسئي پئي نظر اچي!.

گُلن جو گلدستو وٺي يونيورسٽي جي مين سينٽرل لائبريري اڳيان موڳو موڳو بيٺل.... ڪيس سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ ڪنهن سان اظهار ڪيئن ڪري!؟.

ويچارو شاني، گُل ۽ ويران اندر....... جنهن ۾ سرءُ جي پن ڇڻ جهڙي موسم.

اسد صاحب بئنڪ جو آپريشنل مئنيجر هر ڇوڪري ڪيس اپسرا ٿي لڳي. نوشي سونهن جي ديوي، ملائڪا حُسن جي ملڪ، رِدا جنت جي حُور، عاشي اٽرئڪشن ڪوئين گُل وٺي آيو آهي هاڻ سوچي پيو ڪنهن کي ڏئي!.

فيصل فلرٽ ڪِنگ هر ڇوڪري کي، "جانو توکان سواءِ اصل ساهہ ٿو وڃي، توکان اڳ ۾ مون ڪڏهن ڪنهن ڇوڪري کي ڏنو ئي ناهي، مون کي تہ هينئر ئي خبر پئي آهي تہ پيار بہ ڪجهہ ٿيندو آهي. تون تہ منهنجو پهريون پيار آهين!!."

هُو دوستن سان گڏ ويهي ڳُٽڪ ڪرائيندو آهي بس يار نوانوي تي ويون آهن رڳو هڪ رهيل آهي، پاڻ يارنهن گفٽ رکيو ويٺو آهي، نورل کيس اها بہ خبر ڪونهي تہ اهو ويلنٽائن ڇا آهي ۽ اهو سينٽ ويلنٽائن ڪير هوا. کيس پاڙي جي ناٿُو باگڙياڻي سان عشق ٿي پيو هو.

هُوءَ جڏهن گودڙي ڪُلهي ۾ لڙڪائي هرڻي وانگر ڇال ڏئي هلندي آهي تہ هن جي دل ڌڙڪا کائي سيني مان ٻاهر نڪرڻ لڳندي آهي، پاڻ شاخ جي ڪپ تي ويهي ناٿي لاءِ ڪلام ويٺو ڳائي، "مجبور آ......... عاشق مجبور آ پلي ڪيڏو بہ ڪنڌار هُجي............

هُوءَ نڪ کي موڙو ڏئي کيس ڏنو اڻ ڏنو ڪري گذري ٿي وڃي.

**عاطف**

ويلنٽائن جي ڀرپور تياري مانو "مناهل" لاءِ ڳاڙهن گلابن جو گلدستو ورتو اٿئين. سندس لاءِ چاڪليٽ، ڪيڪ ۽ تاج محل جو اسٽئچو بہ ورتو اٿئين.

هُنن چوڏهن فيبروري تي سي ويو وڃڻ جو پروگرام ناهيو آهي.

**سمرين**

ڪيس هر سال چوڏهن فيبروري عذاب لڳندي آهي ڇو تہ هُو هميشہ لاءِ هُن ڪان وڇڙي ويو هو.

## ميهار

ڌرتيءَ جو عاشق..........

ڪيس ڌرتيءَ سان عشق آهي.

هُو چوڏهن فيبروري تي ڌرتيءَ کي چُمي ڏئي نمي سجدو ڪري سيليبريٽ ڪرڻ جي تياري پيو ڪري.

❊❊❊

# تبديلي

***ڀريان*** خانو گوڏ ٻڌندو هو هاڻ ڇڏيءَ انگريزي ۾ نيڪر پائي ٿو گهمي!.

ڀريان هُو سالن پڇاڻان وار ڳوٺ جي هميري حجام کان ڪترائيندو هو جيڪو ٻه وارن کي هيٺ مٿي ڪري اصل ڪُتر ڪُتر ڪري ڇڏيندو هو جهڙو رڍ جو پُڇ!. هاڻ هُو پئسا ڏئي رڍ ٻڪري ۽ مختلف جانورن جي پُڇ جهڙا وار ٺهرائيندو آهي.

ڀريان ڏاڙهيءَ ڪُوڙڻ لاءِ بليڊ سر جي ڪاني ۾ ڦاسائي پاٽي جي ڏُبي تي ويهندو هو جتي اڌ وار رهجي ويندا هئس، هاڻ پئسا ڏئي قلمن کان ڄاڙي تائين وارن جا ليڪا وينو ٺهرائي!.

ڀريان تاڪئيي جي حساب سان ڪپڙا ونئي درزي کي ڏيندو هو راڻو درزي ٻه هو سپاڳو سو پيرن تائين قميص ٺاهي ڇڏيندو هو جيڪا گهلبي وتندي هئي، ڪِن ڪچرا گڏ ڪندي هاڻ پئسا ڏئي ڳريون سلايون پيري ڊگهيون قميصون ٿو ٺهرائي!.

ڀريان رڳو اڇا ڪپڙا، آسماني ۽ ڪارا پائيندو هو هاڻ هڙئي مائين جا رنگ چوري ڪيو پايو وجي!.

ڀريان ڪيس خانو خان سڏيندا هئا هاڻ وري ڪي ڪي ٽا سڏين.... پاڻ ڀريان ڪير وڪٽندو هو هاڻ فيس بُڪ اسٽيٽس تي لکيل اٿس،

Own Business

فيس بُڪ اچڻ کان پوءِ خانو ته تبديل ٿي ڪي ٿي ويو پلا توهان ڪيترو تبديل ٿيا آهيو!؟؟.

***

# پڙهيل ڳڙهيل

“**توکي** قسم آهي ٻيلي ائين نہ ڪر!. مون مسڪين تي ڪو رحم ڪر، آئون تنهنجي سِڪ ۾ صفا سُڪي سڙي ويو آهيان!. ٻيلي وارو ڪر.... ڪا مِنٿ ميڙ مڃ........ هاڻ معاف ڪر يلا.... مون سچي ۾ فيس بُڪ هلائڻ بہ ڇڏي ڏنو آهي. آئون توکان سواءِ ڪجھ سوچيندو ئي ناهيان. تون مون مسڪين تي ايڏو ظلم نہ ڪر!”.

“ها ها مون کي خبر آهي تون ڪيترو مسڪين آهين!. ڪلھ جو ڳليءَ جي ڪُنڊ تي وات ڦاڙيو پراين مائين کي پئي ڏنئي اهو ڇا هو؟؟”.

“اڙي اُتي تہ آئون مون واري يار گُلو جي انتظار ۾ بيٺو هئس”.

“سُڃاڻيائين ٿي اها نُوس نُوس جي عادت توکي يونيورسٽي ۾ بہ هوندي هئي ڳالهائيندو مون سان هئين ۽ ڏسندو وري مون واري سهيلي ککر کي هُئين!.”.

“پليز ڇڏ ڪٽي پراڻن قصن کي هاڻ تہ ڏس نہ تنهنجي ڪيڏي خدمت ٿو ڪريان؟. ٻيلي سنڌي تہ سڀ درگاهي آهن پوءِ يلا انهن کي مڃ لطيف جو قسم اٿئي........ سچل جو قسم اٿئي..... قلندر جو قسم اٿئي....... شاهہ عنايت جو قسم اٿئي...... گروڙهي جو قسم اٿئي...... سمن سرڪار جو قسم اٿئي.......... عيسن شاهہ جو قسم اٿئي...... شاهہ يقيق جو قسم اٿئي..... ڀڳت ڪنور جو قسم اٿئي...... شِو جو قسم اٿئي........ راما پير جو قسم اٿئي...... ساڌ ٻيلي جو قسم اٿئي مڃ ڪٽي!!”.

چيائين، “اڙي نيا ڳا لڇڻ ڪر لڇڻ... ايڏو جو پڙهيو آهين رڳو انهن درگاهن جي نالن جي خبر اٿئي ٻي ڪا خبر نہ اٿئي!!”.

چيم، “منهنجو علم تہ ان ڏينهن دماغ مان موڪلائي ويو جنهن ڏينهن عشق جي چڪر ۾ لڳي ويچاري ماسيءَ ڦاپيءَ واري ڏيءَ انبڙي سان رشتو ٽوڙي توسان عشق جي شادي ڪيم. مون سمجهيو زندگي رڳو گُرو رجنيش ۽ فرائيڊ جي اصولن تي گذاربي، رڳو پيار ڪبو عشق ڪبو آئوٽنگ ڪبي اصل انجوائي ڪبو پر اها خبر ٿورئي هئي تہ ڪا تون اندريان ڪان هٽلر جي مائٽياڻي نڪرندين ۽ مون کي ڪنهن يهودي ڪئمپ ۾ گئس چئمبر حوالي ڪندين. مون تہ خوابن جي دنيا ۾ الائي ڇا ڇا پئي سوچيو!!”.

“هل هل هاڻ گهڻئي سوچئيي ننڍڙي پيشاب ڪيو آهي ان کي پيمپر چئنج ڪرائي آئون ڪم پئي ڪريان رڳو ڇاڙي وينو هٽين!!”.

***

# رانگ نمبر

“اڙي مُئا ڪٿي مري وئين!؟”.

“ائي نياڳي رن اچان ٿو اچان ساهہ ٿو وجئي ڇا........

“هل ڙي هيرو جلدي پهچ تہ ڪٿي ويلڻ سان هڏ نہ ڀڃائين!”.

“اڙي بيماري ڇو اچي مٿو ڪاڏو اٿئي؟. اصل رت ئي پي وئي آهين”.

“رت تہ تون منهنجو چُوسي ويو آهين. باهہ لڳي ان نياڳي موبائل کي جو تو جهڙي گڏهہ سان اچي لڳس نہ تہ مائٽن وٽ سون ۾ تُران ها!”.

“هل ڙي رن سهڻي...... ڀاڄوڪڙ هئين تڏهن تہ دانگي ملئيي مائٽن جي مُنهن تي.... بس شل موت اچي جو تو عذاب مان جان ڇُٽي!”.

رابعہ ۽ شاهد جو اهو معمول جو قصو هو. ٻہ سال اڳ ۾ رانگ نمبر لڳڻ ڪري رابعہ جو شاهد سان رابطو ٿيو هو. فون تي ڪچهريون ڪندي ڪندي رابعہ کي خبر ئي نہ پئي تہ ڪڏهن ڪيس عشق جو چوٽ لڳي ۽ شاهد جي ڪوڙن ڏٽن ۽ سُهانن خوابن جي آسري گهر ڇڏي آئي.

جڏهن شادي ڪري گهر آئي تہ هڪ ڇڄگل ڪٽ ۽ ٻہ وهاڻا, هڪ ديڳڙي ۽ ڪجهہ ٽُٽل پليٽون سندس منتظر هيون. بعد ۾ خبر پيس تہ شاهد ڏهاڙي تي مزدوري ڪندو آهي ۽ رهڻ لاءِ پنهنجو گهر بہ نہ اٿس پر هاڻ ڇا ڪري؟. پاڻي مٿي ڪان چڙهي ويو هو.

❊❊❊

# ديندار

**سائين** جن مسجد جو پيش امام هو. پنج وقت نماز باجماعت پڙهائيندو ۽ ڳوٺ جي ٻارن کي قرآن شريف جو درس بہ ڏيندو هو. نيڪ نمازي پرهيزگاري ۾ سندس ڪو مٽ نہ هو. جنهن وقت مسجد طرف وڃڻ ٿيندو هو سائين جي هٿ ۾ لوٽو ۽ ڪيڙ جي پاڙ جو ڏندڻ ڏسبو هو. اڇا ڪپڙا، سفيد ٽوال ڪُلهي تي، وڏي ڪاري ڏاڙهيءَ، اکيون وڏيون ويڪريون، نڪ ڇُهنبر، نراڙ تي ڪارو نشان جهڙو ڪنهن داغ‌نگيءَ وهائي ڪيڊي هُجي!.

قبرستان ۾ مُئي جي مٿان ڇٽڪارڻ واري عطر جي هميشہ پوري شيشي لڳل اصل سائين جن ڳوٺ وارن لاءِ رول ماڊل هو.

علو جا سڄا ٻار درس وٺڻ ويندا هئا. ولو جا بہ ٻہ ڇوڪرا ويندا هئا، ڪيڙ جي نياڻي جيڪا پنجين ڪلاس ۾ پڙهندي هئي، ڪيڙ جي مائي سليمت اڻ پڙهيل هئڻ باوجود نبي جي دين سِکڻ لاءِ ۽ پاڪ ڪلام پڙهڻ لاءِ مولوي صاحب وٽ موڪلي هئي. سائين هميشہ ڪيس سيني ٻارن کان آخر ۾ سبق ڏيندو هو چئي، ”توکي سهي تلفظ نٿو اچي اُچار ۾ غلطي ٿي ڪرين!“.

هوڏانهن سليمت خوش صفا پانئين تہ مولوي صاحب نندڙي کي ايڏو ڏيان سان پيو پڙهائي اصل خوشي ۾ نہ پئي ماپي. سائين سڳوري جو روز اصول ٻارن کي سبق جلدي ڏئي نندڙي کي ويجهو ويهاري روز جسم جي مختلف حصن تي هٿ ڦيري اصل جهنگ جي ٻلي وانگر روز جنسي هٿن سان نندڙي کي تنگ ڪري.

نندڙي ڏاڍي تنگ ٿي ڪئي دفعا ماءُ کي چيائين، ”امان مون کي ان مُلان وٽ ناهي پڙهڻو!. اهو سُٺو ناهي“.

سليمت ويچاري دين جي سکڻ جي اُڻ تُڻ مجي ڪين چئي، ”ڇوري نياڻي پڙهڻ کان پئي پڄي!“. هُتي مُلان جهنگراڙي ٻِلو ٿيو وينو هُجي جنهن جا گوشت تي لامارا هُجن نيٺ هڪ ڏينهن جڏهن پِر واري ڳوٺ ۾ دعوت هئي، ڳوٺ جا تقريبن سڀ مرد مايون دعوت تي ويل هئا، ٻار بہ مسجد ۾ گهٽ آيا هئا، ان ڏينهن مُلان نندڙي سان اهو ڪيو جيڪو جهنگلي ٻگهڙ نندڙن جانورن سان ڪندا آهن.

مسجد جو اڱڻ رت سان لت پت هو. نندڙي اڌ مُئي اگهاڙي حالت ۾ پيل هئي. ڳوٺ تي سڪتو طاري هو. ديندار پرهيزگار مُلان غائب هو.

سليمت بيهوش ٿي وئي هئي، سيني جي اکين ۾ ڳوڙها هئا!.

***

# حوسي ا ڪيون

“**واهه** يار ڇا تہ اکيون اٿس!”.

“هل ڇهرو تہ ڏسينس......... اصل چوڏهين جو چنڊ..........

“يار ڇاتيءَ تہ ڏس............

“اڙي اهڙيون ڳالهيون نہ ڪر!!”.

“ڇو؟ عورت جي ڪشش ڇاتيءَ ۾ نہ هوندي تہ ٻيو ڇا ۾ هوندي؟”.

“يار وِڪي ڇا ٿي ويو آ تنهنجي سوچ کي؟. عورت کي رڳو جنسي نظر سان ڏسڻ ئي سڀ ڪجهہ آهي ڇا يلا؟. ان جي سونهن سوپيا پيار ڪا اهميت نٿيون رکن ڇا؟”.

“هل ڙي..... اهي ليڪچر ڏئي مٿو خراب نہ ڪندو ڪر. توکي ڪهڙي خبر تہ عورت جو حُسن ۽ ڪشش ڇا ۾ هوندي آهي!.”.

“يار عورت تہ حُسن جو مجسمو آهي. اُها تہ موئن جي دڙي جي سمبارا آهي جنهن کي جنمن تائين رڳو وينو ڏسجي”.

“ڇڏ ڀُوڪ......... ڇو اڇي اهو اديبن وارو رت پيتو اٿئي!. عورت جي ڇاتيءَ ۾ دڏيون ناهن نڪتل تہ ڪير پُڇيس بہ ڪونہ ۽ اهڙين عورتن سان ڳالهائيندو بہ ڪير. گهٽ ۾ گهٽ آئون تہ اهڙين سان هڪ منٽ بہ نہ ڳالهايان”.

”وڪي يار ڇو اڇي توهان جي اکين تي جنسي حوس جو پردو چڙهيو آهي. ڪڏهن عورت جي اکين ۾ محبت جو اُتاهہ گهرو سمُنڊ بہ تہ ڏسو. ڪڏهن ساڻس پيار تہ ڪري ڏسو!”.

“اڙي يار وجي ڏُوڙ پائي......... وجي ان سمُنڊ ۾ ٻُڏي مر.......... منهنجي جان ڇڏ رت ئي پي ويو آهين!!”.

***

# نُوس نُوس

**ڏند** تيڙي، واڇون ڪنديري، تيڙي شڪل ڪري، لُنڊي بازار مان مُئل انگريزن جون پُراڻيون پينٽون پائي، پناڻ ڪان ربڙ جي شيشن وارو چشمو وٺي هُو روز صبح سوير گرلس اسڪول جي سامهون وڃي بيهندو هو.

گهر ۾ گڏهه جو گاهه لُٽندو هو باهر پُٽ عاشقي ڪندو هو. روز ساڳا لچڻ ساڳي ڪِرت پر مُنهن پُراڻي پيندي، جهڙو آخر ڪا ڇوڪري ڳالهائي به ته ڇو؟

نيٺ هن بي شرمي کي به شرم اچي ويو سو سوچيائين هاڻ بس وڌيڪ بيعزتي خراب نه ڪرائبي ۽ پاڙي جي هن ننڍڙي اسڪول کي ڇڏي شهر جي ڪاليج اڳيان وڃي بيهبو.

ٻئي ڏينهن سوير گڏهه جو گاهه ڪري قبرستان مان عطر جي شيشي ڪٽي مُئل انگريز جي پينٽ پائي وڃي ڪاليج پهتو. مارررر...... ڇا ڏسي هتي ته هڻ وٺ لڳي پئي آ. شهر جا ٻشني ڇورا مٿي تي ڪُڪڙ جي پُڇن جهڙا وار، ٻُنيان اڌ پينٽ لٿي پئي هُجي، چشما لڳل فتفتين جا زوزاٽ پيا ڪن ۽ ڪاليج جي اڳيان لُوسي کُتن وانگر پيا لامارا ڏين.

وچ هن ڏنو ته ڪجهه پوڙها پڪا به بيٺا هئا جيڪي به نياڻين مان اکيون ئي نه ڪڍن. لوسي ڇورا ڇوڪرين کي هارن وڄائي پاسي ۾ بيهي غلط سلط پيا ڳالهائين. اهڙي حالت ڏسي هن جهڙي بي پهچ ٻشني جي اکين مان به ڳوڙها اچي ويا ۽ واپس اچي سندس پيڻ جيڪا گاهه ڪري موٽي هئس ان کي گُهوري ڏسڻ لڳو ۽ اڳتي لاءِ نُوس نُوس کان توبهن ڪيائين.

***

# ڦتو ۽ ڦوڪٽو

“***اڙي*** ڦتو ڏي خبر ڪيڏانهن پيو وڃين؟”.

“يرِ ڳالهه ڪهڙي ٻڌايان بس ڇڏ ڪٽي!”.

“اڙي وري به خبر ته پئي............

“يرِ ڪالهه پاڻ واري ڳوٺ ۾ اها وڏي ڏاڪدرياڻي آئي هئي نه مريض تپاسڻ ۽ مفت ۾ پئي دوائون ڏنئين سو مون واري مائيءَ ڪان وڃين پڇيائين ٻار گهڻا اٿئي سو مون واري مائيءَ ويچاري اهوجهه ههڙي پوري منڊمر ڏاڪدرياڻي کي ڏسي وات گودو هٽي ويس ۽ سچي ڪري وڏئين ته ست ٻار آهن!”.

“اڙي ڦتو ته پوءِ ان ۾ لڪائڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي!؟”.

“اڙي پُوڪ اڳتي ته ٻڌ منڊمر مون واري مائيءَ کي چيو ته ٻار بند ڪرائي ڇڏ. ان تي مون واري مائيءَ راضي ڪونه ٿي ڇئي مون کي آپريشن ڪان پئو ٿو ٿئي سو ڏاڪدرياڻي چيس ته تو واري مڙس جي نس بندي ڪرائي، ڦتو مطلب نس وڍرائي نامرد ٿي وڃان نه بابا ۽ ٻيو طريقو به ٻڌائي ويس ۽ ڏبو ڦوڪٽن جو ڏئي ويس ۽ چيس ته رات جو اهي ڦوڪٽا پائڻا آهن”.

“ها يرِ ڦتو مسئلو ته واقعي ئي وڏو آهي!”.

“يرِ ڦوڪٽا ته مون وارن ڇورن ڦوڪي اُڏائي ڇڏيا باقي به بچيا آهن وڃان پيو منڊمر ڪان پڇڻ ته اهي ڪهڙي جڳهه تي پائبا؟”.

❊❊❊

# پير

**نندي** هوندي جڏهن گهر جي اڱڻ تي صاف ستري هالا جي جنڊي لٽل کٽ پلي رلي وڇائي رکبي هئي ۽ ان تي ٻاهران هڪ اڻ ڄاتل ماڻهو کي اچي ويهاريو هو جيڪو قد ۾ سرس، هلڪي ڏاڙهي، مُڇون ڇُهنب واريون، بوسڪي جا ڪپڙا پاتل، راڏو گهڙي ٻانهن ۾ تڏهن سمجهه ۾ نه ايندو هئس ته چاچا وارا ان پرائي ماڻهو کي امان، ادين، چاچين، ماسين جي وچ ۾ ڇو ائين ٿا ويهارين پوءِ معصوم انداز سان چاچي کان پُڇندو هو "چاچا هي ڪير آهي؟".

چاچو چوندو هئس، "هي پير صاحب آهي، مرشد آهي" ۽ هڪ ڏينهن چاچي وٺي وڃي پير صاحب جي اڳيان ٻيهاريس ۽ هٿ ٻڌي پير صاحب کي چيائين، "مُرشد سائين اج کان هي توهان جو مُريد آهي".

مرشد ٿيلهي مان قئنچي ڪڍندي سندس مٿي تان وارن جي چڳ ئي ڪٽي ڇڏيس. ان ڏينهن شيشي ۾ وارن جون نقشو ڦريل ڏسي پير صاحب تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي هئس ۽ ان کان پوءِ علي کي الائي ڇو پير صاحب نه وڻندو هو.

اڄ وري ڳوٺ ۾ دعوت آهي، گهر جي اڱڻ تي اها ساڳي جنڊي لٽل کٽ پيل آهي، هو سمجهي ٿو ته شايد اها کٽ گهوٽ لاءِ پيل آهي پر ٿوري دير کان پوءِ ان کٽ تي پير صاحب کي ويٺل ڏسي ٿو جيڪو ٻُڪئي ڪُتي وانگر گهر جي عورتن کي ڏسي پيو ٿو.

علي اڄ به پنهنجي چاچي سان شڪايت ٿو ڪري پر چاچو چڙٻ ڏئي چُپ ٿو ڪرائيس. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ چاچو تيار ٿيڻ لاءِ ٿو چويس چئي ٿو "هلڻو آ پير صاحب جي ڏيءَ جي شادي آ ڏن پهچائڻ". اڄ موقعو مليس ٿو دل ۾ خوش آهي، چاچي سان پير صاحب جي گهر وٽ پهچي ٿو پير صاحب ٻاهر ٿو نڪري، چاچو پيرين پئي مليس ٿو علي صرف هٿ ٿو ملائيس، پير صاحب کي اهو ڏسي ڪاوڙ تي لڳي پر ڪُڇي ڪُجهه نٿو.

علي پير صاحب جي گهر جي دروازي کي ڌڪو ڏئي اندر ٿو داخل ٿئي پير صاحب ڪُتي واري رُوڙ ڪري هڪل ٿو ڪري، "اڙي متان ويو آهين!".

چاچو به هڪل ڪري علي کي روڪڻ ٿو ڀڄي، ٻئي علي کي جهلي ٿا وٺن، پير صاحب علي کي چماٽ وهائي ٿو ڪڍي، چئيس ٿو "پيٽان "ڪافر" يزيد تون منهنجي اهلبيتن بيبين کي ڏسندين!".

علي چئيس ٿو "جي تنهنجيون بيبيون آهن ته اسان جي گهر ڇا ڪونو آهي جو روز ٿو اچين!!".

***

# ووٽ

***ڳاڏيون*** ڀرجن پيون، ڳوٺ ۾ وڏي بس بيٺل آهي، وڏيرو موسو ايم پي اي جو اميدوار آ. وڏي هلندي پڄندي وارو مُڙس آ، پارٽي چيئرمين سان صفا ويجهو رشتو اٿس، اصل ايترا ويجها آهن جو هڪ ئي گلاس ۾ مئي جا ڍُڪ گڏ پيئندا آهن.

پئسو ناهڻ جو وڏو جنون اٿس، عياشي رت ۾ شامل اٿس، گري گنجي کي پُڄندو ئي ناهي باقي ڏاڍي جون مٿيون پريندو آهي. وڏيري موسي جي اليڪشن مهم ۾ پنج ماڻهو مارجي ويا هئا پر پاڻ سندن تڏي تي لڙي به ڪونه ويو. چئي، "اهي سڀ منهنجا غلام آهن، منهنجي لاءِ قرباني ڏني اٿن".

جنهن رات جهيڙو ٿيو هو ۽ ماڻهو مُئا هئا ان رات وڏيري موسي انگريزي شراب سان انگريزي ڇوڪريون به گهرايون هيون. هوڏانهن ماڻهو مرندا رهيا هيڏانهن وڏيرو شراب جي نشي ۾ ڌُت ٿي نچندو رهيو.

اليڪشن جو ڏينهن به وڏي گرما گرمي وارو هوندو آهي، غريب غربو سمجهندو آهي ته اهو ڏينهن اسان لاءِ تبديلي ۽ نجات وارو ڏينهن آهي پر اليڪشني يوتار ان ڏينهن کي واسڪوٽي تبديل ڪرڻ جو ڏينهن سمجهندا آهن. ان ڏينهن اهو عهد ڪندا آهن ته هاڻ اڳ کان اڳرو ٿي رت پيئڻو آهي ۽ ڪرپشن جا ريڪارڊ قائم ڪرڻا آهن.

اليڪشن جو ڏينهن به آيو ووٽ ٿيا، وڏيرو موسو اليڪشن اڪثريت سان کٽي ويو، جيئن اليڪشن کٽيو ته سڌو ڪراچي نڪري ويو ۽ سال کان پوءِ تر ۾ واپس وريو. اڄ وڏيري جي اوطاق تي رش آهي، راڄ جا سڀ غريب غربا سندس سلامي آهن. هر ماڻهو پنهنجا مسئلا پيو بيان ڪري پر موسو خان موبائل تي لڳو پيو آ، ڪنهن جي ڳالهه نه پيو ٻُڌي.

فقيري چيس، "سائين اسان سان ظُلم لڳو پيو آ اسان جي ڪا واهر ڪريو سائين اسان وٽ اسڪول ناهي، لائٽ ناهي، پيئڻ جو پاڻي به ڪونه ٿو اچي، پوليس به ناحق تنگ پئي ڪري سائين ڪا واهر ڪريو!".

پر موسو جيئن جو تيئن موبائل ۾ اکيون کُپايو وينو آ. فقيري جذباتي ٿيندي، "سائين اسان سڄي عمر توهان کي ووٽ ڏنا آهن". ووٽ جو نالو ٻُڌي موسيٰ خان جون ڪاوڙ ۾ اکيون لال ٿي ويون ۽ فقيري ڏي ڏسي چيائينس، "اڙي "ڪُتا" تنهنجي "ووٽ" تي آئون پيشاب ڪندو آهيان نڪر هتان.................

***

# اڇڪلهه جو عشق

**شراب** جي نشي ۾ ڌُت ٿي هُو پوليس واري کي سڏي ٿو "اڙي جُمعا ڪٿي مري وئين اها ڇوري ته وٺي آ جيڪا شام ڪارو مُنهن ڪري جهلي آ".

"پر سائين اها ته صبح ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻي آهي.........

"اڙي ڪورٽ جي ته آئون...........", ڪچيون گاريون ڏيندي، "وٺي اچينس ته ڪا رات رنگين ڪريون".

جمعون ڊڄندي ويو وڃي ڇوڪري کي اٿاريائين، "بابا هلو صاحب ٿو سڏي!". ڇوڪري ڊڄندي ڏڪندي، "منهنجو مڙس اچي ٿو مون کي وٺڻ؟".

پوليس وارو نيڪ دل جهونو "بابا هو توکي ڇڏي ڀڄي ويو آ هُو هاڻ ڪونه ايندو!". پر هُن جي دل ۾ عشق جو ڇوليون اکين تي نينهن جو پردو هُو چئي ٿي، "نه هُو ضرور ايندو شام جو مون کي چيو هئائين ته توکي واپس ٿو وٺي وڃان".

پوليس وارو "بابا صاحب وٽ هلو!".

هُوءَ ڊڄندي ڏڪندي اچي صاحب اڳيان بيٺي، ايس ايڇ او صاحب نشي ۾ ڌُت، "ڇوري تون ڀڄي آئي آهين مائٽن جي مُنهن تي دانگي ملي؟".

"سائين آئون ته هُن سان پيار ڪندي آهيان ۽ هُو مون کي وٺي آيو آ".

"ڇوري اهو ڀڙوو توکي اتي ڇڏي ڀڄي ويو آ".

هُن جي اکين مان ڳوڙها وهي آيا، "پر هُو ته مون سان پيار ڪندو آ، هُن جي ڪري آئون پنهنجو گهر ڇڏيو، منهنجي امان، منهنجا ڀائر، منهنجون ڀيڻون، منهنجيون سهيليون، منهنجو سڀ ڪجھ ڇڏيو آ".

"ڇوري ماٺ ڪر بند ڪر بڪواس!". صاحب ڪمري جو در بند ڪري ڪيس اندر ڏڪو ڏنو. هُوءَ سڄي رات روئيندي رهي، ايس ايڇ او صاحب نشي ۾ ڌُت سڄي رات ڪيس پٽيندو رهيو.

***

# سِڪٽو

”ريٽ گهڻو اٿئي؟؟“.

”هزار وٺندس!“.

”ڇو ايترا وڌيڪ پئسا؟“.

”هزار ۾ ٿئي ڇا ٿو؟، ٿي سئو جڳهه واري تي وٺي، ٻه سئو جي دوا تي کاوان، ٿي ٻار انهن جو ٻه سوچڻو ٿو پوي نه!!“.

”ڳالهه ٻُڌ ايتري سُهڻي تون آهين ڪونه جو هزار ڏيانءِ، پنج سئو ڏيندس بس.......

جواب ”اهي پنج سئو رکي ڇڏ هتي ڪو ريزڪي سامان ڪونه وٺڻ آيو آهين ۾ رات جو وجي سندي مائيءَ سان سُمهجان“.

”اڙي مون واريءَ مائي ۾ ڪو لچڻ هُجي ها ته تو وٽ ٿورئي اچان ها!. ٻه ٻار ڇا ڄڻيا اٿائين صفا لاش تي لڳي، ڪڏهن مُوڊ ٿئي ٿو ڪرڻ لاءِ چوانس ٿو ته صفا لاش وانگر ٽنگون کوليو پئي آ...... ڀلا ائين ڪو مزو ايندو ڇا؟“.

”مطلب ته توکي ٻه هن عمر ۾ انگريزي مزا وٺڻا آهن“.

”ٻيو نه ته وري ڇا!“.

”ٻُڌ انگريزي مزي لاءِ ٻه سئو وڌيڪ وٺندس“.

”ائين نه ڪر مهرباني ڪر ڪجهه گهٽ ڪر پئسا!“.

”اڙي ڪيترا دفعا توکي چيو آ هي ڪو آلو بصر جو ريڙهو ڪونهي جو ريٽ گهٽ وڌ ڪريان............ اڙي گولو هن کي ٻاهر ڪيو مٿو کائي ويو آ ۾ ها تيل جي شيشي ڏيوس ته وڃي فري ۾ مزا وٺي.............

❊❊❊

# ڪُڪڙ ۽ ڪانءُ

“**يار** ڪُڪڙ تنهنجي تہ وڏي لئي لڳي پئي آ!”.

“اڙي ڪارا ڪهڙي لئي؟، بس پيا ساهہ کڻون”.

“نہ يار تو ڪي ڇيڙ خان وڏو تاتي تيار ڪيو آ، روز ٿو بادام، ڪير، اخروٽ، مکڻ، فروٽ کارائي!”.

“اڙي ڪارا ڪانءُ مون سان ظُلم آ توکي ڪهڙي خبر!”.

“اڙي ظُلم!؟؟، توسان وري ڪهڙو آ؟. ظُلم تہ مون سان آ ڪير ٽلهي تي نٽو ويهڻ ڏئي، هر گهر ۾ ڪراڙيون سندن ٻارن کي بہ منهنجي نالي سان ٿيون ٻي عزتو ڪن، “هل ڙي ڪارا ڪانءُ، ڪهڙو اچي گهر تي ڪانءُ ويهاريو اٿئي اڙي هن نياڻي ڪانءُ ڪي پيجايو ڇو گهر مٿان وينو آ، ڪانءُ جهڙي شڪل وارا..........”، ڏس مون سان ڪيڏو ظُلم آ، هاڻ تہ ڪراڙيون ماني جو لولو بہ ٻاهر ڪونہ رکن ڇون مٿان ڪارو ڪانءُ کڻي وڃي!!”.

“يار واقعي ظُلم تہ وڏو آ توسان پر مون سان جيڪو ظُلم آ اهو توکان وڏو آ”.

“اڙي ڪوڙا بادام مکڻ کايو صفا مست لڳو پيو آهين ۽ وتين ٿو رڳو مون کي ڪوڙ هڻندو”.

“ابا تون تيار ٿي سُباڻ اڇجان جمن فقير واري ڪلر ۾ اتي ڇيڙ خان ميل رکيو آهي ڏسي وڃجان مون سان ڪهڙو ظُلم آ!”.

ڪانءُ تيار ٿي ڪلر تي پهتو ڇيڙ ڪڪڙ کي تيار ڪري اصل اجرڪ ۾ ويڙهي اچي پهتو ميل شروع ٿيو تہ ڪانءُ واري يار ڪڪڙ ڪان سامهون وارو ڪڪڙ ڪجهہ سوايو هو سو اچي ڪڙهين جا وارا ڪيائينس پنج منٽن ۾ ساٿو ٿي ڪري پيو. وري اچي ڇيڙ خان ڀاڻي جا ڦوهارا ڏنس اصل سيڪي اکين تي تڏو پاڻي هٽي سجي مُنڍي وات ۾ وجهي سني ليون واري ڪسنگ ڪيائينس تہ ڪجهہ ساهہ وريس، ڀائنيائين تہ هاڻ جان ڇُٽي پر وري جو ميل ۾ لاٿائينس تہ اصل ڪياڙي واريون ڪڙهون لڳس.

وڙهندي وڙهندي ڪنڌ مان رت وهڻ لڳس تہ ڦيريون پائي پٽ تي اچي ڪريو تہ ڪانءُ مٿان ڪان ڦيرا ڏئي ڪانءُ ڪانءُ ڪيس تڏهن اکيون پٽي چيائينس، “ابا هاڻ ڏس ظُلم توسان وڏو يا مون سان؟”.

ڪانءُ ڪان اکين مان ڳوڙها وهي آيا.

***

# تانيا

**غريب** گهر مان هجن باوجود بہ هُن پنهنجي پڙهائي نہ ڇڏي، کيس ڊاڪٽري پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هو. هُوءَ هميشہ پنهنجي امڙ ابي کي چوندي هئي تہ ڊاڪٽر ٿي انسانن جي خدمت ڪندي ۽ هي جيڪي ڊاڪٽري ڪوس گهر لڳا پيا آهن انهن کان هٽي ڪري عام ماڻهن جي مفت ۾ خدمت ڪندي.

پڙهڻ ۾ پڙ هجڻ سان گڏ عقل ۾ بہ سرس هئي . کيس ان ڳالهہ کان هميشہ چِڙ هوندي هئي تہ اسان جو سماج ڇوڪرين کي ايتري اهميت ڇو نٿو ڏئي؟. ڇا ڇوڪريون انسان ناهن!؟.

کيس تہ ان ڳالهہ کان بہ سخت چِڙ هئي تہ هُوءَ جڏهن اسڪول مان پڙهي نڪرندي هُئي تہ آوارا بِشني ڇورا هميشہ اسڪول جي ٻاهران بيٺا هوندا هئا ۽ هُن کي ۽ سندس سهيلين کي هميشہ تنگ ڪندا رهندا هئا.

هُن تہ سندن هزار بار شڪايت بہ ڪئي هئي پر اسڪول جي پرنسپل اهو چئي چُپ ڪرائي ڇڏيندي هئس تہ بابا هو وڏن ماڻهن جا پُٽ آهن اسان جي ڪجهہ ڳالهائيندا سين تہ نقصان پهچائيندا ۽ هي ويچاري هميشہ چُپ ٿي ويندي هئي.

هُو رئيس جو بِشني ڇورو هو جنهن تانيہ کي حد کان وڌيڪ تنگ ڪيو هو. ڪجهہ ٽائم تہ اسڪول وڃڻ بہ ڇڏي ڏنو هئائين. هُن هر حيلي بهاني سان تانيہ کي پنهنجي ڄار ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر تانيہ جنهن جا خواب تہ آسمان کي ڇُهندا هئا، جنهن جي من ۾ تہ ڪئي آسون اميدون هيون کيس ڪڏهن نهاري ڏنو بہ نہ هئائين.

هُو رئيس جو ٽرڙو پُٽ نشي ۾ ڌُت ٿي تانيہ جي گهر م گهڙي پيو هو ٽاٽو ڪجهہ قدمن تي هو. تانيہ جون اُپ ڏاريندڙ رڙيون ڪنهن بہ آسي پاسي ۾ رهندڙ انسان کي ٻُڌڻ ۾ نہ آيون. ٽاٽي جا سپاهي رئيس جي پُٽ جي ڏنل اوبر تي ڪُتي وانگر ڪريل هئا، هُن بِشني ڇوري تانيہ سان زبردستي ڪندي ڪٽي وڃڻ جي ڪوشش ڪئي.

هُن "بي ضمير مُعاشري جي با ضمير غيرتمند" ڇوڪري مزاحمت ڪئي ۽ پوءِ هُن ٽرڙي ڇوري جي گولي جو بک بڻجي وئي.

اُن کان پوءِ تر جي وڏن سيدن پنهنجي ٻچ جي ڪُتي وڏيري جي ٽرڙي پُٽ کي پروٽوڪول ۾ محفوظ هنڌ پهچائي ڇڏيو. هي جيڪو مرتيو ٿيو اهو تانيہ جو نہ بلڪہ انسانيت جو مرتيو هو هن مُئل قوم جي ضمير جو مرتيو هو.

***

# آچُو

**چونڊا** آهن تہ جتي وڻ ناهي هوندو اُتي ڪانڊيرو بہ وڻ تي پوندو آ سو آچو بہ سائين ڳوٺ ۾ پنهنجي پاڻ کي وڏو معتبر سمجهندو هو. سڄو ڏينهن مُڇن کي پاءَ تيل هنيو هٿ ۾ نيٽ لڪڻ کنيو وتندو هو ڪڳيون هڻندو.

چاچو صدورو وڏو عقل وارو هو سمجهائيندو هئس تہ ابا ٻاهر هوٽلن تي ويهي ڇاڙي نہ هڻندو ڪر. اسان کي خبر آ تون ڪيترو مڙس ماڻهو آهين سُپاڻ ڪِن ڪندين پر آچو ڪو مُڙڻ وارو ٿورئي هوا. جتي تر ۾ چوري ٿئي ڪو ڪاٺ لڳي، ڊگا ڪاهجن. ڪو هٿ پچي آچو مُڇن تي هٿ ڦيرِيو چئي، "اسان نہ هونداسين تہ ٻيو ڪير هوندوا". اصل هوٽل تي چار لوفرن جي وچ ۾ واهہ واهہ لڳي پئي هُجي تہ آچو جهڙو مڙس ماڻهو ٻيو ڪو ڪونهي!. تر ۾ آچو وڏو مڙس چور آ. اصل اوڙي پاڙي جي پڙهڻ لکڻ کان پڇڻ وارا واندا چورا هوٽل تي ويٺا آچو جون ڪوڙيون ڪهاڻيون ٻُڌي خوش ٿيندا هئا.

چونڊا آهن هر ڪوڙي جو هڪ آخري ڏينهن ٿيندو آهي سو آچو سان بہ ائين ٿيو پاڙي ۾ هڪ واڻئي اچي ٻنيءَ مقاطعي تي ورتي، ڪجهہ مهينن کان پوءِ واڻئي جي اوطاق تان ڊگن جو جوڙو چوري ٿي ويو. واڻئي جو ڪو مائٽ منسٽر هجي سو پوليس تر ۾ اچي ڏنڊو گهمايو. هر گري گنجي کي ڪٽي ٿاڻي ۾ ڪُٽڪو ڏنن تہ پوليس کي خبر پئي تہ آچو جو تر ۾ وڏو نالو آهي.

آچو کي جو خبر پئي تہ پوليس ٿي ڳوليس سو وڃي جهنگ ۾ ڪٻڙ جي وڻ تي چڙهي ويهي رهيو. پوري رات ڪونہ سُتو ڇٻري وانگر ٽنگيو ويٺو هو پر سائين پوليس کي بہ ڪو شڪاري ڪتي وارو نڪ هو سو ڳولي اچي لڌائونس.

آچو کي اکيون ٻڌي موبائيل ۾ اڇلاين، بہ تي لتون، مُڪون هڻي ٿاڻي تي ڪٺي آيا. آچو جو رستي ۾ پيشاب وهي ويو. ايس ايڇ او کي اچي منٿون ڪيائين، "صاحب خدا جو قسم مون مک بہ ناهي ماري، صاحب آئون تہ مُڇن جو تيل بہ اوڌر تي وٺندو آهيان، صاحب قرآن جو قسم، مسجد سڳوري جو قسم، مرشد پاڪ جو قسم آئون تہ ڦُوڪون ڏنيون آهن سڄي عمر چوري نہ ڪئي آ". آچو ڳالهائيندو رهيو ۽ روئيندو رهيو پر ايس ايڇ او گرم دماغ جو هو سو سڄي رات شراب جي نشي ۾ ڏُت تي اُگهاڙو ڪري ماريندو رهيس.

اصل آچو جا نٽ بولٽ سڄا کولي ڇڏيائين. ٻئي ڏينهن اصل چور ملڻ ڪري ۽ چاچي صدوري جي منٿن تي آچو کي پوليس ڇڏي ڏنو بہ مهينا آچو کٽ تي پيل هو ان کان پوءِ مُڇون ننڍيون ڪرائي ڇڏيائين.

هاڻ ڳوٺ جي پرسان شاخ جي موري تي ياڇي جو ريڙهو هلائيندو آهي ۽ سيني کي ڪوڙ کان توبهن ڪرڻ جا ڏس ڏيندو آهي.

***

# ڪوسٽر واري ڇوڪري

**هو** زرعي يونيورسٽي مان ميرپورخاص لاءِ ڪوسٽر ۾ چڙهيو. ڪوسٽر ۾ اندر داخل ٿيو تہ تيز آواز ۾ ڪلام پئي وڳو "ڪنهن تہ نياڳي نظر ماري، ٽُٽ ڳئي تيڏي ميڏي ياري!".

خار مان، "اسان وتون سُڄ ۾ ۽ هي وري ياري ٿو توڙي!". پاڻ ٻروچڪو ٻار هجڻ ڪري صفا ڀورل انگريز لڳو پيو هو. هتان هُتان سيٽ لاءِ جهاتيون پائيندي وڃي نظر پوئتي خالي سيٽ تي پيس سو سوڙهہ سڪوڙ ڪري ويهي رهيو.

جتي ويٺل هو ٺيڪ سندس اڳيئن سيٽ تي هڪ جوان ڇوڪري ۽ هڪ پوڙهي مائيءَ ويٺل هيون. پوڙهي پن جي ٻيڙيءَ مان پاتوڻون واري ترين جهڙا دونهان پئي ڪڍيا. پاڻ اک ٽيٽ سان جهاتي پائي ڇوڪري ڏي ڏنائين تہ ڇوڪري بہ مسڪرايو. هل ڙي مڙس اصل ڪپڙن ۾ نہ پيو ماپي. ڏنائين ڪم ٿي ويو بس اصل ساهہ جي رفتار ريس واري پلي گهوڙي وانگر ٿي ويس. وار ڻاهڻ لڳو مار ڪوسٽر ۾ ڪوشيشوئي نہ هجي شڪل ڪتي ڏسي، ڪوسٽر واري تي اهڙي ڪاوڙ پئي آيس اصل وس پُڄيس ها تہ ڊريڪولا ٿي رت پي وڃيس ها خير اکين جا اشارا مسڪراهٽون قصو وڌيو پئي تان جو اچي بس ٽرمينل ميرپورخاص تي بيٺي.

پاڻ کي سنڌڙي شهر وڃڻو هئس پر ڇوڪري جي نظرن ڪان پاڻ کي پري ڪري نہ سگهيو. ڇوڪري سانگهڙ وڃڻ واري بس ۾ چڙهي ويئي، پاڻ بہ سندس پاسي واري سيٽ تي وڃي ويٺو. ڇوڪري اشاري سان ڪرايو ڏيڻ لاءِ چيس، هن ڪرايو ڏنو وري اهي ئي اکين جا اشارا مسڪراهٽون..........

اچي بس سنڌڙي شهر پهتي پاڻ هاڻ پريشان ٿي پيو تہ هاڻ ڇا ڪري؟. ڇوڪري سندس اُڻ تُڻ سمجهي وئي سو آهستي سان چيائينس، "تہ اسان سان اڳتي هل". هي بہ گڏ ويهي رهيو سنڌڙي ۾ نہ لٿو سانگهڙ بس اسٽاپ تي جيئن پهتا تہ ڇوڪريءَ سڏ ڪيس پاڻ سندس ويجهو ويو ڇوڪريءَ چيس تہ اسان لاءِ سموسا ڪولڊ ڊرنڪ وٺي اچ.

هُو هڪ ساهيءَ وڃي وٺي آيو ڇوڪري ۽ هُن جي ماءُ هاڻ ڳالهائڻ شروع ڪيس ٻڌاين تہ، "اسان اصل نوابشاهہ جا آهيون ۽ حيدرآباد ڪم سان ويل هئاسين ان ڪان پوءِ ٽنڊوڄام مائٽن مان ٿيندا هاڻ واپس نڪتا آهيون، تون اسان کي سُٺو لڳين، اسان سان گڏ هل نوابشاهہ!".

هي اصل خوشي مان نہ پيو ماپي. زندگي ۾ پهرين ڇوڪري وٽي ۽ اها بہ ايتري پياري پيار ڪرڻ واري واهہ!. اصل ڳوٺ وڃڻ وسري ويس ساڻن گڏ نوابشاهہ نڪري پيو. وري ڪرايو هن ڀريو جيئن نوابشاهہ پهتا هنن رڪشو ڪرايو هي نئون نئون ڪڏهن نوابشاهہ آيل ڪين هجي سو رستن جي

ڪا خبر نہ هئس. رڪشو مختلف روڊن رستن تان ور وڪڙ ڪائيندو هلندو اچي هڪ سوڙهي گهٽي ۾ بيٺو. ڇوڪري ۽ پوڙهي لٿيون هن کي بہ گڏ گهر ۾ وٺي ويون.

هي پريشان بہ هجي نئين جڳهہ نوان ماڻهو ۽ وري خوشي بہ ٿئيس تہ ايتري سُهڻي ڇوڪري مون سان سيٽ ٿي وئي واهہ صفا ڏهہ ئي آڱريون گيهہ ۾!.

ڇوڪري هن کي هڪ ڪمري ۾ ويهاريو ۽ پاڻ چانهہ ناهي کڻي آئي. پوڙهي تہ گهر اچڻ کان پوءِ خبر ناهي ڪيڏانهن وئي. هنن چانهہ پيتي. ڇوڪري آهستي آهستي هن سان فري ٿيڻ شروع ٿي. هن جي ويجهو ٿي تہ هن جي جواني جو جوڀن بہ پڙڪو ڪائي اُڀري پيو. هڪٻئي جي ويجهو ٿيندي رومينس ڪندي سڀ حدون پار ڪري وڃي ان سرحد تي پهتا جنهن جي کيس سخت ضرورت هئس.

ڇوڪري هن کي دل سان پيار ڪيو. هن بہ پنهنجي جواني جي مڏ جو پريل پيالو ڇلڪائي ڇڏيو. جڏهن ٻئي واندا ٿيا تہ ڇوڪري هن کي وهنجڻ لاءِ باٿ روم ڏيکاريو هي وهنجي فريش ٿي ٻاهر نڪتو تہ ڇوڪري هن جي ڪنڌ ۾ ٻانهون وجهندي چيس تہ وري اچجان مون کي وساري نہ ڇڏجان.

هي اڃا ٺي سڪايل سو قول واعدا ڪري نڪرڻ لڳو تہ ڇوڪري حُجت ڪري سندس ہٿون مان هزار جو نوٽ ڪڍي ورتو ۽ چيو تہ هي تنهنجي طرفان پيار جو تحفو آ. هي خوشي ۾ ٻهڪندو مسڪرائيندو ٻاهر نڪتو رڪشي واري کي سڏ ڪري چيائينس تہ بس اسٽاپ تي ڇڏي اچ.

وري رڪشي ۾ ويهندي خيال آيس تہ هن کان پڇي وٺان هي ڪهڙي جڳهہ آهي تہ جيئن وري اچڻ ۾ سولائي ٿئي. رڪشي واري کان پڇيائين. "چاچا هي ڪهڙو علائقو آهي؟".

رڪشي وارو ڀيريان تہ مُنهن ۾ نهاري ڪليس پوءِ ٻڌايائين تہ. "بابا هي جتي تون بيٺو آهين اهو نوابشاهہ جو "چڪلو" آهي".

***

# اين جي اوز 2

هُوءَ اين جي اوز جي دنيا جي شهزادي هُئي جڏهن تازو تازو ان کي هڪ ورلڊ وائيڊ ڪم ڪرڻ واري اين جي اوز ۾ ڪم مليو ته اصل ڪپڙن ۾ نه پئي ماپي. سيني مائٽن ۾ مڃائي ورهائي هئائين. انٽر نيشنل اين جي اوز جا رولز ڏاڍا سُٺا هئا. پگهار به مهيني جي سٺ هزار مليس پئي. ڏاڍي خوش هئي سندس مڱيندو به ان ڳالهه سان راضي هو ڇو ته مهيني جا پندرنهن هزار جو ڏيندي هئس. سڳو سئوٽ هجڻ ڪري ڪو حجاب نه هئس. گڏ ڪاڻ پيئڻ گهمڻ ايستائين جو بغير نڪاح ساڻس راتيون به گذاريون هئائين. ڪيس پڪ هئي ته هو صرف منهنجو آهي ان ڪري سڀ حجاب جا پردا هٽائي رکيا هئائين.

اين جي اوز جا ڪم ته پراجيڪٽ بيسز هوندا آهن سال پڄاڻان پروجيڪٽ به پورو ٿيو سو فائنل سيٽلمينٽ ڪري اچي گهر ويٺي ٿي پر هاڻ نوڪري ڪان سواءِ ڪيس مزو نه پئي آيو. شهر جي هڪ ننڍڙي اين جي اوز پنهنجي آفيس لاءِ ڪلارڪ جو اشتهار ڏنو سو هُوءَ به ڪاغذ پٽ ڪٽي آفس پهتي.

اداري جو مالڪ قد جو بندرو، پيٽ وڏو اصل نو مهينن وارو، اکيون ڇنجهيون، رنگ جو ٽورو صاف ويٺل هو. انٽرويو ڏيندي هن محسوس ڪيو ته صاحب سندس ڊاڪيومينٽس کان وڌيڪ سندس جسم کي پيو ڏسي پر اگنور ڪيائين ڇو ته ڪيس نوڪري جي ضرورت هئي، هوڏانهن سندس مڱيندو سعودي عرب ڪمائڻ هليو ويو جتي ڪيس سُٺي نوڪري ملي وئي ۽ ان اتي شادي ڪري ورتي.

بندري صاحب سندس جسم خوبصورتي ڏسي هن کي نوڪري تي رکي ورتو. هن کي جيئن ئي سندس مڱيندي جي شادي جي خبر پئي ته پاڻ اصل چري ٿي پئي. سمجهه ۾ نه پئي آيس ته ڇا ڪري!. نوڪري ڇڏي وڃي گهر ويهي رهي پر پُنيان بندري صاحب جي بار بار فون ڪرڻ ۽ گهڻي اسرار ڪرڻ ڪري واپس اچي وئي.

صاحب آهستي آهستي هن سان همدردي ڪرڻ خاطر هن کي ويجهو ڪيو ۽ هڪ ڏينهن مائي ڪارائڻ بهاني حيدرآباد وٺي ويو جتي گاڏي خراب هجڻ جو بهانو ڪري ڪيس هوٽل ۾ رات رهڻ لاءِ زور پريائين.

هُوءَ صاحب تي ڀروسو ڪري رهي پئي. صاحب جي هوٽل ۾ پُراڻي ڄاڻ سُڃاڻ هئي اک جي اشاري سان روم بوائي کي سڀ سمجهائي ڪولڊ ڊرنڪ ڪٽي اچڻ لاءِ چيائين. ڪولڊ ڊرنڪ ۾ نشي آور گوريون مليل هيون سو هُوءَ بيهوش ٿي پئي، صاحب سڄي رات سندس جسم کي ٻُڪئي ڪُتي

وانگر پٽيندو رهيو. صبح ٿيو تہ پاڻ کي بيڊ تي اگهاڙو پيل ڏٺائين ۽ صاحب پرسان ويٺو هئس.

اهڙي حالت ڏسي زور زور سان روئڻ شروع ڪيائين تہ صاحب سندس اگهاڙي حالت ۾ ناهيل وڊيو ڏيکاريس جيڪا ڏسڻ سان ئي ماٺ ٿي وئي. ايلاز ڪرڻ لڳي صاحب کي مهرباني ڪري وڊيو ڊليٽ ڪريو ۽ روئيندي رهي.

صاحب کيس چيو تہ اگر تو ان باري ۾ ڪنهن سان بہ ڳالهہ ڪئي تہ هي تنهنجي وڊيو انٽرنيٽ تي ڏئي ڇڏيندس.

ان ڪان پوءِ سالن تائين اها ڇوڪري ان اين جي اوز ۾ ڪم ڪندي رهي ۽ صاحب سندس جسم کي پٽيندو کائيندو رهيو ۽ ڪڏهن تہ پراجيڪٽ لاءِ ٻاهريان ايندڙ صاحبن اڳيان بہ کيس پيش ڪندو رهيو. هاڻ تہ هُوءَ مڪمل عورت لڳندي آهي. صاحب اڄڪلهہ هڪ ٻي اپسرا کي نوڪري ڏني آهي رات ان کي بہ ماني کارائڻ حيدرآباد وٺي ويو هو..........

***

# پوپو

**هن** کي ڪڏهن ڪڏهن دماغي چڪر ٿيندو هو. هلندي هلندي ڪري پوندي هئي، ڪڏهن بنيءَ ۾ گاهه ڪندي، ڪڏهن پاٽي ڀريندي ته ڪڏهن وري ويٺي ويٺي الائي جي ڇا ٿي پوندو هئس بس پٽ تي ڪري پوندي هئي، هٿ پير برف وانگر ٿڌا ٿي ويندا هئس، وري ڪجهه ٽائم کان پوءِ ٺيڪ ٿي پوندي هئي.

اهو سلسلو هلندڙ هو ڪافي ماڻهن، مٿن مائٽن ڪيس سمجهايو ته گُلان ڇوڪري کي جِن جو اثر آهي پر گُلان جو وڏو پُٽ جيڪو هاڻ ٻارنهن ڪري نرسنگ جو ڪورس پئي ڪيائين سدائين چوندو هو ”او امان ادي کي دماغي مسئلو آهي ڪنهن سائڪالاجسٽ ڊاڪٽر کي ڏيکاريون ٿا ڪو جِن ناهي!“.

پر گُلان ويچاري ٻه ڪري ته ڪري ڇا!؟. ڳوٺ جون سڀيئون مايون جو هڪ پاسي هيون ۽ مڙسالا ٻه اصل ٻِر ٿيو بيٺا هئا سو مجبور ٿي گُلان پنهنجي ڀاءُ جي ڳالهه مڃي سامي مڙهي تي وينل پوپي ڏي وئي جنهن لاءِ وڏو مشهور هو ته هو ماني ناهي کائيندو رڳو فروٽ تي گذارو اٿس. اصل صفا پهتل آهي، پيگوان سان سڌو ناڪس ڪندو آهي ۽ جِن ته اصل سندس حاضري نوڪر آهن.

گُلان پنهنجي ڀاءُ کي وٺي پوپي وٽ وئي، پوپو ڪايو پيو صفا مست لڳو پيو هو. مڙهي ۾ سنڌور جو واس لڳو پيو هو اصل دونهين سان اکيون ڳاڙهيون لڳيون پيون هئس. اصل جيئن نينگري تي نظر پيس، شڪاري ڪُتي وانگر نُوس نُوس ڪري اکيون مٿي ڪري ڪجهه ٻڻ ٻڻ ڪيائين ۽ پوءِ چيائين، ”هن ڇوڪري تي جِنن جي سردار ديو جو سايو ٿي پيو آ جيڪو وڏو خطرناڪ آهي، مون کي ست ڏينهن هڪ ٽنگ تي بيهي ڇيري وانگر واڇون ٽيڙي چِلو ڪاٽڻو پوندو ۽ توهان ڪارو ڇيلو ڪٽي اچو پڙهائي لاءِ ڪارو ڪُڪڙ ٻه ڇوڪري تان گهوري وڃي رستي تي اڇلي اچو ستن ڏينهن کان پوءِ اچي آئون پڙهائي ڪري جِن ڪيندو مانس“.

گُلان ويچاري هڙان وڙان ڪري پِني سِني پوپي جون سڀيئون شرطون پوريون ڪيون. ستن ڏينهن کان پوءِ پوپي اچي نڪاءُ ڪيو جنهن چيو ته اڪيلي ڪمري ۾ ڦيٽو ٿيندو. گُگر، سيندور جا واس ڏئي دونهون ڪري پوپي ماحول ناهي ڇوڪري کي پٽ تي ليٽائي ڪجهه پڙهڻ شروع ڪيو ۽ آهستي آهستي سندس جسم تي هٿ ڦيرڻ شروع ڪيا جو ڇوڪري وٺي رڙيون ڪيون. ٻاهر سڙٻات شروع ٿي ويا. ”پوپي سان جِن وڙهي ٿو جو پوپي زور زور سان منتر پڙهڻ شروع ڪيا“.

نينگريءَ اُپ ڏاريندڙ رڙيون شروع ڪيون پر اندر ڏسي ڪير....... ايتري ۾ گُلان جو پُٽ ٻه شهر

ڪان پڙهي واپس آيو سڄي ماجرا ڏسي ڏاڍو ڪاوڙيو پنهنجي همٿ سان زور لڳائي دري جو هڪ تاڪ کولي وڏائين ڇا ڏسي پيٽ هيٺ فرش تي اُگهاڙي پئي آ ۽ پوپو مٿان چڙهيل اٿس.

بس پوءِ تہ رڙيون ڪوڪون شروع ٿي ويون اصل پوپي کي ڏاڍي ڦيهہ ڪيدين ۽ قسم کنين تہ اڄ کان پوءِ کنهن بہ ڪوڙي ٺوڳي دوکيباز پوپي جي چڪر ۾ نہ اچبو.

***

# ڪوڙو ۽ فضل

**ڪوڙو** ۽ فضل ٻہ بهترين دوست ٻئي گڏ مال چاريندا هئا. گڏجي جهنگ مان ڪاٺيون ڪندا هئا، گڏجي ميلو گُهمڻ ويندا هئا. گڏ شهر ويندا هئا ڪجھ پُراڻي خيال جا هئا سو ڪپڙي لٽي تي خاص ڌيان نہ هوندو هئن بس عيد تي جيڪو وڳو مليو سجو سال مال چاريندي ڍنڍن ڍورن مان ڏوئي پوئي پيا پائيندا هئا.

هنن جي يارن ۾ راوتو ڪولهي، وڏيري ولو جو هاري آچر ڀيل، وڏيري نبن جو هاري قوتو اوڏ، عيدو ڪُنير ۽ ٻيا انهن جهڙا غريب يار دوست هوندا هئا جن سان بغير مذهبي ڀيد ڀاءُ جي پيا گهمندا ڦرندا ڪائيندا هئا. هنن ڪي تہ اها بہ خبر نہ هئي تہ ڪو نفرت ڇا ٿيندي آهي!. مذهبن سان ماڻهو وڏو ڪيئن ٿيندو آهي!.

سالن پُٺيان سال گُذريا. وقت واريءَ مُٺ ويو گُذري هڪ ڏينهن ڳوٺ جي مسجد جي مؤذن سيني ڳوٺ وارن کي چيو تہ "ڪي پري کان وڏا مذهبي ماڻهو آيا آهن جيڪي توهان کي دين سيکاريندا".

ڳوٺ ۾ سُس پُس شروع ٿي وئي، "ابو هي ڇا؟. اسان سڀ مسلمان نبي جي دين کي مڃڻ وارا حاجي حسين سٺ جي ڏهاڪي ۾ اسان جي ڳوٺ مان پيرين پنڌ حج ڪري آيو. ڳوٺ ۾ معشوقڙي مسجد ٺهيل آهي، سڀ نماز بہ پڙهندا آهن اڃان هي ڪهڙو اسان کي دين سيکاريندا!؟".

ڪوڙي ۽ فضل بہ ويٺي سڄيون ڳالهيون ڪن ڏئي ٻُڌيون، سوچين ان اوچي مخلوق کي بہ ڏسي ٿا اچئون سو ڳوٺ جو پاسڙو ڏيو ويا مسجد انهن کي ڏسڻ.

مار ڇا ڏسن ڏهہ پندرنهن ماڻهو وڏين ڏاڙهين سان بسترا ڪُلهن تي، ڪئونرا (لوٽا) هٿن ۾، سنهڙا ڪپڙا، پانچا پيڏين کان مٿي اصل مسجد کي اُرهہ ڏيو بيٺا هئا. هنن ٻنهي يارن کسڪڻ جي ڪئي جو پريان کان وڏيري هڪل ڪين، "اڙي ٻئي هيڏانهن اچو مسجد ۾ ڪيڏانهن ٿا وڃو دين جون ڳالهيون ٻُڌوا".

ويچارا ٻئي ڊڄندا ڏڪندا وڃي مسجد ۾ پُٺئين صف تي ويٺا. وڏو گهيڙ مُلان جيڪو سيني جو ليڊر پئي لڳو ممبر تي چڙهيو وينو هو. ڪُفر پئي ڪيائين ڪعبي کي پُٺي ڏيو وينو هو بيان شروع ٿيو "اسان سڀ مسلمان آهيون پر اسان کي سهي دين خبر ناهي، توهان ڳوٺ وارن کي سهي نماز نٿي پڙهڻ اچي، توهان پورا مسلمان ڪونہ آهيو توهان هندو ڪافرن سان گڏ کائو ٿا. انهن کي گڏ ويهڻ ٿا ڏيو توهان ڪفر ٿا ڪريو. توهان جنهن فرقي سان آهيو اهي مسلمان ڪونهن. اسان جو فرقو اصل حق تي آهي، توهان جهاد نٿا ڪريو. اسلام جو وڏو قرض آهي توهان مٿان. توهان اسان سان تبليغ ڪريو. هندو ڪافرن ۽ توهان جهڙن جاهلن کي مسلمان ڪرڻ لاءِ چلي تي هلو ۽ وڏو مُلو الائي جي ڇا ڇا چوندو رهيو. ڪوڙي ۽ فضل جي اکين اڳيان اوندهہ اچي وئي صفا چريا ٿي پيا ڪين سمجھ ۾ نہ پئي

آيو تہ هنن سڄي عمر نمازون پڙهيون، روزا رکيا، انسانن کي پاڻ کان گهٽ نہ سمجهيو تہ هي ڪافر ڪيئن ٿي ويا!؟.

هنن راوتي کي سدائين ياءُ سمجهيو هُو خراب ڪيئن ٿي ويو؟. هنن ڪڏهن پکي پکڙ کي بہ نہ رنجايو تہ پوءِ هي جهاد جي نالي تي ماڻهو ڪيئن مارين؟.

اصل ۾ٺي ڇڏا عهد ڪري نڪتا تہ هنن جي چوڻ ۾ ناهي اڇٽو. سڀ کان وڏو مذهب انسانيت آهي، انسانن سان محبت ڪرڻي آهي، ڪير بہ اوچو ناهي سڀ انسان برابر آهن، انسان سان محبت ڪرڻ سان ئي خدا خوش ٿيندو.

***

# فيس بُڪ

**پهريون** ڏينهن:
”ڪير!؟“.
آئون الاٽو پُٽ فلاٽو......، تون ڪير؟“.
”آئون گُڏي.........
”جي اها ته مون کي به خبر آهي فيس بُڪ آءِ ڊي تي تنهنجو نالو پرنسيس گُڏي لکيل آهي پر اصل ڪير؟“.
”اصل کي تون ڇا ڪندين؟
”پر ڳالهائڻ لاءِ سُڃاڻپ جو هجڻ ته ضروري آهي نه!“.
”ها مان سُڃاڻپ به ڪرائيندس پهريان پاڻ هڪٻئي کي سمجهي ته وٺون“.
”اوڪي جيڪا تنهنجي مرضي!“.

**ٻيو ڏينهن:**
”هاءِ..........
”هيلو.........
”جي ڪيئن آهين!؟“.
”جي خوش پڙ........ تون ٻُڌائي؟“.
”بس من مست لڳو پيو آهيان، ڪلهه کان وٺي رڳو تنهنجي يادن ۾ آهيان، رات به اصل هوش ئي ڪونه هو اُٻتي ڪانچ پائي گهٽي ۾ نڪري ويو هئس!“.
”هل ڙي......... ايتري دل نه لڳائي چريا..........
”بس دل ته لڳي وئي..........

**ٽيون ڏينهن:**
”هاءِ.........
”هيلو ڪيئن آهين؟“.
”ڊيئر بس خوش باش لڳي پئي آهيان“.
”صفا چاڪڙي تندرست ويٺي ويٺي تنهنجي باري ۾ پئي سوچيم جو ميسيج اچي نڪاءُ ڪيو“.

**چوٿون ڏينهن:**

“هاءِ.........

“هيلو جان توکان سواءِ هاڻ ٽُپ مزو نٿو اچي زندگي ۾!”.

“بس منهنجي بہ ساڳي حالت آ اصل قاتل رلي ۾ ٻوٽ وجهيو ويني تنهنجو رستو ڏسان!”.

**پنجون ڏينهن:**

“جانو پلا هاڻ تہ ڳالهائي!”.

“اصل تصوير موڪل نمبر ڏي جان!”.

“نمبر ڏيان ٿي پر ڪال تي نہ ڳالهائيندس بس ميسيج تي ڳالهہ ٿيندي!”.

“ٺيڪ جان...........

چهون ڏينهن:

ميسيجن جي هڻ وٺ، مڙس ماني بہ ڪونہ کاڌي، سڄي رات ميڙن پٽيس ۽ ميسيجن تي ڳالهائيائين.

**ستون ڏينهن:**

“بئلنس موڪل جان............ سئو ويو بہ سئو ويا، هزار ويو همراهہ جي هڙ موڙي چٽ........

**اٺون ڏينهن:**

نمبر بند سُورن ۾ ساڻو صفا ڪائڻ پيئڻ ويو اصل اُلٽي دست لڳل ٻار وانگر اکيون ڏرا ڏئي ويس.

**نائون ڏينهن:**

نمبر سان ڳولها شروع پر خبر نہ پيس جانو جي...........

**ڏهون ڏينهن:**

نمبرن واري آفيس ۾ دوست کي منٿون ڪري وچي بايوڊيٽا ڪيرايائين لکيل هو “مرچُو پُٽ انب ذات شيدي ويٺل ڳوٺ ويسروا!”.

هل ڙي.... مڙس مرندي بچيو اصل فيس بُڪ اڏا اُکهي ڇڏيس!. مرچو شيدي ۽ مارڪ زڪر برگ کي ماءُ پيڻ تي ڪچيون گاريون ڏنائين جهنگ ۾ وڃي ٻنڍڪريون ڏئي رُنو.

***

# عشق ٿي پيو فِشق

"**سهڻا** پنهنجي اکين کي جهل تون، اهي تير نہ هڻ پل پل تون..........، هلڻ مان صفا ائين پئي پائنجي جڻ ڪا انگريزي يا انڊيا جي فلمن جي هيروئين هجي، سنهڙي چيلهہ کي لوڏا ڏيندي تيز تيز وکون کڻندي پاسي کان جيئن گُذري تہ اصل اڏ ساهہ ٿي نڪري ويو!. ڪا امپورٽڊ خوشبوءِ لڳائي هئين. سوچيم ڪا وڏي منڊم آهي اهڙو جو اسٽائل ڪيو اٿائين!.

اسين ڀهراڙي جا اصل ڏسڻ سان ڪاڪڙو خُشڪ ٿي پيو هو. مُڇن کي وٽ ڏيندي پُٺيان پُٺيان هلڻ شروع ڪيو مانس پائنيم اڄ جي ان سان نہ ڳالهايم تہ بس تر جا بشني چورا بہ مون تان ڪلندا!.

هونئن تہ ڳوٺ ۾ آئون چڱي مڙس جو پُٽ آهيان، منهنجو پيءُ رئيس خميسو خان تر ۾ فيصلن لاءِ وڏو مشهور آهي، الله جو ڏنل سڀ ڪجهہ آهي ڌن دولت جي ڪا ڪمي ناهي بس ابي پڙهايو ڪونہ امان مرحيات شل جنت ۾ جائي مليس ابي کي چيو منهنجو هڪڙو سڪيلڌو پُٽ آ آئون ڪونہ موڪليندس شهر پڙهڻ!.

سو بس ابي کي بہ ڪا خاص دلچسپي ڪونہ هئي ان ڪري پڙهي نہ سگهيس. ڳوٺ ۾ منهنجو پنهنجو جوئا خانو آهي، تر جو صوبيدار ابي کان ڏن وٺندو آ سو ڪو چوڻ آکڻ وارو ناهي بس شراب پيئندو آهيان، حُسن پرست آهيان، ڳوٺ جي حسين ڪلين جو واءُ وٺندو آهيان، پئسن سان جيڪا نہ مڃيندي آهي ان کي ڊيڄاريندو ڌمڪائيندو آهيان. جيڪا ائين نہ مڃي ان کي زوري کڻائي وٺندو آهيان.

پوليس کي پئسہ ڏيڻ جو فائدو جام آهي. خير ڳالهہ هلي پئي شهر ۾ سنهڙي ميڊم جي بس ڳالهہ ضد جي ٿي پئي، هُوءَ هلڻ جي چُست چابڪ وانگر لچڪندي چيلهہ کي موڙا ڏيندي ور وڪڙ ڪائيندي گليون مٽائيندي هلي پئي، آئون بہ سندس پويان پويان هلندي هلندي وچي سوڙهو ٿيو مانس، پُٺيان کان وات مان آواز ڪيندي چي چي چي ڪيومانس، هاڻ ڪٿي رئيس جو پُٽ پر اڻ پڙهيل جٽ اها بہ خبر نہ هجي ان سهڻي منڊم سان ڪيئن ڳالهائجي!؟، ڪيئن سڏ ڪجي!؟. سو منڊم ڪو آواز ٻُڌي ورتو پوئتي ورائي جو ڏٺائين تہ جڻ دل چيو تہ وڃي ٻڪ هڻائنس پر وچ شهر اڪيلو ڇا ڪريان!.

نيا ڳو رمون گڏ هجي ها تڏهن بہ چوانس ها گاڏي ۾ وجهي ڪٽي هليس ها. منڊم ڳالهائڻ شروع ڪيو "پائي ڪونہ هو؟. ڪيون پيڇا ڪر رهي هو ميرا؟".

آئون ڪورو جٽ، "منڊم مان تيري پيڇي آيا ٿا تو مجهہ ڪو وٽي وئي هئي!".

منڊم نڪو ڪيو هم نڪو ڪيو تم، لاهي سئنڊل ۾ ڪياڙي وارو وهائي ڪڍيائين، "ڪُتي تو

مجهي چيڙيگا؟ ابهي سبق سکاتي هون تجهي...........

ڏاڍا سئنڊل لڳا مٽان وري پنج ڇهہ ٻيا بہ وريا ڏاڍو مارين عشق صفا فشق ٿي پيو. سوچيم ڳوٺ ۾ هجي ها تہ ولو واري ڄاڱري ٻير ۾ ٻڌي سيني تي ماکوڙا ڇڏيان ها پر پري ٿي پيس شهر پرايو ٿي پيو ڳوٺ هجان ها تہ ان منڊم کي اگهاڙو ڪري سڄي سنگت جي دعوت ڪريان ها پر افسوس...........

افسوس ابا اڄ ظُلم ٿي پيو هٽ مهٽيندو ڪڙهندو شهر جي اسپتال مان ملم پٽي ڪرائي موٽي آيس، ڳوٺ ۾ ڳالهہ هلايم تہ شهر ۾ ايڪسيڊينٽ ٿي پيو هو تر جا سڀ چڱا مڙس پڇڻ پيا اچن آئون دل ۾ پهہ ٿو ڪريان اڳتي شهر ۾ عشق نہ ڪبو!

***

# فلرٽ

“تو ڪيس ڇو ڇڏيو؟؟؟”.

“اڙي ڇريءَ تون به ڪا صفا پوري آهين!”.

“هو ڪو منهنجو پيار هو ڇا جو سدائين گڏ رهانس ها...... مون جسٽ فلرٽ پئي ڪيو!”.

“پر هن توسان سچي محبت پئي ڪئي......

“ڏس عاشي تون ان معاملي ڪي اتي ئي ڪٽي ڇڏ اها ڳالهه تنهنجي سمجهه کان مٿاهين آهي”.

“پر عيني يار آخر مون کي به ته خبر پوي آخر تو هُن کي ڇو ڇڏيو؟”.

“عاشي تون به نه ڪڏهن ڪڏهن دماغ جي دهي ناهي ڇڏيندي آهين.......... ڏس يار هو نئون آيو هو پئسا جام هئس سوچيم ڪجهه حصو ونجيس سو به مهينن ۾ هي پنج جوڙا ڪپڙن جا به پرس هي واچ هڪ سوني مُنڊي، سامسنگ جو نيو ماڊل موبائل، لنچ، ڊِنر، ڪئش يار سودو مهانگو ته ناهي نه ۽ وري هاڻ هو صفا عشق ۾ انڌو پئي ٿيندو ويو سوچيم ڪٿي سيريس ٿي ڪنڌ ۾ نه پئجي وڃي سو بس عاشي ڊارلنگ ڇڏي ڏنومانس”.

“عيني تو اهو سُٺو ناهي ڪيو! هُو توکي سچي دل سان چاهڻ لڳو آهي، هُن کي توسان پيار ٿي ويو آهي”.

عيني، “پوءِ مان ڇا ڪريان؟، ڳلي جو هار ناهي رکانس؟. مون کان اهڙا ٽڪڙي پيار وارا ڇوڪرا برداشت ناهن ٿيندا......... رات گئي بات گئي....... هاڻ آرام سان سُمهي پئو ۽ گهڻو نه سوچ!.

***

# انقلابي

"**اڙي** منو اڄ تو وارو يار انقلابي نظر نٿو اچي؟".

"چاچا خبر ناهي ڪلهه ڏينهن جو ته گڏ ويٺا هئاسين چيائين پئي اسان سنڌي ماڻهو هاڻ عنقريب ريڊ انڊينس وانگر اقليت ۾ تبديل ٿي ويندا سين ۽ ڌارين جي وڌندڙ آبادي پاڻ لاءِ زهر قاتل ثابت ٿيندي، هي وقت آهي جو اسان کي پنهنجي ڌرتي بچائڻ لاءِ ڪا سگهاري عملي جدوجهد ڪرڻي پوندي!".

چاچو "هونهه..... اهي اڄڪلهه جا ڇورا به پاڻ کي وڏو ليڊر ٿا سمجهن اسان جي وڏن سامهون اهي انگريج آيا اهي ڀڄي ويا هي وري ڇا آهن هاڻ ڇورا هليا آهن ملڪ بچائڻ!".

منو "پر چاچا اها ته حقيقت آهي پنهنجي سنڌ ۾ هاڻ ڌارين جي آبادي ڪروڙن کان ٽپي وئي آهي".

چاچو "اڙي معتبر تون هاڻ اهو ٻڌائي ته اهي ماڻهو جيڪي هتي رهن پيا اهي سڄي عمر ته ڪونه رهندا ڪمائي هليا ويندا".

منو "نه چاچا ٻُڌيو آهين هن گورنمينٽ سڄن پناهگيرن کي ڪارڊ ناهي ڏنا آهن ۽ چون پيا ڪراچي ۾ بحريه ٽائون ٺهڻ ڪانپوءِ سڄي سنڌ جي شهرن ۾ بحريه ٽائون ٺهرائي پناهگيرن کي وسائڻ جو پروگرام ناهيو اٿن".

چاچو "ابو.......... چئبو ته معنيٰ ائين آهي!؟. اسان سمجهون پيا ته هي ڪي اسان جا سڄڻ آهن. ابا مرحوم پاڪستان ٺهڻ وقت هتي پنجاهه مهاجرن کي مسلمان ڀاءُ سمجهي رهايو هو انهن اڳتي هلي اسان جي پاڙيسري سيٺ گودو مل جي گهر ۽ دڪان تي قبضو ڪري ورتو هو. چئبو ته ويڙن آ".

"جي چاچا انقلابي ويچارو ته ڏاڍيون رڙيون ٿو ڪري پر هتي سڀ ماڻهو چون ٿا هي چريو آهي، ڪلهه به رياست پاران گُم ڪيل سنڌي ماڻهن لاءِ مظاهرو هو. ونڻ آيو هو ابي ڏاڍيون گاريون ڏنس ۽ مون کي به وڃڻ ڪونه ڏنو!".

چاچو "ابا هاڻ تون فڪر نه ڪر هي چاچو توسان گڏ آهي، پاڻ گڏجي ماڻهن کي سمجهائيندا سين".

"منو منو... او منو..........

"الو چا ٿيو چا؟، خير ته آهي!؟".

"منو تو واري يار انقلابي کي الائي جي ڪير ماڻهو هئا ڪارن ڪپڙن ۾ ٻن ويگو گاڏين تي

فيضو واري دڪان تان ڪٽي ويا“.

چاچو ”الو......... منو هل تہ پُڇا ڪيون“.

”نہ چاچا اهي رياست جا ايجنسيز جا ماڻهو هئا، انهن انقلابي ڪي ڪنيو آهي!“.

”پر انقلابي تہ ويچاري ڪڏهن مک بہ نہ ماري هئي.....

”ها چاچا انقلابي پُرامن جدوجهد تي يقين رکندو هو هُو چوندو هو تہ عدم تشدد ئي انقلاب جي پهرين سيڙهي آهي، هو ويچارو تہ سنڌ ۽ سڄي سنڌ جي ماڻهن کي پنهنجو محبوب سمجهندو هو ۽ سنڌ جي ترقي جي ڳالهہ ڪندو هو گُم ٿيل ماڻهن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪندو هو پر الائي ڇو رياست کي هن جي پُرامن رهي احتجاج ڪرڻ ڪان بہ ڊِڄ ٿيو جو ڪٽي ويس!“.

چاچو ”منو تون ۽ مان بہ اڄ کان جدوجهد ڪنداسين، لِڪي زندگي گُذارڻ کان جدوجهد ڪندي مرڻ بهتر آ.......... اڄ منو هل تہ انقلابي جي لاءِ احتجاج ڪريون“.

❋❋❋

# صاحب

**صاحب** جيڪو پنهنجي آفيس جو انچارج هو جڏهن آيو هو تہ صفا سهڻو سنهڙو من مست لڳندو هو پر چوندا آهن جهڙو واءُ گُهلي تنهن پاسي وڃجي سو هاڻ شرٽ جي بٽڻن مان پيٽ ٻاهر جهاتيون پئي پاتس. روز جا پنجاهہ سٺ حصي ۾ اچي ويندا اٿس. وڏي صاحب جو بہ خاص آهي سو ڪرسي بہ سٽيپي تي وينل آهي.

پٽس مرشد جي درگاهہ تي مٽيون پريندو هو. سائين گاجن پير جڏهن ايم پي اي ٿيو تہ منٿون ڪري ليلائي ليلائي نوڪري وٺي ڏني هئس. گاجن سائين جيستائين جيئرو هو مڙئي پٽس جو حال پڇڻ ويندو هو امڙ ڪراڙي دعائون ڏيندي نہ ڍاپندي هئس، پٽس جون اکيون ڪيس ڏسي چمڪي پونديون هيون پر واءُ جو ٻيو گُهلي ويو گاجن وڃي مالڪ سان مليو صاحب وڏي شهر جي ڊفينس ۾ وڏو بنگلو هٿ ڪري ورتو. پنج ڇهہ گاڏيون، نوڪر چاڪر، پروٽوڪول جي عادت پئجي ويس. مٿان جو پناهگير طبقي جي سنهڙي ميڊم ڊاڪٽرياڻي سان شادي ڪيائين بس پوءِ تہ پاڻ ڪي آسماني مخلوق پيائڻ لڳو.

پهريان امڙ ابي جيڪي ڳوٺ جي ڪچي جهوپڙي ۾ رهندا هئا ڪائنس سالين پُڇاڙان ڪو ملڻ ايندو هو پر هاڻ اچڻ وڃڻ صفا بند ڪري ڇڏيائين. ماڻس ويچاري پئي ايندي ويندي ڪي نياپا ڪٽائيندي هئي. صاحب ڪي پئسي جي جُنون ۾ ميڊم اهڙو تہ قابو ڪيو جو ابي جي موت تي بہ ٻن ڏينهن کان پوءِ آيو. راڄ جي ٻن چڱن ٿُو ٿُو ڪيس تہ مڙس ڪاوڙجي هليو ويو امڙ ڪي اڪيلو ڇڏي اهو بہ نہ پڇيائين تہ ان جنم ڏنو ڏک سُور ڏسي پالي وڏو ڪيو آ........!!.

امڙ ائين ماني ڳپي لاءِ در در تي ڌڪا کائي مري وئي پر ڪيس پرواهہ نہ ٿي. صاحب اڄ محسوس ڪيو تہ پئسہ ڪجهہ گهٽ مليا آهن گهر پهتو تہ ڊاڪٽرياڻي صاحبہ گهٽ پئسن ملڻ ڪري ڏاڍو بي عزتو ڪيس. ٻار تہ هاڻ ڪائنس ڳالهائيندا بہ نہ آهن بس پنهنجي ماءُ جي ٻُڌندا آهن، گهر ۾ اردو انگريزي ڳالهائيندا آهن، ڪيس هاڻ صرف اي ٽي ايم مشين سمجهندا آهن، هاڻ  تہ صاحب اهو بہ ڀُلجي ويو آ تہ هو ڪير آهي ۽ هتي ڪٿان ڪان آيو هوا!

اڄ صاحب کي جڏهن ڊاڪٽر صاحبہ ٻارن اڳيان بي عزتو ڪري ٿي تڏهن ڪمرو بند ڪري رڙيون ڪري روئي ٿو. اڄ ياد پويس ٿو پوڙهو پيءُ ۽ امڙ جيڪي ڪڏهوڪا هليا ويا، سڀ ڪجهہ وٽس هوندي بہ روئڻ سندس مُقدر بڻجي ٿو پوي.

❋❋❋

# مُرشد

“اڙي سيائي جلدي ڪر ٿانءَ ڌو ٻُهاري ڪيدا!”.

“ها ماسي ڌُوئان ٿي”.

“اڙي جلدي ڪر تہ هلڻو آهي”.

“ماسي ڪيڏانهن هلڻو آهي؟”.

“اڙي پِٽِئي هلئون ٿيون مُرشد سائين گيدوڙي فقير جي درگاهہ تي سڄي عمر ائين اڪيلي سُنڊ پيِ ڪيڏيو پئي هوندين ڇا!؟. تو ۾ تہ ٻار ڄڻڻ جو لڇڻ ڪونهي مُرشد جي پيراندي ڪان هلي مٿو ٽيڪيان تہ شل نياڳ لهئي!”.

سيائي ماسي جون زهر پريون ڳالهيون ٻُڌي ماٺ ڪري ڪم ۾ لڳي وئي، ڪم ڪان فارغ ٿي تہ ماسي چيس، “هل تہ هلئون جلدي ڪر اڄ سائو سُومار آهي درگاهہ تي ويهڻ جي جڳهہ بہ ڪونہ ملندي!”.

سيائيءَ ۽ ماسي تيار ٿي پُٽ جي باس ڪٽي اچي سائين گيدوڙي فقير جي درگاهہ تي پهتيون. درگاهہ تي ماين جو تعداد وڌيو پئي. سڀ سائين جي در تي سوالي من ۾ آسون ڪٽي اچي پهتيون هيون. مرشد سائين گيدوڙي فقير جي درگاهہ جو گادي نشين سائين لونگ فقير اڪيون چرس جي نشي ۾ ڳاڙهيون چار پنج مريدن سان اچي درگاهہ تي مريدن ڪي زيارت ڪرائڻ پهتو.

ماسي بہ سيائيءَ ڪي وٺي وڃي پيرن ڪان ويٺس، “مُرشد هي منهنجي نُنهن آهي صفا اولاد نٿو ٿئيس........ مُرشد ڪا دُعا ڏيوس!”.

لونگ فقير سيائيءَ جي ڇاتيءَ ۾ اکيون وجهي جو تڪيس تہ سيائيءَ سڄي هيسجي وئي. لونگ فقير سيائيءَ جي سڄي جسم جو جائزو وٺندي اکيون پوري ماسيءَ ڪي چيو “ماسيءَ هن ڇوڪري ڪي ڏاڏا سائين گيدوڙي فقير جون ست سومر مٿيون پرڙيون پونديون تہ اولاد ٿيندس!”.

ماسي اڳي اولاد جي سڪايل سو حاضر مُرشد جي مُرشد ڪري پُنئين پير هلندي وڃي پوئتي ويٺي. سيائي، “ماسيءَ هاڻ هلون گهر؟”.

ماسي، “ڇوري ڇو اچي ڇِتي ٿي آهين!، ٻُڌئي ڪونہ مُرشد ڇا چيو؟. ﭘاڻ ڪي ست سُومر اتي ئي رات رهڻي آ”.

سيائي ماسي جي ٻِڃ ڪان چُپ ڪري ويهي رهي، مُرشد لونگ فقير چِلم مان دونهان ڪيندي، “اڙي خُدو ان ڇوري ڪي اوطاق واري ﭘاسي رهائجان وڏيڪ خبر اٿئي نہ...... ائين نہ ٿئي مون وارو نينگر

بودلو اڳي پينگ نہ ڪري وڃي!“.

خُدو، ”نہ مُرشد اصل توهان فڪر ئي نہ ڪريو نہ!. اها ڇوري توهان جي آ اڄ رات“.

خُدو ماسيءَ ۽ سيائيءَ کي اوطاق جي پاسي ۾ رهايو. ماسيءَ کي ماني ۾ هڪ گوري کارائي ڇڏي، رات آڌيءَ جو خُدو اچي سيائي کي اُٿاريو ”هل ڇوري مُرشد ڦيٽي رکڻ لاءِ گهرايو اٿئي!“.

سيائي، ”ماسي.......... او ماسي...........

پر ماسي ننڊ ۾ غش آواز نہ ڏنائين. خُدو، ”ڇوري ماسي کي ڇڏ سُمهڻ ڏي تون اچ بس!“.

سيائي ڏڪندي ڏڪندي حُجري ۾ داخل ٿي، مُرشد لونگ فقير جنهن شام کان چِلمون پئي پيتيون وري پنگ وٺو ۽ هاڻ امپورٽڊ وِسڪي ويٺي پيتي. ڳاڙهين اکين سان خُدو کي نڪري وڃڻ جو اشارو ڪيو. اوريجنل انڊين وياگرا مُرشد اڳ ۾ ئي ورتي هئي، مُرشد سيائيءَ کي ويجهو ڪيو...........

صبح جو سيائي ٽڙندي ٽاپڙندي حُجري مان نڪتي، گهنج پيل ڪپڙا، سُور کان ڪڙهندي ماسي، ”شُڪر آ مالڪ جو امان مُرشد ڦيٽو رکيو............

سيائي ڪجھ نہ ڪُڇي بس سُور کان پير نہ پئي کڄيس ٻئي طرف ماسي مُرشد کي دعائون ڏيندي سيائيءَ کي گهر وٺي آئي.

***

# ملڪ الموت

“ابا صوف پُٽ الڻ..........

“هائو..........

“ابا تياري ڪر..........

“ڇا جي تياري؟”.

“جهنم هلڻ جي!”.

“ڇو ڇو؟ با ڇا ٿيو؟”.

“ابا تنهنجو ٽائم پورو ٿي ويو!”

“ڪهڙو ٽائم؟، ڪٿان جو ٽائم؟ اسان ڪي هڪڙو اڳي سور مٿان تو اچي مٿو ڪاڏو آ، پهريان تون ٻڌائي آهين ڪير ۽ منهنجي گهر ۾ ائين بغير اجازت آيو ڪيئن آهين؟”.

“ابا منهنجو نالو نہ ٻڌ تہ چڱو اٿئي بس تياري ڪر هلڻ جي”.

“نالو ٻڌائي”.

“نہ ڇڏيندين ٻڌ...... يمراج عرف ملڪ الموت عرف عذرائيل.........

“هل ڙي............

“سچي ها..........

“سچي ٻڌ ظالم هتي ڇا ڪرڻ آيو آهين؟”.

“اڙي ڏڏ تنهنجو ساهہ ڪڍڻ آيو آهيان ٻيو توسان فُٽبال ڪيڏڻ آيو آهيان ڇا؟”.

“پر ابا منهنجو ڇو تو ساهہ ڪڍين!؟. مون تہ اجان ڪجهہ ڏٺوئي ڪونهي!”.

“ابا هاڻ تون ڏسجان اُتي دوزخ ۾ هل تياري ڪر”.

“پر ابا منهنجي تہ عمر ئي اجان ڪُل پنجٽيهہ سال آهي هن عمر ۾ ڪو مربو آهي ڇا؟”.

“اڙي پُوڪ گُذريل پنجن ڏينهن کان ڪريو پيو آهين صفا تيڪ لڳل ٻڪري وانگر هليو نٿو سگهين، تنهنجي لاءِ خاص ميٽنگ ٿي آ توکي هلڻو پوندو!”.

“اڙي ساهہ ڪڍڻ وارا ظالم پنجن ڏينهن کان اسان وٽ برسات هلي ٿي پئي لائٽ غائب آهي، گهر ۾ پاڻي ڪونہ پيو اچي، گئس آهي ڪونہ سو اُڃ، بُک، گرمي ۾ بغير وهنجڻ جي اهڙو حال ٿي پيو آ مٿان وري گٽر مليل پاڻي جو وتو پي ورتو هئم!”.

ملڪ الموت ٻڌي سڪتي ۾ اچي ويو چئي، “ابا تون دوزخ جو ماحول خراب ڪندين تون اتي رهہ تون دوزخ ۾ هلي ڪِن ڪندين منهنجي توبهن............ هِتان ڪان تہ دوزخ ڀلو آ.........

***

# ڏاند

“هل تہ پڇي هلون..........!”.
“پر مون کان پڇيو ناهي ٿيندو!”.
“ڇو؟؟”.
“ہ سال اڳ موٽرسائيڪل تان ڪريو هئس ان ڪري گوڏو نڪري پيو!”
“اوهہ......... پوءِ؟؟”.
“پوءِ ڇا؟؟”.
“يار تون بہ نہ........... صفا گڏهہ آهين!”.
“نہ.......... آئون ڏاند آهيان!!”.
“اڙي.............
“ڇا؟؟”.
“مان تنهنجي بي عزتي پئي ڪريان!”.
“اڇا.......... مون کي تہ محسوس ئي نہ ٿي يار!”.
“جاهل مان توسان گڏ گهر ڇڏي نڪرڻ ٿي چاهيان........
“اڇا........ پر پاڻ تہ هن وقت گهر کان ٻاهر آهيون، هي سنڌو جو سُڪل پيٽ آهي، المنظر آهي، تون ۽ مان آهيون.......... هينئر بہ تون مون سان گڏ گهر کان ٻاهر آهين!!!”.
“اڙي جاهل سمجهين ڇو نٿو!؟”.
“اوهہ اهو تہ سمجهان ٿو نہ مان جاهل آهيان!!. مون ڪڏهن چيو تہ مارڪ زڪر برگ آهيان”.
“اڙي ڪدُو.......... منهنجي چوڻ جو مقصد آهي تہ پاڻ ٻئي ڪورٽ ميريج ڪريون ۽ مٽن مائٽن کي ڇڏي ڪيڏانهن ٻاهر هليا هلون!”.
“اڇا........... ڪيڏانهن هلون؟”.
“يار تون تہ مرد آهين ڪا جڳهہ جانچ”.
“پر سوير تہ چيم نہ آئون ڏاند آهيان......... ڏاند رڳو ٻار ڍوئيندا آهن پڇندا ناهن!!!”.
“مطلب تون مون سان پيار نٿو ڪرين؟”.
“نہ!!”.
“ڇا مطلب؟؟”.
“آئون توسان عشق ڪندو آهيان ۽ عشق ۾ گڏجڻ جي حسرت ناهي هوندي ۽ اُهو عاشق ئي

ڪھڙو جيڪو پنھنجي سواد خاطر بہ گھر اُجاڙي!!. تون اھا پيڄڻ جي ڳالھ پنھنجي امڙ جي گوڏي تي مٿو رکي ان وقت سوچجان جڏھن امڙ شفقت مان تنھنجا وار سنواريندي ھُجي!”.

“يار سوچيان ٿي تو سان پيار ڇو ڪيم!؟”.

“سوچ نہ!. سوچڻ سان تڪليف ٿيندي آھي”.

“او شٽ يار!. تو سان ڳالھائڻ ئي فضول آھي مان وڃان ٿي ۽ وري نہ ملندي سانءِ سوچي وٺ................

“پر تون تہ ھميشہ منھنجي دل ۾ قيد ھوندين باقي آئون ڏاند آھيان مون کي پيڄڻ ناھي ايندو.......... مون کي گھر برباد ناھن ڪرڻ ايندا.............

***

# بُڪ

"**صاحب** مون کي ماني تي گهُرجي!".

صاحب نشن ۾ ڏُت هو ڪيس ڏنو اڻ ڏنو ڪري ڇڏيائين, هُن وري گاڏي جي شيشي تي ٺڪ ٺڪ ڪئي, "صاحب بُکي آهيان ماني تي گهُرجي, هڪڙي ماني وٺي ڏيو!".

صاحب ڪيس ڪاوڙ مان گهُوري ڏٺو پر جڏهن سندس اُگهاڙا پير ڏٺائين ته واٽ مان ڪِرڻ جي ڊپ سبب ڪيس پنج سئو جو نوٽ ڪڍي ڏيکاريائين ۽ چيائين ته، " اچ سودو ٿا ڪريون تنهنجي بُک ۽ منهنجي بُک جو!".

هُن چئو طرف نظرون گهُمايون ۽ سوچ ۾ ٻُڏي وئي ڪيس اهو مُناسب نه لڳو پر پيٽ جي بُک مجبور ڪري وڌس, صاحب شيشو هيٺ ڪري چيس, "اچ گاڏي ۾ ويهه ٽينشن نه وٺ!. پاڻ ٻنهي جي بُک ساڳي آهي رُڳو فرق ايترو آهي ته توکي "ڌُن" کان مٿي جي بُک آهي ۽ مون کي "ڌُن" کان هيٺيان جي بُک!!".

هُن کي ڪجهه سمجهه ۾ نه آيو بس بُک کان بيحال ٿي چولي مٿي ڪري گاڏي جي سيٽ تي ليٽي پئي ۽ ٻئي لمحي صاحب جا مڪاري سان ٽمتار ٽهڪ گاڏي ۾ گونجڻ لڳا........

***

# سيل

**شادي** جي پهرين رات شاهد زارا جو مٿو ڦاڙي ڇڏيو هو گهر جي وڏن وچ ۾ پيئجي پنهنجي عزت خراب ٿيڻ جي ڊڄ کان گهر ۾ ڪمپائونڊر کي گُهرائي زارا جي ملم پٽي ڪرائي هئي، زارا هيسيل هرڻيءَ وانگر پلنگ جي ڪُنڊ تي رت هاڻن ڪپڙن سان مُنهن گوڏن ۾ لڪائي سُڏڪي رهي هئي، شاهد وڏي آواز سان ڪڏهن زارا کي ته ڪڏهن سندس مائٽن کي گاريون ڏئي رهيو هو.

شاهد جي پيءُ زارا جي پيءُ کي فون ڪيو ۽ چيو هو ته ٻه ڪلاڪن جي اندر پنهنجي ڌيءَ کي وٺي وڃو نه ته اسان جان کان ماري ڇڏينداسين!.

زارا جو پيءُ ۽ ماءُ رات جو چار بجي ڌيءَ جي گهر اچي پُهتا هئا، شاهد مسلسل گاريون ڏئي رهيو هيو ؛ "بدچلن ڪميڻي ٻه نمبر عورت، نيچ، غليظ" اسان جي مٿي ۾ هٽي ڇڏي اٿئو جنهن جي "سيل" شادي کان پهرين ٽُٽل آهي وٺي وڃو پنهنجي ڌيءَ کي نه ته ڪاري ڪري ماري ڇڏينداسين.

زارا جيڪا پنهنجي اسڪول جي والي بال ٽيم جي ايڪٽِو رانديگرياڻي هئي تنهن کي اها خبر ئي نه هئي ته ڪڏهن راند روند ۾ سندس اهو نازڪ پردو ٽُٽي ويو هو!!.

زارا ۽ زارا جي مائٽن جي وڃڻ کان پوءِ شاهد جي سئوٽ شاهد جي پُٺي ٺپيندي چيو "شاباس يار جو انهن نيچ ماڻهن جي چوري پڪڙي ورتئي نه ته هي ڪميڻا ته اسان جو گهر برباد ڪري ڇڏين ها!!".

شاهد ٺهڪ ڏيندي مڪاري سان چيو "ادا چڱو ٿيو جو مون اڳ ۾ "شڪيلا" سان اهو ڪم ڪيو هو ان وقت چوري "سيل پئڪ" هئي نه ته خبر ئي نه پوي ها ته سيل ڇا ٿيندي آهي.........!!".

***

# خواهش

“**چمپا** ڪلهہ جُمعي جي خُطبي ۾ مولوي صاحب واعظ پئي ڪيو تہ نيڪ مردن کي حُورون ۽ غلمان ملندا ۽ نيڪ عورتن کي بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ملندو!”.

راڻي، “نيڪ عورتن کي ڇا ملندو!؟”.

“اهو ڪونہ ٻڌايائين تہ عورتن کي ڇا ملندو چمپا اها ڳالهہ گول ڪري ويو”.

چمپا، “هڪ ڳالهہ تہ ٻڌائي اهي مُلان جُمعي جي خُطبي ۾ نيڪ مردن ۽ نيڪ عورتن جو ذڪر تہ ڪن ٿا پر پاڻ جهڙي ٿين جنس وارن کي ڇا ملندو؟ اهو ذڪر نٿا ڪن!.”

راڻي، “اها ڳالهہ تہ آهي هل تہ هلي گُرو کان ٿا پُڇون........

“گُرو جي..........

“جيءُ چئي...... گُرو.....

“گُرو هڪ ڳالهہ تہ ٻڌائي اهي مُلان روز مردن ۽ عورتن کي جنت جون ڳالهيون ٿا ٻڌائين پاڻ کي ڀلا جنت ۾ ڇا ملندو؟”

گُرو ڪيائڙي ڪنهندي سوچيو ۽ ٿئي لمحي ۾ جواب ڏنو “چمپا، راڻي اوهان ٻڌايو تہ اوهان جي خواهش ڇا آهي؟”

چمپا، “گُرو آئون تہ عورت ٿيندس!”.

راڻي، “گُرو آئون تہ مرد ٿيندس!”. ٻنهي وري هڪ آواز ٿي گُرو کان سوال پُڇيو. “گُرو ڀلا اوهان ٻڌايو اوهان ڇا ٿيندا؟”.

گُرو پاڻ ڏانهن سوال ٻڌي ٿورو پريشان ٿي ويو چهري تي پريشاني ظاهر ٿي پيس سوچيندي جواب ڏنائين، “آئون “جلاد” ٿيندس ۽ هن بيحس مُعاشري جي ماڻهن کان پلاند ڪندس..........

❊❊❊

# تعويذ

“**جيجان** مون کي تعويذ لکي ڏي!”.

“ڇو ڇوري گُلان؟، پوئين هفتي تہ تون تعويذ وٺي وئي آهين وري ڇا جو تعويذ!؟؟”.

گُلان، “جيجان اهو مسئلو اڃان حل ناهي ٿيو!”.

جيجان دلچسپي وٺندي، “گُلان سچي ٻُڌائي تعويذ کان پوءِ بہ مُڙس هٿ نہ لائيٿي؟”.

“جيجان نُور ڀٽاري جو قسم رات جو پُني ڏيو سُتو پيو هوندو آهي مجال جو پيار مان ڏسي سهي!.”

“ڇوري پوءِ تون ئي ٿوري همٿ ڪندي ڪر نہ.”.

“جيجان ڪلهہ رات بہ پاڪر پاتومانس تہ ڏِڪي پري ڪري ڇڏيائين!”. جيجان پاڪر جو لفظ ٻُڌو تہ جسم مان سيسراٽيون نڪري ويس، گُلان، “جيجان ڪو اهڙو تعويذ ڏي جو منهنجو مُڙس وري مون سان روز پيار ڪري.”.

روز پيار وار ڳالهہ ٻُڌي جيجان جي دل تيز ڌڙڪڻ شروع ٿي وئي، جيجان وڏي سائين جي پنجين زال هئي گُلان جون ڳالهيون ٻُڌڻ کان پوءِ جيجان سوچ ۾ گُم ٿي وئي ذهن ۾ تري آيس تہ سڀ ڪجهہ گُلان کي ٻُڌائي ڇڏي پر وري پنهنجي مان مرتبي جو سوچي چُپ ٿي وئي ۽ من ئي من ۾ سوچڻ لڳي تہ آئون ڪنهن کان تعويذ وٺان؟. مون کي ڪير تعويذ ڏيندو ۽ ان تعويذ ۾ اهڙي دوا ڪير وجهي ڏيندو جنهن سان وڏي سائين جي ويل جواني موٽي اچي ۽ مون کي بہ روز پيار نصيب ٿئي!”.

جيجان ڪاٺ جي ننڍي صندوق مان پني جو ٽُڪرو ڪڍيو ۽ قلم سان اونڌا سِڌا ليڪا پائي گُلان کي ڏيندي چيو، “ڇوري سُمهڻ مهل مٿاڙ کان رکجانس”.

گُلان جي جيجان ڇٽي ڳنڍ ڇوڙي هڪ سائو نوٽ جيجان جي پيرن ۾ رکيو ۽ پُنئين پير ڪمري مان نڪري وئي، جيجان وڏي آهہ ڀري ۽ آهہ سان گڏ بہ گرم لُڙڪ اچي جهولي ۾ ڪريس.

***

# عشق

**هو** ڏاڍو خوبصورت جوان هو هيندسم اصل ڪنهن بہ ڇوڪري جي خوابن جو شهزادو!. ڪنهن بہ خوبصورت نگاهہ جو ڀَريون پيار ڏيڻ واريون خاصيتون هن ۾ موجود هيون پر شايد سندس قسمت ڏاڍي خراب هئي جو ننڍي هوندي ئي پٽس جيڪو هارپو ڪندو هو تي بي ٽيڻ ڪري بيڪار ٿي پيو هو سو ڪم ڪار ڪري نہ سگهندو هو بس سورن سان ننڍپڻ گذري رهيو هئس.

جڏهن ٿورو وڏو ٿيو انهون ڪلاس پاس ڪري نائين ۾ پهتو تہ سندس پيءُ هي فاني دنيا ڇڏي ويو هاڻ هو اڪيلو ٿي پيو بس امڙ هُن جي جيئڻ جو سهارو هئي. ڪجهہ چاچن جي مدد سان انٽر جو امتحان پاس ڪري نوڪري جي ڳُنيان لڳي پيو پر هن ڪان قسمت جو رُٺل هئي سو ڪا سرڪاري نوڪري تہ نہ ملي سگهيس پر هڪڙي مائٽ اسلام آباد ۾ نوڪري وٺي ڏيڻ جو آسرو ڏنس جو در تي بيٺل هڪڙي ٻڪري ڪپائي وڃي اسلام آباد جا وڻ وسايائين.

طبيعت جو سادو ۽ سچو هجڻ ڪري هڪ جڳهہ تي گهڻو ٽِڪي نہ سگهيو سو بہ چار نوڪريون بدلائي سال ڪان پوءِ وري موٽي آيو تہ واپس نہ ويو. شهر ۾ رُلندي سندس نظرون هڪ سُهڻي اپسرا سان وڃي ٽڪرايون جو هُن جي اڳرائي ڪرڻ تي ڪيس پنهنجو نمبر پرچي تي لکي ڏئي آيو ۽ ائين سندس عشق جي شروعات ٿي.

ڳالهہ وڌندي وئي اصل عشق جنون جي شڪل اختيار ڪري ويو. ڪيس شادي لاءِ زور پريائين پر چوندا آهن نہ تہ بندي جي من ۾ هڪڙي الله جي من ۾ ٻي سو جتي هُو رهندي هئي اتي سندس هڪ گهاٽو دوست رهندو هو اُن وٽ جو گهڻو اچڻ وڃڻ شروع ٿيو تہ سندس عشق جو پردو بہ فاش ٿي پيو. ان جي ذريعي  ۽ ٻين ڪان خبر پيس تہ جنهن سان هُو عشق پيو ڪري اُها تہ پروفيشنل (رنڊي) آهي ۽ سندس تعلقات تہ اڌ شهر سان آهن. اهو انڪشاف ٿيڻ ڪان پوءِ بہ پاڻ ڪائنس شادي ڪرڻ لاءِ تيار هو جو سندس خيال هو تہ هن سان شادي ڪرڻ ڪان پوءِ هُو سُڌري پوندي پر هُن ڪيس رجيڪٽ ڪري ڇڏيو ۽ ڪنهن امير زادي جي رکيل ٿي وڃي ويٺي.

ان ڪان پوءِ پاڻ اندر ڪان ٽُٽي پيو ۽ عشق جي چوٽ کائي پنهنجو شهر ڇڏي وڃي ڪراچي جا وڻ وسايائين.

*

ڪراچي سنڌ جي دل، ڪراچي روشنين جو شهر، ڪراچي حُسن جو سمُنڊ. ڪراچي سچ تہ اهو شهر آهي جتي ڪروڙين ماڻهن جي سمنڊ جي وچ ۾ انسان گُم ٿيو وڃي. هُو بہ ڪراچي پنهنجي

دل جي دنيا جي ويراني جو جنازو کڻي پُهتو هو. هُن چاهيو پئي تہ جنهن عشق ۾ هُن کي ناڪامي ملي ان جي يادن کي هن شهر جي گوڙ گهمسان ۾ ٽريفڪ جي وچ ۾ ڪٿي رولي اڇي پر عشق قاتل، عشق ظالم، عشق زهر ڪٿي ٿو اهو وسري!.

ڪراچي پهچي ڪنهن دوست جي مدد سان نوڪري ڳولڻ لڳو جنهن هڪ گارمينٽ فئڪٽري ۾ ڪوالٽي تي ڪم وٺي ڏنس. ڪجهہ ٽائم نوڪري تي ويندو رهيو. بيوفا جي يادن کي دل تان وسارڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو پر ڪيس گارمنٽ فئڪٽري جو ماحول سمجهہ ۾ نہ آيس ۽ وري نوڪري ڇڏي اچي دوست وٽ وينو. هُن جو دوست ڪنهن نيوز چئنل سان ڪم ڪندو هو جيڪو رات جي نوڪري ڪندو هو سڄي رات ملير ۾ جڳهہ تي اڪيلو پيو هوندو هو هن کان ننڊ ڪوهين ڏُور هلي وئي هُئي، سڄي سڄي رات تارا ڳڻيندي گذرندي هئس. بس هڪ رات ويٺي ويٺي دل ۾ پهہ ڪيائين تہ ان ساڳي بيوفا سان رابطو ڪرڻو آ.

هن ڪال ملائي ٽررررر ٽرررررر ڪال وڄڻ شروع ٿي، سندس رِنگ ٽون تي اردو گانو اڪيلي تنها جيئا جائي نا، تيري بن بهلانا تجهہ ڪو ناممڪن لڳل هئي.......

*

ڪال وڄندي رهي گانو هلندو رهيو اڪيلي تنها جيئا جائي نا، تيري بن بهلانا تجهہ ڪو ناممڪن اهو گانو بہ هُن سندس ئي پسند تي رکيو هو ڇوتہ ڪيس اهو ڏاڍو وڻندو هو ۽ هر وقت موبائل تي ٻُڌندو رهندو هو.

ڪال اٽينڊ نہ ٿي وري ٻيهر ڪرڻ جي همٿ نہ ٿيس، پريشاني جي عالم ۾ روئڻهارڪو ٿي ڪمري جي فرش تي پٽ کي پُٺي ڏئي ويهي رهيو.

ياد آيس اهو ڏينهن جڏهن ڳچ ڏينهن فون تي ڳالهائڻ کان پوءِ هُن ملڻ لاءِ چيو هئس تہ سچ تہ ائين پائنيو هئائين جڻ سڄي ڪائنات جي خوشي ڪيس ملڻ واري هُجي ۽ هو ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپيو.

ملڻ لاءِ هُن سندس ڪالوني ۾ نهيل ننڍڙي پارڪ ۾ گهرايو هئس، شام ٽيڻ جو تہ اصل نالو ئي نہ پئي ورتو، وقت ايترو ڏگهو پئي لڳس جو پائيائين پئي تہ شام چار ڪلاڪ نہ پر چار سالن کان پوءِ ٿيڻي آهي!.

چوندا آهن انتظار جون گهڙيون انسان لاءِ امتحان واريون گهڙيون هونديون آهن، انتظار ڪيترو ٿڪائيندڙ هوندو آهي ڪو هُن کان پُڇي!. سچ تہ هاڻ انتظار نہ پئي ٿيس پر ڇا ڪري مجبور هو. هُن جو وس پُڄي ها تہ گهڙيال جي ڪانٽن سان گڏ سچ کي بہ لاهي وٺي ها پر مجبور هو قدرت سان پلا ڪير مقابلو ڪري!.

انتظار ۾ ڪڙهندي پڄرندي شام بہ ٿي وئي، نئوان ڪپڙا پائي خوشبو لڳائي ڏاڍو تيار ٿي محبوب جي پاڙي ڏي هلڻ شروع ڪيائين. پاڻ ڏنل ٽائم کان بہ اڌ ڪلاڪ اڳ ۾ پهتو هو. پارڪ ۾ اندر

داخل ٿيو تہ ٻارڙا کيڏيا پئي، ٻہ پوڙها سگريٽ جا ڪش هڻي رهيا هئا، پاڻ ڳولها ڪري وڃي ڪُنڊ واري بئنچ تي ويٺو. اکيون هُن لاءِ مُنتظر هيون. اکين کي ڳولها هئي هن جي پياري ڇهري جي ديدار جي، هو چئوطرف ڏسي رهيو هو ۽ اوچتو انتظار ختم ٿيو هُوءَ پارڪ ۾ داخل ٿي ڳاڙهي وڳي ۾ اپسرا پئي لڳي، ڏسڻ سان اصل دل جي ڌڙڪن تيز ٿي ويس. ڏاڍو پيار پئي آيس هُن تي، ايتري خوبصورت ڇوڪري هُن خوابن ۾ بہ نہ سوچيو هو تہ ڪائنس ڳالهائيندي!.

هُن کي ڳاڙهي ڪلر جو فراڪ پاتل هو. پاڻ سان گڏ ٻارڙا وٺي آئي هُئي شايد انهن جي بهاني سان نڪتي هئي، هُن مسڪرائي ڏنس تہ هن بہ مسڪرايو پاڻ ويجهو آئي. ڳالهائڻ جي شروعات هُن ڪئي چيائينس، "تون منهنجي خوابن جو شهزادو آهين..........

❊

تون سچ تہ مون کي ڏاڍو وڻين ٿو آءِ لو يوا".

جواب ۾ هن بہ، "آءِ لو يُو ٽُو" چئي مُسڪرائي ڏنس تہ هُوءَ بہ شرم ٻوٽڙي جيئان شرمائجي وئي. ان وقت سندس مسڪراهٽ ۽ ڳلن تي اپريل لالي ڏسڻ وٽان هُئي. سچ تہ ڪا جنت جي حُور بہ هن اڳيان ڪجھ نہ هئي. هُن جي اُها پنهنجي محبوب سان پهرين مختصر ملاقات هئي پر ان ملاقات سندس زندگي رنگين بڻائي ڇڏي هئي.

هاڻ تہ هُو هر وقت ڏاڍو خوش رهڻ لڳو هو مسڪراهٽ سندس چپن تي هر وقت موجود رهندي هئي. چوندا آهن سوچون سمونڊ جون ڇوليون هونديون آهن هڪ لمحي ۾ تيزي سان اچي ڪناري سان لڳي وري واپس هليون وينديون آهن. موبائل وائبريٽ ٿيو رِنگ وڄڻ لڳي تہ سندس ڌيان موبائل ڏي هليو ويو ۽ سوچن کان نڪري حقيقي دنيا ۾ اچي پهتو. ڏٺائين تہ ڪال سندس دوست جي پئي آيس جنهن سان گڏ رهيو پيو هو.

ڪال اٽينڊ ڪيائين سامهون کان دوست هو "هيلو يار ڪٿي آهين؟".

"جي ڪٿي هوندس!، اتي ئي جتي ڇڏي وئي هُئين.........

"نيڪ آ ڳالھ ٻُڌ مون پنهنجي چئنل ۾ تنهنجي لاءِ ڳالهايو آهي پلا تون نيوز سيڪشن ۾ ڪم ڪندين!؟".

هُن وٽ تہ ڪا چوائس هُئي ڪانہ سو چيائينس، "يار آئون تيار آهيان".

"تہ پوءِ نيڪ آ تون سُڀاڻ مون سان گڏ هلي جوائن ڪجان".

"نيڪ آ پيارا ۽ ٿينڪس تون منهنجي لاءِ هيترو ڪجھ ڪرين پيو".

"اڙي ڇريا دوستي ۾ نو ٿينڪس نو سوري!". اوڪي چئي فون بند ڪيائين.

❊

دوست سان ڳالهائي هاڻ ڪجھ مطمئن ٿي پيو هو. سوچيائين پئي نئون ماحول نوان ماڻهو

ڏسندس تہ ڪجھ ان بيوفا جي يادن مان بہ ڇوٽڪارو ملي پوندو. روز جي بنسبت اڄ ڪجھ پُرسُڪون هو ٻئي ڏينهن اُٿي تيار ٿيڻ کان اڳ ۾ پنهنجي پاڻ کي شيشي ۾ ڏٺائين تہ گهبرائجي ويو.

ائين پائنيائين ڄڻ ڪو صدين جو پنڌ ڪري واپس وريو هُجي!. وڌيل ڏاڙهي، ڏرا ڏنل اکيون، بي رونق چهرو سوچيائين نئين جڳهہ تي وڃڻو آ سو تياري سان وڃجي تہ بهتر ٿيندو. اُٿي شيو ڪري وهنجي ڊريس پينٽ ڪوٽ پائي پنهنجي پاڻ کي شيشي جي اڳيان بيهي ڏٺائين تہ ڪجھ مطمئن ٿيو. سُڪون مليس هاڻ ڪجھ بهتري پائنيائين پاڻ ۾، دوست بہ تيار ٿي چُڪو هو سو گڏجي نڪري پيو.

شاهراھ فيصل تي ڊوڙندڙ گاڏين جي قطارن جي وچ مان گذرندي ڪيس ڪڏهن ڪڏهن ڊِڄ بہ ٿيندو آ تہ ڪٿي ڪا تيز رفتار گاڏي ڪيس چيپاٽي نہ ڇڏي ۽ هُو نننڍڙن گوشت جي ٽُڪرن ۾ ورهائجي نہ وڃي پر ڪڏهن وري سوچيندو آهي تہ ڪاش ايڪسينڊينٽ ٿي پئي ۽ ظالم بي وفا دنيا مان هميشہ لاءِ هليو وڃجي پر وري پنهنجي گهر وارن پوڙهيءَ ماءُ جو چهرو اکين اڳيان ايندو اٿس تہ زندگي جي جُستجو موت جي ڪشمڪش کي مات ڏئي ويندي آهي.

سوچيندي سوچيندي خبر ئي نہ پيس تہ ڪڏهوڪو صدر پهچي ويا ۽ چئنل جي آفيس هيٺيان وڃي بيٺا هئا. دوست سان گڏ آفيس جون سيڙهيون چڙهندي من ۾ دعا پئي ڪيائين تہ ڪاش آئون هتي جي ماحول ۾ ايڊجسٽ ٿيان!.

آفس ۾ داخل ٿي دوست هن جو سيني سان تعارف ڪرايو ۽ باس جي ڪئبن ۾ وٺي ويو. ڪرسي تي هڪ سُني شخصيت وارو نوجوان ويٺل هو. باس هن سان گرم جوشي سان هٿ ملايو ۽ ڪيس تعارف ڪرايو ۽ هن کان بہ پنهنجي باري ۾ ۽ تعليمي قابليت جي باري ۾ تفصيلي پڇيو ۽ پڇيو تہ سنڌي ڪيتري قدر لکڻ ايندي آهي.

باس هن کي سليڪٽ ڪري ورتو ۽ هن کي ڪاپي رائيٽر طور رکيو. من ۾ هاڻ خوشي محسوس ٿيس تہ ڪجھ زندگي ۾ تبديلي پئي اچي. دوست هن کي ڪاپي رائيٽر روم ڏيکاريو. مار ڇا ڏسي پيٽ ۾ رکو تي ويون ئي تي ويون هجن، جتي سڄي دنيا جهان جا خبرن جا چئنل پيا هلن.

دوست سمجهائيس تہ توکي هتي انهن سيني تي وين تي نظر رکڻي آهي ۽ دنيا ۾ ڪنهن بہ چئنل تي ڪا بہ نئين خبر بريڪ ٿئي تي تہ اها ڪاپي ڪري ايڊيٽنگ روم ڏي موڪلڻي آ. هاڻ اکيون ڦاڙي تي وي ۾ نظر وجهي ويهي رهيو.........

✻

ٽي وين ۾ اکيون وجهندي خبرون ناهيندي هاڻ روٽين ٿي پيو هئس. هن جو ڊيوٽي ٽائم رات جو ٻارنهن بجي کان صبح اٺ بجي تائين هو. هاڻ صبح جو اٺ بجي صدر مان چانھ پي ناشتو ڪري نڪرندو هو. ملير پهچي جڳھ تي سُمهي پوندو هو ۽ سڄو ڏينهن سُتو پيو هوندو هو. شام جو پنج وڳي

اُتي وهنجي تيار ٿي ٻاهر ڏينهن واري ماني دوست سان گڏ کائي پوءِ اُتي دوستن سان گڏ ٽائم گُذاريندو هو.

ڪڏهن وري پاسي ۾ ٺهيل فُٽبال گرائونڊ تي بلوچن جون فُٽبال مئچون ڏسندو هو. شام جو ڪڏهن ڪڏهن دوست صحافي سان گڏ ڪٿي ڪنهن پروگرام ۾ پُڄڻ وڃڻ ٿيندو هئس. ائين هن جو ٽائم هاڻ ڪجھ بهتر گذرڻ شروع ٿيو پئي، هاڻ مصروفيت جي ڪري ڪجھ بيوفا جي سوچن کان پري رهڻ لڳو هو. ڪڏهن ڪا سوچ دل تي تري ايندي هئس ته ڪنهن ٻئي دوست کي ڪال لڳائي ڳالهائڻ شروع ڪري ڇڏيندو هو يا وري ڪنهن ڏي هليو ويندو هو.

ڪوشش ڪري ڪنهن حد تائين ڪنٽرول ڪيو هئائين پر چوندا آهن نه ته جڏهن سُور لڪجي ويندا آهن ته اهي ڪوشش کان پوءِ به ساٿ ناهن ڇڏيندا.

هڪ ڏينهن سُتو پيو هو ته موبائل جي رِنگ وڄڻ شروع ٿي پر اک نه کُليس، ڪال مسلسل ايندي رهي پر کِهري ننڊ جي ڪري اک نه کُليس، جيئن شام جو ننڊ مان جاڳيو ته ٽيلينور جي اڻ ڄاتل نمبر تان ويھ ڪالون لڳل هئس. پاڻ هڪدم موبائل کڻي ٻيڪ ڪال ڪيائين، دل ۾ سوچيائين، "الله خير ڪري الائي ڪير آ ايترين ڪالون ڪيون اٿائين الائي ڪهڙو ڪم اٿس!. خير رِنگ وڃندي رهي ٻئي پاسي کان ڪال اٽينڊ ٿي، "هيلو ڪير؟".

"ادا توهان جون ڪالون لڳل هيون توهان ڪير ۽ ڪنهن سان ڳالهائڻو آهي؟".

"تو منهنجي گهر جي نمبر تي ڪالون ڪيون آهن تون علي ٿو ڳالهائين؟".

"ادا سائين آئون علي ئي ٿو ڳالهايان پر ادا مون ته ڪا ڪال ناهي ڪئي، مون کي اڳي ئي سُور گهڻا آهن آئون ڪو نئون سُور ڇو پاليندس!؟".

"پلا تو ٿي ڏينهن اڳ ۾ عائشه جي نمبر تي ڪال ڪئي هئي؟؟". اهو ٻُڌي هن جي مٿان عجيب ڪيفيت طاري ٿي وئي. هُن جو نالو ٻُڌي سُن ٿي ويو هُوءَ بي وفا اکين اڳيان اچي بيٺس، لفظ نِڙيءَ مان نه پيا نڪرنس هو مسلسل ڳالهائيندو رهيو "آئون الاٽو خان پُٽ قلاٽو خان عائشه منهنجي آ ۽ الائي ڇا ڇا.........

هن بس اهو لفظ ٻُڌو چئي رهيو هو "تون جتي به هوندين توکي ڳولي ماريندس". پُنيان کان موبائل فون مان عائشه جو آواز به ٻُڌڻ ۾ آيس، "تون جيستائين علي کي نه مارينديئن آئون توسان گڏ نه رهنديس، جيستائين هُو جيئرو آ مون کي ياد ايندو رهندو".

هُن سان سچي دل لڳائي هئائين، هُن کي سچي دل سان چاهيو هئائين پر اڄ هُوءَ سندس رت جي ڳُهرجائو ٿي پئي آ اهو سوچيندي اکين مان ڳوڙها وهي آيس، ڪجھ به سمجھ ۾ نه آيس ته ڇا ڪري!. گهر ۾ جيت مار دوا جي شيشي پيل هئس سوچيائين اڄ عائشه جي خواهش پوري ٿو ڪريان ۽ هڪ ئي ڍُڪ ۾ ڳيت ڏئي زهر جي شيشي پي ويو.

آهستہ آهستہ پيٽ ۾ وٽ پوڻ شروع ٿيس پگهر جڻ لڳو پر چهري تي مُسڪراهٽ هئس. اج هُن جي ڪري مري رهيو هو هُن بيوفا لاءِ هُن تہ ڪيس بغير لالچ جي پيار ڪيو هو. ياد آيس سياري جي اها رات جڏهن ٻہ بجي رات جو هن چيو هئس تہ توکي ڏسڻو آهي ۽ هي جلدي جلدي ۾ ڪجهہ اوڍڻ کان سواءِ لون جي ڪپڙن ۾ هليو ويو هو. بيچيني وڌي ويس پيٽ تي هٿ ڏئي ڪري پيو اکين اڳيان اوندهہ اچي ويس، هوش گُم ٿي ويس............

*

عاشق زهر پياڪ وهہ ڏسي ورچن..........

خبر نہ پيس ڪڏهن ۽ ڪيئن اکيون بند ٿيس جڏهن اک کُليس تہ پاڻ کي اسپتال جي بيڊ تي پاياائين، چئوطرف نظرون ڦيرائي ڪجهہ ڏسڻ جي ڪوشش ڪيائين پر ڪمزوري ۽ اکين تي ننڊ جي خُمارن سبب ڪجهہ ڏسي نہ سگهيو وري اکيون بند ٿي ويس.

ڪافي ٽائم کان پوءِ آهستي آهستي اکيون کُلڻ لڳس، ڪجهہ ميڊيسن جي نشي جو اثر گهٽ ٿيو هئس، هاڻ پاڻ کي ڪجهہ سُڪون ۾ پائيو هئائين، جيئن اکيون کوليائين تہ پرسان دوست کي ويٺل ڏٺائين ۽ پُڇڻ ان سان گڏ چئنل تان آيل ڪجهہ ٻيا دوست هئا. دوست کان پڇيائين، "آئون هتي ڪيئن پُهتس؟". دوست ٻُڌايس تہ، "آئون جيئن گهر پهتس تہ دروازو بند هو اندر کان، ڪافي دروجايم پر تو در نہ کوليو ڪال بہ لڳاتار ڪندو رهيس اها بہ تو اٽينڊ نہ پئي ڪئي سو مون کي دل ۾ شڪ پئدا ٿيو تہ ڪجهہ ٿيو نہ هجي!".

"پاڙي وارن جي گهر جي گئلري مان ٽپي اندر آيس تہ تون فرش تي ڪريو پيو هئين ۽ زهر جي بوتل تنهنجي پاسي ۾ پيل هئي سو يڪدم توکي کڻائي ڊاڪٽر وٽ آيس ۽ پوءِ جناح اسپتال............

يار هاڻ تون ٻُڌائي تہ تو ائين ڇو ڪيو؟، آخر اهڙو ڇا ٿي ويو هو جو تو ايڏو وڏو انتهائي قدم کنيو؟، ڇو تو پنهنجي زندگي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي!؟".

دوست جا تِکا مِٺا سوال ٻُڌي دل پرجي آيس ۽ اکين مان ڳوڙها وهي آيس ۽ ڳالهائڻ شروع ڪيائين، "هُوءَ بيوفا مون کي مارائڻ ٿي چاهي........... هُن جي خواهش آهي تہ آئون مري پوان، هُن کان سواءِ تہ آئون اڳي ئي مري چُڪو آهيان پر هُوءَ چاهي ٿي تہ آئون جسماني طور بہ هن دنيا ۾ نہ هُجان ان ڪري بس مون فيصلو ڪيو تہ هاڻ جيئرو ناهي رهڻو!!".

"اڙي چريا پلا هن دؤر ۾ بہ ماڻهو ڪنهن جي لاءِ مرندو آهي ڇا!؟. تون هُن بيوفا لاءِ هليو هُئين مرڻ جيڪا توکي تنهنجي سچي پيار کي ڇڏي ڪنهن ٻئي جي ٻانهن ۾ ويٺي آهي.... افسوس تون اهو عمل ڪرڻ کان اڳ ۾ اهو بہ نہ سوچيو تہ تنهنجي ماءُ جيڪا هر پل تنهنجي ڊگهي عمر جي دعا گُهرندي آهي، جيڪا هميشہ توکي خوش ڏسڻ چاهيندي آهي، جيڪا تنهنجي دم سان زندهہ آهي، جيڪا توکي ڏسي جيئي پئي، جنهن جي اکين ۾ خواب آهن توکي ڪامياب ۽ خوش ڏسڻ جا ڇا تو اُن جي

باري ۾ نہ سوچيو؟؟، تنهنجي مرڻ سان ڇا اُها زندهہ رهي سگهندي؟، تنهنجيون ننڍڙيون ڀيڻون، تنهنجا ڀاءُ جن جو تون وڏو آهين، سهارو آهين اُهي هن معاشري ۾ اڪيلا ڪيئن رهي سگهندا؟. ڇو تون صرف پنهنجو سواد سوچي هڪ پل ۾ سڀ ڪجهہ ختم ڪرڻ ٿو چاهين ڇو؟؟؟".

دوست ڳالهائيندو رهيو هي مسلسل سندس ڇاتي سان لڳي روئندو رهيو جڏهن ڪجهہ سامت ۾ آيو تہ اکيون اُگهي دوست کي چيائين تہ "واقعي مون کان وڏي غلطي ٿي وئي آ، واقعي مون پنهنجي پاڻ پنهنجي گهر وارن سان وڏو ظُلم ڪيو آ خير اج آئون توسان ۽ پنهنجي پاڻ سان واعدو ٿو ڪريان تہ اج کان اڳتي ڪڏهن اهڙو عمل نہ ڪندس باقي هُن کي وسارڻ منهنجي لاءِ سئولو نہ آهي!!".

دوست، "يار اهو تون مون تي ڇڏي ڏي اج کان تون مون سان گڏ رهندين، گڏ گهمنداسين ڦرنداسين، انجوائي ڪبي زندگي، ڇڏ ان پُراڻين ڳالهين کي!!".

ہ ڏينهن اسپتال ۾ ايڊمٽ رهڻ کان پوءِ گهر اچن ٿا، ٽي چار ڏينهن ٻيا ہ ڪم تي نہ ويو هڪ رات دوست ڪال ڪيس، "سُياڻ چينل جي ملازمن لاءِ پروگرام آهي، مون تنهنجي لاءِ ہ پاس ورتي آ تيار ٿجان".

ٻي رات تيار ٿي گڏجي وڃن ٿا پروگرام ۾ جيڪو چينل جي بلڊنگ جي ڇت تي ارينج ٿيل هو اُتي پهچي اصل جيڪي نظارا ڏسي ٿو ڪجهہ پلن لاءِ هوش گُم ٿي ٿا وڃنس!.

❋

جيسي تم سوچتي هو ويسي هم هين نهين

جيسي هم هين ويسي تم سوچ بهي نهين سڪتي

بلڊنگ جي ڇت رنگين هئي، هر طرف رنگ ئي رنگ هئا، ڪي ميوزڪ ٻيا ٻُڌن تہ ڪي ڪچهرين ۾ مصروف هئا، موسم سڄي خماريل لڳي پئي هئي، مئي جي سرورن هر اک کي قاتل ڻاهي ڇڏيو هو. سندس دوست ماحول کان واقف هو سو پهچڻ ساڻ وڃي مئي جو پاسو ورتائين ۽ هڪ وڏي ڪُڙي وارو سئنڊل پاتل اداڪاره سان گڏ ٻينو هن کي پاڻ ڏانهن سڏ ڪيائين ۽ تعارف ڪرايائينس، "هي منهنجو دوست علي آهي هتي ئي چينل تي نيوز سيڪشن ۾ ڪم ٿو ڪري!".

هُن مسڪرائي هيلو چيس پر هن کي ڳالهہ دماغ ۾ نہ ويني، ڪٿي منهنجو دوست ڪٿي هي اپسرا...........!!. خير هن ويچاري تہ انهن اپسرائن کي رڳو ٽي وي تي ڏٺو هو باقي سامهون تہ پهريون دفعو پئي ڏٺائين، دوست چيس، "علي تون ڇا پيئندين وِسڪي، بيئر يا ٻيو ڪجهہ؟".

هي ويچارو جنهن کي اها ئي خبر نہ هئي تہ وسڪي ٿيندي ڇا آهي ۽ بيئر ڇا هوندو آ!. سو چيائينس، "بس ڪولڊ ڊرنڪ پيئندس تہ ڇوڪري کلڻ لڳي چئي، "ڏس يار تو وارو دوست تہ صفا سادو آ........

دوست ڪا بوتل ڪٽي اچي ڏنس چئي، "هي ڏس هي پي هي ٻاهر جي ڪولڊ ڊرنڪ آهي!".

لکيل هئس پنجويهہ پرسنٽ الڪوحل پيور بيئر. دوست چيس، ”پي بس دوا سمجهي پي ڇڏ!“. ماحول ۾ گرماگرمي لڳي پئي هئي اسٽيج تي شمن ميرالي پئي ڳايو وري احمد مغل آيو جنهن ڳائڻ شروع ڪيو ”دل چوي ٿي او پرين تون منهنجي سامهون هجين مان رڳو تو ڏي ڏسان تون رڳو مون ڏي ڏسين!“.

سچ تہ ان وقت هيڏي پياري پُرلُطف ماحول ۾ هُوءَ بيوفا الائي ڪٿان ڪيئن هوا جي جُهوٽي وانگر ياد اچي ويس ۽ من ۾ هُن جا خيال اچڻ لڳس. دماغ سُن ٿيڻ شروع ٿي ويس هڪ ڪُنڊ وٺي ويهي رهيو. هاڻ بيئر جي هٿ ۾ جهليل بوتل مان بي خيالي سان ڍُڪ پريائين تہ پنير جهڙو ذائقو محسوس ٿيس ڪجهہ ڪجهہ ڪارو....

بوتل چپن ڪان هٽائي ڇڏيائين وري يادگيرين اچي ورايس. هُن جون وڏيون پياريون اکيون. گول چهرو، وڏا وار، سنهڙو نڪ، خوبصورت چپ، ڳالهائڻ، پيار ۾ رُسڻ وري جلدي پرچي وڃڻ سڀ ياد اچڻ لڳس. ان يادن جي سيلاب ۾ خيالن جي دنيا ۾ گُم سُم خبر ئي نہ پيس سُرڪ سُرڪ ڪري بيئر جي بوتل پي ويو.

پيئڻ سان ڪجهہ ڪجهہ سُڪون محسوس ٿيڻ لڳو هئس. دوست گهمندي ڦرندي هن وٽ آيو. ”يار علي تون هتي ويٺو آهين اچ انجوائي ڪريون ڇو پريشان آهين!“.

هن چيس، ”بس يار تون مون کي ڇڏ بس اُها بيئر واري ڪولڊ ڊرنڪ آڻي ڏي!“.

دوست بہ ٻيا بيئر آڻي ڏنس هاڻ بس هُن بيوفا کي سوچيندي محسوس ڪندي ٻئي بوتلون خالي ڪري ڇڏيائين. هاڻ پنير جي ذائقي واري بيئر ڪجهہ قدر سُڪون ڏنو هئس ۽ هاڻ وري موجوده ماحول ۾ موٽي آيو هو پنهنجي جڳهہ تان اُٿي وڃي وچ ۾ ويٺو پر ۾ هڪ ٽي وي جو وڏو نالو اچي وينس. جنهن کي هن هميشہ ٽي وي تي حسرت سان ڏٺو هو هُو بہ سٽين آسمان تي پئي اُڏيو سندي بيئر مان هُن کي شيئر ڪرڻ جي آڇ ڪيائين تہ هُن بغير ڪجهہ سوچڻ جي وٺي ورتس ۽ ٻئي سِپ سِپ ڪري گڏ پيئڻ لڳا............

❊

اسان کي پتو هو اسان جو تون ناهين............

اسان پئي نڀايو وڏو حادثو هو............

سِپ سِپ بيئر جي جاري هئي، خُمار هئس جيڪي چڙهندا پئي ويس. ماحول آهستہ آهستہ رومينٽڪ لڳڻ لڳو هئس. ائين پئي محسوس ڪيائين جڻ خوابن جي ديس ۾ هو. اڄ گهڻي عرصي کان پوءِ ڪجهہ ذهني رليڪسيشن محسوس ڪئي هئائين. خُمارن ۾ پروگرام کي هاڻ انجوائي پئي ڪيائين. دوست جڏهن ڪيس خوش ڪلندي ڏٺو تہ ان کي بہ ڏاڍي خوشي محسوس ٿي. سڄي رات محفل هلندي رهي هئي، ٻئي ڄڻا عصر ويل ڪجهہ سامت ۾ آيا. هاڻ سڀ مهمان وڃي چُڪا هئا پروگرام بہ ختم ٿيو هو هنن محسوس ڪيو تہ هاڻ اُتي اڪيلا رهجي ويا هئا سو هيٺ لهي بائيڪ تي ٻئي گهر

ڏانهن نڪري پيا.

ٻئي ڏينهن هي ننڊ مان اُٿيو ته مٿي تي ڪجهه وزن پئي محسوس ٿيس، پائيائين پئي ته مٿو چڪرائجيس پيو. دوست کي حقيقيت ٻڌايائين هُن چيس، "اڙي ڪجهه ناهي يار اهو رات واري بيئر جو اثر آ وهنجي اچ سهي ٿي ويندو!".

اُٿي وهنجي آيو ته واقعي رليڪس ٿي پيو هو. دوست کي چيائين، "يار رات واري پروگرام ۾ مزو اچي ويو...... يار وري ڪڏهن اهڙو پروگرام ٿيندو؟".

دوست، "اهڙي پروگرام جي ته خبر ناهي ڪڏهن ٿيندو باقي توکي گهڻي عرصي کان پوءِ خوش ڏسي مون کي ڏاڍي خوشي پئي ٿئي".

"ها يار واقعي مون کي به ائين محسوس پيو ٿئي جهڙوڪ صدين جو ٿڪ لهي ويو هجي، سچ ته منهنجي زندگي به ان صحرا جي مسافر جهڙي ٿي پئي آهي جنهن کي هلندي سال گذري ويا هُجن پر دڳ نه ملندو هُجيس....... يار آئون به نارمل زندگي ٿو گذارڻ چاهيان، مون کي به سُورن هاڻ ساڻو ڪري وڌو آ پر الائي ڇو جڏهن به زندگي طرف وڌان ٿو هُوءَ بيوفا منهنجي دل دماغ تي حاوي ٿي پوي ٿي ۽ آئون وري اُتي ئي رهجيو وڃان!".

"يار علي ڏس هُن توکي ڇڏي ڏنو هُوءَ تنهنجي لائق نه هُئي هُن ته ڪڏهن توسان پيار ڪيو ئي نه هوا".

"پر يار مون ته هُن سان سچي مُحبت ڪئي هئي نه!. هُن کي مون پنهنجي من مندر جو ڀڳوان ٺاهيو هو نه!. مون ته عبادتن ۾ هُن جو چهرو ڏسي هُن کي خُدا ڀائنيو هو نه!. مون ته هُن سان مُحبت ڪئي هئي نه سچي مُحبت پوءِ هُن ائين ڇو ڪيو!؟؟". علي وري هُن جي ڳالهه دل تي تري ايندي ئي سُڏڪا ڀري روئڻ شروع ڪيو دوست علي کي پرچائيندو رهيو هُو روئيندو رهيو....

❇

هم سي ڪب منسوب هي رونق تمهاري بزم کي
هم نه هونگي تب بهي هوگي صبح تيري شام تيري...........

روئڻ هاڻ سندس مقدر بڻجي پيو هو ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي پاڻ سان ڳالهائيندي چوندو هو "يار علي تون به ڪو وڏو چريو آهين ان بيوفا جي پُٺيان پنهنجي زندگي پيو تباهه ڪرين!. هُوءَ جيڪا صرف پئسي جي حوس جي پوڄاري هئي، هُوءَ جنهن کي انسان کان وڌيڪ شين سان پيار هو هُوءَ جيڪا هميشه بنگلن ۾ رهڻ جا خواب ڏسندي هئي، هُوءَ جنهن کي وڏين گاڏين ۾ چڙهڻ جو شوق هو هُوءَ ته تنهنجي هُئي ئي ڪونه ته پوءِ ڇو پاڻ کي ان بيوفا لاءِ تباهه پيو ڪرين!".

سوچيندي سوچيندي وري سندس چهرو اکين اڳيان ڦرڻ لڳندو هئس ۽ وري هُن جي ياد دل دماغ تي حاوي ٿي پوندي هئس. علي ڪئي ڀيرا سوچيو ته هاڻ بس گهڻو ٿيو هُن لاءِ گهڻو تباهه ٿيس

هاڻ بس پر وري ڪڏهن ان بس کي بريڪ ئي نہ لڳندي هئي. زندگي بہ انسان کي ڪئي سُور ڏئي ٿي، اگر زندگي ۾ خوشيون شامل آهن تہ وڻندڙ حسين آهي اگر ڏُک آهن تہ سُور ۽ تڪليف واري آهي. دوست علي کي سمجهائي سمجهائي ٿڪي پيا هئا تہ يار علي ڇوڪريون ڪي کُٽيون آهن ڇا دنيا ۾؟ ڪراچي سڄي پري پئي آهي ڪنهن سان ڳالهائيندو ڪر ڪجهہ ذهن تان بوجهہ لهي پوندو ڪجهہ رليڪس ٿي پوندين، ڪئي دفعا تہ دوستن ڪيس نمبر بہ آڻي ڏنا ۽ زبردستي سندس موبائل ۾ فيڊ ڪيا تہ اڪيلائي ۾ ويهي ڳالهائي پر هو اهي سڀ وري ڊليٽ ڪري ڇڏيندو هو.

خبر ناهي ڇو هُوءَ ڪيس روح جي گهرائي تائين اندر ۾ پيهي وئي هئي، جنهن جي يادن کي چاهيندي بہ پيڇو نہ پئي ڇڏائي سگهيو. اڄ دوست کي چيائين، "يار هُو جيڪا دعوت ۾ بوتل پياري هئيي نہ اها اڄ وري وٺي اچ ڏاڍي دل پئي ڪري........

❋

مدتون عروج پر رهينگي هماري ڪهانيان

ڪسي ڪسي ڪے حصي ۾ ايسا زوال آتا هي..........

شام ٿي هئي هي بہ ليٽيو پيو هو خبر ناهي ڪيڏي مهل ننڊ جي هندوري ۾ هليو ويو هو اڄ ڇنڇر جي شام هئي اڄ رات موڪل هئس، دوست ۽ علي ٻئي گڏ هڪ ڏينهن تي موڪل ڪندا هئا ڇو تہ گڏ هجڻ جو فائدو اهو هو تہ موڪل واري ڏينهن وچي ڪٿي ڪنهن دوست سان ڪچهري ڪري ايندا هئا يا وري پاڻ گڏجي گُهمڻ ڦرڻ نڪرندا هئا، علي تمام گهٽ ٻاهر ويندو هو بس دوست جي ضد ڪرڻ تي ڪڏهن هليو ويندو هو.

ننڊ ۾ بہ سپنن جي دنيا ڪيڏي نہ حسين لڳندي آهي، انسان غير ارادي طور اهڙيون شيون ڏسندو آهي جيڪي حقيقي دنيا ۾ ممڪن ناهن هونديون پر پوءِ بہ الائي ڇو سپنا خواب وڻندڙ لڳندا آهن، علي ننڊ ۾ خوابن جي دنيا جو طواف پئي ڪيو در تي ڪڙڪو ٿيڻ جي آواز تي اک کُلي پيس ڏٺائين تہ دوست آيو هو "يار علي تون اڃان تائين سُتو پيو آهين ٽائم ڏس رات جا اٺ پيا ٿين!".

هنن جي ڊيوٽي رات واري هئي سو هنن لاءِ ڏينهن رات هوندو هو ۽ رات وري ڏينهن، "يار علي اُٿ فريش ٿي زرياب بہ اچي پيو!".

اڃان هنن ڳالهايو پئي تہ سندن دوست زرياب بہ اچي ويو هيلو هائي ٿي علي فريش ٿي واپس آيو تہ ٽي گلاس مڪس دال موٺ ۽ هڪ وڏي آسماني ڪلر جي بوتل علي جي منتظر هئي، علي، "يار هي ڇا آهي!؟".

"پيارا تو چيو هو نہ تہ بوتل وٺي اچ سو اڄ وٺ انجوائي ڪر!".

علي بوتل ڪئني لڪيل هئس سفاري مري بريوري، دوست چيس، "اڄ هي ٿا پيئون!". سڀ گڏجي ويٺا، علي کي بہ پيگ ناهي ڏنن اهو ئي پنير جهڙو ڪارو ذائقو دال موٺ ذرڙن سان ڪجهہ ٽيسٽ

بهتر لڳڻ لڳس.

هڪ پئگ هڪ ساهي پي ويو وري ٻيو دوست ٺاهي ڏنس اهو پيئڻ کان پوءِ ڪجھ ڪجھ سرور ٿيڻ لڳا هئس جڏهن ٿيون پيتائين تہ موبائل تي ميوزڪ آن ڪري مختلف سونگ ٻُڌڻ لڳو ٻُڌندي ٻُڌندي چوٿون پئگ بہ خال تي ويو هاڻ مانجهيءَ جو ڪلام جڏهن ٿا پيئون پيئون تڏهن ٿا جيئون جيئون نشيلا نيڻ ڏاڍا نشا ڏئي تن تہ چڙيا هلڻ شروع ٿيو تہ اُٿي جهومڻ لڳو.

جهومندي جهومندي بہ ٻيا پئگ بہ خالي ڪري ويو هاڻ سندس ذهن آسمان جي بلندين تي هو. هاڻ کيس دنيا حسين پئي لڳي، ٿڙندي ٿڙندي ٻاهر نڪتو دوستن سان نشن جي خمارن کيس جيئڻ جو نئون ڏڳ ڏئي ڇڏيو هو......

٭

هر بستي ۾ اکيون لغڙ ٿي اُڏيون.........

هر ڳليءَ توکي ڳولڻ ڪو چرچو نہ هوا.

نشن جا خمار ٿڙندڙ پير، ڳاڙهيون ٿيل اکيون ۽ انهن اکين ۾ عجيب ڪشش.......

اڄ علي اُهو علي نہ پئي لڳو جيڪو روز هوندو هو اداس اداس، ويڳاڻو سوچن ۾ گُم، پريشان......... اڄ علي جو ذهن سيني پريشانين کان خالي بس سامهون هئس تہ دوست ۽ انهن جو ساٿ اڄ محسوس ٿيس پئي تہ سُورن کان پري بہ ڪا زندگي آهي، سُور رڳو ذهني عذاب جو سبب بڻجن ٿا. سوچون ذهن ولوڙ ڪري رت سُڪائين ٿيون، دوستن پروگرام ٺاهيو تہ هلي ٻاهر ماني کائون، سڀ گڏجي اچي هوٽل تي ويٺا، ماني جو آرڊر ڏئي سڀ گڏجي ويٺا علي ڏٺو تہ ماحول ڏاڍو خوشگوار هو. ماڻهن جا هُجوم هئا، ڪافي جوڙا هئا جيڪي هٿ ۾ هٿ ڏئي آيا پئي، ڪن ماني کاڌي پئي، ڪن اُٿي ماني کائي پسار پئي ڪئي، ماحول ڏاڍو وڻندڙ هو.

علي جون نظرون اڄ الائي ڇو ماحول ۾ خوبصورت منظرن کي ڏسي تجسس پريون ٿي پيون هيون، سوچيائين هي بہ دنيا آهي، هي ماڻهو بہ هن ڌرتي جي گولي تي رهن ٿا. دوست کي، "يار ڏس هي جوڙا جوڙا ڪيڏا خوش آهن، ڪيئن نہ هڪٻئي سان انجوائي پيا ڪن!".

دوست، "ها يار علي تڏهن تہ توکي چوندا آهيون تہ جيڪو بيوفا هو جنهن کي پيار جو قدر نہ هو اُن بيوفا کي ياد ڪرڻ ڇڏي ڏي ۽ هڪ نئين زندگي جي شروعات ڪر، ڇڏ انهن سوچن، خيالن کي، ڇڏ بيوفائن کي، ڇڏ انهن خيالن کي جيڪي توکي سُڪون نٿا ڪرڻ ڏين".

"ها يار تون سهي ٿو چوين.......... بس اڄ کان آئون نئين زندگي جي شروعات ڪندس...

٭

زندگي سُورن سيج، زندگي ڏُک سُور، زندگي خبر ناهي ڇا آهي!!. هي سڀ ڪُجھ لُٽائي هُن بيوفا کي پنهنجو نہ ڪري سگهيو هو ۽ عشق جي بُلندين تي هو ۽ هوڏانهن هُن بيوفا کي ڪا پرواهہ ئي

ڪونہ هئي تہ علي جي ڪهڙي حالت آهي ۽ هن سان ڇا ڇا ٿيو آهي!.

چوندا آهن تہ جنهن کي لڳي تنهن کي خبر پوي!.

علي کي رات واري دعوت جيئڻ جو نئون گس ڏنو هو اڄ ڪجهہ قدر پنهنجي پاڻ کي رليڪس پئي ڀائنيائين، اڄ محسوس ٿيس پئي تہ ڪو سالن جو ٿڪل ٿُڪل هو ۽ هاڻ وڃي رليڪس ٿيو آهي.

شام ٿي رات آئي ڊيوٽي ٽائم تي نڪري آيو دوست سان گڏ اڄ چئنل تي ڪجهہ وڌيڪ ماڻهو پئي ڏسڻ ۾ آيس، پُڇڻ تي خبر پيس تہ پروگرام جي ڪا ريڪارڊنگ پئي هلي، ٿوري دير وڃي پروگرام ۾ ويٺو مزو نہ آيس، خاص نہ هو وري اچي پنهنجي چيئر تي ويٺو اُتي اڄ ان ساڳي پوڙهي اداڪار کي ڏٺائين جيڪو رات جو چئنل جي پروگرام ۾ ڇت تي مليو هئس، هُن کي ڏسي ڏاڍي چاهہ سان مليو، "هيلو هائو آر يُو ينگ مئن؟".

"آءِ ايم فائن سر.......... هائو اباؤٽ يُو سر؟".

"مي آلسو فائن ينگ مئن.......... سُڀاڻ ڪٿي هوندا اچو تہ گڏجي ڪچهري ڪريون!".

"جي سر فري هوندس ضرور ايندس".

ٻيو ڏينهن دوست کي ٻُڌائي نڪري آيو ان اداڪار ڏي هُو بہ صدر ۾ فليٽ تي اڪيلو رهندو هو اچڻ سان ڏاڍو آڌرڀاءُ ڪيائين، پاڻ چانهہ پئي پيتائين هُن کي بہ چانهہ جو ڪپ ڀري ڏنائين، ٻنهي گڏجي چانهہ پيتي پوءِ گئلري ۾ ڪرسيون رکي ويهي رهيا، زندگي جي لاهن چاڙهن جون ڳالهيون ڪندي پوڙهي دوست پنهنجي زندگي جو سڄو داستان ٻُڌايس تہ هُن اڄ تائين شادي ناهي ڪئي، هُن عشق ڪيو پر سندس محبوبا جي وقت کان اڳ ۾ ڊيٿ ٿي وئي هئي ان ڪري اڄ تائين شادي نہ ڪئي هئائين بس هاڻ سندس زندگي ۾ شراب جو گلاس، هي فليٽ ۽ گئلري کان سواءِ چند تصويرون هيون بس ٻيو ڪجهہ نہ هئس. ٻي ڪنهن شئي جي سندس زندگي ۾ هاڻ ڪا جڳهہ بہ نہ هئي.

علي کي ٻُڌايائين تہ، "ماڻهو اسان کي ٽي وي تي ڏسي سمجهندا آهن تہ اسان دنيا جا تمام وڏا خوشنصيب انسان هونداسين پر اسان جي لائف بہ سُور ئي سُور آهي!".

علي سندس ڳالهيون ٻُڌي خاموش ٿي ويٺو رهيو ٿوري دير ۾ سندس مُلازم هڪ وڏي بوتل بلئڪ ليبل شراب جي ۽ بہ گلاس کڻي آيو گڏ ڪجهہ کائڻ پيئڻ جون شيون بہ هُيون، هُن شراب جا پئگ ناهيا ڪيس پئگ هٿ ۾ ڏئي چيئرس ڪري پيئڻ شروع ڪيو.

٭

جنهن دل پيتا عشق دا جام، سا دل مستو مست مدام.........

شراب مذهبن ۾ حرام پر ان جهڙو جام دنيا ۾ ٻيو ڪوئي ناهي چاڪاڻ تہ شراب پيئڻ کان پوءِ غمِ جانان ۽ غم دنيا وسريو وڃي!. انسان وڃي عرش تي پهچي ٿو علي ۽ پوڙهو اڌ رات تائين سِپ سِپ ڪري شراب پيئندا رهيا ۽ مختلف موضوعن تي ڪچهري بہ ڪندا رهيا، علي ماني کائي اُتي ئي

سُمهي پيو هو ڇو تہ پنهنجي روم تي پهچڻ واري حالت نہ هئس.

صبح سوير اُٿيو تہ بورچي چانهہ ناشتو آڻي ڏنس، اُن کان دوست جي پُڇا ڪيائين هُن ٻُڌايس تہ صاحب تہ رات ئي نڪري ويو آ ڪا خبر ناهي ڪيڏانهن ويو توهان جي لاءِ چئي ويو هو تہ وري جلدي ملجئو.

علي وهنجي ناشتو ڪري پنهنجي جڳهہ تي پهتو تہ دوست اجان سُتو پيو هو پاڻ کيس جاڳائڻ مُناسب نہ سمجهيائين سو موبائل کڻي دوستن جا نمبر ڊائل ڪرڻ وينو ڪجهہ دوستن سان ڪچهري ڪري وري موبائل رکي ليٽي پيو.

عمومن چوندا آهن تہ مرد عشق ناهي ڪندو مرد عشق جي ع کان بہ واقف ناهي پر ائين ناهي علي جنهن عشق جي سطح تي وڃي پهتو هو اُتان کان رڳو فنا جو رستو پئي نڪتو اُتان کان واپسي نامُمڪن هئي.

شام ڌاري دوست ۽ علي ٻئي نڪري پيا ٻاهر ويجهوئي فُٽبال گرائونڊ هو جتي ڪا ٽورناميٽ پئي هلي، اڄ علي دلچسپي سان مئچ پئي ڏٺو ڏٺائين تہ هڪ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري ٻئي گڏجي ويٺا آهن ۽ هٿن ۾ هٿ ڏئي هڪٻئي سان پنهنجائپ ۽ پيار مان پيا ڏسن، سندس دل ۾ اوچتو خيال آيو ۽ دوست کي ڇڏي سڌو روم ۾ هليو آيو مٿو گُهميس پئي، نراڙ تان پگهر جي ڊگهي لڪير ڳل کي ڇُهندي هيٺ لٿي پئي، ٻئي هٿ وارن ۾ وجهي هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو سندس نظرن کي ڪنهن شئي جي ڳولها هئي، روم ۾ سڀ جڳهين تي ڳوليائين الماري کولي چيڪ ڪيائين تہ سندس نظر وڃي شراب جي ننڍڙي بوتل تي پئي، ڇهري تي شانتي جا آثار اُڀري آيس.

هاڻ بوتل کولي بغير پاڻي ملائڻ جي سِپ سِپ ڪري پيئڻ لڳو هاڻ سوچيائين تہ کيس ان پيئڻ سان ڪجهہ ڪجهہ شانتي ملي ٿي، ڪجهہ ذهني عذاب گهٽ ٿئيس ٿو پر علي اهو نہ پئي ڄاتو تہ هُن بيوفا کان جان ڇڏائڻ جي چڪر ۾ هُو ٻي اُونهي ۽ گهري کاهي ۾ پيو ڪريا.

علي نشن ۾ جهومندو رهيو ۽ موبائل تي ميوزڪ ٻُڌندو رهيو.....

❇

تنهنجي ماٺ منهنجو موت پرين

تنهنجي ياد حيات پرين..............

نشن جي خُمارن ۾ جهومڻ زندگي ۾ موجود سُورن جي گهٽتائي ثابت ٿئي ٿو پر شايد اهو بہ ڪو مُستقل حل ناهي، پرين جي يادن، عشق جي خُمارن، زُلفن جي لشڪارن کان مُنهن موڙڻ وسارڻ لاءِ عشق وجود جي بقا جو ضد آهي. جنهن عشق ڪيو ان وجود کي وساري ڇڏيو.

علي جنهن عمر ۾ عشق جي شروعات ڪئي، جنهن وقت کيس حضرت عشق جا نشا چڙهيا ان وقت اها عمر گُهمڻ ڦرڻ، موجن مستين جي هئي. سندس عمر ۾ ڇوڪرا شرارتون ڪندا آهن،

دوستيون وڌائيندا آهن. گڏجي زندگي کي انجوائي ڪندا آهن پر هن کي الائي ڇو اهي سڀ ڳالهيون وسري ويون جو وچي عشق جهڙي رت پياڪ بلا جي ور چڙهيو!.

عشق ۾ هُن صرف سچائي، پاڻ ارپڻ ۽ بي حد انتها کان وڌيڪ چاهڻ ئي سکيو هو. هُو جيڪو ايترو نازڪ مزاج هو جو ڪنهن پار جي روئڻ تي به اکين ۾ ڳوڙها اچي ويندا هئس. دنيا ۾ ڪٿي ڪو انسان تڪليف ۾ ڏسندو هو ته روح بي چين ٿي پوندو هئس ۽ ڪئي راتين تائين ننڊ نه ايندي هئس.

هُو جيڪو گهر ۾ سڀ کان وڏو هو، جنهن کي يتيمي اُن عمر ۾ حصي ۾ آئي جڏهن ٻارن کي اڃان اها به خبر ناهي هوندي ته هنن جون ضرورتون ڪيئن ٿيون پوريون ٿين!. بس هو ته اسڪول لائف کي انجوائي ڪندا آهن.

علي طبيعتن ڏاڍو ٿڌو مزاج، سمجهدار ۽ احساس رکڻ وارو ڇوڪرو هو. هو هميشه چوندو هو ته اهو پيار محبت ڪجهه به ناهي، آئون ته قصا ڪهاڻيون پڙهي پڙهي ٿڪجي پيو آهيان مون کي ته ناهي ٿيو. هُو اها ڳالهه ورجائي ڪندو هو. چوندا آهن ڪڏهن زبان مان نڪتل ڪا ڳالهه به قُبول ٿي ويندي آهي سو هن جي اها ڳالهه به قبول ٿي پئي ۽ هي عشق جي پنڌ جو راهي ٿي پيو.

هُوءَ بيوفا جنهن کي هن دل جي گهرائي سان چاهيو، جنهن لاءِ هن سڀ ڪجهه ڇڏي ڏنو ايستائين جو هُن کي يقين ڏيارڻ لاءِ انتهائي قدم به کنيائين پر هُن جو شايد ايترو نصيب خراب هو جو علي جي جذبات عشق کي سمجهي نه سگهي ۽ اهڙي ماڻهو جي ساٿ کان محروم ٿي وئي.......

*

عشق وڃائڻ!، عشق لا حاصل....... پوءِ ڪهڙو مطلب ڪرڻ عشق جو؟

"علي......... علي........... علي..........!".

دوست زور سان سڏيندو رهيو پر علي مدهوشي جي دنيا ۾ ڪو سڏ ئي نه ٻُڌو، علي سڄي رات پيئندو رهيو هو خيال ئي نه رهيو هئس ته ڪيترو پيتو اٿائين. دوست ٻانهن کان وٺي جنجهوڙيندي اُٿاريس، اکيون مهٽيندي هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين پر دماغ زور سان چڪرائجي ويس. سمجهه ۾ نه پئي آيس ته هن کي ڇا ٿي ويو آهي!.

ٿڙندو واش روم پهتو مُنهن کي ٿڌو پاڻي هٿي مٿي تي ٿڌو پاڻي لڳاياين ڪجهه سامت ۾ آيو، ٻاهر آيو پر دماغ اڃان به چڪرايس پئي، لڳو ته هينگ اوور ٿي ويو هئس. دوست، "يار علي ڇا آهي؟، ڪيتري دير ٿي وئي آهي اڃان سُتو پيو آهين، ٻُک کان منهنجو بُرو حال ٿي ويو آهي!".

علي، "يار اڃان هاڻ صبح ٿيو آهي ڇو تو رڙيون پيو ڪرين!".

دوست، "علي صاحب ٿورو گهڙي ڏي ڏسو ڇا ٽائم ٿيو آهي؟".

علي گهڙي کي ڏٺو ڏينهن جا ٻه پئي ٿيا، "يار واقعي ٽائم جام ٿي ويو آهي تو مون کي اٿاريو ئي ڪونه!".

“يار علي صبح کان رڙيون ڪري ڪري ٿڪي پيو آهيان اُٿين تڏهن نہ يار!”.

“رات مون کي ماني ڇو ڪونہ ڏنئو!؟”.

“اڙي توکي ماني جو هوش ڪٿي هو؟. اسان ماني کائي سُمهي پياسين پوءِ بہ تو وڃي پيتو.......... يار ماني تہ رات واري اجان پئي اٿئي..........

علي، “خير يار هل تہ رات واري رهيل ماني، ناشتو ۾ هينئر واري گڏجي هلي کائون!”، علي کلندي چيس.

خير علي کي اجان بہ هينگ اوور هئس، علي ۽ دوست ٻئي گڏجي ٻاهر آيا، گڏجي ماني کاڌن، شام جو گڏجي آفيس آيا، چئنل تي اچ علي جي دل نہ پئي لڳي بس عجيب حال لڳو پيو هئس، عشق ڪري اڳي ئي حال خراب هئس وري جڏهن کان پيئڻ شروع ڪيو هئائين تڏهن کان دماغي حالت اجان وڌيڪ بگڙجندي پئي ويس.

چئنل تي رات بہ عجيب هوندي آهي هرڪو پنهنجي ڪمپيوٽر ۾ مُنهن هڻي ڪم ۾ رُڌل هوندو آهي، ڪنهن کي ڪنهن جو هوش نہ هوندو آهي، علي سوچيو پئي تہ ڪنهن سان ڳالهيون ڪري، دل پئي ڪيس تہ بس ڳالهائيندو رهي، ڪو هُجي جنهن سان سڀ سُور سلي پر سڀ ڪم ۾ ٻِڙي رات جا ٽي وڳا آهن ڪال بہ ڪنهن کي نہ پيو ڪري سگهي ٻاهر بہ نہ پيو وڃي سگهي بس عجيب ڪشمڪش، بي چينيءَ، بي سڪوني مٿو ڦريس پيو ٻنهي هٿن سان مٿو جهلي ڪُرسي تي ٽيڪ لڳائي ويهي رهيو!.

*

علي محسوس ڪيو پئي تہ هاڻ سندس حواس ڪم ڪرڻ ڇڏيندا پيا وڃن، هاڻ هُو نارمل ناهي رهيو پر دوستن جي همٿ ۽ حوصلي ڏيارڻ تي ڪڏهن ڪڏهن بهتر محسوس ڪندو هو.

اج علي بيچينيءَ واري ڪيفيت ۾ هو سڄي رات ڊيوٽي تي بہ ڪو سُڪون محسوس نہ ڪيو هئائين بس اچڻ سان ئي بستري ۾ ڪري پيو هو. دوست ماني لاءِ اٿاريس پر نہ اٿيو. وري اچي رات ٿي هئي پر علي اج اٿيو ئي نہ هو. اج رات موڪل هئس ان ڪري رات جو اڪيلو ئي نڪري پيو.

اچي ٻاهر وينو هو ڪيتري ئي دير شاهراهہ فيصل تي هلندڙ گاڏين کي ڏسندو رهيو بس نظرون روڊ ۾ کُپي ويون هئس، علي ويهڻ کان پوءِ اهو وساري وينو هو تہ هُن کي واپس بہ وڃڻو آهي!.

رات جا ٻارنهن ٿيا پئي علي مسلسل وينو رهيو. هوڏانهن دوست پريشان هو علي جو موبائل بہ روم تي پيو هو هُو ڳولهيندي ڳولهيندي اچي علي وٽ پهتو هو علي جي ڪُلهي تي هٿ رکيائين تہ علي ڇرڪي پيو. دوست کي ڏسي پُڇيائين، “تہ تون ڪڏهن آيو آهين؟”.

دوست، “يار علي ڇا ٿي ويو آهي توکي!؟. آئون ڪيترو پريشان ٿي ويو هئس، تون موبائل بہ روم تي ڇڏي آيو آهين يار اهو ڇا آهي يلا!؟”. دوست ڳالهائيندو رهيو پر علي کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ ٿي

نہ آئي تہ هو ائين چو پيو چوي، دوست، ”يار اڄ پلا ماني کائون تو صبح کان ڪجھہ ناهي کاڌو!“.

علي بس ها ۾ ڪنڌ لوڏيو۽ خاموشي سان دوست سان گڏ هلڻ شروع ڪيو ماني کائي ٻئي روم تي آيا، ٽائم رات جو هڪ پئي ٿيو دوست سُمهي پيو پر علي کي ننڊ نہ پئي آئي وري ساڳي بيچيني ۽ ٽينڻ لڳي هئس، متو چڪر ايس پئي، خبر نہ پئي پيس تہ هُو ڪٿي آهي!.

علي هاڻ مڪمل خاموش رهڻ لڳو هو ٻئي ڏينهن ڊيوٽي تي بہ نہ ويو ننڊ بہ نہ پئي آيس، اکيون ڳاڙهيون لال هئس، علي هاڻ ذهني طور ڊسٽرب ٿي ويو هو هُن جو ذهن پنهنجي جڳهہ تي نہ رهيو هو.

*

رقص دل هي جاري تيري عشق ڪہ سازون پہ
ڪوئي ايسا سُر نہ ڇيڙ ڪہ دل تڙپ ڪہ مر جائي....

هُو جنهن عشق ڪيو هُو جنهن وفا ڪئي، هُو جنهن پاڻ ارپيو هُو جنهن سڀ ڪجھہ وڃائي ڇڏيو هُو جيڪو عشق ڪرڻ ڄاڻيندو هو هُو جنهن جي من ۾ ڪا ميراڻ نہ هُئي، هُو جيڪو وِڪ وِڪ تي هُن کي ياد ڪرڻ وارو هو هُو جنهن هن کي ديوتا وانگر پُوڄيو هو جنهن خواهشُون ختم ڪري ڇڏيو هُو جيڪو صرف هُن لاءِ زندهہ هوا.

اڄ هُن جو دماغ خالي کوکو ٿي پيو هو هُن جي دل ۽ دماغ جي ڪنيڪشن ڪاٽا ٿي چُڪي هئي، اڄ علي سائڪالاجيڪلي بيمار ٿي چُڪو هو. دوستن علاج ڪرايس پئي وس آهر پُنيان گهر بہ نہ پئي ٻُڌائي سگهيا ڇو تہ گهر جو وڏو علي ئي هوا.

علي جنهن کي هاڻ اهو بہ هوش نہ رهيو هو تہ هُو ڪري ڇا پيو!، وڃي ڪيڏانهن پيو!، ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر نڪري ويندو هو۽ بس هلندو رهندو هو خبر نہ پوندي هئس تہ ڪيترو پنڌ ڪيو اٿائين!. ڪڏهن ڪڏهن بہ ٻہ ڏينهن ننڊ نہ ايندي هئس، اي ٽي وِن ٽئبليٽ بہ ٻہ گڏ کائيندو هو پوءِ بہ ننڊ نيٽن جي پرسان بہ نہ گذرندي هئس.

علي ڪراچي جي مشهور سائڪالاجسٽ کي ڏيکاريو پئي جنهن جو چوڻ هو تہ علي کي گهرو صدمو پهتو آهي جنهن ڪري رڪوري (نيڪ ٽيڻ) لاءِ ٽائم لڳي سگهي ٿو علي سڀ ڪجھہ وڃائي بہ ڪجھہ حاصل نہ ڪري سگهيو هو ها باقي علي عشق جو هڪ نئون قصو داستان جوڙيو هوا.

*

عشق جنين جي اندر سي ٿُلها ڪين ٿين!.

عشق جن کي لڳو تن کي وڻ ويڙهي جيئان وڪوڙي ڇڏيندو آهي، عشق سهي معنيٰ ۾ پاڻ وڃائڻ ئي آهي ڇو تہ عشق جي منزل جُنون جي حدن تي وڃي رسندي آهي ۽ جنون انسان کي ڪٿان ڪان ڪٽي ڪٿي پهچائي ڇڏيندو آهي، جيڪڏهن انسان جي وس ۾ هُجي ها تہ هوند عشق ڪڏهن بہ نہ

ڪري ها!.

عشق ڪرڻ فنا ٿيڻ کي ڏسي دنيا جا سڀ عاشق ان پنڌ کان شايد پري ڀڄن ها پر عشق اُهو جذبو آهي جيڪو وس ۾ ناهي، بس عشق ٿي ويندو آهي، جڏهن ٿيندو آهي ته فنا ڪري ڇڏيندو آهي.

علي جي حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئي وئي، هاڻ ڊاڪٽر هُن کي چيو هو ته مڪمل آرام ڪري پر آرام اچي ڪٿان!؟ سُڪون الائي ڪيڏانهن علي کان رُسي هليو ويو هو. سُک کهڙي ديس جو رهواسي هو هُن کي اُها ڄاڻ به نه هُئي!. سوچي ٿو ڪاش دنيا ۾ ڪا اهڙي بازار هُجي جتي خوشي، سُک، شانتي وڪامي ته پنهنجو سڀ ڪجهه وڪڻي رڳو ڪجهه پلن جي خوش خريد ڪري وٺان!.

پاڙي ۾ شادي جي دعوت هئي علي جي دوست کي به دعوت هئي دوست ڪيس زبردستي دعوت ۾ وٺي ويو اُتي هر طرف خوشي ۾ ٻهڪندڙ چهرا، نوجوان ڇوڪرا ڇوڪريون، پوڙها پوڙهيون، ٻار سڀ خوش لڳا پيا هئا، انجوائي ڪين پئي، علي به دوست سان هڪ ڪُنڊ وٺي ويهي رهيو. ڪيس ماحول وڻندڙ لڳو پئي پر بيچيني ءَ اچان به ٿيس پئي. اندر ۾ گُهٽ ٻُوسٽ جو احساس پئي ٿيس، ائين پائينيائين پئي ڪنهن ڪٽي اهڙي اونداهي ڪوٺي ۾ بند ڪري ڇڏيو اٿس جتي روشني سان گڏ هوا جو گُذر به ناهي هوندو. ساهه تي مونجهارو پئي ٿيس، دوست کي چيائين آئون روم تي ٿو وڃان..............

❊

سانسين تو بس اڪ نمائش هين

ميري اصل زندگي تو تم هي هو.

سائڪالاجسٽ کي ڏيکارڻ جي تاريخ اچي وئي هئي، علي ڪڏهن ميڊيسن وٺندو هو ته ڪڏهن ڄاڻي ٻُجهي نه وٺندو هو يا وري ڪڏهن بي خيالي ۾ وٺڻ وسري ويندي هئس. بس ائين ئي وري ڊاڪٽر کي طبيعت ڏيکارڻ جي تاريخ اچي وئي هئس.

اڄ دوست سان گڏ ڊاڪٽر جي ڪلينڪ تي آيو هو علي ڪافي ڏينهن کان گهر به نه ڳالهايو هو. گهران ڪال ايندي هئس ته بس مختصر ڳالهه ٻولهه ڪري رکي ڇڏيندو هو. ڪيس اڄ محسوس ٿيو پئي ته پويان امان اڪيلي آهي، ياءُ ننڍا آهن انهن جو ڇا ٿيندو!؟ جيڪڏهن مون کي ڪجهه ٿيو ته امان مري ويندي........ بس احساس هو جنهن اندر ۾ وڍ وڍس پئي، سوچيائين پئي هُنن جو ڪهڙو ڏوهه؟ جيڪي منهنجي آسري ويٺا آهن، هُو مون کان سواءِ ڪيئن رهي سگهندا؟.

ڊاڪٽر سان ملاقات به اڄ ڪجهه قدر سُٺي ماحول ۾ ٿي هئس ڇو ته رش ڪونه هئي، ڪي ايڪڙ ٻيڪڙ مريض ويٺل هئا، ڊاڪٽر، "پُٽ هن عمر ۾ ڊپريشن تمام خطرناڪ آهي جيڪڏهن تون پنهنجي پاڻ تي ڪنٽرول ڪندين ۽ ميڊيسن پراپر وٺندين ته جلدي ٺيڪ ٿي پوندين. تون مون سان شيئر ڪر ته ڇا جي ڪري تون رليڪس نه پيو رهي سگهين؟".

دوست ڊاڪٽر کي سڀ ڪجھ ٻڌائي چڪو هو پر ڊاڪٽر علي جي زباني پڻ ٻڌڻ چاهيو. علي پنهنجو سچو عشق جو داستان ڊاڪٽر کي ٻڌايو ڊاڪٽر، "پُٽ ڀلا ڪنهن هڪ انسان لاءِ پنهنجي زندگي تباهہ برباد ڪبي آهي ڇا؟؟. هيڏي ساري دنيا پئي آهي ان ۾ هزارين ڇوڪريون موجود آهن تون ڪنهن سان بہ ڳالهائي سگهين ٿو يا تون شادي ڪري ڇڏ".

علي ٿڌو ساهہ ڀري ڊاڪٽر ڏي نهاريو ۽ ڳالهائڻ شروع ڪيو "ڊاڪٽر صاحب اهو عشق جيڪو آهي نہ اهو قاتل زهر اٿئي جنهن کان بچڻ ناممڪن آهي ڀلا توهان ٻڌايو توهان ڪڏهن عشق ڪيو آهي؟".

تو ڪڏهن نہ پُڇيو
ڪيئن جيئان پيو.............!!!

*

درد کي آ شاباس
جيڪو نڀائي پيو

علي جي سوال ڊاڪٽر کي مُنجهائي وڌو هو. ڊاڪٽر گهري سوچ ۾ گُم ٿي ويو هو سوچيائين پئي هن کي ڪهڙو جواب ڏي، گهڻو سوچڻ کانپوءِ بہ جڏهن ڪو جواب نہ سُجهيس تہ علي کي چيائين، "پُٽ تون ڳوٺ وڃ توکي هاڻ ماحول تبديل ڪرڻ کپي!".

علي کيس ڏسندو رهيو بس ائين ڳالهيون ختم ٿيون ۽ ڊاڪٽر وري هڪ پرچو ڪارو ڪري علي جي دوست کي ڏيندي چيو "تہ هي دوا وجي استعمال ڪريو الله بهتر ڪندو!".

علي سوچڻ لڳو الله تہ پالڻهار آهي خلقيندڙ آهي تہ پوءِ کيس منهنجا ڏک، سُور، تڪليفون نظر ڇو نٿيون اچن؟، کيس منهنجون دانهون، آهون ٻڌڻ ۾ ڇو نٿيون اچن؟. ڇا پاڻ ٻڌڻ جي سگهہ کان محروم ٿي ويو آهي يا ٻڌڻ نٿو چاهي!. علي مٿي آسمان طرف ڏسي ٿو کيس هاڻ الله سان بہ شڪايت ٿيڻ لڳي آهي، کيس سمجهہ نٿو اچي تہ ڇا ڪري!!. اڄ صدر مان نڪرندي لڪي استار چورنگي کان اڳيان واري ڳليءَ مان گُٽي تان شراب جو ليٽر وٺي دوست سان گڏ روانو ٿئي ٿو روم تي اچي دوست سان سڄي رات شراب پيئي ٿو سڄي رات شراب پيئندو رهي ٿو ۽ صادق فقير جي سُريلي آواز ۾ مختلف ڪلام ٻڌندي ٻڌندي رات کي ڪُٺائي ٿو.

صبح جو سج پنهنجا پر پکيڙي چُڪو آهي، هر طرف روشني ٿي وئي آهي، پاڙي جي گهرن جون دريون ڳليءَ طرف کُلي ويون آهن. ڪٺان ٻارن جي روئڻ جو آواز پيو اچي تہ ڪٿان وري صبح جي ناشتي ڪرڻ لاءِ اسڪول ويندڙ ٻارن جي مائرن ٻاران کين ناشتو ڪرڻ لاءِ دڙڪا ٻڌڻ ۾ ٿا اچن، علي روم ۾ پِٽ کي ٽيڪ لڳايو ويٺو آهي، ننڊ سندس نيڻن مان ائين غائب آهي جيئن سندس رُٺل محبوبہ کائنس ڏُور آهي!.

سوچي ٿو ڊاڪٽر بہ حد درجي جو بيوقوف آهي، ڪيس ڪهڙي خبر تہ عشق جي مرض جو ڪو علاج ناهي!. عشق لا علاج بيماري آهي ڪيس تہ اُها بيماري لڳل آهي جنهن سسئي کي پُنهون پُنيان جبل جهاڳڻ تي مجبور ڪيو، جنهن سُهڻي کي درياءَ پار ڪرڻ لاءِ اُڪسايو ڪيس سندس بيماري جو اڄ سُني نموني احساس ٿئي پيو، علي پنهنجي مُنهن پُٽڪندي ڳائي ٿو، "اسان کي او سُهڻا وساري نہ ڇڏجئو.........

❊

ڀهول تو جائون تجهي پر ميري پاس باقي رهيگا ڪيا!؟.

ڪيس عشق ان ڇئو واٽي تي اچي بيهاري ڇڏيو هو جتان ڪان هاڻ سمجھ نہ پئي پيس تہ ڪهڙي رستي تي نڪرجي!.

علي جي عليل ٿيڻ کان پوءِ بس هڪ ئي دوست نيايو هئس جيڪو اجان تائين گڏ هئس، ڪيس ياد پيو پنهنجي شهر وارو يار جيڪو روز چوندو هئس، "علي هي ڇوڪري سهي ناهي تون ان جي پڇر ڇڏي ڏي، تون سڌو سادو ماڻهو آهين هي شهري ڇوڪريون بيوفا هونديون آهن هي رُڳو گلئمر جي پُٺيان ڀڄنديون آهن، هي موسم سان متجڻ واريون آهن، هي توکي دوکو ڏينديا!".

پر علي عشق جي اُٽ تي چڙهيل ڪيس اهي ڳالهيون بلڪل بہ سمجھ ۾ نہ ايندئون هيون بس هي سوچيندو هو تہ عشق شروع عشق آخر، عشق ڪلمو عشق مذهب، عشق خوشي عشق زندگي، عشق حيات عشق سُونهن، عشق سِڪ، عشق سڀ ڪجھ..........!!.

هن پائنيو تہ سندس زندگي جي منزل اُها ئي آهي سوچيندي سوچيندي سُڏڪا ڀري روئڻ ٿو لڳي، سوچي ٿو، "الله سائين اهي عشق محبت جا احساس ڇو ناهيا؟، ماڻهو سڀ بي حس هُجن ها، مون کي بہ ڪو احساس نہ هُجي ها، آئون بہ سُڪون سان رهان ها، عشق جو احساس بہ نہ هجي ها تہ اهي سُور بہ نہ هُجن ها!".

سوچي ٿو، "مُعاشري جا ڪردار ايڏا سنگدل ۽ سفاڪ ڇو ٿي ويا آهن؟. هن سندس لاءِ زندگي نالي ڪري ڇڏي پر هُوءَ جنهن کي ڪو احساس ناهي!. هُوءَ گلئمر جي پُٺيان ڀڄي سُني زال نہ بڻجي سگهي، چمڪ پويان "ٻانهي" ٿي ويهي رهي!". سوچي ٿو "ڪڏهن تہ ڪيس منهنجي محبت جو احساس ٿيندو ۽ جڏهن احساس ٿيندس تہ هُوءَ بہ تڙپندي روئندي پر ان وقت آئون جام پري هليو ويندس سيني ڪان ڏُور...............

❊

هم ني تاخير سي سيکهي هين محبت ڪي اصول

هم پہ لازم هي تيرا عشق دوباره ڪر لين..............

تنهنجي بيوفائي توکي هڪ ڏينهن ضرور ڏنگيندي جڏهن دنيا توکي دوکو ڏيندي، جڏهن دنيا

توسان بيوفائي ڪري توکي رڻ ۾ رولي ڇڏي هلي ويندي ان وقت توکي ياد ايندو تہ تو ڪيڏو وڏو ڏوهہ ڪيو آهي، دل ڏُکائڻ مها پاپ آهي، ڏُک ڏيڻ، دل ٽوڙڻ ڪنهن کي سُورن حوالي ڪرڻ گُناهہ ڪبيره آهي، مان سمجهان ٿو دنيا جي مذهبن جي خبر اُنهن جي ڄاڻن کي بس آئون ايترو سمجهان ٿو تہ تون مها پاپي آهين تون بيوفا آهين!.

اڄ علي کي الائي ڇو هُن تي ڪاوڙ پئي آئي شايد اُن ڪري تہ پاڻ ذهني طور تي اپ سيٽ ٿي پيو هو ان ڪري ڪيس هاڻ عشق لفظ تي ڪاوڙ پئي آئي پر اهو بہ سچ هو تہ عشق سندس وجود تي قابض ٿي چُڪو هو. علي ڪيترو نہ چاهيو هو تہ ان عشق جي بيماري مان جان ڇُٽي پر چاهيندي بہ پاڻ جان نہ ڇڏائي سگهيو هو.

علي کي سائيڪالاجيڪل بيمار عشق ڪيو هو ڊاڪٽر چيس پئي تہ گهڻو سوچڻ جي ڪري ذهن تي دٻاءُ پيو آهي ۽ تون ڊپريشن جو شڪار ٿي ويو آهين. نفسياتي طور تي جڏهن انسان جو ڪنهن هڪ شئي تي فوڪس ٿي پوندو آهي ۽ وري اتان کان ڪيس ڪو خاطر خواهہ نتيجو نہ حاصل ٿيندو آهي تہ انسان جي اندر ان شئي سان رليٽڊ سوچ پئدا ٿيندي آهي ۽ انسان ڏينهن رات ان شئي جي باري ۾ سوچڻ لڳندو آهي، سوچي سوچي خيالي طور تي ان ۾ گُم ٿي پوندو آهي ۽ اها گُمنامي ئي سندس لاءِ دنيا کان ڪٽجڻ جو سبب بڻجندي آهي.

علي ان گُمنامي جي آخري اسٽيج تي پُهچي چُڪو هو. ڪيس هاڻ گهٽ شيون محسوس ٿينديون هيون، هُو هميشہ خيالن ۾ گُم رهڻ لڳو هو جڏهن هوش حواس ڪم ڪندا هئس وري شراب پيئندو هو. شراب جي نشي ۾ دُت ٿي جهومندو هو ڪڏهن راڳ ٻُڌندو هو تہ ڪڏهن پنهنجي مُنهن وينو راڳ کي جهونگاريندو هو..........

❇

رضائي يار پہ خواهش ڪو وارني والي
عجب سخي هين محبت مين هارني والي.......

“علي او علي.............. ڪٿي آهين يارا”. دوست علي کي سڏ پئي ڪيا پر علي ٻُڌو اڻ ٻُڌو ڪري ٻُت بڻجيو وينو هو. دوست ڀانهن کان جهلي سڏ ڪيس، “علي ڪيتري دير کان توکي پيو سڏيان جواب ڇو نہ پيو ڏئين؟. ڪٿي گُم آهين؟”.

علي، “يار اتي ئي ڪيڏانهن ويندس!. تون ٻُڌائي ڇا ٿيو؟”.

“يار ٿيو تہ ڪُجهہ ناهي بس اڄ چئنل جي آفيس تان ڪجهہ دوست ٿا اچن ۽ پئسو بہ گهٽ آهي سوچيان پيو ڇا ڪجي!”.

“يار ان ۾ سوچڻ واري ڳالهہ ڪهڙي آهي؟. اڄ ماني گهر ٿا ناهيون”.

“پر علي يار مون کي ڪجهہ نٿو ناهڻ اچي”.

علي، ”تون ٽينشن نہ وٺ تون چڪن وٺي اچ آئون پاڻهين ناهيان ٿو باقي مانيون ٻاهران وٺي ويندا سين!“.

دوست چيس، ”ٿئنڪس يار علي“.

علي، ”ان ۾ ٿئنڪس جي ڪهڙي ڳالهہ آهي سڀ ڪان گهڻو تہ آئون ڪائيندس اڏ رڌيندي ۽ اڌ مهمانن سان گڏ!“.

دوست ان ڳالهہ تي ٺهڪ ڏئي کلي پيو علي بہ زور زور سان کلڻ لڳو علي اچ وڏي عرصي ڪان پوءِ کليو هو اهو ڏسي دوست بہ خوش هو تہ علي جي طبيعت ڪجھ بهتر آهي، چيائين، ”عشق ڏکيو اٿئي!“.

چيومانس، ”اسان تہ فنا تي ڇڪاسين هاڻ ڏکيائي ڇا جي!؟“.

شام تي دوست ڏسيل سامان وٺي آيو هو علي چڪن ليمن ڪڙهائي ناهڻ جي تياري پوري ڪري ورتي هئي، ايستائين چئنل تان دوست بہ اچي ويا هئا اهي پاڻ سان بہ بوتلون بہ وٺي آيا هئا، سيني دوستن علي ڪان پڇيو ”يار تون چئنل تي ڇو نہ پيو اچين؟، خير تہ آهي!؟“.

علي جي بدران دوست جواب ڏنن، ”يار علي ٻي جاب جي ڳولا ۾ آهي هتي ڪيس مزو نہ پئي آيو!“.

علي دوستن سان ويهي اچ پاڻ کي فريش محسوس ڪري رهيو هو. اچ گهڻي عرصي ڪان پوءِ وڏا وڏا ٺهڪ ڏئي کليو هو سيني دوستن علي جي ڪُوڪنگ جي تعريف پئي ڪئي، موبائل جي گهنٽي وڃڻ جو آواز ٿيو تہ علي ننڊ مان سُجاڳ ٿيو. دوست تہ رات جو ئي هليا ويا هئا، اُتي ٽائم ڏٺائين تہ ڏينهن جا ڏهہ پئي وڳا، موبائل ۾ نمبر ڏٺائين تہ ڀاءُ جو نمبر هو گهران ڪال پئي آيس.

❊

عشق رنجيدن ڪُفر است

عشق جي مذهب ۾ رنج رهڻ ڪُفر آهي.

علي ڪال اٽيند ڪري هيلو چيو تہ پريان امڙ جو آواز ڪنن سان ٽڪرايس، ”هيلو ڪيئن آهين علي پُٽ؟. ڪٿي گُم آهين ڪا ڪال بہ نٿو ڪرين!، طبيعت ڪيئن اٿئي؟، نوڪري ڪهڙي پيو ڪرين؟، پُٽ هيترا ڏينهن ٿيا آهن پئسہ بہ ڪونہ موڪليا اٿئي ضرورت بہ حد ڪان وڌي وئي آهي!“.

پريان ڪان علي جي امان مسلسل ڳالهائيندي رهي ۽ علي ٻُت بڻجيو موبائل ڪن سان لڳايو ٻُڌندو رهيو.

امڙ وري ڳالهائي بس ڪئي تہ وري هيلو هيلو ڪيائين، ”علي پُٽ ٻُڌين ٿو؟، ڪٿي گُم ٿي وئين ڪو جواب تہ ڏي پُٽ!؟“. علي جي امان ڪري جواب ڏنو اداسي سندس لفظن مان ظاهر ٿي پئي، ڳالهائڻ شروع ڪيائين، ”امان طبيعت بس بهتر آهي ۽ نوڪري ڇڏي ڏني اٿم، هاڻ نئين جي ڳولا پيو

ڪريان”.

امڙ سندس ڳالهائڻ جي انداز مان سمجهي وئي ۽ چيائينس، “علي پُٽ تون فڪر نہ ڪر. تون پريشان نہ ٿي بس گهٽئي ٿي ڪراچي جي نوڪري واپس ڳوٺ هليو اچ اسان ڪي تنهنجي نوڪري نٿي کپي بس”.

علي ڳالهہ ٻڌي تہ ڪُجهہ سُڪون محسوس ٿيس ڇو تہ ڪافي عرصي کان علي بہ اها ڳالهہ امان کي چوڻ پيو چاهي پر الائي ڇو چئي نہ سگهيو هو امڙ بہ ڪيڏي نہ وڏي سائڪالاجسٽ هوندي آهي ٻار جي من کي ائين پڙهي وٺندي آهي جيئن ڪا اسڪينر مشين سڀ ڪجهہ اسڪين ڪري وٺندي آهي.

علي، “جي امان آئون جلد واپس ايندس!”. چئي ڪال ڪٽي ڇڏي.

❊

پاڻ ڳوليان پاڻ کي

ملي نہ ٿو مون،

مدد ڪر ڪا تون

تہ پسان آئون پاڻ کي.............!!.

علي جي هاڻ ڪراچي ۾ دل نہ پئي لڳي. هوڏانهن گهر وارا بہ هِن جي ڪري پريشان هئا، علي دوست کي چيو “يار هاڻ مون کان هتي نٿو رهجي بس هاڻ آئون واپس گهر وڃڻ ٿو چاهيان!”.

دوست ڏٺو تہ علي هاڻ ڪُجهہ بهتر پئي لڳو هُن بہ چاهيو پئي تہ علي پلي پنهنجن جي وچ ۾ رهي تہ جيئن طبيعت بهتر ٿئيس سو علي کي چيائين، “نيڪ آهي علي جيئن تنهنجي دل ڪري تون پلي وڃ توکي دل سان اجازت آهي پر پاڻ اڄ شام ڊاڪٽر کان چيڪ اپ ڪرايون پوءِ پلي تون سُڀاڻ نڪري ويجان.”.

علي ۽ دوست گڏجي ٻنپهرن جي ماني کاڌي، دوست شام جو علي جي لاءِ آفس تان موڪل ورتي هئي، شام ٿي تہ ٻئي ڄڻا ڊاڪٽر وٽ وڃي پُهتا. ڊاڪٽر علي جي طبيعت ڏسي ٻُڌايو تہ هاڻ علي جي طبيعت بهتر آهي ۽ هاڻ هُو گهر وڃي سگهي ٿو. اُهو ٻُڌي علي جي چهري تي مُسڪراهٽ اچي وئي.

علي کي خوش ڏسي دوست بہ خوش ٿي ويو ۽ چيائينس، “هل يار هلون سي ويو تي ڪي پل هلي موسم جو مزو وٺون”.

علي ۽ دوست سي ويو تي اچي پُهتا ان وقت هلڪي بُوند هلي پئي تمام پيارو ۽ وڻندڙ منظر هو. چوڌاري رنگ برنگي ڪپڙن ۾ ٻارڙا سمُنڊ جي ڪناري ڊوڙيا پئي، ڪي جوڙا هٿ هٿن ۾ ڏئي دنيا کان بي نياز ٿيو پاڻيءَ ۾ پير پُسايو پسار ڪري رهيا هئا. علي بہ ڪافي دير سمُنڊ کي گهوري ڏسندو رهيو.

اڄ سندس دل ۾ ماتار هئي، اڄ علي هُن “بيوفا” جي باري ۾ نہ پئي سوچيو بس سمُنڊ ڪناري گڏ ٽيل ماڻهن کي پئي ڏٺو!.

ڪافي دير بئي ڄڻا سمُنڊ ڪناري تي گهُمندا رهيا، رات جي اونداهي ٿي وئي هئي، سڄ هاڻ گُم ٿي ويو هو دوست چيو “يار علي هتي ئي ماني کائي پوءِ واپس هلجي”.

علي، “نہ يار مون کي منهنجي دوست ڏي وڃڻو آهي آئون سُڀاڻ ڪراچي کي هميشہ لاءِ الوداع ڪري پيو وڃان سو دل چئي پئي تہ ساڻس هڪ ملاقات ڪجي تنهنجو ڇا مُوڊ آهي هلون؟”.

دوست چيو “ڀلي هل”.

علي پوڙهي اداڪار دوست کي فون ڪيو پريان کان هُن خوش ٿيندي چيو “ويلڪم ويلڪم مسٽر علي آئون بہ اڪيلو فليٽ تي ويٺو آهيان اچو”. علي ۽ دوست فليٽ تي پُهتا تہ هُن سندن ڪافي گرمجوشي سان استقبال ڪيو هُن اڳي ئي سڄو بندوبست ڪري ڇڏيو هو ٽيبل تي وڏي شراب جي بوتل ۽ چرڪاڻ رکيل هئي، بورچي برائون چڪن ڀوتيون بہ ٺاهي اچي رکيون هيون، ڪچهري هلندي رهي علي ٻُڌايس تہ، “آئون هميشہ لاءِ ڪراچي کي الوداع چئي وڃان پيو”. اهو ٻُڌي هُو ٿورو اُداس ٿيو پر وري ٻئي لمحي نئون پيگ ٺاهي چيئرس ڪندي چيائين، “مطلب اڄ اسپيشل سيليبريشن آهي!. پاڻ هميشہ گڏ آهيون تون منهنجي دل ۾ رهندين علي!”.

علي بہ گرمجوشي سان ڀاڪر پاتس، محفل هلندي رهي هي سڄي رات شراب پيئندا رهيا....

❋

سُنو تمهين ايڪ راز ڪي بات بتائون
جهان تُم نهين هوتي، وهان لمحي اُداس هوتي هين!.

علي ۽ سندس دوست صبح جو سوير دوست جي فليٽ تان نڪتا ۽ اچي صدر مان ڪوچ جي ٽڪيٽ ورتي، ٽڪيٽ شام جو پنج بجي جي هئي، علي ۽ دوست ٻئي واپس اچي رهائش واري جڳهہ تي پهتا، فريش ٿي گڏجي ناشتو ڪين پوءِ علي جي دوست ٻين سڀني دوستن کي ڪال ڪري چيو تہ علي اڄ واپس ڳوٺ وڃي پيو اچو سڀ تہ ڪچهري ڪريون.

دوست هڪ هڪ ٿي اچي پُهتا هئا، هڪڙو دوست تہ ڏينهن جو ئي بوتل وٺي اچي نڪتو هو سيئي دوست علي سان ڏاڍي پيار ۽ پنهنجائپ سان مليا، سڀني علي کي چيو تہ اسان توکي ڪڏهن نہ وساري سگهنداسين، تون اسان جو پيارو دوست آهين.

ڪچهري هلندي دوست بوتل کولي ورتي هئي ۽ سڀني جا پيگ ٺاهي ورتا هئا، سڀني پنهنجا پنهنجا پيگ کڻي ورتا پر علي شراب جو پيگ دوست کي واپس ڪندي چيو “يار اڄ کان بس شراب بند”.

دوستن زور ڀريو تہ علي چين، “يار ڇا توهان نٿا چاهيو تہ آئون نئين زندگي شروع ڪريان!؟.

بس اج ڪان جيئن آئون پنهنجي شهر واري بس ۾ چڙهندس تہ هي پُراڻي زندگي وساري نئين زندگي شروع ڪندس سو پليز........

دوست ان ڳالهہ تي ڏاڍا خوش هئا تہ علي اج ايترو پُرسُڪون ۽ پُر اميد آهي، سڀني دوستن علي جي نئين زندگي لاءِ نعرو هنيو ۽ چيئرس ڪري جام پي ورتو ڪچهري هلندي ڏينهن جي ماني بہ اچي وئي، سڀني گڏجي ماني ڪاڌي ۽ علي کي سامان پئڪ ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

ٽائم ڏينهن جا چار پئي ٿيا سامان پئڪ هو سڀني دوستن فيصلو ڪيو تہ علي کي گاڏي تي چاڙهي اچن سو سڀ گڏجي صدر پُهتا. علي اج ڪراچي جي روڊ رستن، عمارتن کي الوداعي نظرن سان ڏسي رهيو هو.

علي سڀني دوستن سان ڏاڍي پيار سان ڀاڪر پائيندي موڪلائي اچي گاڏيءَ ۾ ويٺو ٽائم ٿي چُڪو هو گاڏي هلڻ لڳي هئي، دوست ٻاهران ڪان علي کي هٿ لوڏي الوداع چئي رهيا هئا علي بہ هٿ لوڏي کين الوداع چيو تہ سندس نيڻن مان بہ لُڙڪ هيٺ ڪري پيا......

❊

جيئن جيئن گاڏي تيزي سان هلي پئي تيئن تيئن علي جي دل جي ڌڙڪن تيز ٿيندي پئي وئي، اُن وقت هُو اُهو اندازو نہ پئي لڳائي سگهيو تہ اها بيچيني ڇو پئي ٿئيس!. ڇا هُو واپس بيوفا جي شهر ڏي پئي ويو ان ڪري؟، يا گهڻي عرصي کان پوءِ گهر وڃڻ جي جلدي هئس!.

بس علي اکيون پوريو سيٽ کي ٽيڪ ڏيو ليٽيو پيو هو سندس ذهن ۾ خيالن جو وهڪرو تيزي سان هليو پئي الائي ڇا ٿيندو!. متان منهنجي واپس اچڻ جي ڪيس خبر پئجي وڃي!، متان هُن کي ڪا تڪليف پهچي!، متان هُوءَ ڪاوڙجي پئي............

علي جي دماغ ۾ عجيب خيال آيا پئي ان وقت گاڏي ٽول پلازه تي بيٺي هئي، جُوس ۽ مختلف شيون وڪڻڻ وارن جي هوڪن تي علي خيالن جي دُنيا مان واپس ٿيو تہ ڏٺائين گاڏي حيدرآباد ٽول پلازه تي پهتي هئي. هاڻ علي جي منزل ويجهو هئي بس ڪجهہ ڪلاڪن جو سفر هو علي گهر ميسيج ڪيو آئون اچان پيو ۽ سندس چپن تي مُرڪ اچي وئي، سوچيائين انهن ماڻهن جي باري ۾ ڇا سوچڻو جيڪي بيوفا آهن!. بس هاڻ پنهنجي گهر امڙ ۽ ننڍن ڀاءُ ڀيڻن جي باري ۾ سوچڻو آهي، پنهنجو فيوچر ناهڻو آهي، هي جيڪي هيترا سال خوامخاهہ ۾ خراب ڪيا اٿم محنت ڪري اهو عرصو زندگي جي بُڪ تان ڊليٽ ڪرڻو آهي.

علي جي چهري تي هاڻ سُڪون اطمينان نظر پئي آيو علي جُوس واري ڇوڪري کان جُوس خريد ڪيو ۽ دريءَ مان ٻاهر ڏسڻ لڳو.

❊

علي جيڪو پاڻ مُرادو پنهنجي ڳوٺ، پنهنجي شهر کان ڏُور هليو ويو هو اج ڪافي عرصي کان

پوءِ واپس پئي آيو جيئن جئين علي پنهنجي شهر جي ويجهو ٿيندو پئي ويو تيئن خوشي سان گڏو گڏ دل جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ تڪليف جو احساس پڻ ٿيس پئي!.

علي اڄ انتهائي همت ۽ حوصلي جو مظاهرو ڪندي ان تڪليف کي پنهنجي پاڻ تي حاوي ٿيڻ نہ پئي ڏنو علي دل ۾ پڪو پهہ ڪري ڇڏيو هو تہ واپسي پهچڻ کان پوءِ پُراڻا گذريل لمحا خواب وانگر ڀُلائي ڇڏبا ۽ پنهنجي زندگي ۾ نئين جوش جذبي سان پيار ۽ اُمنگ جو ٻج ڇٽبو اُهو سڀ ڪجهہ وساري ڇڏبو جيڪو علي سان ٿيو جنهن علي کي ايتري اذيت ڏني.

گاڏي هاڻ علي جي شهر جي ويجهو پهچي چُڪي هئي، علي دريءَ مان ٻاهر پنهنجي شهر جا روڊ رستا پئي ڏنا. ڏسندي ڏسندي گاڏي شهر ۾ داخل ٿي ۽ بس اسٽاپ تي پهچي وئي، علي پنهنجي پاڻ کي سنڀالي اُٿيو ۽ پنهنجو سامان کڻي بس مان هيٺ لٿو. گهڻن سالن کان پوءِ شهر ۽ شهر جي ماڻهن تي نظر ڊوڙايائين ڪُجهہ بہ نہ بدليو هو ساڳا منظر ساڳا روڊ رستا، ساڳيون بلڊنگون علي اڃان هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو پئي تہ سندس پياءُ اچي اسٽاپ تي پهتو جيڪو علي کي وٺڻ آيو هو علي ننڍي پياءُ سان ڏاڍي پيار سان ڀاڪر پائي مليو ۽ ساڻس گڏ سامان کڻي گهر ڏي روانو ٿيو.

❊

علي پياءُ سان گڏ گهر پهتو تہ امڙ کي ڏسي روئي پيو ۽ ڀاڪر پائي سُڏڪا پرڻ لڳو. کيس گهڻي عرصي کان پوءِ سامهون ڏسي امڙ جي اکين مان بہ ڳوڙها وهي نڪتا. علي ڪافي دير امڙ جي ڀاڪر ۾ ٻارڙن وانگر روئندو رهيو ۽ گهڻي دير کان پوءِ سامت ۾ آيو تہ امڙ کيس پنهنجي هٿن سان پاڻي پيئاريو ۽ حال احوال وٺڻ لڳس.

علي خودڪشي ۽ بيماري واري ڳالهہ کان علاوه سڀ ڪُجهہ امڙ کي ٻُڌايو. علي هاڻ مُڪمل ٺيڪ ٿي چُڪو هو پياءُ سان ۽ ڀين گهر وارن سان ڪچهري ڪري فريش ٿي ليٽي پيو هو. شام جو اُٿي دوستن ڏي ويو. ڪراچي وڃڻ کان پوءِ دوستن سان بہ رابطو ڪٽي ڇڏيو هئائين سو سڀني کان معافيون وٺي ڪچهريون ڪيائين ۽ سالن کان رُڪل ٿڪ ورجايائين. اڄ کيس محسوس ٿيو تہ دوست زندگي جو اُهو حصو آهن جتان رڳو پيار ۽ ٿڪ ملي سگهن ٿا.

ٺهڪ ڏيندي ڪچهريون ڪندي رات جا ٻہ ٿي ويا هئا. دوستن علي جي اچڻ جي خوشي ۾ دعوت ڪئي هئي، هن هاڻ شراب پيئڻ ڇڏي ڏنو هو سو ماني کائي گهر پهتو. اڄ علي کي سُڪون واري ننڊ آئي هئي جو تہ علي سيني سوچن کي ذهن مان تڙي ڪڍي ڇڏيو هو.

صبح جو علي وهنجي تيار ٿي ناشتو ڪري بورڊ آفس روانو ٿيو اُتان پنهنجا سڀ سرٽيفڪيٽ ڪيرائي واپسي ٿيو. گهر اچي موبائل ڪنيائين تہ ياد آيس اهو موبائل ۽ اها سِم اها ساڳي ئي هئي جنهن تي هُن بيوفا سان پهريون پيرو ڳالهايو هئائين. گهڻي دير موبائل کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ اچانڪ اُٿي ڪِچن ۾ ويو ۽ باهہ ٻاري اُهو موبائل ۽ سِم باهہ جي حوالي ڪيائين.

باهہ جي مٿان ايتري دير ٻيٺو رهيو جيستائين موبائل مڪمل سڙي نہ ويو. علي سرٽيفيڪيٽ ڪٽي فائل ۾ رکيا ۽ طئي ڪيو تہ پنهنجي رهيل پڙهائي شروع ڪبي ۽ اهو طئي ڪيو تہ وري ٻيهر ”عشق“ نہ ڪبو!!!.

***

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book